پاپ ۽ پيڙا

رشيد ڀٽي

پاپ ۽ پيڙا

[فيوڊور ڊوستوو سڪيءَ جي ناول
"ڪرائيم اينڊ پنشمينٽ" تان اخذ ڪيل]

ترجمو ۽ تشڪيل

رشيد ڀٽي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

1992ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ چاونجاهہ

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس
	ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ	لغاري اين لغاري ڪارپوريشن حيدرآباد
پهريون ايڊيشن	جنوري 1992ع
	قيمت -/50 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

PAAP AEIN PEERA (Novel), an adopted Sindhi version of Feodor Dostoevski's 'Crime and Punishment', by RASHEED BHATTI. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition January 1992. Price Per copy Rs. 50/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان رشيد ڀٽي جو پهريون ڪتاب ”پاپ ۽ پيڙا“ اوهانجي هٿن ۾ آهي. هيءُ ڪتاب مشهور ليکڪ فيوڊور ڊوستووسڪيءَ جو مشهور ناول ”ڪرائيم اينڊ پنشمينٽ“ آهي، جنهن جو ترجمو ۽ تشڪيل رشيد ڀٽي ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ ڪيو آهي. ڪتاب پورو پڙهڻ کان اڳ ڇڏڻ تي دل ئي نہ چوندي آهي. اسان کي اُميد آهي تہ مهربان پڙهندڙن کي هيءُ ناول بيحد گهڻو پسند ايندو.

– ادارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

پنجويهه سال کن ٿيا جو مون آنجهاني صاحب سنگهه چندا سنگهه شاهاڻيءَ جو ناول "بلو کوکر" پڙهيو هيو. اهو ناول کو شاهاڻي مرحوم جي پنهنجي اصلوکي رچنا نه هئي. شاهاڻي صاحب جڳ مشهور ناول نگار ٿامس هارڊي جي مشهور ناول "ميئر آف دي ڪئسٽربرج" کي سنڌيءَ ۾ (Adopt) (اخذ) ڪري، "بلو کوکر" جي نالي سان پيش ڪيو. ساڳيائي ڪردار ۽ موضوع، سنڌي سماج جي پس منظر ۾ پيش ڪري، شاهاڻي اسان کي "بلوکوکر" جهڙو اهڙو شاندار ناول ڏنو، جو سنڌي نثر ۽ خاص ڪري فڪشن جي تاريخ ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

منهنجي هن ناول لکڻ جو پس منظر ۽ سبب به ٿوري کي گهڻي فرق سان ساڳيوئي آهي. سن ١٩٥٧ع ۾ مون کي مشهور روسي ناول نويس فيودور دوستو وسڪيءَ کي پڙهڻ جو موقعو مليو- پُوئر فوڪ، اڊيٽ، برڊرس ڪرامازوف، دي ڊيولس، دي گئمبلر، ۽ ڪرائيم ائنڊ پنشمينٽ وغيره وغيره. انهن سڀني ناولن ۾ دوستو وسڪيءَ گهڻو ڪري ان وقت جي سماجي ستم ظريفين ۽ ڪردارن جي عڪاسي ڪئي آهي. اُهو دور اهو هيو جو جاگيرداري ختم ٿي رهي هئي، ۽ ان جي جاءِ تي سرمائيداري سماج اُسري رهيو هيو، ۽ شهرن ۾ وچولو طبقو جاءِ والي رهيو هو. جڏهين مون هُن جو ناول "ڪرائيم ۽ پنشمينٽ" پڙهيو ته نه رڳو ان جو ماحول ۽ موضوع مون کي هِن وقت جي پنهنجي دور سان ٺهڪندڙ لڳو، پر ڪردار به اهڙا نظر آيا، جي مون آڏو هن سماج ۾ گهميا ڦريا پئي. ساڳيائي مسئلا، ساڳيائي مونجهارا، ۽ ساڳيائي زندگيءَ جا بدلجندڙ قدر ۽ نوان اسرندڙ قدر ۽ انهن جا تضاد ۽ نتيجا! ۽ مون ان ناول کي سنڌيءَ ۾ ائڊاپٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ناول بابت ڪجهه چوڻ کان اڳ ضروري آهي ته اُن جي اصل مصنف جي زندگيءَ ۽ حالتن تي ٿورو لکيو وڃي، ڇاڪاڻ جو اڪثر عالمي شهرت جا نقاد ان راءِ جا آهن ته دوستو وسڪيءَ جي لکڻين ۾، هن جي نجي حياتيءَ جي تجربي جو نچوڙ، ذهني پيڙاؤن ۽ سور سختيون پنهنجو عڪس ڇڏين ٿيون. دوستو وسڪيءَ ١٨٢٠ع ۾ هڪ هيٺين وچولي طبقي ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقامي ويج يا طبيب هيو. سندس پيءُ توڙي ماءُ مذهبي خيالن جا، محنتي ۽ مخلص ماڻهو هيا. سندس مالي حالت ان مان پڌري آهي تہ والدين ۽ پنجن ٻارن جو هيءُ ڪٽنب ٻن ڪمرن واري هڪ ننڍڙي ڪچي گهر ۾ رهندو هو. سندس پيءُ جي اها عادت هوندي هئي تہ رات جو سمهڻ کان اڳ ٻارن آڏو زور سان ڪتاب پڙهندو هيو. ان عمل دوستو وسڪيءَ ۾ ننڍيءَ وهيءَ کان ئي لکڻ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو. هن پيٽسبرگ جي اسڪول آف انجنيئرنگ مان ٽيون نمبر پوزيشن سان امتحان پاس ڪيو. ان پڙهائيءَ دوران هن پنهنجو پهريون ناول "پُوئرفوڪ" لکڻ شروع ڪيو. جنهن ۾ هن جاگيرداري سماج ۾ پرماريت کي موضوع بڻايو. هو جوانيءَ کان ئي انقلابي ذهن ۽ لاڙا رکندڙ هيو. سندس اُن گروهہ سان واسطو هيو جو لکي لکي فوريئر ۽ پروڌن جون لکڻيون پڙهندو هيو. جلد ئي هي پنهنجن ساٿين سميت گرفتار ڪيو ويو. مٿن اهو الزام لاڳو ڪيو ويو تہ هو بندش پيل ادب (گوگول ۽ ٻيا همعصر اديب) پڙهندا هيا، ۽ هڪ پريس يا چاپخاني هڻڻ جو منصوبو ٺاهي رهيا هيا. مٿن ڪيس هلايو ويو ۽ کين موت جي سزا ڏني وئي. ان جي تعميل ۾ کين شوٽ ڪرڻ لاءِ ٻڌي آٽي شهر جي هڪ چوسول ۾ بہ بهاريو ويو. پر اوچتو، موت جي بڪ ٽيڻ کان ڪي پَل اڳ ۾، هڪ فوجي سوار شاهي فرمان ڪٽي اچي ڦاسي گهاٽ تي پهتو، جنهن تحت روس جي شهنشاهہ سندن موت جي سزا، سخت پورهئي سان، سائبيريا ۾، جنم ٽيپ ۾ تبديل ڪئي هئي.

هن چار سال سائبيريا جي لوڙهن ۾ سخت پورهيو ڪندي گذاريا. ان قيدو بند جي حياتيءَ، ۽ سائبيريا جي اداس ڪندڙ اڪيلائيءَ هن جي ذهن تي ڪيترائي ڪَڙا ۽ اڻ مِٽ اثر ڇڏيا. اُتي هن پنهنجو ٻيو ڪتاب "دي ڊَيڊ هاؤس" لکڻ جي شروعات ڪئي. ان قيد دوران ئي کيس مرگهيءَ جو اعصابي مرض لڳو جو مرڻ گهڙي تائين رهيس. ١٨٥٩ع ۾ هو سائبيريا کان واپس آيو. هن اچڻ سان ئي هڪ ادبي رسالو ڪڍيو، پر پهرين پرچي کان ئي ان تي بندش پئجي ويئي. ١٨٦٤ع ۾ سندس گهر واري مري ويئي ۽ پياءُ فوت ٿي ويو. اتان مٿس غربت لاچاريءَ ۽ بدحاليءَ جو دور شروع ٿيو. کيس نہ رڳو پياءُ جو ڪٽنب بہ پالڻو پيو پر ان جو قرض بہ لاهڻو پيو. ان لاءِ هن ٻيو رسالو "ايپوڪ" ڪڍيو. چند مهينن بعد ان تي بہ بندش وڌي ويئي. پوءِ هن مصيبتن ۽ ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ بي تحاشا لکڻ شروع ڪيو. هن وٽ مقصد هيو، مسئلا هيا، ۽ جيئرا جاڳندا ڪردار هيا:- ۽ سڀ کان وڌيڪ سندس ضرورت! قلم سندس ۽ پياٽس جي ڪٽنب جي جياپي جو وسيلو ٿي پيو. اهڙي ريت هن جي ذهن ۽ قلم روسي ۽ عالمي ادب ۾ بهترين شاهڪار ڏنا جي ڪلاسيڪي ادب ۾ اهم جڳهہ والارين ٿا. سندس ناولن ۾ ڊيگهہ جي شڪايت اڪثر نقاد ڪن ٿا. ان لاءِ سبب آهي. سندس

ناول قسط وار رسالن ۾ شايع ٿيندا هئا، ۽ هر قسط جي ادائگي ان جي طوالت جي مدنظر ٿيندي هئي. جڳ مشهور ناول نگار ۽ نقاد سمرسيٽ ماهام، پنهنجي ڪتاب ”دي سمنگ اپ“ ۾ روسي ناولن، خاص ڪري دوستو وسڪيءَ جي ڪتابن تي ، لکندي انهن جي ضخيم ۽ ڊگهن هئڻ جو مکيو ڪارڻ اهوئي ڄاڻايو آهي. ان وٽ وٺان جي ڪري دوستو وسڪيءَ اڪثر پنهنجن لکڻين ۽ ڪتابن جي نظرثاني يا درستي به نه ڪئي. حياتيءَ جي پوياڙيءَ ۾ البت ڪيس ڪجھ سک ۽ سڪون ميسر ٿيو، جنهن جو سبب سندس ٻي زال هئي. سن ۱۸۸۱ع ۾ دنيا جي هن عظيم فنڪار وفات ڪئي.

هن جي سيني لکيتن ۾ اسان کي هن جي نجي زندگيءَ جي پيڙائن ۽ اذيتن جو عڪس ملي ٿو. هن جي ناولن ۾ اسان کي هڪ عبوري سماجي بحرانن جي دور ۾، انسانيت جي ذلت ۽ خواري، پرماريت ۽ پيڙا جو اظهار ملي ٿو. دوستو وسڪي ان دور جي تصوير چٽي ٿو. جڏهين جاگيرداري دور ختم ٿي، نئين سرمائيداراڻي نظام کي جنم ڏئي رهيو هو. ان دور ۾ نئي شهري وچولو پڙهيل ڳڙهيل ۽ دانشور طبقو به پيدا ٿيندو آهي. ان شهري اسرندڙ طبقي کي نئي هن پنهنجو موضوع بڻايو آهي. ان جا مسئلا ان جا ڪردار، ۽ انهن جي سوچ ۽ عمل جا دائرا. پر هو انسانيت کي ان ذلت ۽ خواريءَ کان بچائڻ لاءِ ڪوشان نظر نٿو اچي، ۽ نه کي ڪا راهه ڏسي ٿو. اها ڪمزوري نه رڳو دوستو وسڪيءَ جي ڪردارن، پر خود سندس به، مقدر بڻجي ويل نظر اچي ٿي. پنهنجي زندگيءَ ۾ به هو ڏک ڏولاوا ۽ سور سختيون سهندو رهيو ۽ تاحيات ناڪاميون ئي نصيب ٿينديون رهيس. انهن ناڪامين، نراساين، ۽ زندگيءَ جي تاريڪين هڪ عظيم پر بيمار روح کي جنم ڏنو- اها بيماري انساني اذيتن ۽ پيڙائن جو لازمي اثر ۽ ردعمل هئي.

هن ناول ”ڪرائيم اينڊ پنشمينٽ“، جنهن کي سنڌيءَ ۾ ”پاپ ۽ پيڙا“ نالو ڏنو اٿم، ۾ به اهو ڪجھ ئي ملي ٿو. هي ڪتاب ادب جي دنيا ۾، سرمائيداراڻي سماج ۾، غير انساني ورتاءُ ۽ وهنوار جي موضوع تي هڪ عظيم شاهڪار آهي. هن سماج ۾ ماحول بيرحميءَ سان پيريل هوندو آهي. انساني ناتو ۽ انسانيت ته وڏي شيءِ آهي، پر مٽي مائٽي، سنگت سڪ، ياريءَ دوستيءَ جا ناتا به پنهنجو وجود وڃائي ويهندا آهن. خود غرضي، مفاد ۽ موقعي پرستي هر ناتي جو بنياد ۽ ماپو هوندا آهن. ان ڪري انسان، ۽ خاص ڪري وچولو شهري سفيد پوش طبقو ذهني پيڙائن، ڏکن ڏوجهرن، گمراهين، اڪيلاين ۽ نراساين جو شڪار ٿي وڃي ٿو. ان ڪري هو غير انساني حرڪتون، عمل ۽ ڏوهه ڪري ٿو. جيتوڻيڪ هن ناول ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي وئي آهي ته ڏوهه ڪو سماجي حالتن جي پيداوار آهن، پر ايترو سو ڪيو ويو آهي جو، انهن سيني ڏوهن، انساني اوڻاين، اذيتن ۽ خوارين کي فاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جي سرمائيداراڻي سماج جو اڻ ٽر نتيجو ۽ ورثو آهن. هر ڪردار جي سوچ ۽ خيال اتي اچيو ختم ٿين، جتان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفلوج راهون شروع ٿين ٿيون جن جي منزل ۽ ماڳ اونداهيون ۽ تاريڪيون آهن. اهي پڇاڙيون يا انت ڪي روحاني ۽ قياسي نه آهن. پر مادي، وسهڻ جوڳا ۽ سماجي حالتن جي پيداوار آهن.اهي حالتون ئي انسان کي ڏوهه جي دڳ لائين ٿيون. ان عمل لاءِ هو هٺرادو جواز ڳولهي ٿو. ۽ ذهني سڪون ماڻڻ ۽ پاڻ کي آٿت ڏيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو. ڪڏهين ڪڏهين ته اهو ڏوهه خود سندس پنهنجي خلاف ئي هڪ اخلاقي ڏوهه ٿئي ٿو.

دنيا جي هن عظيم ۽ سڀ کان وڏيڪ پڙهيل ڪتاب جو موضوع اهوئي آهي. انهن ئي مايوسين، نراسائين، اڪيلاين ۽ گمراهين ۾ هن ناول جا ڪردار گرفتار نظر اچن ٿا. پڙهندڙن کي ائين لڳندو ڄڻ سچ پچ سنڌ جي ڪنهن شهر جي پڙهيل ڳڙهيل هيٺين وچولي شهري ڪٽنبن جي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي. سرمائيداري سماج جي خود غرضي، مفاد پرستي ۽ موقعي پرستي جو شڪار، ناول جا ڪردار نااميدي ۽ نراسا وچان ڪٿي غير انساني حرڪتون ڪن ٿا، ته ڪٿي گمراهين جي ہين چڪرن ۾ ڦاسي پون ٿا. ايتري قدر جو ڪٿي خودڪشي به ڪين عياشي کان گهٽ مهانگي نٿي معلوم ٿئي. مطلب ته ناول ۾ اسان جي موجوده سماج ۾ شهري ماحول ۽ جيون جي پوري پوري عڪاسي نظر اچي ٿي. ڪردارن جا عمل انهن سماجي نيمن جي خلاف آهن، جي سرمائيداري سماج ۾ پرمار ڪندڙ طبقي جي مفادن جي حفاظت ڪن ٿا. اتي انسانيت، انساني ناتا، لڳ لاڳاپا، قدر ۽ آدرش سڀ قربان ڪرڻا پون ٿا. غير انساني سرمائيداري سماج انسان کان اها ئي تقاضا ڪري ٿو ته هو انسانيت کان به انڪاري ٿئي:- اهوئي سچ آهي ، جو ناول جو هيرو سراج محسوس ٿو ڪري. سراج ان ظلم ۽ پرماريت واري سماج ۾ مختلف قسم جي غير انساني روشن، ورتائن ۽ سلوڪن منجهان چونڊ ٿو ڪري. هن جي چونڊ محدود آهي. رڳو بڇڙاين ۽ بدين مان ئي ڪيس چونڊ ڪرڻي پوي ٿي.

مون جنوري ۱۹٦۲ع ۾ هي ناول لکڻ شروع ڪيو ۽ ڊسمبر ۱۹٦۲ع ۾ لکي پورو ڪيو. مارچ ۱۹٦۴ع ۾ فيئر ڪري لکي پورو ڪيم. محترم بزرگ ساٿي محمد ابراهيم جويي هن مسودي کي پڙهي، ان ۾ زبان جون، ۽ خاص ڪري گرامر جون قابل قدر درستيون ۽ ترميمون ڪيون. جنهن لاءِ سندس لک لائق ۽ ٿورا. هن ناول ۾ مون سري جي زبان ۽ لهجو ڪتب آندا آهن. جيتوڻيڪ اڄ ڪلھ ادب ۾ لاڙ جي زبان گهڻو مروج آهي. اتر جي زبان واپرائڻ جا به ڪارڻ آهن. هڪ ته ناول جو ماحول ۽ پس منظر اتر جا آهن، ۽ ٻيو ته مصنف جي روزمره جي واهپي جي زبان ۽ لهجو به اِهي آهن، ۽ انهن ۾ اظهار ئي مون کي سولو سادو لڳو.

اميد اٿم ته منهنجي هيءَ محنت سنڌي ناول جي تاريخ ۾ پنهنجي نمايان جڳهه والاريندي.

رشيد ڀٽي

بئريج روڊ، سکر (سنڌ)

(مارچ ۱۹۸۵)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڳو پھريون

جولاءِ مهيني جي هڪ گرم شام جو، هڪ نوجوان پنهنجي گهر واري گهٽيءَ مان نڪري، ڍڪ روڊ وٽي، مارڪيٽ طرف وڌڻ لڳو. هو ڪجھ منجهيل ۽ گهبرايل هو.

هو پاڻ کي جاءِ جي مالڪ جي نظرن کان ڪاميابيءَ سان بچائي آيو هو. هو هڪ ٽماڙ عمارت جي وچين طبقي جي هڪ ڪهاٽ جهڙي ڪمري ۾ رهندو هو. جاءِ جو مالڪ هيٺين طبقي ۾ رهندو هو، ۽ ان جي دروازي وٽان ئي مٿي وڃڻ جي ڏاڪڻ هئي. هر پيري جڏهين هو ان در اڳيان لنگهندو هو ته سندس ڪنڌ شرم ۽ ڀؤ کان هيٺ هوندو هو. هو مالڪ جو حد کان وڌيڪ مقروض هو. اهو شرم ۽ ڀؤ ان ڪري نه هوس جو هو ڪو ڊڄڻو هو، پر ان ڪري جو ڪجھ وقت کان هو هڪ ذهني چڪتاڻ ۾ مبتلا هو. ان ڪري هو پاڻ ۾ ايترو گم ٿي چڪو هو، جو نه رڳو مالڪ مڪان پر هين يارن دوستن سان به ملڻ کان ڪيهائيندو هو. جيتوڻيڪ هو غربت جو ماريل هو، پر سندس اڻ هوند، اُن مهل، هن لاءِ ڪا اهميت نه پئي رکي. هن پنهنجن اهم ضرورتن تان به ڌيان هٽائي ڇڏيو هو. مالڪ مڪان ڇا پئي ڪري سگهيو؟ ان ڳالھ به هن کي پريشان نه پئي ڪيو. پر هو رڳو ان ڳالھ کان ڊنو پئي، ته متان هو ڪيس بيهاري، اجائي بڪ شڪ ڪري، مسواڙ گهري ۽ بيون غير واسطيدار، هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري. اهوئي ڪارڻ هو، جو هو اُتان چپ چاپ ٻليءَ پير کسڪي آيو هو.

گهٽيءَ مان نڪري ٻاهر آيو ته کيس احساس ٿيو ته هو ڪيترو گهبرايل هو.

"جي اهڙين خسيس ڳالهين کان به ڊنس، ته ڪم ڪيئن ٿيندو؟" هن منهن تي هلڪي مرڪ آڻي سوچيو. "ماڻهو سڀ ڪجھ ڪري سگهي ٿو. بشرطيڪ دل نه لاهي. هر نئين قدم کڻڻ ويل، هر نئين ڪم ڪرڻ ويل، ماڻهو ڇرڪندو ۽ هبڪندو آهي، ۽ اهو سياويڪ آهي. مان ائين ڪري سگهندس!"

ٻاهر تهر جي گرمي هئي. ٻٽ، سڪر جي دن ڏوڙ ۽ رَئي، سڀ نوجوان جي ٿڪل ۽ پريشان جسم ۽ جان تي وڌيڪ خراب اثر وجهي رهيا هيا. شهر مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽندڙ ڏيڙا ۽ ڏتڙيل مزدور، پگل ٽنل جايون، ۽ جا بجا گهمندڙ فقير، هن جي رهيل سهيل خوشي به ختم ڪري رهيا هيا. هن جي ڀٽڪندڙ منهن تي جهڙ لاءِ نراسائي ۽ مايوسيءَ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. هو رنگ روپ ۽ ڏانو ڏيل ۾ ڪو ويل ڪونه هو. قد جو پورو پنو. جسم سهڻو، ڪلها موڪرا ۽ اکيون ڪاريون.

هو اوچتو خيالن ۾ پئجي ويو، ۽ پاڻ سان ڳالهائيندو، بي ڏيانيءَ ۾، تکو تکو اڳتي وڌڻ لڳو. ڪجهه اڳتي وڌي هو وري ڊرو ٿي ويو. هن کي احساس ٿيو ته هو ڪمزور هو. گذريل ٻن ڏينهن کان هن کي خير ڪو ڪاڏو نصيب ٿيو هو. هن جا ڪپڙا ايترا ته بي ڊولا ۽ گندا هئا، جو اڳرين ۾ گهاريندڙ شخص به پاڻ کي ان روپ ۾ گهمندو ڏسي، جيڪر شرم محسوس ڪري. پر هو ايترو ته منجهيل ۽ اداس هو، جو سندس پوشاڪ به اُن مهل، هن لاءِ ڪا اهميت نه پئي رکي.

هن کي ڪو پري نه وڃڻو هو. هن چاتو پئي ته اُها جاءِ سندس گهر کان گهڻو پري ڪانه هئي. پوريون ست سئو ٿيهه وکون! هڪ دفعو اڳ اوڏانهن ويندي، هن وکون ڳڻي ڇڏيون هيون. اڄ به هو اوڏانهن وڃي رهيو هو، پنهنجي ڊرامي جي ريهرسل ڪرڻ.

لڙهندڙ دل ۽ پيڙ جي احساس سان هو هڪ وڏيءَ جاءِ ۾ داخل ٿيو، جنهن جي هڪ پاسي گهٽي هئي ۽ ٻئي پاسي مارڪيٽ. هيءَ جاءِ مختلف ڪمرن ۽ ڪوارٽرن ۾ ورهايل هئي، جنهن ۾ پانت پانت جا ماڻهو رهندا هئا، ۽ ان ڪري جاءِ جي مکيه دروازي وٽ ڪائي اچ وڃ رهندي هئي. جاءِ جي ٻاهرين دروازي تي هڪ چوڪيدار به هوندو هو. نوجوان کي اِهو ڏسي خوشي ٿي ته اُن مهل هو اتي موجود نه هو. هو چپ چاپ اندر لنگهي متي ڏاڪڻ تي چڙهي ويو. ڏاڪڻ سوڙهي هئي ۽ اونداهي پڻ. پر هو اُتان جو واقف هو، سو ڪيس متي وڃڻ ۾ تڪليف ڪانه ٿي.

”جي ڪنهن کي خبر پئجي وڃي ته مان ڇا لاءِ آيو آهيان، ته پوءِ؟“ چوٿين ۽ آخري ماڙ تي پهچي هن پاڻ کان سوال ڪيو. هن کي اُن منزل تي ٿي ڪم هو. هڪ ڪمري مان مزدور سامان ٻاهر ڪڍي رهيا هئا. شايد اهو مسواڙي لڏيو پئي ويو. ”تنهنجي معنيٰ ته چوٿينءَ ماڙ تي هاڻي اُن ٻڍي کان سواءِ ٻيو ڪوبه مسواڙي نه رهيو. اهو ته وڏيڪ سٺو!“ هن سوچيو، ۽ وڏي ٻڍي جي دروازي جو ڪنڊو کڙڪايو. ڪنڊي کڙڪڻ جو هلڪو آواز ٿيو. اندران ڪو آواز نه آيو. هن وري در کڙڪايو. هو سچو ڏکي رهيو هو. جهٽ کان پوءِ دروازي ۾ چرپر ٿي. تاڪ ٿورو کليا، ۽ وٿيءَ مان به ڪمزور اکيون ٻاهر نهارڻ لڳيون. ٻاهر مزدور وغيره ڏسي، ٻڍي دل ٻڌي، دروازو کوليو. نوجوان ابهرائيءَ ۾ اتاوليءَ وچان اونداهي ڪمري ۾ ڏوڪي ويو. هن جي سامهون ٻڍو اکيون ڦوٽاريو بيٺو هو.

پوڙهو سٺ سالن کان مٿي جو پئي نظر آيو. سنڌس اکيون جهريون ۽ نڪ ڏکيرڙرو هو. مَرُ جهڙو ڪڙتو ۽ پائجامو پيو هوس، ۽ اهڙيءَ گرميءَ ۾ بہ ڪلهن تي انگوڇو ويڙهيل هوس. هن ڪنکهي نوجوان ڏانهن نهاريو.

"منهنجو نالو سراج الدين آهي. هتي پڙهندو آهيان. هڪ دفعو اڳ بہ هت آيو آهيان." نوجوان يڪساهي سڀ ڪجھ چئي ويو.

"مون کي ياد آ." ٻڍي اکين ۾ اڻ تڻ تائتر رکندي وراڻيو.

"۽ هاڻي بہ ساڳي ئي ڪم سان آيو آهيان." سراج وک وجهي چيو. ٻڍي جي عجيب اکين کيس ڪجھ پريشان ڪري وڌو. "شايد هو سدائين ائين هوندو آهي، ۽ اڳ مون کيس چتائي نہ ڏٺو هو." هن بي آراميءَ وچان سوچيو.

ٻڍو جهٽ پل لاءِ هٻڪيو، ۽ ڪجھ سوچي، هن کي ٻي ڪمري ڏانهن هلڻ جو اشارو ڪري، پاڻ هن جي پٺيان هلڻ لڳو. جنهن ڪمري ۾ هو گهڙ يا سو جاءِ جو اندريون ڪمرو هو ۽ ملتاني مٽيءَ سان رڱيل هو. بند درين جي ٻيگل شيشن مان، لهندڙ سج جي روشني اندر پئجي رهي هئي. "سو اُن وقت بہ هي ائين ئي سوچيندو ." هن جي دماغ ۾ اوچتو خيال آيو. هڪ نظر سان هو سڄي ڪمري کي جهاڙي ويو، ۽ هر شئي ۽ جاءِ ذهن ۾ نقش ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر ياد ڪرڻ جهڙي ڪابہ شئي ڪمري ۾ ڪانہ هئي. هڪ چنل ٽنل کٽ. بہ پراڻيون اڌوراڻيون ڪرسيون، هڪ ٽپائي، جنهن جي هڪ ٽنگ اڌ مان ڀڳل هئي، ۽ ان ڪري پٽ سان ٽيڪ ڏياري رکي وئي هئي. پٽ تي هڪ اڌ ڀڳل آئينو، ۽ ٻہ چار ڏرمائو تصويرون فريم ٿيل ٽنگيون پيون هيون.

"چئو، چا ڪيئي؟" ٻڍي هن جي سامهون ويهندي، سنڌس اکين ۾ گهوريندي چيو.

"مان ڪجھ گروي رکڻ آيو آهيان." ۽ هن پنهنجي ميري قميص جي گيدي مان هڪ پراڻي جيبي گهڙي ڪڍي، جنهن ۾ چانديءَ جي زنجير پيل هئي.

"پر تو اڳيون مال ئي اجان نہ ڇڏايو آهي. ان جو مدو بہ تہ پورو ٿي ويو."

"ڪجھ وقت ترس، مان ٻئي مهيني جو وياج بہ ڏيندو سانءِ."

"اهو مون تي ڇڏيل آ تہ ترسان يا تين وال ڪري ڇڏيان. مون کي پئسي جي سخت لوڙ ٿي رهي آهي."

"ڪاڪا تلوڪ، هن گهڙيءَ جو گهڻو ڏيندين؟"

"رکو بيڪار شيون پيو آڻيندين. تڪي ٽين پئسين واريون. اڳئين پيري بہ منديءَ جا ويھ رپيا ڇڏائي وئين. اهڙي نئين مندي ئي پندرهين رپئي تي ٺهي!"

"هن جا چاليھ رپيا ڏئي. مان ڇڏائي ويندو سانءِ. هڪ ٻن ڏينهن ۾ مون کي پئسا ملڻا آهن. مان ضرور ڇڏائيندس، چو جو اِها منهنجي پيءُ جي نشاني آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ويھ رپيا، ۽ وياج اڳواٽ. وٺڻي تہ ڏئي وڃ، نہ تہ هلندو ٿيءُ.“ ”ڪاڪي پڪائي ڪئي.

”ويھ!“ نوجوان رڙ ڪئي.

”جيڪا تنھنجي مرضي.“ ۽ ٻڏي واچ موٽائي سراج جي هٿ تي رکي. ڪاوڙجي سراج موٽڻ لڳو. پر ٻہ چار وکون هلي وري موٽي آيو. هن سوچيو، ”ٻيو ڪاڏي ٿو وڃي سگهان. تنھن ڪان سواءِ، هت اچڻ جو مقصد بہ تہ اجا پورو نہ ٿي ڪين ٿيو آهي.“

”چڱو ڪڻ!“

ٻڏي پنھنجي ڪڙ تي جي ڳيدي ۾ چاٻين لاءِ هٿ وڌو، ۽ در کولي پاسي واري ڪمري ۾ اندر هليو ويو. نوجوان ڪمري جي وچ ۾ اڪيلو بيٺو ڪجھ سوچي رهيو هو. هن ڪنھن ميز جي خاني کلڻ جھڙو آواز ٻڌو.

”مٿيون ئي مٿيون خانو هوندو،“ هن سوچيو،“ چاٻيون ڳيدي ۾ ٿو رکي، ڇڳي ۾ هڪ چاٻي وڏي بہ آهي. جا ڪنھن ميز جي خاني جي نٽي ٿي سگهي. ضرور ڪنھن پيٽي يا تجوڙي جي هوندي.“ٻڏو موٽي آيو.

”هان وٺ! ويھين رپين تي مھيني جو اڳواٽ وياج ٻہ رپيا، ٿي رپيا اڳين رقم جو وياج، هي ٿيا پنج رپيا. باقي هي رهيا تنھنجا پندرهن رپيا. اچي ڪڻ!“

نوجوان ڪابہ ريڙھ پيڙھ ڪانہ ڪئي. هن رقم ورتي ٻڏي ڏانھن نھاريو، ۽ سنت موٽڻ جي ڪرڻ لڳو، ڄڻ هن کي اجا ڪھڙو ڪجھ ڪرڻو هو. ”سنت ئي مان هڪ قيمتي شئي آٽيندس، ڪاڪا تلوڪ چند. چانديءَ جو سگريٽ ڪيس!“ هن گھبراهٽ وچان چيو.

”جڏهين آندئي تہ ڳالھائينداسين.“

”چڱو ڪاڪا!- تون گھر ۾ اڪيلو رهندو آهين ڇا؟ ياٺهي ڪٿي رهندو آ؟“ هن ڪمري کان ٻاهر نڪرندي ڏيرج سان سياويڪ لھجي ۾ پڇيو.

”ان سان تنھنجو ڪھڙو ڪم؟“

”ائين ئي پڇيم- چڱو نياز ٿئي.“

سراج ملول ۽ منجھيل ٻاهر نڪري آيو. ڏاڪڻ تي تہ هن جي پريشاني تھان وڌي وئي. رستي تي پھچي، هو ڪو وقت منجھيو بيٺو رهيو.”اف! ڪھڙو نہ واحيات خيال آ! مان ائين ڪيئن ڪري سگھندس؟“ نراسائيءَ جو احساس، جو هن کي ٻڏي ڏانھن ويندي دامنگير ٿيو هو، سو هاڻي چوٽ تي پھچي چڪو هو. هو پاڻ کي ان خيال کان آجو بہ نہ پئي ڪري سگھيو. هو رستي کان بيخبر، ماڻھن سان وچڙندو، ٺڙندو ٺاٻڙندو، نشئين جيان اڳتي وڌي رهيو هو. اُن بي خياليءَ مان هو تڏهين سجاڳ ٿيو جڏهين هڪ گھٽي ٽپي ٻيءَ گھٽيءَ ۾ داخل ٿيو. هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوطرف نهاريو ۽ پاڻ کي هڪ گتي اڳيان بيٺل ڏٺائين. ٻه ڄڻا لڏندا لمندا، هڪ ٻئي کي ٽيڪ ڏيندا، گتي جي ڊاکڻ تان هيٺ لٿا. ٻنا سوچي سمجهي سراج ڏاڪا چڙهي بار ۾ داخل ٿيو.

اڄ هو پاڻ کي سخت اڄايل محسوس ڪري رهيو هو. هن هڪ ٻه پيگ پي اندر جي آگ اجهائڻ پئي چاهي، ۽ ڪجھ کائڻ پڻ. هو هڪ پاسيري ڪنڊ ۾ پيل ٽيبل تي ويهي رهيو، ۽ ڇوڪري آڻڻ جو حڪم ڏنائين. هڪ ڇوڪرو پي هو پاڻ کي ڪجھ هلڪو محسوس ڪرڻ لڳو، ۽ ويهي ويچارڻ لڳو.

”اڄايو پيو دليون هٿان.“ هن پاڻ سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”ان ۾ چاهي؟ رڳو اڄايو پيؤ آ!“ هڪ ڇوڪري ۽ ٻن ڪبابن کهڙي نه فرحت ڏيئي ڇڏي! دل ئي ٻڏجي وئي. ارادو پٽر جهڙو پڪو ٿي ويو.“

هو هاڻي سرهو پئي نظر آيو. ڇڻ وڏو بار سر تان لهي ويو هوس. هلڪاڻ جو ٿڌو ساهه پري، ماحول تي هڪ دوستاڻي نظر وجهي، هن ٻئي ڇو ٽي جو آرڊر ڏنو. گتي ۾ ڪي ٿورڙا ماڻهو وچي رهيا هئا. انهن ٻن ڪانسواءِ، جن کي هن اچڻ ويل ويندو ڏٺو هو، پنج ڇڻا هيا ٻه هن جي اچڻ کانپوءِ وچي چڪا هئا. هڪ ٽيبل تي ٻه ڄڻا ويٺا هئا، جن مان هڪ ڪو شايد رنگ ساز هو جنهن جي آڏو بيئر جي بوتل رکي هئي. سندس دوست آؤٽ ٿيو، ٽيبل تي نوڙيو پيو هو، ۽ ٽيبل تي ٻي سري نموني ٺڪ ٺڪ ڪري ڪجھ جهونگاري رهيو هو. هن جي ڳائڻ مان ڪنهن ٻه لطف نه پئي ورتو. سندس ساٿي ٻه ساٽس بي توجهيءَ وارو ورتاءُ ڪري رهيو هو. ٻيءَ هڪ ٽيبل تي هڪ ماڻهو ويٺو هو، جو ڪو رٽائرڊ سرڪاري ڪامورو پئي لڳو. هو اڪيلو ويٺو هو، ۽ رکي رکي گلاس مان ڍڪ پري رهيو هو. هو ڏاڍو ڏکويل ۽ ملول پئي نظر آيو.

(٢)

سراج گوڙ گهمسان کان پاسو ڪندڙ هو. پر اڄ هن جي ان لاڙي ۾ تبديلي پئي ايندي وئي. هو ساٿ سنگ لاءِ سوچڻ لڳو. گذريل مهيني ڏيڍ جي لاڳيتين مصيبتن ۽ ذهني ڇڪتاڻ کان پوءِ، جهٽ پل لاءِ آرام ۽ آسائش هن جو حق هو. سو ماحول جي گندگيءَ جو خيال نه ڪندي، هن گتي ۾ ڪافي وقت ترسڻ جو فيصلو ڪيو.

ڪڏهين ڪڏهين اهڙن ماڻهن سان ٻه ملڻ جو موقعو ٿيندو آهي، جن ۾، ڪنهن لفظ ڪچڻ ڪانسواءِ ئي، دلچسپي پيدا ٿي پوندي آهي. اهڙوئي اثر سراج تي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڊ ۾ ويٺل اڪيلي شخص جو پيو هو. هو رکي رکي هن ڏانهن ڏسي رهيو هو. اهو شايد ان ڪري هو جو هو بہ ڪافي وقت کان سراج ڏانهن گهوري رهيو هو، ۽ ساڻس ڳالهائڻ ٻولهائڻ لاءِ اُتاوليءَ جو اظهار ڪري رهيو هو. هو پنجاهہ ڪان مٿي جو پئي لڳو. قد وچولو هوس ۽ جسم ۾ چڱو ڀريل هو. هن جو چهرو، گهڻي شراب ورتائڻ ڪري، ڪجهہ ڪراڙجي چڪو هو. سڄيل ڀرون هيٺان سندس ڪاريون اکيون چمڪي رهيون هيون. ان چمڪ ۾ فڪر ۽ ذهانت ٻکي رهيا هيا. هن کي پراڻي، خاڪي رنگ جي زين جي پتلون پهريل هئي، ۽ هلڪي هرک جي بشرٽ، جنهن جا مٿيان ٻہ بٽڻ ڇڳل هئا، ۽ مٿس جاءِ بجاءِ قسمين قسمين داغ ۽ چٽا بہ پيل هئا. ڏاڙهي ميچون صاف ڪندڙ پئي نظر آيو، پر ڪيتري وقت کان حجامت نہ ڪرڻ سبب، سندس منهن جا وار ٻي قائدگيءَ سان وڌي وکري آيا هئا. سندس ورتاءَ ۽ ويهڪ جي نموني مان ڪامورپ نمايان پئي ٿئي. گهڙيءَ گهڙيءَ پيشانيءَ تان وار هٽائي، هن پنهنجو منهن، غم ۽ نااميديءَ وچان پنهنجن هٿن ۾ لڪائي پئي ڇڏيو. آخرڪار، سڌو سنئون سراج جي منهن ۾ نهاري، زور سان چيو:

"سائين، مان توهان سان ڳالهائي سگهان ٿو؟ توهان جي منهن مان، مان سمجهان ٿو تہ توهان پڙهيل ڳڙهيل ۽ عقلمند ماڻهو آهيو، ۽ شراب جو واهپو گهڻو ڪونہ اٿو. مون کي هميشہ تعليم ۽ ذهانت سان دلچسپي رهي آهي. منهنجو نالو مظفر علي آهي. ڇا مان توهان کان پڇي سگهان ٿو تہ توهان ڪهڙو ڪم ڪندا آهيو؟"

"نہ، مان پڙهندو آهيان،" نوجوان هن جي لهجي ۽ سڌيءَ طرح پاڻ سان مخاطب ٿيڻ تي اچرج وچان وراڻيو. جهٽ اڳ جا هن ۾ ڪنهن ساٿ سنگ لاءِ خواهش پيدا ٿي هئي، سا هاڻي ختم ٿيڻ لڳي. هو وري پنهنجي پراڻي عادت طرف موٽڻ لڳو.

"شاگرد! شاگرد!" رٽائرڊ ملازم رڙ ڪري چيو، "مان بہ ايئن ئي پئي سمجهيو. مان بہ عمر ماڻهن ۾ گذاري آهي. ڏسڻ سان ئي ماڻهو سڃاڻي ويندو آهيان. توهان کي ڏسڻ سان ئي مان سمجهيو تہ توهان پڙهي رهيا آهيو....." هو اٿيو، ٿيڙ ڪاڏائين، ۽ بوتل ۽ گلاس کڻي اچي سراج جي پاسي ۾ پيل خالي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. هو ڪافي پيتل هو، پر سندس ڳالهائڻ ۾ رواني ۽ لاڳيتائي هئي. سراج جي پرسان ويهي، هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. ايئن پئي لڳو ڄڻ ڪي مهينا ڪنهن سان ڳالهائڻ جو موقعو ڪونہ مليو هوس.

"سائين،" هن ويهندي ئي زبان هلائڻ شروع ڪئي، "غريبي لعنت نہ آهي. اها چوڻي سراسر غلط آهي. شراب راحت آهي، اِن جو بہ مان قائل نہ آهيان. پر، پٽ، منهنجا سائين، پن وڏي لعنت آهي. غربت ۾ بہ توهان پنهنجو مان ۽ ڀرم قائم

رکي سگھندؤ، پر پن ۾ نہ- هرگز نہ! غربت کان اڳ، اسان کي فقيريءَ ۽ پن خلاف جهاد ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ سڀ کان اول مان پنهنجي خلاف بہ جهاد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. اهو احساس مون کي ان ڪري ٿيو آهي، جو ڏهہ پندرنهن ڏينهن ٿيندا تہ گل خان منهنجيءَ گهرواريءَ کي ذليل ڪيو ۽ ڏک هنيان. سمجهو؟ چڱو ڀلا! معاف ڪجو، هڪ سوال توهان کان ڪيان ٿو. توهان ڪڏهين فوٽ پاٿ تي سمهيا آهيو؟....."

"نہ، مون سان اجا اهو اتفاق نہ ٿيو آهي،" سراج وراڻيو،"توهان اهو ڇو ٿا پڇو؟"

"مان رات بہ ايئن سمهيو هوس، ۽ اها منهنجي پنجين رات هئي، ان ڪري ...." هن پنهنجو گلاس ٺاهيو ۽ هڪ ڍڪ سان خالي ڪري، جهٽ لاءِ رڪيو. هن جا ڪپڙا ۽ مٿو جتان ڪٿان مٽيءَ سان ميرا ٿيل هئا. ايئن نظر پئي آيو تہ واقعي هن پنجن ڏينهن کان ڪپڙا نہ مٽيا هئا ۽ ڏوڙ ۾ ستو هو.

"نوڪريءَ تي بہ نہ ويندا آهيو ڇا؟" سراج پڇيو.

"نہ، مان نوڪريءَ ۾ ناهيان، مان نوڪريءَ ۾ ڇو نہ آهيان؟ پنهنجي بيڪاريءَ تي شرم ڇو نہ ٿو اچيم؟جڏهين گل خان منهنجيءَ زال کي ماريو هو تہ مان ڇو نرلجو ٿيو نشي ۾ الوٽ پيو هوس؟ معاف ڪجو ...... توهان سان ڪڏهين ايئن ٿيو آهي...... جو نااميديءَ هوندي بہ ڪنهن کان قرض گهريو هجيو؟"

"هاؤ. پر نااميديءَ مان توهان جي مراد ڇا آهي؟"

"مڪمل نااميدي. جڏهين توهان کي پڪ هجي تہ قرض نہ ملندو. پر ملي بہ ڇو؟ ڇو جو اڳلي کي سڌ آهي تہ پئسا موٽي ملڻا ئي ناهن."

"پوءِ، توهان ان وٽ ويو ڇو؟" سراج پڇيس.

"جڏهين ٻيو ڪو چارو نہ هجي، تہ ماڻهو ڪاڏي وڃي؟! هر ماڻهو لاءِ ڪانہ ڪا راهہ هئڻ گهرجي. جڏهين منهنجي ڌيءَ خراب راه تي هلي وئي، تہ پوءِ مون کي بہ وڃڻو پيو....." سراج خاموش ويٺو رهيو. "توهان مون کي خراب ماڻهو سمجهندا هوندا،" مظفر ساڳي ئي گهمنڊ ۽ لهجي سان تقرير جاري رکي، "ٺيڪ! مان خراب آهيان. مان جانور آهيان. پر منهنجي زال پڙهيل ڳڙهيل ۽ ڪاموري جي ڌيءَ آهي. جميلہ عورت آهي! مان مڃان ٿو تہ مان بدمعاش آهيان، ۽ هوءَ نيڪ دل ۽ مهذب عورت آهي. پر تڏهين بہ هن کي مون لاءِ ڪو احساس نہ آهي! توهان پاڻ سياڻا آهيو. هر ماڻهو چاهيندو آهي تہ ڪِٿي نہ ڪِٿي هن کي پنهنجائپ ۽ پيار ملي. پر جميلہ! هوءَ مون سان سٺو پير نٿي هلي،" هن ڪڙڪي ۽ ڀڳوري آواز سان چيو، "ڪاش! هوءَ رڳو هڪ دفعو .... پر ڇا ٿيندو؟ هن ڪيئي دفعا مون سان سٺو ورتاءُ ڪيو آهي. پر .... منهنجي قسمت ئي ڪا اهڙي آهي. اجايو هن کي ميار ڇو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيان!..... منهنجي قسمت ئي اهڙي آهي. مون هن جا سڀ زيور ڳاري ڇڏيا. هن شراب بلي! ۽ هاڻي هڪ اونداهي ڪمري ۾ رهي رهيا آهيون. گذريل سياري کان هن کي ڪنگهه به ٿي آهي، ۽ هاڻي ته ڪانگهاري سان گڏ رت به اچيس ٿي. اسان کي ٽي ٻار آهن، ۽ جميلہ سچو ڏينهن ٻارن ۽ گهر جي صفائيءَ ۾ رڌل رهندي آهي. هن کي ننڍپڻ کان ئي صفائيءَ سان چاهه آهي. هاڻي هن جي ڇاتي ڏري ٿيڻ لڳي آهي.ڊاڪٽر پئي چيو ته سلهه اٿس. مون کي ان سڄيءَ ڳالهه جو احساس آهي، ۽ جيترو مان وڌيڪ پيئندو آهيان، اوترو وڌيڪ ان جو احساس ٿيندو اٿم. مان شراب ۾ همدردي ۽ احساس ڳوليندو آهيان. ..... مان ان ڪري پيئندو آهيان ته جيئن مصيبت جو احساس وڌي بيٺو ٿي وڃي!" هن ٺَڪ ۽ نراسائيءَ سان ڪنڌ ٽيبل تي جهڪائي ڇڏيو.

"تنهنجي اندر اچڻ سان ئي مان تنهنجي دل جي ڪيفيت ڄاڻي ورتي هئي،" هن ڪنڌ ڪڻي، وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، " ان ڪري ئي مان توسان مخاطب ٿيو هوس. مون پڻ هڪ اهڙي حساس ۽ تعليم يافته ساٿيءَ جي ڳولا پئي ڪئي، جنهن سان دل جو حال اوري سگهان. توکي ٻڌايم پئي ته منهنجي زال تعليم يافته آهي. هن کي ڪيترائي آفرين ناما ۽ هڪ سونو ٻلو به انعام مليا هئا. سونو ٻلو ته مان ڪڏهين جو ڪائي کپائي ڇڏيو، باقي آفرين نامن وارا سرٽيفڪيٽ اڃا تائين سندس پيتيءَ ۾ محفوظ پيا آهن، جي هوءَ هر اينڊڙ مهمان خاتون کي ڏيکاريندي آهي. ان ۾ هن جو ڪهڙو ڏوهه؟ هن وٽ باقي بچيون ئي اهي ماضيءَ جون چند يادگيريون آهن. هوءَ انهن تي ئي خوش ۽ مغرور آهي. مون جڏهين هن سان شادي ڪئي ته هوءَ رنڙ هئي ۽ ٽي ٻار به هيس. هن پهرين شادي هڪ واپاريءَ سان ڪئي هئي، جنهن سان هوءَ پڇي نڪتي هئي. هن سان ڪيس ڏاڍو پيار هو. اڄ به ڪيس ياد ڪري هوءَ رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي آهي. پر هُن هِن سان نه رهائي، سڀ ڪجهه جوا ۽ شراب جي نظر ڪري ڇڏيائين. پنهنجي حياتي به! هن جي مرڻ ڪانپوءِ هِن جي حياتي ڪٺن ٿي پئي، سندس مٽن مائٽن به ڪيس پنهنجو نه ڪيو. اُن وقت هن جي مون سان ملاقات ٿي. مان پاڻ به رنڙ هوس ۽ هڪ چوڏهن سالن جي ڌيءَ جو پيءُ پڻ .مون کي مٿس رحم آيو ۽ ڪيس شاديءَ جي صلاح ڪيم، جا هن رئندي ۽ سڏڪا ڀريندي قبول ڪئي. هن لاءِ ٻي ڪا واهه ئي ڪانه هئي. شاديءَ ڪانپوءِ سال ڏيڍ مان ساڻس ڏاڍو سٺو هليم. هن بڇڙيءَ شئي کي (شراب جي بوتل کي ڇهندي) پاڻ کان ڪوهين دور رکيم. پوءِ مون ۾ ڦيرو آيو. ان ۾ منهنجو ڏوهه نه هو. آفيس ۾ بدليون سدليون ٿيون، هڪڙا آيا ٻيا ويا، ۽ مان به نڪري ويس، رلندو رلندو هت پهتس. نوڪري ملي سا به مهيني ڏيڍ لاءِ، ۽ پوءِ اُهائي دربدري ۽ بدحالي. اهي ٻئي شيون مون کي هتي ڪتي ۾ وٺي آيون. سکر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڪمري واري جاءِ ۾ رهون پيا. ڪيئن پيا گذر ڪريون، ڪٿان پيا مسواڙ پريون، سو جي نہ پڇين تہ چڱو. اسان وانگر ٻيا بہ ڪيترائي اهڙي گندي ۽ ذليل زندگي پيا گهارين ...... ان وچ ۾ منهنجي ڀيرين زال واري ڌيءَ جوان ٿي چڪي هئي. مان هن کي ڪا خاص تعليم نہ ڏياري سگهيو هوس. چار پنج درجا پرائمري جا پڙهي، هوءَ گهر جي ذميوارين ۾ ڦٿجي ويئي. ٻرت ۽ سلائي جو ڪم ڪري، مهيني ۾ ڏهہ پندرنهن رپيا ڪمائي وٺندي هئي. هڪ اڌ پڙهيل گهريلو ڇوڪري، شريفاڻي نموني سان، ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪمائي بہ ڇاٽي سگهي؟ هڪ ڏينهن جڏهين مان نشي ۾ ڌت ليٽيو پيو هوس، تہ جميلہ، زرينہ ۽ حياتان کي ڳالهائيندو ٻڌم. زرينہ منهنجي بدبخت ڌيءَ جو نالو آهي، ۽ حياتان سکر ۾ مشهور معروف عورت آهي، جنهن کي ساري پوليس سڃاڻي. زرينہ چئي رهي هئي: 'امان، مان اهو ڪم ڪيئن ڪري سگهنديس؟!' هن جي لفظن ۾ اکين جا ڳوڙها مليل هئا. 'ڇو نہ؟ ٻيو نہ تہ ڇا ٿيندو؟ پٺين جا افعال پاڻ ڏسين ٿي' جميلہ وراڻيو هوس. پر ان ۾ جميلہ جو ڪهڙو ڏوهہ؟ ان وقت جميلہ نہ، پر بک، بيڪاري ۽ بدحالي ڳالهائي رهيون هيون. ان ڏينهن شام جو ستين بجي زرينہ حياتان سان هلي وئي ۽ رات جو دير سان موٽي. هوءَ سڌوئي سڌو جميلہ وٽ ويئي هئي، هٿ مان ٿي ڏهين ڏهين رپين وارا نوٽ ڪڍي هن اڳيان اڇلايا هئائين. هن لفظ نہ ڳالهايو. ڪنهن ڏانهن نہ نهاريو. مانڙي ڪري، چادر اوڙهي کٽ تي سمهي پئي، ۽ ڪيترو وقت رئندي ۽ سڏڪا ڀريندي رهي هئي. مان ايئن ئي الوٽ هوس. پوءِ جميلہ اٿي هن جي کٽ وٽ ويئي هئي، ۽ هن جي پيرن کي چمي روئڻ لڳي هئي. پوءِ ٻنهي کي ائين رئندي رئندي ننڊ اچي ويئي هئي. پر مان جاڳيو پيو هوس، ائين جيئن منڊ ۾" مظفر جهٽ لاءِ رڪيو. ڊڪ ڀري ٽڙي آلي ڪيائين، ۽ وري شروع ٿيو.

"ان ڪانپوءِ سائين ...." هن زبان چپن تي گهمائيندي چيو، "ان کان پوءِ اسان جي پياري ڌيءَ زرينہ اسان کان ڌار ٿي وئي. حياتان جي اچ وڃ سڀ کي هن جي نئين زندگيءَ کان واقف ڪري ڇڏيو. جاءِ جي مالڪن بہ گوڙ ڪيو ۽ پاڙي وارن کي بہ پڙڪايو. ان ڪانپوءِ زرينہ حياتان وٽ رهڻ لڳي آهي. اسان وٽ ايندي، جو ڪجهہ هوندو اٿس سو جميلہ کي ڏئي هلي ويندي آهي. سو توکي پئي چيم تہ ان رات جميلہ زرينہ جي پيرن وٽ رئندي رئندي سمهي پئي هئي. صبح جو مان اٿڻ سان ئي قاضي بابا مست وٽ هليو ويو هوس، جنهن مون کي گار ڏئي چيو هو، 'وڃ! تنهنجو ڪم ٿي ويو!' ۽ ٻي ڏينهن مون کي وري هڪ ڪچي نوڪري ملي وئي. جڏهين مون اها خوش خبري گهر ٻڌائي تہ ڪيڏي نہ خوشي ٿهلجي وئي هئي ......!"

ان مهل ڪي آواره شخص لڏندا لمندا ۽ ٻڙٻڙ ڪندا بار ۾ داخل ٿيا. هنن

جي پرواري ٽيبل تي ويهي هو بي سري آواز سان گڏجي ڪو فلمي گيت ڳائڻ لڳا. ان ڏمچر جو ڪو خيال نہ ڪندي، مظفر ڏُک پريندي اکتي چيو:

"ان ڳالھ کي پنج هفتا گذري چڪا آهن. منهنجي ڳالھ ڪرڻ سان ٿي گهر جي هر ياتيءَ تي خوشيءَ جي لهر اچي وئي هئي. هنن کي چڻ هفت اقليم جي دولت هٿ اچي وئي هئي. هو زمين کان مٿي گهمي رهيا هئا. نوڪريءَ تي وڃڻ کان اڳ، جميلہ، الائي جي ڪٿان بندوبست ڪري، سئي گيھ جا پراٺا ۽ آنا ڪارايا هئا. منجهند جو بوڙ ماني سان گڏ پلاءُ بہ ڪارايو هو. شام جو چانھ بہ ناهي ڏني هئائين. ڇھ ڏينهن اڳ، جڏهين مون ڪيس مهيني جي پگهار آڻي ڏني هئي- ها، مهيني جي پگهار، پورا پنجهتر رپيا چوڏهن آنا- تہ هن پئسا هٿ ۾ وٺي نچڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيو هو. مون کي ڳراٽڙيون پائي ڦيريون پائڻ لڳي هئي."

نوان آيل نشئي، هن جون ڳالهيون ٻڌي، ٽهڪن ۾ اچي پيا هئا. مظفر جهٽ لاءِ وائڙو ٿي ويو ۽ هنن ڏانهن نهارڻ لڳو. پوءِ دل هيڪاندي ڪري وري سراج سان مخاطب ٿيو.

"تي سگهي ٿو تہ تون بہ هنن جيان منهنجي داستان کي ڪلڻ جهڙو سمجهندو هجين!...... پر مون لاءِ اها کلڻ جهڙي ڳالھ نہ آهي. ڇو جو اهو مان چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو......... اُهو سجو ڏينهن مان خوابن جي دنيا ۾ گذاريو. گهر ۽ لٽي ڪپڙي بابت سوچيندو رهيس...... زرينہ کي ذلت جي راھ تان هٽائڻ جو سوچيندو رهيس. پر ٻي ڏينهن منهنجو نياڳ مون ڏانهن موٽي آيو. شام جو مان جميلہ جي پيٽيءَ جي چابي چورائي، بچيل سچيل رقم ڪٽي هتي هليو آيس، ۽ اڄ پنجون ڏينهن اٿم. نوڪريءَ تي نہ وڃڻ سبب، ڪالھ مون کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو اٿاؤن. اها ڳالھ مون کي ڪالھ هتي، سنگتي ڪلارڪ ڪري ويو. گهر سڀ مون لاءِ پريشان هوندا، ۽ مان هت وينو آهيان. نوڪري ختم ٿي ويئي. پئسا ختم ٿي ويا ... ۽ سڀ ڪجھ ئي تہ ختم ٿي ويو!"

مظفر مٿي تي ندامت ۽ پڇتاءُ جو هٿ هڻندي چپ پيڪوڙيا. ٽيبل تي ٽوٽين جي ٽيڪ ڏئي، جهڪي وينو. سراج ڏي تڪي هو ڦڪي مرڪ مرڪيو ۽ چيائين، "اڄ صبح جو مان زرينہ وٽ ويو هوس. ڪجھ وٺڻ. هن مون سان ڪجھ نہ ڳالهايو. پر سٽڻ جي ابداٽي مان پندرنهن رپيا ڪڍي منهن جي ترِيءَ تي رکيا، ۽ منهن ڦيري هلي وئي، مان پئسا ڪٽي هت هليو آيس. هي شراب انهن پئسن جو آهي. سمجهيئي؟ ڪهڙو نہ ذليل آهيان مان!" ايترو چئي هن بوتل ۾ هٿ وڌو ۽ شراب اوتڻ لڳو. پر اُها خالي ٿي چڪي هئي.

"اٿي تہ هلون!" مظفر ڪرسيءَ تان اٿي، سراج کي ڪلهي کان ڏونڌاڙيندي چيو، "اڄ! مون سان هل."

هو ٻـئي اٿي ٻاهر آيا. مظفر جون چنگهون ڏڪي رهيون هيون. سراج جي جسم تي اهلي، تيز ڪاٽي، هو هلندو پئي ويو. جيئن جيئن هن جو گهر ويجهو پئي ايندو ويو، تيئن تيئن هو وڏيڪ ليلهر ٿيندو ۽ لڙهندو پئي ويو. هو گهر تائين ٻـڪ ٻـڪ ڪندو پئي ويو. جاءِ وٽ پهچي مظفر ڏاڪڻ تي اڳ ۾ چڙهيو ۽ سراج کي پنهنجي پٺيان اچڻ لاءِ چيائين. در وٽ پهچي مظفر اندر جهاتي پاتي ۽ رڪجي بيهي رهيو. سراج وڏي در وٽ وڃي بيٺو.

در وٽان اندريون سڄو ڪمرو نظر اچي رهيو هو. ڪمري کي رستي واري پاسي کان هڪ دري هئي، جنهن جا شيشا ڀڳل هئا، ۽ اُس ۽ هوا کي روڪڻ لاءِ ان تي پراڻي ڪوٽ جو پڙدو لٽڪايل هو. ڀتين تي مٽي جا پلستر جتان ڪٿان اکڙي پيا هئا. ڪمري ۾ ٻن پيٽين، ٽن ڪرسين، هڪ ميز ۽ ٽن ڪٽن کان وڌيڪ ڪو سامان ڪونه هو. اهو فرنيچر بـه ڪمري لاءِ ڪافي کان گهڻو هو. ڇو جو ڪٽن ۽ ڪرسين کان پوءِ ايتري جاءِ بچيل هئي جو آدمي مشڪل سان اچي وڃي سگهي. جميلہ کي سڃاڻڻ ۾ بـہ سراج کي دير نـہ لڳي. ڏکهي ۽ سنهي جميلہ، ٻـئي هٿ ڪاڏيءَ هيٺ ڏئـي، ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ کٽ تي ويٺـي هئـي. سنـدس اکيون ٻـوٽيل هيون. ڳل پيلا هئـس، ۽ وار ٻـي ترتيبـيءَ سان پکڙيـل هئـس، عمر جي پنجٽيهن ورهين جي پئي لڳي. پر سندس تپ ورتل چهري تي ان عمر جا اُهڃاڻ بلڪل ڪونہ هئا. پرسان واريءَ کٽ تي هڪ وڏي ڇوڪري سمهي پئي هئي. هڪ ڇوڪرو دريءَ وٽ بيٺو روئي رهيو هو، ۽ هڪ ننڍي ڪکي ان کي ڀاڪر پائي پرچائڻ جي ڪري رهي هئي. جميلہ ايترو تـہ خيالن ۾ گم هئي، جو کيس مڙس جي اچڻ جي سمڪ بـہ ڪانہ پئي.

مظفر در کي ٽيڪ ڏيندي، وک اندر وڌي تـہ ڪڙڪي تي هوءَ سجاڳ ٿي.

"تون!" جميلہ رڙ ڪري کٽ تان اٿي."اچي وئيـن ڏائڻ! دئيت! ..... پئسا ڪاڏي ڪيئي؟ کيسي ۾ چا ٿي؟ ڏيکار! ڪتي هن پئسا؟ ٻڌاءِ!"

۽ هن تلاشي وٺڻ شروع ڪئي، مظفر پٽ ٻـٽيو بيٺو رهيو. پر اٿ تـہ پائي بـہ ڪانہ هئي."ڪاڏي ڪيئي پئسا؟" هوءَ رڙيون ڪرڻ لڳي "خدا ڪو چٽ ڪندئي! سڀ پاٽي ڪري ڇڏيئي. پورا پنجاهہ رپيا هئا. ڏهين ڏهين جا پنج نوٽ مون پاڻ ڳٽي پيتيءَ ۾ رکيا هئا." هوءَ مظفر کي ڪالر کان جهلي اندر گهلڻ لڳي. هو ڪري، گوڏن ڀر، سندس پٺيان گهرڪندو ويو. کٽ تي سمهيل ڇوڪري جاڳي پيئي ۽ روئڻ لڳي. دريءَ وٽ بيٺل ڇوڪرو رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ وڏيءَ ڀيڻ ڏانهن ڊوڙيو.

"سڀ ڦوڪي دڦ ڪري آيو! سڀ پي آيو!" ويچاري جميلہ نااُميديءَ وچان روئي ڏنو. "سڀ خاڪ ڪري ڇڏيائين. توهان ٻچن کي بک مارايائين!" هن ٻارن طرف اشارو ڪيو. "توکي بـہ شرم نـہ آيو؟ هنن جي حياتي تـہ ڏس!" هن ڦري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سراج طرف رخ ڪيو. ”ڪتي مان پياري آيو آهينس. تو به ته هن سان گڏ پئي پيتو نه. نڪري وڃ! تري وڃ!“

سراج ڪجهه ڪڇڻ ڏارا ڪمري ڪان ٻاهر نڪرڻ لڳو. رڙين ۽ گوڙ تي پر وارين جاين مان ڪيترائي ماڻهو ٻاهر اچي چڪا هئا. گهر جو مالڪ به پهچي چڪو هو، جنهن هنن کي ٻئي ڏينهن ئي جاءِ خالي ڪري وڃڻ لاءِ چيو. سراج ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ کان اڳ، ڪيسي ۾ هٿ وجهي بچيل سڀ پئسا ڪڍي، جميله واري کٽ تي سيرانديءَ کان رکيا. ۽ ٻاهر نڪري آيو. جڏهين ڏاڪڻ لهي رستي تي پهتو ته سندس دل ٻي ايمان ٿي.

”ڪهڙو نه ٻي وقونيءَ جو ڪم ڪيو اٿم!“ هن دل ۾ سوچيو، ”هنن کي ته زرينه به پئسا ڏئي ٿي سگهي. پر مون کي ڪير ڏيندو؟“ پر اهو سوچي ته موٽي وڃي پئسا ڪٺي اچڻ ٺيڪ ۽ ممڪن نه هو. هن هٿ جي اشاري ۽ ڪنڌ لوڏ سان ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ گهر طرف روانو ٿيو. ”زرينه لاءِ هار سينگار ضروري آهي.“ هن هلندي سوچيو ۽ مرڪڻ لڳو، ”۽ اهڙي هار سينگار لاءِ وري پئسو ضروري آهي، .... ۽ تي سگهي ٿو ته اڄ زرينه به سچي هجي. ڪيس ڪا آسامي نه لڳي هجي- ان حالت ۾ ته مون واريءَ رقم ڪانسواءِ، هنن کي ٻيو ڪو چاڙهو يا آسرو نه هوندو. شابس آ ويچاريءَ زرينه کي! پيءُ ماءُ لاءِ ڪاڻ آهي ڪاڻ! هو ڪيس وڌيڪ ڪوٺي رهيا آهن. ها، وڌيڪ! ۽ روئي به رهيا آهن. ائين ڪرڻ تي هو هري ويا آهن. انسان هر ڳالهه جو هيري ٿي ٿو سگهي. انسان! ڪمينو ڪنهن جاءِ جو!“

هو خيالن ۾ گم ٿي ويو. ”۽ ٿي سگهي ٿو ته مان غلط هجان!“ ٿوري خيال ڪانپوءِ هن پاڻ کي چيو. ”ٿي سگهي ٿو ته اِنسان سچ پچ ڪمينو نه هجي! يعني ’انسان‘ عام استعمال موجب، منهنجي مراد آهي سموري انسان ذات!“

(٣)

ٻئي ڏينهن هو ننڊ مان تمام دير سان اٿيو. ان ننڊ به هن کي پورو آرام نه پهچايو. هو اٿيو ته سندس طبيعت اچا ڳوري هئي ۽ سندس ذهن اچا ملول هو. هن ڏڪار سان پنهنجي ڇهه فوٽي ڪمري ڏانهن نهاريو، جو ان وقت غربت جو شاهڪار پئي نظر آيو. ڪمري جي ايراضي پنجن وکن جيتري هئي، ۽ ڇت ايتري ته هيٺ هئي جو معمولي ڊگهي ماڻهوءَ کي به کٽ تي اڀي ٿي بيهڻ جي جرئت ڪانه ٿئي. ڪمري جي هڪ پيت سان ٽي ڪٺلان ڪرسيون پيون هيون، ۽ انهن جي وچ ۾

هڪ ٽپائي رکيل هئي. ڪمري جو وڏو حصو هڪ ڪٽ ولاريون پئي هئي، جا ڪرسين جي سامهون واري پٽ سان رکيل هئي، ۽ جنهن تي هڪ پراڻو ۽ ميرو بسترو وڇايل هو.

هن جي اک کلي تہ ان مهل دريءَ مان سندس ڪمري ۾ اس پئجي رهي هئي. اکيون کوليو هو ڇت ۾ تڪي رهيو هو ۽ ڪنهن اونهيءَ سوچ ۾ ٻڏل هو. هو نيرن بہ جاءِ جي مالڪ وٽ ڪندو هو، جنهن لاءِ کيس پندرنهن رپيا وڌيڪ ڏيڻا پوندا هيا. ڪالهہ صبح کان هنن سندس نيرن بہ بند ڪري ڇڏي هئي، ڇو جو ڪيترن مهينن کان هو مسواڙ ۽ ويسيءَ جا پئسا ادا نہ ڪري رهيو هو. مالڪ جي نوڪرياڻي جنت، سندس ڪمري ۾ هفتي ۾ هڪ بہ دفعا ٻهاري بہ ڏئي ويندي هئي ۽ چنڊ ڦوڪ بہ ڪري ويندي هئي. جنهن لاءِ هو کيس مهيني ۾ هڪ رپيو خرچي ڏيندو هو. ان ڏينهن بہ جنت ئي اچي هن کي جاڳايو هو.

"اٿي! اجا سمهندين ڇا؟" جنت هن کي چيو هو، "سيٺياڻيءَ کان چوريءَ تو لاءِ چانهہ آندي اٿم."

"سچ پچ!؟"

"سچي!" هن ٽپائي سوري کٽ ويجهو ڪئي ۽ ان تي سراج جي لينگهيل ۽ ڏريل چانهہ داني ۽ ڪُنڊي ٻيگل ڪوپ رکي، پاڻ سندس سامهون ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

"هان وڻ!" سراج پينٽ جي کيسي مان بچيل ريجو ڪڍي جنت ڏانهن وڌائيندي چيو، "هيڻان نان وائيءَ وٽان هڪ نان ۽ ڪجهہ قيمو وٺي اچ، ڏاڍي بک لڳي اٿم."

"ماني تہ وٺي ٿي اچان، پر جي قيمي بدران ڪڪڙ ڪارايائين تہ ڇا؟...... ڏاڍو پلو ڀوڙ آهي، رات مالڪن بچايو، سو تنهنجي لاءِ رکيو هوم."

جنت ماني ڀوڙ ڪٽي آئي تہ هو کائڻ کي جنبي ويو. جنت سندس سامهون ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳي. هوءَ ڳوٺاڻي ۽ هاري طبقي جي عورت هئي، ۽ ڏاڍي گهڻ ڳالهائو هئي.

"سيٺ، تنهن جي خلاف پوليس وٽ دانهين ويندو،" هن چيو.

"ڇو، ڇا لاءِ؟" هن گرهہ جهلي رڙ ڪئي.

"نہ مسواڙ ٿو ڏين، ۽ نہ ئي جاءِ خالي ٿو ڪرين!"

"بس! ايتري لاءِ؟ مان اچ ئي سمجهايانس ٿو. ڪو چريو آ ڇا؟"

"پر ايئن ڪيستائين هلندي؟ ڪو ڏنڌو ڌاڙي، ڪم ڪار ڇو نہ ٿو ڪرين؟"

"اهو تہ ڪريان پيو." سراج ڪجهہ هٻڪي چيو.

"ڪهڙو ڪم ٿو ڪرين؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سوچڻ جو" هن جهٽ لاءِ دم پٽي، سنجيده ٿي وراڻيو.

جنت ڪلڻ ۾ اچي چٽي. هوءَ هر ڪل جهڙي ڳالهه تي هڪدم ۽ بنا روڪ ڪل ۾ اچي پوندي هئي، ۽ ڪاٻه سڌ ٻڌ ڪانه پوندي هيس. ڪل ۾ هوءَ سموري لڏي لچي اٿلي پوندي هئي.

"ان ڪم مان ڪهڙو ٿو ڪمائين؟" جنت آخر پاڻ جهلي پڇيس.

"ٻيو نه ته ڇا ڪريان؟ مفت جو پرايا ٻار پڙهايان، تنهن ڪان سوچان ٿو نه؟ متان ڪا تجويز پاڳ وراڻڻ جي نڪري اچي."

"اڙي ، ڏنئي! مان ته وساري ويٺي هيس. ڪالهه تون وئين، ته تنهن جو هڪ خط آيو هو."

"ڪاڏانهن آيو آ؟"

"الائي- مان ته ٿي آنا ڏئي ٽپاليءَ ڪان ڇڏايو. اُهي ڪڏ ته آٽي ڏيانءِ"

هڪ منٽ ڪان پوءِ جنت خط آڻي کيس ڏنو. خط سندس ماءُ موڪليو هيو، جروارن مان. خط ڏسي هو سچو پيلو ٿي ويو. ڳپل وقت ڪان پوءِ کيس ڳوٺان خط آيو هو. گڏو گڏ هڪ مخفي احساس به هن کي ڊيجاري ڇڏيو. جنت کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چئي، هن وري خط ڏانهن نهاريو. هن اڪيلائيءَ ۾ خط پڙهڻ پئي چاهيو. جنت ٻاهر نڪتي ته هن خط چپن تي آڻي چميو. پوءِ هن لڪيل سرنامي ڏانهن نهاريو، جو سهڻن ۽ سنهن اکرن ۾ پيل هو، اکر، جي هن جا چاتل سڃاتل هئا. هو خط کولڻ وقت هبڪي رهيو هو، هڪ نامعلوم خوف جي احساس ڪان. آخر هن خط کوليو خط ڪاني ڳورو هيو- اڌ آنو ڪن طور جو. چار وڏا پنا پورا پريل هيا، سنهن سنهن اکرن سان.

"نورچشم سراج،" ماڻس لکيو هو، "ٻه مهينا اڳ مون توڏانهن هڪ خط لکيو هو. جنهن مون کي نه رڳو ڪاني وقت لاءِ منجهائي ڇڏيو هو، پر فڪر ۾ به وجهي ڇڏيو هو. پر مون کي پڪ آهي ته ايتري خاموشي تون معاف ڪندين. تنهنجو وجود مون کي ۽ رضيه کي ڪيترو پيارو آهي، سو تون پاڻ چاڻين ٿو. اسان کي ان خبر سخت صدمو رسايو هيو ته تو ڪن مجبورين سبب پنهنجي تعليم ڇڏي ڏني آهي، ۽ تنهن جي ٽيوشن به بند ٿي وئي آهي. هن پاسي اسان به مجبور هياسين. پنجاهه رپئي جي پينشن مان، مان توڏي موڪلي به ڇا پئي سگهيس؟ ٽي مهينا اڳ جي ويهه رپيا توڏي مڪا هيا، سي به حاجي ڪريم داد ڪان اڌارا ورتا هيم. پر، شڪر آ خدا جو، جو هينئر ڪجهه حالتون ڦريون آهن، ۽ سٺت ئي توڏي ڪجهه نه ڪجهه موڪلي ڏيندس. هاڻي مان توکي سڀ ڪجهه ٻڌائيندس. ايترو وقت ان ڪري چپ هيم جو معاملو اجا پورو طئي نه ٿيو هو، ۽ ڪي رولا اجا هيا، جي بيان ڪري مان توکي وڌيڪ پريشان نه ٿي ڪرڻ چاهيو. هاڻي جڏهين

سڀ ڪجھ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويو آھي، تہ توکي بہ ٻڌايان ٿي. ٻڌ! رضيہ ھاڻي وڏيري صديق جي ٻارن کي پاڙھڻ ڇڏي ڏنو آھي. ڳالھ ھئين ٿي جو صديق رضيہ ۾ بريون نگاھون وجھڻ لڳو. پر رضيہ، جنھن کي تون چڱيءَ طرح سڃاڻين تہ کھڙي ڪردار جي ڇوڪري آھي، ھُن کي ڪتو جواب ڏيندي آئي. ان وچ ۾ صديق جي زال جانا کي مڙس جي ورتاءَ ۾ شڪ پئجي ويو. ھڪ ڏينھن ھن ٻنھي کي ڪو پڌر ۾ ڳالھائيندي ڏٺو. بس پوءِ تہ مڪو مچي ويس. پيٽين کي ڪٽي سڄي ڳوٺ ۾ خوار خراب ڪيائين، ۽ ٻارن پڙھائڻ کان بہ جواب ڏنائينس. اسان شرم کان ڪي ڏينھن ڪاڏي اچڻ وڃڻ جھڙا بہ نہ ھياسين. انھن ڏينھن ۾ مون کي تنھن جو خط پھتو ھو، جنھن ۾ تو رضيہ جي خير آفيت بابت پڇيو ھو. سو ٻڌاءِ تہ مان توکي کھڙو جواب ڏيان ھا؟ مھينو ڪن اسان سان اھا جٽ رھي. چڱن ڀلن ۽ ڏسڻ وائسڻ بہ اسان سان ملڻ جلڻ ڇڏي ڏنو. مان ڳوٺ ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. پر رضيہ دل ٻڌائيندي آئي. آخر خدا جو ڪيو ائين ٿيو جو وڏيري صديق کي خدا ھوش ۽ مت ڏنا، جنھن ساک ڪٽي رضيہ جي معصوميت جي شاھدي ڏني ۽ اھو خط بہ ڏيکاريو جو ان واقعي کان ھڪ ڏينھن رضيہ کيس سمجھائڻ ۽ اصلاح لاءِ لکيو ھو. ھن جانا اڳيان بہ رضيہ جي سچائيءَ جي ساک ڪنئين. تڏھين وڃي خدا ڪري اسان تان اھا مصيبت ٽري. جانا اکين ۾ ڳوڙھا آڻي نہ رڳو اسان کان معافي ورتي، پر سڄي ڳوٺ ۾ ساک ڪٽندي رھي. ھن رضيہ کي وري ٻارن پاڙھڻ لاءِ چيو، پر رضيہ جواب ڏئي ڇڏيس، ان لاءِ اسان کي اھا صلاح اسلم ڏني ھئي. مان توکي اڃا اھو نہ ٻڌايو آھي تہ اسان رضيہ ڏيءَ کي سنت اٿاري رھيا آھيون. اسان توکان پڇڻ کان سواءِ اھو ڪم ڪيو آھي، سو ان ڪري جو گھڻو وقت ترسي نہ پئي سگھياسين. تون پاڻ سمجھي سگھين ٿو تہ جوان جماڻ نينگر کي ايترو وقت ويھارڻ بہ ٺيڪ نہ آھي. اسلم ھڪ پڙھيل ڳڙھيل ۽ چڱي سماجي پد جو ماڻھو آھي. ھو ميرپور ۾ وڪالت ڪندڙ آھي ۽ زمينداري بہ اٿس. وڏيري صديق جو عزيز آھي، ۽ سندس رشتو بہ جانا جي معرفت ٿيو آھي. لوڪلبورڊ جو ميمبر آھي ۽ ھاڻي واپار بہ ڪرڻ چاھي ٿو. رضيہ سان ڏاڍي دل اٿس. ويجھڙائي ۾ ھو سکر وڪالت جي سلسلي ۾ اچڻو آھي ۽ شايد، نہ پر گھڻو ڪري، توسان بہ ملي. تون ساڻس سھڻو ورتاءُ ڪج. متان جذبات ۾ اچي، سندس ڪنھن معمولي ڪمزوريءَ سبب، سندس لاءِ ڪو غلط رايو قائم ڪرين. اھو خيال ڪج. جيتوڻيڪ مون کي اميد آھي تہ ھو توکي چڱو متاثر ڪندو. ھو عمر جو ڪجھ چڙھيل آھي، ھن وقت چاليھ پورا ڪري چڪو آھي. پر اھا ڪا ايڏي وڏي عمر نہ آھي. ٻيو تہ عورت بہ مرد کي وڏيڪ جوان ڪندي آھي. رضيہ ھن سان ڏاڍو خوش رھندي. اھو ئي سبب آھي جو اسان تڪڙو ، توسان صلاح ڪرڻ

ڪانسواءِ، اهو رشتو طئي ڪري ڇڏيو.

”مان توکي ٻڌايو آهي تہ هو ستت سکر ۾ وڪالت ڪرڻ جي ارادي سان اچي رهيو آهي. ان ڪري هو تولاءِ گهڻي مدد ثي سگهي ٿو. ان ڪري مان ۽ رضيہ سوچيو آهي تہ توکي هڪ منو ٿي قانون جي تعليم پوري ڪرڻ گهرجي، ۽ پنهنجي مستقبل لاءِ راه هموار ڪرڻ گهرجي. تون اسلم جي آفيس ۾ شام جو ٽائيپ وغيره جو ڪم ڪري پنهنجي تعليم آسانيءَ سان جاري رکي سگهندين. رضيہ تہ اهو بہ فيصلو ڪيو آهي تہ پڙهائڻ کان پوءِ توکي اسلم سان وڪالت ۾ پائيوار ڪرائيندي. پر ان ڏس ۾ اسلم سان اڃان ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪانہ ٿي آهي. اهي ڳالهيون پوءِ وقت آهر درجي بدرجي، طئي ٿينديون رهنديون.

”سو منڙا ٻچا! تون ساڻس پوريءَ هوشياريءَ ۽ ذميداريءَ سان ملج. باقي رهيس مان؟ مان پنهنجي ٻچڙي سراج سان رهنديس. حالانڪہ اسلم مون کي بہ پاڻ سان رهڻ لاءِ چيو آهي، پر مان توکي ڪيئن ڇڏي سگهنديس؟ ڇڏي تہ توکي رضيہ بہ نہ سگهندي. هوءَ توکي ڏاڍو چاهيندي آهي، تون بہ ڪيس اوتروئي گهرندو ڪر. هاڻي بہ توڏانهن پيار موڪلڻ لاءِ چئي رهي آهي. چوي ٿي تہ ادي سان ايڏيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن، جو خط ۾ لکي نہ سگهبيون. ساڻس ملي سڀ ڪجهہ اوريندس. ٻيو ٻڌ! اسان ستت ئي سکر اچڻ وارا آهيون. اسلم نمائش ڏيکارڻ لاءِ اسان کي سکر وٺي ايندو. هڪ ٻئي سان ملي ڪيڏو نہ خوش ٿينداسين. توکي ٻٽي مهينا ٿيا آهن جو منهن نہ ڏيکاريو اٿي. پر تنهنجو ڏوهہ بہ نہ آهي. هاڻي ڳڻتي نہ ڪر. سيان پرينهن ئي چاليهہ پنجاهہ رپيا موڪلي ڏيندي ماڻءِ. اسلم سان رشتي جو ٻڌي هاڻي ڪوبہ قرض ڏيڻ کان نٽو ڪيهائي. پنڙي لاءِ ڪوڙ پئسا ڪري وٺندس.

”هاڻي خط ڪاني ڊگهو ٿي ويو آهي. سو پنهنجي ۽ رضيہ جي پيارن سان خط پورو ٿي ڪريان. اميد تہ ستت ئي وري سکر ۾ ملنداسين.

”پٽ! صبح جي نماز ۽ قران پاڪ جو دَور نہ ڇڏج. پڙ تو تئيم تہ شهر جي هوا ۾ متان تون بہ رسول جي واٽ وڃائي ويهين! پالڻهار ۽ اُپائيندڙ کي ڪڏهين بہ نہ وسارج. چڱو پٽ! شل خدا جي پناهہ ۾ هجين- تنهن جي پياري ماءُ- فاطمہ.“

(۴)

خط شروع ڪرڻ سان هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي آيا هئا، ۽ جڏهين پڙهي پورو ڪيائين تہ سندس منهن جو پنو ئي لهي ويو هو. غليظ وهاڻي ۾ منهن هڻي،

هو ڪا مهل اونڌي منهن کٽ تي ليٽيو رهيو. جڏهين اٿي هن پنهنجي ماحول تي نظر وڌي، تہ پاڻ کي پيتيءَ نما ڪمري ۾ پوريل محسوس ڪيائين . هن ڪليءَ فضا ۾ وڃڻ چاهيو. ڪوٺيءَ مان نڪري هو رستي تي آيو. پنج گلي طرف وڃڻ لڳو. هو ماحول کان بي نياز، ۽ عادت موجب پاڻ سان ڳالهائيندو ڳالهائيندو اڳتي وڌي رهيو هو.

ماءُ جو خط هن لاءِ هڪ ذهني پيڙا ٿي چڪو هو. خط جي مقصد ۽ مطلب کان هو ان وقت ئي واقف ٿي چڪو هو، جنهن مهل پڙهڻ شروع ڪيو هيائين. سڀ کان مک ڳالھ جو تہ هن فيصلو بہ ڪري ڇڏيو هو . "اها شادي ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهندي." هن دل ۾ پڪڪيو، "نہ، امان نہ! نہ، رضيہ نہ! توهان مون کي نہ ٺڳي سگهندؤ. توهان فيصلو ڪري ڇڏيو آهي، پر مان ڏسندس تہ اهو ڪيئن ٿو ٿيئي! نہ، رضيہ نہ! تو مون کي نہ مڃائي سگهندين! مان ڄاڻان ٿو تہ تون مون سان ڇا ڳالهائڻ لاءِ آتي آهين! اسلم سٺو ماڻهو آهي! آسودو آهي. اوچي سماجي پد جو مالڪ آهي. تون هن وٽ خوش گذاري سگهندئين. اهو ڪجھ ئي اچي چوندينءَ نہ ؟ چري ڪنهن جاءِ جي!" هن جو ذهن وڏيڪ ڳرو ٿيندو ويو. ڪوفت وڌندي ويس. جي ان وقت هن کي اسلم ملي وڃي ها، تہ جيڪر خون ڪري ڇڏيس ها.

"ٺيڪ آ......" هن ڇڙوڇڙ خيالن کي هڪ جاءِ ڪٺو ڪندي، دل جي پڻ پڻ جاري رکي،" اسلم پل تہ سڀ ڪجھ هجي. اهو بہ برابر آهي تہ ماڻهوءَ کي سڃاڻڻ ۽ پرکڻ لاءِ بہ وقت کپي. پر آخر تہ وڏيرو آهي نہ! وڏيرو سدائين غريبن ۽ انهن جي پل مانسائيءَ سان کيڏندو رهندو آهي. منهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ کي سکر آڻي، مون سان ملائي، مٿن ٿورو ٿو ڪرڻ چاهي. ڪهڙا ٽڪا خرچيندو؟ ٿرڊ ڪلاس ۾ گهرائيندن، ڪل پنج رپيا بہ نہ لڳندس، ۽ ان جي بدلي هو ڪين پنهنجو ٿورائتو ڪندو. ڪنهن وڏيءَ لالچ سان! ٺڳ ڪنهن جاءِ جو! امان بہ ڪهڙي نہ سادي آهي. وَسُن جهڙي ڀيڻ ڪهڙي نہ مطلبيءَ کي ٿي ڏيئي. پاڻ وري سکر ۾ رهندي، سوبہ مون جهڙي ٺوٺيءَ سان! پنهجاھ رپين جي پينشن مان گهر بہ هلائيندي تہ قرض بہ لاهيندي. پرت جو ڪم ڪري نور بہ تہ جهڪو ٿي ويو اٿس. سال ڏيڍ هيو اهو ڪم ڪيائين تہ شايد اکين کان ويهجي وڃي. پوءِ ڇا ٿيندو؟ اسلم بہ 'ڪم لٿو ڏکڻ وسريو.' پورو پڇندس بہ ڪونہ! هاڻي تہ امڙ کي بہ هن ۾ الائي ڪيڏيون اميدون هونديون. پر حقيقت جي خبر تڏهين پوندس، جڏهين لاچار ٿي حقيقت کي منهن ڏيڻو پوندس!"

"امڙ کي ڪهڙو ڏوھ ڏجي. هو انسان کان وڌيڪ ماءُ آهي. پر رضيہ کي ڇا ٿيو؟ رضي، تون تہ ائين ڪونہ هئينءَ؟ تون ائين ڪيئن ڪندينءَ؟ رضيہ سمجهو ڇوڪري آهي. هوءَ مرد مرد کي سمجهي سگهي ٿي. پنهنجو رفيق ڳولي

سگهي ٿي، پر پنهنجا اخلاقي قدر ڪيئن وڪڻندي؟ هوءَ رُکي سُکي کائي وقت ڪاٽي سگهي ٿي، پر پنهنجو ضمير نٿي وڪڻي سگهي. آرام لاءِ هو اخلاقي آزادي قربان نٿي ڪري سگهي. اهو سڀ ڪجهه هوءَ اسلم جي رپين جي عيوض نٿي ڪري سگهي! هاؤ! رضيه ڪي مان سڃاڻان، هوءَ ائين هرگز نه ڪندي. باقي پوءِ هن راضپو ڇو ڏنو آهي؟ ان ۾ ڪهڙو راز آهي؟ ٺيڪ آ، سمجهيم! پنهنجي آرام ۽ آسائش لاءِ هوءَ پاڻ هرگز نه وڪڻندي. هوءَ اهو سڀ ڪجهه انهن لاءِ ڪري رهي آهي، جي هن کي پاڻ کان به پيارا آهن. پنهنجي پيءُ لاءِ، پنهنجي ماءُ لاءِ ئي هوءَ اهو سڀ ڪجهه ڪري رهي آهي! پاڻ وڪڻي رهي آهي! اهڙين حالتن ۾، ضرورت پئي، ماڻهو پنهنجا اخلاق، احساس ۽ جذبا سڀ داؤ ۾ هڻي ٿو ڇڏي. پوءِ آزادي، امن ۽ ضمير سڀ وڪڻڻا ٿا پون. رڳو اهو ڏسڻ لاءِ ته منهنجا پيارا دلوارا خوش رهن! ان سموري سڻاءُ جو مقصد ۽ منزل ته مان ئي آهيان! رضيه جو پيارو پياءُ سراج! جنهن کي هوءَ خوش ڏسڻ ٿي چاهي، اُن جي تعليم جاري رکڻ ٿي چاهي، ۽ ان کي وڪيل ٿي وڏي ماڻهوءَ جي رتبي تي ڏسڻ ٿي چاهي. پنهنجي ماءُ جي پياري پٽ سراج لاءِ هوءَ سڀ ڪجهه ڪري ٿي سگهي، پوءِ امان کي ڇو اهڙي پٽ لاءِ ڌيءَ جي قربانيءَ تي ڪس وٽي ايندي! پوءِ رضيه جو ڇو نه وڃي زرينه جهڙو حشر ٿئي! زرينه، زرينه مظفر جا لاڳيتي ازلي عذاب ۽ مظلوميت جو نمونو آهي. هڏي ڇڏ رضيه، ته تنهنجي زندگي اسلم سان ڪنهن به حالت ۾ زرينه جهڙي زندگيءَ کان سٺي نه هوندي.تنهنجي لاءِ آرام جو سودو آهي، ۽ زرينه لاءِ بک جو! توکي ۽ امان کي اهو احساس پوءِ هلي ٿيندو. مان توهان کي ائين نه ڪرڻ ڏيندس. ائين هرگز نه ٿيندو، هر گز نه! سمجهيؤ؟ پر مان ڇا ٿو ڪري سگهان! مون کي ڪهڙو حق آهي؟ مان هنن لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟ پڙهي، هنن کي ڪمائي ڪارائيندس؟ ها، مون کي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو ئي پوندو! پر ان ۾ به وقت لڳندو! تيستائين ڇا ٿيندو؟ مان پاڻ هنن جي آسري تي پيو لڳندس؟ ان عرصي ۾ ته امان به جهور ٿي ويندي. قرض وڪوڙي ويندن! بڪان ڪاٽي رضيه جو به الائي جي ڇا حال وڃي ٿيندو؟”

هي سوال هر هر پڇي، هو پاڻ کي وڏيڪ پيڙا ۾ وجهي رهيو هو، ۽ گڏوگڏ هڪ سوڪائي ۽ سرور به محسوس ڪري رهيو هو. اهي سوال ڪي هن لاءِ نوان نه هيا. گذريل ڪيتري عرصي کان هو انهن سوالن سان خوابن جا محل اڏي پنهنجي دل وندرائيندو ۽ ذهن پريشان ڪندو پئي آيو. پر ماڻس جي خط هن کي ڪجهه وڌيڪ ڳنڀير ٿي انهن سوالن جي جوابن سوچڻ لاءِ آماده ڪيو هو. هن کي هاڻي ڪو فيصلو ڪرڻ گهربو هو. جلد هڪدم بنا ڪنهن وڌيڪ وقت وڃائڻ جي. بهرحال هن کي فيصلو ڪري ڪونه ڪو عمل اختيار ڪرڻو هو، يا .... ”سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڳالهه تان هٿ ڪڍڻ گهرجي!" هن رڙ ڪئي، "ٻين جي ٽڪرن تي ڪِري، آرام پسند ۽ سست زندگي گذارڻ گهرجي؟ پيار، زندگي ۽ عمل سڀ ڇڏي ڏجن!"

• "توهان ٺي ٻڌايو، جڏهين ٻيو ڪو چارو نہ هجي، تہ ماڻهو ڪاڏي وڃي؟" مظفر جو ڪيل سوال اوچتو هن جي ذهن ۾ پيهي ويو. "هر ماڻهوءَ لاءِ ڪا نہ ڪا راهہ هئڻ گهرجي"......... هن جو خيال ڪالهہ واريءَ ڳالهہ ۽ ارادي ڏانهن ڪچي ويو. هن اهو سوال ۽ خيال وساري ڇڏيا هئا. اهو سوال ڪو ڪالهوڪو ڪونہ هو. گذريل ڪافي عرصي کان اهو خيال بہ ٻين خيالن جيان هن جي ذهن ۾ پريشاني ۽ مونجهارو پيدا ڪري رهيو هو. هن کي پنهنجي وجود جو احساس ٿيڻ لڳو، هن جي دل ۽ دماغ تي هٿوڙا لڳڻ شروع ٿيا. اکين اڳيان اونده ڇانئجي ويس. هن چوطرف ڪنهن اهڙيءَ جاءِ لاءِ ڳولائو نگاهن سان نهاريو، جتي ويهي هو جهٽ ساهي پٽي سگهي. هو بندر روڊ تي گهمي رهيو هو، ڪائنس ٿوري فاصلي تي ٺي درياءَ جي ڪپ تي هڪ باغ هو. هو ان طرف وڌيو. اڃا ڪي قدم ٺي مس هليو تہ اڳيان هڪ عورت کي باغ طرف ويندو ڏٺائين. هو هميشہ رستي تي ماحول کان بي نياز ٿي گهمندو هو. پر هن عورت ۾ اهڙي شئي نظر آيس. جنهن سندس خيال پاڻ ڏي ڇڪائي ڇڏيو. هن جي دل ۾ خواهش پيدا ٿي تہ هو ان عورت کي ويجهو وڃي ڏسي ۽ سندس ان جاذبيت جو سبب معلوم ڪري. عورت جوان پئي نظر آئي. ڪارو برقعو پهريل هوس پر ان جو روءِ بند مٽي ڪچيل هو. ڪيس ڪپڙا چڱا پر بي ترتيبيءَ سان پهريل هئا. سٿڻ جا پاچا ڦريل هيس. قميص ابتي اوڙيل هئس. رئو ڪنڌ ۾ ائين لڙڪي رهيو هوس جو ان جي هڪ ڪنڌ سڄي پير جي ڪڙي سان پئي گسي. هلڻ ۾ ڦيڙ ڪائي رهي هئي. باغ ۾ پهچي هوءَ هڪ بينچ تي ويئي، ۽ چنگھ چنگھ تي چاڙهي ٽيڪ ڏئي اهلي پئي. سراج سندس سامهون واري بينچ جي هڪ ڪنڌ تي ويهي رهيو. ۽ غور سان هن جي چهري ۾ نهارڻ لڳو. هوءَ ١٥- ١٦ سالن جي ڇوڪري پئي لڳي. هن محسوس ڪيو تہ هوءَ پيٽل هئي. هن کي ان تي پهريان تہ ويساهہ ٺي نہ پئي آيو. پر جرأت ڪري هو سندس پرسان وڃي لنگهيو ۽ جهڪي بوءِ محسوس ڪيائين. سندس منهن سهڻو ۽ سنهڙو هئو ۽ وار ڪارا هئس. هوءَ نشي ۾ اهو احساس بہ وڃائي ويٺي هئي تہ هوءَ ڪا پبلڪ پارڪ ۾ ويٺي هئي. سراج وينو نہ، پر تعجب ۾ بيٺو هن ڏانهن نهاريندو رهيو. ان وقت منجهند جا ٻہ وڄڻ وارا هئا، ۽ سمورو باغ ۽ رستا سڃا سڪٽا پيا هئا. پر ان ئنهڻ اُس ۾ بہ هن هڪ نوجوان کي باغ جي ٻاهران نٽ فاٽ تي بيٺو ڏٺو، جو هنن ٻنهي ڏانهن گهوري نهاري رهيو هو. هو ٽيهارو کن سالن جو بت ۾ پريل نوجوان هو، ۽ ڪيس شوخ رنگن واري ٽيڊي ڊريس پهريل هئي. هن بہ شايد ڇوڪريءَ کي باغ ۾ ويندو ڏٺو هو ۽ ڪڍ لڳو هوس. پر سراج کي ڪباب ۾

هڏي بڻجندو ڏسي، هن جي ٽري وجڻ جي انتظار ۾ ٻاهر ئي ويهي رهيو هو. سراج به سندس نيت تاڙي ويو. سندس دل ۾ ان جوان کي خوار ڪرڻ جي زوردار خواهش پيدا ٿي. هن وڏي رڙ ڪري چيس.

"اتي ڇو ويٺو آهين؟"

"ڇو؟ پٺهين جو باغ آ؟"

"ڇوانءِ ٿو تہ شرافت سان هتان هليو وڃ"

"نہ تہ، تون ڇا ڪري وٺندين؟"

سراج جوش ۾ مکون پيکوڙي باغ کان ٻاهر نڪتو ۽ جوان تي جلهه ڪري ويو. اڃا هنن پاڻ تي هڪ ٻہ هٿ بہ نہ هلايا هوندا، جو ڪنهن پويان اچي سراج جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. ڪنڌ ورائي ڏٺائين تہ هڪ پوليس وارو بيٺو هيو. هن کي ڏسي ٽيبڊي جوان رستي جي ٻي پاسي هڪ گهٽيءَ جي موڙ وٽ وڃي بيهي رهيو. پوليس واري کي ٻانهن کان وٺي هو باغ ۾ ڇوڪريءَ وٽ وٺي آيو.

"هيءَ ڏس، ويچاري هتي اچي پئجي رهي آهي. ڪا پيشہ ور ٿي نظر اچي. ڪنهن زور سان پياريو بہ اٿس، ۽ ڪم لٿي وري ٻاهر ڪڍي ڇڏيو اٿس. منهنجي آڏو باغ ۾ آئي، ۽ اهو ٽيبڊي بہ ڪڍ پيو اٿس. ويچاري الائي ڪير آهي؟ الائي ڪنهن غريب سان دوکو ڪيو آهي؟ هڪ هنڌان جان بچائي اٿائين تہ وري اهو مردود ڪڍ پيو اٿس. ويچاريءَ کي خدا بچائي."

پوليس واري ڪنڌ جهڪائي غور سان ڇوڪريءَ کي ڏٺو، "ويچاري اڃا ٻار آهي. ضرور ڪنهن ساڻس زيادتي ڪئي آهي. ٻڌ تہ! ٻڌ تہ!" هن ڇوڪريءَ کي ڪلهي کان لوڏيندي چيو، "ڪير آهين؟ ڪٿان آئي آهين" پوليس واري ڪانئس پڇيو، پر ڪو جواب نہ مليس.

"هو ڏسو!" سراج ٻاهر اشارو ڪندي چيو، "بدمعاش وري هيڏانهن پيو اچي. اسان کي ڪيس سنت ئي گهر پهچائڻ گهرجي. هي وٽ، ڪا بگي پڪڙ تہ ڪٽي هلونس." هن ڪيسي مان ڪجهہ ريجو ڪڍي پوليس واري کي ڏيندي چيو.

"هوش ۾ آ، هوش ۾ اءِ!" پوليس واري پئسا کيسي ۾ وجهندي ڇوڪريءَ کي وري لوڏيو. مان ٽانگو ڪري ٿو اچان. توکي گهر پهچائيندس. ڪاٿي ٿي گهر؟ ڪنهن جي ڌيءَ آهين؟"

"ڇڏي ڏي! مونکي نہ ڇڏيندا، مون کي نہ ڇڏيندا." ڇو ڪريءَ ٻٽڪيو ۽ هوا ۾ هٿ لوڏيا.

"اف! دنيا ۾ ڇاڇا نٿو ٿئي!" پوليس واري ٿڌو ساهہ ڀري چيو، "ويچاريءَ سان ڪيڏو نہ ظلم ڪيو اٿاوَن. شال خدا جي ڪا مار پوندن. (سراج سان مخاطب ٿيندي) تون ڪٽي نہ ڪرمان پاڻهي هن کي گهر پهچائيندس."

چوڪري کي پاڪر ۾ ڪري، هو باغ کان ٻاهر نڪتو. پريان بيٺل ٽيڪسي ۾ هن ڏي وڌڻ لڳو. سراج اڪيلو باغ ۾ بينچ تي ويٺو سوچي رهيو هو.

"منهنجا ڏهه آنا به ڪٽي ويو. خبر نه آهي ته گهر به پهچائيندس الائي جي نه؟ ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه پئسا ٽيڪسيءَ کان وٺي، ان جي حوالي ٿي ڪري ڇڏيس! پر مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ منهنجو ڪهڙو واسطو؟ باقي ڏهه آنا چو زيان ڪيم؟" هو پاڻ کي بنهه ڏتڙيل محسوس ڪرڻ لڳو. هن جو دماغ ڪنهن به ڳالهه سوچڻ کان جواب ڏئي بيٺو هو. هر هر هن جي ذهن تي چوڪريءَ جي صورت پئي ابري آئي. هن ڪنڌ ڦيري ان بينچ طرف نهاريو، جنهن تي ڪجهه وقت اڳ هوءَ ويٺي هئي. "ويچاري!" هن سوچيو، "هوش ايندس ته گهر ويندي. ماڻس اها حالت ڏسي مر ڏيندس، ۽ ٿي سگهي ٿو ته گهران به ڪڍي ڇڏيس. پوءِ ويچاري پيئي دربدر ٿيندي، ۽ آخر حياتان پاريُن عورتن جي ور چڙهي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪندي. ائين چو ٿو ٿئي ...... پلا؟ جي ٿيو ته ڇا؟ ائين ته ٿيندو رهندو! چوندا آهن ته ڪو سيڪڙو عورتن جو ائين هجڻ لازمي آهي. ورنه اسان جي سماج ۾ هوند ڪابه عورت پاڪدامنيءَ واري زندگي نه گهاري سگهي. ڪهڙو نه سهڻو لفظ ايجاد ڪيو اٿاءِ-ڪو سيڪڙو، ڪو سيڪڙو! گهٽو نه! بيوقوف! نادان!"

"الائي ڪاڏي پئي ويس!" اوچتو هن کي خيال آيو. اڄ خط ملڻ سان ئي هن خيال ڪيو هيو ته رشيد سان ملي ڪيس ڪجهه ڪرڻ گهربو هو. ان سان ملڻ لاءِ ئي هو گهران نڪتو هو.

رشيد هن جو پراڻو ڪاليجي دوست هو. هو ورلي ڪنهن سان لهه وچڙهه ۾ ايندو هو. ڪنهن سان ملڻ ڪين ويندو هو، ۽ نه وري ڪنهن آئي کي ڪو چڱو آدر ڀاءُ ڏيندو هو. ان ڪري ٻيو ڪوبه هن کي ويجهو پئجي نه سگهيو هو. هو انبوهه، بحث مباحثي ۽ جلسن جلوسن کان به پري رهندو هو. اڪثر وقت پڙهڻ ۾ گذاريندو هو. ان لاءِ سندس عزت ته هر ڪو ڪندو هو، پر دوست ڪو ڪين ٿيندو هوس. غريب گهراڻي سان تعلق رکندڙ هو. پر منجهس خودي گهٽي هئي. ٻين کي هو پاڻ کان هميشه گهٽ سمجهندو هو، رتبي ۾ نه، پر علم، ذهانت ۽ ڄاڻ ۾. سراج سان هو لهي ويو هو. يا ائين ڪٽي چئجي ته هن سان هو ايترو چڪيل ۽ ڏورانهون نه هو. ان کان وڌيڪ رشيد سان رشتو رکڻ ممڪن به ڪونه هو. هو ڳنڀير نوجوان هو، ۽ سادگيءَ تائين سنئي سپاءَ وارو هو. سندس ڪردار جي اونهائي ۽ شان ان سادگيءَ ۾ ئي لڪل هو. سندس ٿورن ساٿين هن جي ان خوبيءَ کي ڄاتو هو ۽ ان ڪري ان جي ويجهو هئا. سراج به انهن مان هڪ هو. هن جي شخصيت پسند جوڳي هئي، ۽ بت ۾ چڱو ڀلو جٽيل ۽ سگهارو هو.

هڪ لڳا هڪ ٽونشي سان ٿي هڪ ٿلهي متاري پوليس واري کي سيٽائي وڌو هئائين. پيئڻ ويهندو هو تہ انت نہ هوندو هوس، ۽ جي نہ پيئي تہ مهينن جا مهينا هٿ نہ لائيس. سندس ڪردار جو ٻيو خوبصورت پهلو اهو بہ هو تہ ناڪاميءَ هن کي ڪڏهين بہ نراس يا نااميد نہ ڪيو هو. ڪهڙا بہ غير معمولي ۽ ابتر حالات هن کي اکيڙي نہ سگهندا هئا. تنهن ڪري هن جي عظمہ ۽ ارادي تي خير ڪو اثر ڪنديون هيون. پنهنجي روزگار ڳولي لهڻ ۾ حيلن وسيلن جي اڻاٺ هن ڪڏهين بہ محسوس نہ ڪئي هئي. ان وقت هن بہ پڙهائي ترڪ ڪري ڇڏي هئي، پر عارضي طور، ڪجھ پئسو ڏوڪڙ ڪمائي هن وري تعليم جاري رکڻ پئي چاهي. ڪافي وقت ٿيو جو سراج هن سان مليو هو، ۽ پوءِ حالتن سراج کي ايترو پريشان ڪري ڇڏيو جو هن سان وري ملڻ لاءِ ڪيس ڪڏهين خيال بہ نہ آيو هو. نہ وري رشيد کي ئي سراج جي جاءِ جو پتو هو، جو وڃي مليس ها. بہ مهينا ڪن اڳ ڏڳ ويندي سراج هن کي ڏٺو هو، پر ان وقت هن کي اڪيلائي گهربل هئي، جنهن هن کي رشيد ڪان لنوائڻ تي مجبور ڪيو هو، ۽ ان ڪري رستو مٽائي هو ٻي طرف هليو ويو هو. حالانڪ رشيد هن کي ائين ڪندو ڏٺو هو، پر هو بہ سندس دل جي مراد تاڙي ويو هو، ۽ هن کي ائين ڪندي ڏسي بہ ڳالھ کي ٽاري ڇڏيو هئائين.

(۵)

"ٺيڪ آ، مون کي رشيد ڏانهن ئي وڃڻو هو. ڪو ڪم يا ٽيوشن ونرائي ڏيڻ لاءِ چوڻو هو ....." سراج دل ۾ چيو. "سو جي هن مون کي ٿوري گهڻي مدد ڪئي بہ تہ ڇا؟ وڃي وڃي هڪ بہ ٽيوشن ونرائي ڏيندو ۽ ڪٿي ڪجھ رقم روڪ بہ ڪيندو مانس! پر ان مان ڇا ٿيندو؟ مون کي هاڻي اهو ڪجھ تہ نہ کپي ...... پوءِ باقي رشيد ڏانهن وڃڻ مان ڇا فائدو ......" هن نراڙ تي هٿ سان مهٽا ڏيندي سوچڻ شروع ڪيو. اوچتوئي هن جوش مان رڙ ڪري چيو، "مان رشيد ڏي ويندس، پر ..... هاڻي نہ سياڻي ويندو مانس. ان ڪم پوري ڪرڻ ڪانپوءِ، پر ڇا اهو سڀ ڪجھ ٿيندو بہ سهي؟ ڇا اهو ممڪن آهي." هو بينچ تان اٿي باغ مان ٻاهر نڪتو. هن پهريان گهر وڃڻ جو خيال ڪيو، پر ان ڪال ڪوٺڙيءَ جو تصور ايندي ئي، هن اهو ارادو لاهي ڇڏيو.

ان ذهني لوڏي هن کي ڏڪٽي ڏيئي ڇڏي هئي. سو گرميءَ هوندي بہ ٿڌ محسوس ڪري رهيو هو. هن لاشعوري طور هر شئي ڏانهن گهوري نهارڻ شروع ڪيو، تہ جيئن سندس خيال پٽڪڻ ڪان هٽي هڪ جا ٽي ڪم ڪن. پر هر

پيري هو ناڪام ٿي ٿيو. هن کي خبر ڪانه ٿي پئي ته هو ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. بندر روڊ پورو ڪري هو بئراج ايراضيءَ ۾ گهڙي چڪو هو. سامهون سکر واري پل هئي. درياءَ ۽ واهن جي ڪپن وارن باغن ۾ ننڍڙا ننڍڙا ٻار رنگ برنگي ڪپڙا پايو رنگ برنگي گلن ۾ ٽلي رهيا هئا. پر اهو سندر نظارو به هن جي نظر ۾ اچڻ سان ئي يڪدم گم پئي ٿي ويو. هن جو ذهن ڪٿي ڄمي نٿي سگهيو. پريشان خيال هئا، جيڪي هن کي اڏائيندا ٿي رهيا. هڪ هنڌ ٻيهي هن ڪيسي مان پئسا ڪڍيا ۽ ڳڻيا. پندرنهن آنا. پر هن کان اهو وسري ويو ته هن پئسا ڇا لاءِ ڪڍيا هئا. هو ان تي ئي سوچي رهيو هو ته سامهون ڏهي وڙن وارو ڏٺائين. هن يڪدم بک محسوس ڪئي. اڻ ڏهه وڙا ڪائي هن اوڳرائي ڏني، ۽ ڪجهه ٿڪ محسوس ڪيائين. اڄ هن ڪافي پنڌ ڪيو هو. رائيس ڪئنال جي ڪپ تي لهي هو بينل سرنهه جي وڻ هيٺان ويهي رهيو. چهر تي چنگهون ڊگهيريائين ته ڪجهه غنودگي محسوس ڪيائين. اتي ئي ٻانهن کنڌ هيٺان ڏيئي پاسي ڀر اهلي پيو، ۽ جهٽ ۾ ننڊ اچي ويس.

جڏهين ماڻهوءَ جو دماغ مونجهاري ۾ هوندو آهي ته هو اڪثر اهڙا خواب ڏسندو آهي جي حقيقت جي نموني هوندا آهن، يا گهڻي ڀاڱي ۾ غير معمولي حد تائين ٻنهه حقيقت وانگر هوندا آهن، ۽ انهن ۾ ڪافي حد تائين اميد کان وڌيڪ ۽ پورا تفصيل هوندا آهن. اهڙا خواب انسان جي يادگيريءَ تي پڪي طرح جڙ جي ويندا آهن، ۽ انساني ذهن تي زوردار اثر ڇڏي ويندا آهن. سراج به اهڙوئي خواب لڌو. هن خواب ۾ پاڻ کي ٻالڪپڻي ۾ ڏٺو. پنهنجي ڳوٺ جي وڏي رستي تي هو پيءُ سان هلي رهيو هو. رستو پورو ڪري جڏهين کبي طرف مڙيو ته اڳيان هڪ مڪان هو، جتي سدائين موالي ۽ نشئي شام ويلي گوڙ گهمسان ڪيون ويٺا هوندا هئا. مڪان جي پريان ئي ڳوٺ جو قبرستان هو، جنهن ۾ سندس ڏاڏي جي قبر هئي. هو هر جمعي تي پيءُ سان گڏ ڏاڏي جي تربت تي ويندو هو. اتي ڏاڏهنس جي پرسان ٻي قبر به هوندي هئي، جا سندس ڀاءُ جي هئي جو ڇهن مهينن جي عمر ۾ گذاريو ويو هو. هن اهو ڏٺو ڪونه هو. تڏهين به هر پيري هو ڏاڏي جي قبر کان ٿي ڀاءُ جي قبر تي به ايندو هو ۽ قل پڙهي دعا گهرندو هو. ان ڏينهن خواب ۾ به هن پاڻ کي پيءُ سان گڏ قبرستان ويندو ڏٺو. جڏهين هو مڪان وٽ پهتا ته ڪافي گوڙ گهمسان ڏٺائون. شمو ٽانگي وارو پنهنجي بگي جهليو بيٺو هو، ۽ سيني ماڻهن کي ان تي چڙهڻ لاءِ چئي رهيو هو. هو ميرپور کان هڪ دفعو سواري ڪٽي به آيو هو. هو نشي ۾ لڏي رهيو هو ۽ سندس گهوڙي ٿڪ ۽ گرميءَ وچان سهڪي رهي هئي.

”اچو اچو!“ هو رڙيون ڪري رهيو هو، ”مان توهان سيني کي شهر ڪٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندس."

"اڙي چريو ٿيو آهين ڇا؟ سڀ ڪيئن ڪٺي هلندين؟" مختلف آواز يڪراءِ ٿيا.

"اڇو!- اڇو!"هن چيو، "مان چوپيرو پڄائيندو مانس. توهان گهوڙيءَ جو خيال نہ ڪريو ..... مري تہ پل مري."

اٺ ڏهہ ماڻهو ٽپ ڏئي بگي تي چڙهي پيا. شموءَ رينون ڇڪيون، پر گهوڙي چوپيرو پڄڻ تہ پري رهيو، پنهنجي جاءِ تان چري بہ نہ. شموءَ پر ڪري ٽي چار چمڪيون دوناڙيءَ ۽ پيٽ جون وهائي ڪڍيس. گهوڙي بہ دفعا ڪبي ۽ سڄي زور ڏئي بگي پٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گاڏي چرڻ جو نالو ئي نہ ورتو. ويٺل ماڻهن ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو. جوش ۾ اچي شموءَ وري ڇهبڪن جي مارا ماري شروع ڪئي.

"مان بہ چڙهان؟" هڪ بيٺل جوان چيو.

"ها، ها!" شموءَ چيو، "اچو سڀ چڙهو! اڄهو ٿو توهان کي شهر پڄايان." ۽ وري هن ڇهبڪ جي لڪڻ واري پاسي سان گهوڙيءَ کي مارڻ شروع ڪيو.

"بابا! بابا!" سراج رڙ ڪري پيءُ کان پڇيو، "هن ويچاريءَ کي ڇو ٿا مارين؟"

"اهي سڀ نشي ۾ آهن، پٽ!" پٽس چيو، "هل اڳتي هل، ڇڏ رونشي کي."

شموءَ جي گهوڙي هلڻ کان جواب ڏئي بيٺي هئي. هن مڪان مان ڏنڊو ڪٺي اچي هن کي ورتو. گهوڙي ٿيڙ ڪائي ڪري پئي. هڪ دفعو اٿي هن وري گاڏي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ايتري ۾ ٺڪا هيو ڏنڊو اچي ڪرنگهي تي ٺهڪيس. ڦان ٿي بند جيان ڪري پئي. ڪنڌ ڦيري شموءَ ڏانهن ڏنائين ۽ دم ڏنائين.

"اڙي پاپي ڇو ماريسي؟" ڪنهن گوڙ مان چيو.

"منهنجي ملڪيت هئي، تنهنجو ڇا؟ پڄي ڇو نہ پئي!" شموءَ اکيون ڳاڙهيون ڪيون. مئل گهوڙيءَ ڏانهن گهوري رهيو هو. هٿ ۾ ڏنڊو جهليو هو ان حسرت ۾ بيٺو هو تہ ڪاش هو اڃا ڪيس ماري سگهي ها!

"بابا! ڇو ماريئن ويچاريءَ کي؟" هن سسڪين ۾ اچي پيءُ کان پڇيو.

"نشي ۾ آ پٽ، اچ تہ هلون." پٽس ورندي ڏني ۽ هو پيءُ جي پنيان هلڻ لڳو.

هن ساهہ کڻڻ چاهيو، هن رڙ ڪرڻ چاهي، ۽ جاڳي پيو.

هو جاڳي پيو ۽ اڃا اڃا ساهہ کڻڻ لڳو. منهن پگهر ۾ شل ٿي ويو هوس. اکيون مهٽي اٿي بيٺو. "شڪر آ، جو رڳو خواب هو." هو وڻ هيٺان ويهي رهيو ۽ اڃا ساهہ کڻڻ لڳو. "آخر اهو سڀ ڪجهہ هو ڇا؟ ڪهڙو نہ ڀيانڪ خواب هو؟"

هن پاڻ کي سخت مونجهاري ۾ محسوس ڪيو. سندس دل ۽ دماغ اونده جي پڙدن ۾ ويڙهجي ويا. "پر مان ائين ڪيئن ڪري سگهندس؟ اهو ڪم مونکان

ڪيئن ٿيندو؟ جو کھاڙي هٽي هن جو متو پچان ۽ تلف ٿوڙيان. رت ......
کھاڙي، هائي الله" هو سڪل پن جيان ڦڙڪي رهيو هو. "باقي، پوءِ هي سيڪجھ چو پيو ڪريان؟ خبر اٿم ته مان اهو ڪم نه ڪري سگھندس. پوءِ باقي پاڻ کي هلاڪ ۽ پريشان چو پيو ڪريان؟ ڪالھ ريهرسل چالاءِ پئي ڪيم؟ ڪالھ ڏاڪڻ تان لهندي ئي مون محسوس ڪيو ته مون کان اهو ڪم زور هو! پوءِ باقي اجا چا لاءِ پيو دليون هٽان. نه! نه! مان اهو ڪم نه ڪري سگھندس! نه ڪري سگھندس! پڪ نه ڪري سگھندس! پوءِ چو پيو پريشان ٿيان؟"

هو اٿي متي پل تي چڙهي آيو. جيتوڻيڪ هو ڪافي ٿڪل هو، تڏهين به ٿوري هلڻ سان هن پاڻ کي ڪجھ هلڪو ۽ تازو محسوس ڪيو. ماضيءَ جا ڳرا ۽ پريشان ڪن خيال ۽ غم هن جي دل تان لهي چڪا هئا. هن پاڻ کي چتل ۽ سڪون ۾ محسوس ڪيو. "ڪيئن نه خدا راه ڏيکاري ...... خواب ۾!" هو ڇارو حاصل ڪري چڪو هو، ان غليظ ۽ ناپاڪ خيال کان ۽ غير انساني عمل ارادي کان.

پر اڳتي هلي کي حالتون اهڙيون رونما ٿيون، جي سندس زندگيءَ جو رخ وري ان طرف موڙي ويون جتان هو جهٽ اڳ موٽي آيو هو. ان ڏينهن هو مارڪيٽ واري طرف کان گھر موٽيو. سندس اهو عمل ئي ڪيس زندگيءَ جي چڏيل موڙ تي موٽائي وٺي آيو. ان وقت سج لهڻ وارو هو ۽ دڪاندار دڪان بند ڪري رهيا هئا. ستين لڳي هو مارڪيٽ ٽپي ٻاهرين کھاڙين جي ڪئبنن وٽ پهتو. بندو کھاڙي مال به بند ڪري رهيو هو ته هڪ گراهڪ سان ڳالهائي به رهيو هو. اهو گراهڪ هو رامچند، ڪاڪي تلو ڪچند وياج خور جو پاءُ، هي به انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو.

"سياڻي ستين بجي اچجانءِ، ڪم ٿي ويندو." بندو رامچند کي چيو.

ايتري گفتگوءَ هن جي دل ۾ طوفان مچائي ڇڏيو. سيءَ جا سيسراٽ سندس رڳ رڳ ۾ ڊوڙي ويا. هن کي اوچتو سڏ پئجي ويئي، جنهن جي هن کي اميد ئي ڪانه هئي، ته تلوڪ چند جو پاءُ سياڻي ڪنهن خاص وقت تي گھر کان ٻاهر هوندو ۽ پوري ستين بجي تلوڪ پنهنجيءَ جاءِ ۾ اڪيلو هوندو!

هو پنهنجي جاءِ جي ويجھو پهچي چڪو هو، سو تکو تکو پنڌ ڪندو گھر پهتو.

هن جو دماغ بنھ خالي هو. سوچڻ لاءِ ڪا ڳالھ رهي ئي ڪانه هئي. هو ڪجھ سوچي ئي نه پئي سگھيو. هر ڳالھ اوچتو فيصل ۽ طئي ٿي چڪي هئي، جنهن جي هن کي اميد ئي ڪانه هئي.

شايد سچي عمر انتظار ڪرڻ سان به، هن کي پنهنجي رٿا کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ، اهڙي سونهري گھڙي نصيب نه ٿئي ها. بنا ڪنهن جوکي جي، پڪ سان، اهو معلوم ڪرڻ هن لاءِ مشڪل هو، ته ڪهڙي وقت ۽ ڪهڙي ڏينهن تلوڪ چند

گهر ۾ اڪيلو هوندو! پر هاڻي هو ان تڪليف وٺڻ کان ڇٽي پيو هو. هن کي اها خبر بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا ۽ جاچ جوچ جي پئجي چڪي هئي.

(٦)

پوءِ سراج کي پتو پيو تہ رامچند بندوءَ وٽ چا لاءِ ويٺو هو. ڪو ويچارو ڪلارڪ بدلي ٿي ويو هو ۽ ان پنهنجو ڪهاڙ بندوءَ معرفت وڪڻائڻ پئي چاهيو، ۽ رامچند بہ ان جي خريدارن مان هڪ هو.

گذريل سياري سندس هڪ هم ڪلاسيءَ رحيم کيس تلوڪ چند جو پتو ڏنو هو. ڇهہ هفتا اڳ هو جڏهين صفا مفلس ٿي پيو هو، تہ هن کي تلوڪ چند ياد آيو هو. هن وٽ بہ اهڙيون شيون هيون، جي هو گروي رکي پئي سگهيو. هڪ پٽس جي واچ ۽ ٻي منڊي، جا ڳوٺان هلڻ مهل پيٽس رضيہ ڇيچ ۾ پارائي هئس. سو اول اها منڊي ڪٺي هو تلوڪ چند وٽ ويو هو. منڊيءَ جا پئسا وٺي جڏهين هو هڪ هوٽل ۾ چانهن پيئڻ ويٺو هو، تہ هڪ اهڙو اتفاق ٿيو، جنهن سبب اُن عجيب خيال، جنهن هن کي ٽن ڏينهن کان پريشان پئي ڪيو، سندس دماغ ۾ اچي جاءِ ورتي هئي. هن جي پرسان ئي هڪ ٽيبل تي هڪ شاگرد ڪنهن ننڍي پوليس ڪاموري سان ويٺو ڳالهائي رهيو هو. هن پوليس واري کي تلوڪ چند جو نالو ٻڌايو ۽ ڏنڌو بہ. هن ٻڌايس تہ هو لڪا پتي هو ۽ هزارن تائين قرض ڏئي پئي سگهيو. هن کي سندس يهودي صفت کان بہ واقف ڪيو ۽ ڪيئن نہ ڳرا وياج وٺندو هو. ۽ هڪ ڏينهن دير پوڻ تي بہ ترسڻ بجاءِ مال نيڪال ڪري ڇڏيندو هو. هن کيس اهو بہ ٻڌايو تہ سندس ورتاءُ پنهنجي پاءُ رامچند سان بہ خراب هو. هو هن جو ننڍو پاءُ ۽ ساري گهر جو چرخو هلائيندو هو. ان هوندي بہ هو کيس ڪا عزت نہ ڏيندو هو. هن لاءِ زندگيءَ جو مقصد ئي رڳو هڪ هئو ۽ سو هو پئسو ڪٺو ڪرڻ. پوليس آفيسر چپ ڪيون ويٺو هن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. آخر ڪار شاگرد کيس چيو:

"هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌ! ساڀيا ۾ نٿو چوان. مڙئي دل ٿا وندرايون. آخر هو اهو سڀ ڏڪجهہ ڪري ڇا لاءِ پيو؟ اڄ مري الائي سڀان، تہ اتس ٻار نہ ڪو ٻچو، مائٽ ... بہ سواءِ پاڻس جي، هندستان هليا ويا اٿس. باقي ڇا لاءِ پيو پئسو ڪري؟"

"اها تہ خدا سمجهہ ڏيس!" پوليس آفيسر وراڻيو.

"ٻئي طرف هزارين جانيون ضايع ٿي رهيون آهن،" شاگر اڳتي چريو، "هزارين

خاندان دربدر آهن! هزارين غريب علاج کانسواءِ مري رهيا آهن! ڇا هن ٻڍي جي پئسي سان هزارين انسان نٿا بچائي سگهجن؟ هزارين گهر آباد نٿا ٿي سگهن؟ ها! هزارين نيڪ ڪم ٿي سگهن ٿا! پوءِ ڇو نہ ڪيس ماري سندس دولت سان انسان ذات جي خدمت ڪجي؟ ڇا هزارين نيڪين سان هڪ ڏوهہ معاف نہ ٿي ويندو! هن جي موت سان هزارين جانيون بچائي سگهبيون، موت کان تباهيءَ کان! هڪ موت ۾ هزارين جانيون! ڪهڙو سنئو ۽ سستو سودو آهي! هونءَ بہ هن ٻڍي جو وجود اسان جي معاشري ۾ ڪهڙي اهميت رکي ٿو؟"

"نيڪ آ، هن کي زنده رهڻ جو حق نہ آهي،" پوليس واري چيو، "پر هن کي مارڻ بہ تہ قدرت ۽ قانون جي خلاف آهي نہ!"

"آن لاءِ مان توسان، قدرت، قانون، فرض ۽ ضمير تي بحث ڪرڻ نٿو چاهيان، پر رڳو هڪ سوال ٿو پڇان" شاگرد چيو.

"پر اول، تون مون کي هڪ سوال جو جواب ڏي!" پوليس واري چيس

"چئو!"

"تون هن کي مارينديں؟" پوليس واري پڇيو.

"نہ! مان تہ رڳو ان عمل جي حق بجانب هئڻ لاءِ، دليل ڏئي رهيو هوس."

"جڏهين تون گناهہ ئي نٿو ڪرين، تہ پوءِ عذر گناهہ سوچڻ مان ڇا فائدو، ڇڏ ان ڳالهہ کي، ڪو ٻيو قصو ڪر هاڻي."

اهڙيون ڳالهيون سراج اڳ بہ ڪيترائي دفعا ٻڌي چڪو هو، سواءِ ٿوري ڦير ڦار جي. پر هن اهو سڀ ڪجهہ ان وقت ڇو ٻڌو، جڏهين خود سندس ذهن ۾ اهو ئي خيال ڦري رهيو هو، بالڪل ساڳيو! ٻڍي وٽان موٽندي هو دل ۾ اهو ڪجهہ ئي سوچي رهيو هو. اهو اتفاق هن کي هميشہ عجيب لڳندو هو. ان هوٽل جي گفتگوءَ هن جي ذهن تي گهرو اثر ڇڏيو هو. ان اتفاق ۽ اهڙن ٻين اتفاقن هن کي ڪاني سودائي ۽ وهمي بڻائي ڇڏيو هو. ان وهم ئي هن کي وري ان ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو، جنهن کان هو هڪ پيرو ارادو لاهي چڪو هو. مارڪيٽ ۾ رامچند واري اتفاق ئي هن جي سوداءَ ۽ وهم کي وري جاڳايو، ۽ هو ان طرف ذهني طور لڙي ويو. گهر اچڻ سان ئي هو کٽ تي ڪري پيو ۽ تيستائين خالي ذهن ٿيو ڇت ۾ تڪيندو رهيو، جيستائين اونده نہ ٿي وئي. هن وٽ موم بتي بہ ڪانہ هئي ۽ نہ وري گاسليٽ ئي ورتو هئائين. هو اتي در بند ڪري وري اچي سمهي پيو، ۽ اهو ياد ڪرڻ لڳو تہ هو ڇا تي سوچي رهيو هو. اهو سوچيندي ئي ڪيس ننڊ اچي وئي. گهري ۽ ڳوڙهي ننڊ.

ٻئي ڏينهن جنت زور سان در کڙڪائي کيس جاڳايو، ۽ چانهہ جي ڪٽلي ۽ مالڪن جي ٻچيل ماني آڻي اڳيان رکيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ هن کي جنت جو موجود هئڻ به نه پئي وڻيو. هن کيس هلي وڃڻ لاءِ چيو ۽ دربند کري اچي کٽ تي ويهي رهيو. هو گذريل هڪ ٻن ڏينهن جي واقعن ۽ اتفاقن تي سوچيندو رهيو. سندس خيال تڏهين ٽٽا جڏهين پيٽ ۾ بک جا وڪڙ پيس. هن برف جهڙي ڇانهه سان مانيءَ ڳيو.ڪاڏو، ۽ کٽ جي سيراندي کان رکيل گدلي وهاڻي تي ٽيڪ ڏئي اهلي پيو. اتي ئي ننڊ جو کهيرڻ اچي ويس. کهنٽا کهر ڇهن جا ٺڪاءَ هنيان ته هو ڇرڪ ڀري جاڳي پيو. "باقي هڪ ڪلاڪ!" اهو سوچي هو ٽپ ڏئي کٽ تان اٿيو. در کولي ڏاکڻ ۾ نهاريائين، اتي ڪوئي ڪونه هو. دربند کري هو پنهنجين تيارين ۾ لڳي ويو.

اول پنهنجي پراڻي قميص جي ڪالر جي پٽي ڦاڙي، هن پنهنجي پراڻي سوٽي جئڪيٽ ۾ اندران ٻنهي پچڙين وٽان سبي ڇڏي. اها هن کهاڙي رکڻ جي جاءِ ٺاهي.هن کهاڙي هٿ سان ڪٽي رستي تان نه پئي لنگهڻ چاهيو . اها کهاڙي هن مالڪ جي رنڌڻي مان هن سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي چورائي هئي. کهاڙي ننڍي ڳن سان ۽ هلڪي هئي، جا شايد گوشت وغيره جي لاءِ واپرائي ويندي هئي. هن کهاڙي ٽاڪيل پٽيءَ ۾ اٽڪائي ڏٺي ۽ صدريءَ جا ٻٽڻ بند ڪيا. هن هٿ لائي ڏٺو، کهاڙي بالڪل ٺيڪ طرح رکجي ويئي هئي. ان بعد هو سگريٽ ڪيس ناهڻ ۾ لڳي ويو. هڪ سخت ڪاٺ جو ننڍو ٽوٽو ڪٽي، هن اڇي ۽ نئين ڪاغذ ۾ ويڙهيو ۽ ان جي مٿان ڌاڳا ويڙهيا. هٿ ۾ ڪٽي وزن جو اندازو ڪيائين. وزن عام رواجي سگريٽ ڪيس جيترو معلوم ٿيس. اهو به صدريءَ جي کيسي ۾ وجهي هو چپ چاپ ٻليءَ پير، ڏاکڻ تان هيٺ لهي آيو.

هو رستي تان هوريان ۽ بي پرواهيءَ جي ڏيکاءَ سان هلڻ لڳو. اجائي شڪ شبهي جي امڪان کي ٽارڻ لاءِ، هو ايندي ويندي جي منهن ڏانهن ڏسيءَ اک سان نهاري رهيو هو. اوچتو هن جي نظر پنهنجي ڪٽل بوٽ تي پئي. "کهڙو نه چريو آهيان، ڪالهه پئسا مليم ته بوٽ به نه ورتم." پاسي ۾ هڪ دڪان تي لٽڪيل کهڙيال ۾ هن ٽائيم ڏٺو. ست لڳي ڏهه منٽ ٿيا هئا. هن وک وڌائي ڇڏي. اڃا وڪڙ ڪائي ڪيس تلوڪ جي جاءِ تي پهچڻو هو. هن مارڪيٽ واري پاسي بجاءِ کهٽي طرف کان وڃڻ پئي چاهيو، ڇو جو ات سڃ هوندي آهي.

هن کان اڳ جڏهين هو ان ڳالهه تي سوچيندو هو ته ڏکي ويندو هو. پر اڄ هن کي رتيءَ برابر به ڀؤ نه پئي ٿيو. هن جي ذهن ۾ هاڻي ٻيا مختلف خيال پئي آيا ويا، - پنهنجي مستقبل بابت! هو کهٽيءَ جي منهن وٽ پهتو ته کهڙيال جو هڪ جو ٺڪاءُ ٻڌائين. "اڙي! ساڍا ست به ٿي ويا!"

خوش قسمتيءَ سان هن کي در وٽ به آساني ٿي پئي. ان وقت در وٽ ڪا ترڪ بيٺي هئي، جنهن تان سامان لهي رهيو هو. هو ان جي اوٽ ۾ در کان اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخل ٿيو، ۽ ڪنهن جو ڏيان ڏانهنس ڪونہ ڇڪيو. ڏاڪڻ ۾ پهچي هن هڪ دفعو ڪهاڙي کي هٿ لائي محسوس ڪيو. اها ٺيڪ جاءِ تي ٺيڪ پئي هئي. ڏاڪڻ بہ سڄي سڄي لڳي پيئي هئي. ٻيءَ ماڙ وٽ در کليو پيو هو، جنهن ۾ بہ مزدور هن جي اڳيان سامان کڻي اندر ويا هئا. انهن جي نظر کان بچندو، هيڏي هوڏي واجهائيندو، هو چوٿين ماڙ تي پهتو.

سامهون ٿلهوڪ چند جي جاءِ جو دروازو هو. ان جي سامهون واري جاءِ خالي هئي، ۽ ان جي هيٺان واري جاءِ بہ خالي هئي. جهٽ ٻهي هن ڪن ڪڙا ڪيا. ڪٿان بہ ڪو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيو. هن هڪ دفعو وري ڪهاڙيءَ کي هٿ لائي ڏٺو. دل ٻڌي، وڌي، هن دروازي جو ڪنڊو کڙڪايو. اڌ منٽ رکي وري کڙڪايائين، پر ڪجهہ زور سان. ڪو جواب ڪونہ آيو. ڪراڙو اندر هو، پر پنهنجي شڪي ۽ ڏڄڻي طبيعت سبب شايد دروازو نہ پئي کوليائين. سراج وڌي ڪن در سان لاتو. هن محسوس ڪيو تہ ڪو اندر در وٽ ڪڙي ۾ هٿ وڌيون ڪنائي رهيو هو. هن ٿورو پوئتي هٽي، ٿوري پڻ پڻ ڪئي- ڪراڙي کي اهو احساس ڏيارڻ لاءِ تہ هو پنهنجو وجود لڪائي نہ رهيو هو. هن وري ٺيون دفعو ڏيرج سان ۽ شائستہ نموني در کڙڪايو ...... جهٽ کان پوءِ هن اندران ڪڙي لاهڻ جو کڙڪو ٻڌو.

(٤)

ساڳئي ئي نموني در کليو. وٺيءَ مان ٻن اکين شڪ جي اظهار سان نهاريو. ان وقت سراج کان هڪ پل ٿي. اهو سوچي تہ متان ٻڍو ڏڄي دروازو نہ کولي، هن ڪڙي کان وٺي دروازي کي پاڻ ڏي ڇڪيو. ٻڍي در جو تاڪ نہ ڇڏيو ۽ سٽ سان ٻاهر نڪري آيو. سراج يڪدم اندر ڏوڪي ويو، ۽ ٻڍي جي احتجاج تي ڪو ڏيان نہ ڏنو.

"نياز ٽئي ڪاڪا!" هن زبان ۽ لهجي تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر آواز سندس ساٿ نہ ڏنو، "مان آيو آهيان ...... ڪا شئي آندي اٿم ...... اچ تہ اندر هلي ڏسون .... روشنيءَ ۾ ....." ٻڍو بہ هن جي ڪڍ اندر ڳهلبو ويو. هن جي زبان بدستور هلي رهي هئي." خدا جابندا! اهو چاهي؟ اهو چاهي؟ ڇا ڪپيئي؟"

"تئو سڃاڻين ڇا؟" مان سراج آهيان ...... ڪالهہ توسان وعدو ڪيو هوم نہ........ ...... اچ اها شئي کڻي آيو آهيان!" ائين چئي هن اها شئي کيسي مان ڪڍي ٿلهوڪ چند کي ڏني. ٻڍي پاڪيٽ وٺي ان کي گهوري ڏٺو ۽ وري اکيون کڻي سراج ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيون. هن جي اکين ۾ بي اعتمادي، پڻ ۽ هورا کورا هئي. سراج موقعي جي نزاڪت سمجهي هن تي رعب رکڻ لاءِ چيو.

”ڪپيئي تہ ڪڻ! نہ تہ موٽائي ڏينم تہ بہ ڪنهن ڏانهن وڃان. مون کي تڪڙ آهي.“ زبان ۽ آواز سراج جو ساٿ ڏنو ۽ يڪدم ہڏي جي حالت معمول تي اچي ويئي.

”پر تون پيلو چو تي ويو آهين؟“ تلو ڪ چند چهري ۾ نهاريندي چيس.

”بک ۾ ماڻهو پيلو نہ ٿيندو تہ ڇا ڳاڙهو ٿي ويندو؟“ سراج وراڻيو.

”هن ۾ ڇاهي؟“

”چانديءَ جو سگريٽ ڪيس“ سراج دريءَ ڏانهن منهن ڪندي وراڻيو.

پاڪيٽ کولڻ لاءِ ہڏو وڏي دريءَ وٽ روشنيءَ تي ويو، ۽ سراج کي پٺ ڏئي ان کي کولڻ لڳو. سراج صدريءَ جا بٽڻ کولي، کهاڙي ڪڍي هٿ ۾ جهلي. ”کهڙو نہ سک ڪري ہڏو اٿائين!“ ہڏي چيو ۽ ڪنڌ ڦيرائڻ جي ڪيائين. سراج وجهہ ڏسي ہنهي هٿن سان پر ڪري کهاڙي پاهائين هن جي اگهاڙي گنجي مٿي تي ٿهہ ڪري ڏني. هو هلڪي رڙ ڪري زمين تي ڪري پيو. سراج وقت وڃائڻ مناسب نہ سمجهي ہہ پاهاوان ہيا ڏک هن جي ڪپراٽيءَ تي وهائي ڏنا. کهاڙي پر ۾ رکي هن هوشياريءَ ۽ خبرداريءَ سان، هن جي کيسي جي تلاشي ورتي، ۽ چاٻين جو ڇڳو ڪڍي ٻاهر ڪيو. ان وقت الائي جي ڪٿان هن ۾ ڦڙتائي ۽ چالاڪي اچي وئي هئي. هن سمجهي ورتو تہ ہڏا ماڻهو ڪٿ هيٺان ئي پيٽيون رکندا آهن. هن يڪدم پر واري ڪمري ۾ وڃي ڪٿ هيٺان پيل پيٽي ريڙهي ٻاهر ڪڍي. وڏي چاٻي وجهي ان جو قلف کوليائين. اوچتو هن جي ذهن ۾ وري مونجهارو پيدا ٿيو. پر هاڻي ڳالهہ مونڻ کان وڌي چڪي هئي. هو پاڻ تي ٿورو ڪليو ۽ پيٽيءَ جي ڍڪ لاهڻ لاءِ هٿ وڌايائين. ان وقت هن کي وهم ٿيو تہ ہڏو مٿان اچا جيئرو هجي؟ پيٽي اٿين ئي ڇڏي هو وري ان ڪمري ۾ موٽي آيو. اطمينان ڪري موٽڻ وارو هو تہ سندس نظر ہڏي جي ڳچيءَ ۾ پيل سوني سڳي تي پئجي ويئي. هن اهو لاهي کيسي ۾ وڌو ۽ کهاڙي کڻي وري اندر هليو ويو. هن پيٽي کولي. مٿان ڪپڙا پيل هئا، ۽ هيٺان پيٽي ڪيترن ئي ٿپڙن سان پري پئي هئي- کهڙيون، سونا زيور، چانديءَ جا ڳهہ ۽ وغيره وغيره. هن تڪڙو تڪڙو پينٽ ۽ جئڪيٽ جا کيسا انهن سان پرڻ شروع ڪيا. اوچتو هن پر واري ڪمري ۾ قدمن جا آواز ہڌا! هن جي لونءَ ڪاندارجي وئي. وري ماٺ تي وئي. شايد هن کي وهم ٿيو هوا پر پوءِ وري هڪ دہيل ۽ هلڪي چيخ جو آواز ٿيو، ۽ پوءِ سانت ٿي وئي. هو ٽپ ڏئي اٿيو ۽ کهاڙي کڻي ڪمري کان ٻاهر نڪري آيو.

ٻاهرين ڪمري جي وچ ۾ رامچند ڪچ ۾ هڙ جهليو، وائڙو وائڙو، پيت بڻيو

پاڻ جي لاش ڏانهن تڪي رهيو هو. سراج کي ڏسي هو ڪمبي ويو. هن ٻانهن مٿي ڪئي، وات پٽيو، پر رڙ نه ڪري سگهيو. سراج ڪهاڙي هٿ ۾ ڪٽي هن ڏي وڌيو، هو هٿ منهن آڏو ڏئي وڪ وڪ پوئتي پٽ طرف هٽڻ لڳو. سراج ٽپ ڏئي ٻه هٿياڙي ڪهاڙي ڪيس ٺهڪائي ڏني. سندس مٿو ڪاڏيءَ تائين ٻه اڌ ٿي پيو ۽ پاڙون ڪاڌل ٽڙ جيان ٺهڪو ڪائي پٽ اچي پيو. سراج ڪهاڙي ڪٽي نڪرڻ واري در طرف وڌيو.

ٻئي قتل ڪان پوءِ هن تي حراس ۽خوف طاري ٿيڻ لڳو هو. هن ستت ئي ان جاءِ مان نڪري وڃڻ پئي چاهيو. هن جو دماغ نستو ٿيندو پئي ويو. هو اهو سوچي نه پئي سگهيو ته ڪيس ڇا ڪرڻ گهربو هئو، نڪري وڃڻ يا اتي ترسڻ . هو خواه مخواه وقت وڃائڻ لڳو. بيڪٽريل دروازو ڪنڌي هو وري اندر آيو. در جي پرسان ئي رڌڻو هيو. هو ان ۾ ويو. اندر چلھ تي پاڻيءَ جو ٽين ڪوسي ٿيڻ لاءِ رکيو هو. هن پاڻي ڪٽي پهريائين پنهنجا هٿ ڌوئي صاف ڪيا. پوءِ ڪهاڙي ۽ ان جي ڳن تان رت جا داغ ڌوتا. بوٽ تي رت جا ٽيپا نظر آيس، اهي به ڌوئي صاف ڪيائين. ٺيڪ ٺاڪ ٿي هو در وٽ آيو. در ڪولي ڏٺائين. ڪو ڪونه هو. هو جهٽ ٻيهي ڪنائڻ لڳو. هن هيٺين منزل جي ڏاڪڻ تي ڪي آواز ۽ ٺڪاءَ ٻڌا. هو ماٺ ڪري ٻيٺو تان جو وري سانت ٿي وئي. هو نڪرڻ وارو ئي هو جو ٽين ماڙ تان در کلڻ ۽ بند ٿيڻ جو آواز ٻڌائين. هن در بند ڪري ڇڏيو ۽ وري ٻيهي انتظار ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ ڏاڪڻ تي آواز ٿيا. هن اندازو لڳايو ته ڪو مٿين منزلن طرف اچي رهيو هو. قدم ڳورا ۽ زوردار هيا. پهرين ماڙ پوري ڪري ٻينءَ تائين اچي چڪا هئا، ۽ پوءِ ٽين ماڙ طرف وڌيا. "هو هيڏي ٿو اچي!" اهو سوچي هو پٿر ٻڻجي ويو. جڏهين آواز چوٿين ڏاڪڻ تي پهتا ته هن يڪدم در جا ڪڙا ڪنيا بند ڪري ڇڏيا، ۽ ٿورو هٽي ٻيهي رهيو. ماڻهو در وٽ پهچي چڪو هو. هو ڪو ٿلهو متارو پئي لڳو، ڇو جو سندس سهڪڻ جا آواز صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيا. ملاقاتي ڪڙو ڪڙڪايو. سراج جو اڌ ساه ڇڏائي ويو. وري ٻيهر ۽ ٽيهر در ڪڙڪيو. آخر جواب نه ٻڌي ملاقاتي زور سان لوڏي ڌوڏي در ڪڙڪائڻ شروع ڪيو. سراج سوچيو ته جي اهڙا ٽي چار ڌڪا ٻيا آيا ته پراڻو ۽ ڪنيل ڪڙو ٺڪاءُ ڏئي ٻجي پوندو. ملاقاتي جهٽ ساهي پٽي، وري در ڪڙڪايو ۽ رڙ ڪئي.

"سمهي پيئو ڇا؟ ڪهڙي موت ورتؤ؟ تلوڪ، او رامو، در لاهيو!" ان وقت ڏاڪڻ تي ٻين قدمن جو به آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جي در وٽ اچي ختم ٿي ويا.

"رام، رام، سڳن! ڇو در ٺٺا ڪولن ڇا؟" نئين آيل همراه ڇيو.

"رام، رام، ڪاڪا ورند! الائي ڇو؟ ڪاڏي هليا ته نه ويا آهن؟"

"وڃن ها ته در اندران ڇو بند ڪن ها؟ ضرور اندرئي هوندا."

"ٺيڪ آ! ڪونه ڪو ضرور اندر هوندو!" ائين چئي ٿلهي ماڻهوءَ وري در لوڏڻ شروع ڪيو.

"جهل يار!" نئين آيل چيو، "ضرور ڪا ڳڙ ٻڙ ٿي ڏسجي. هيٺان هلي پاڙي

وارن کي بہ ونئي اچون تہ چڱو!"

"چڱو، هل تہ هلون." پهرين وراڻيو.

"نہ، تون اتي ترس، مان وڃي ونئي ٿو اچان." ۽ هو هيٺ لهڻ لڳو.

سراج ٻئي هٿ کهاڙيءَ ۾ وجهي تيار ٿي بيٺو هو. هن جي ذهن ۾ رڳو هڪ ئي خيال هو، تہ هو پٺيان وڃي، پوءِ ڪٽي ڪيترا بہ خون ڇو نہ ڪرڻا پونس. سڳن کا گهڙي ورند جو انتظار ڪندو رهيو. پر جڏهن ورند ورڻ ۾ دير ڪئي تہ هو وياڪل ٿي ويو. "الائي ڪٿي وڃي مئو، ڏيجان اهو بہ!" هن چيو، ۽ پوءِ هن جي ڳولا ۾ ڏاڪڻ لهڻ لڳو.

سراج يڪدم در کولي ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر کا پهر ڪانہ هئي. بلڪل سانت لڳي پئي هئي. بہ ڏاڪڻيون لهي جڏهين هو ٻين ماڙ تي پهتو تہ هن هيٺان آواز ٻڌا. "هائي الله! هاڻي ڪاڏي وڃان؟ ڪيئن ڪريان؟" هو وائڙو ٿي هيڏي هوڏي نهارڻ لڳو. سامهون هڪ دروازو کليو پيو هيو، ۽ اندر سرون ۽ مزدورن جو سامان پيو هو. شايد جاءِ جي مرمت ٿي رهي هئي، ۽ مزدور ڪم تان لهي چڪا هئا. هن يڪدم اندر ڊوڙ پيري ۽ در ٻيڪڙي بيهي رهيو. آواز مٿي ايندا ويا ۽ آخر ٻي ڏاڪڻ ٽپي، ٽينءَ تي وڃي پهتا. هن در کوليو ۽ چپ چاپ هيٺ لهڻ لڳو. هيٺ ڪو ڪونہ هو. هو ماٺ ۾ ڏاڪڻ اڪري ڪهڻيءَ ۾ وڃي پهتو. هن سوچيو، "هو ڪمري ۾ پهچي چڪا هوندا. لاش ڏٺا هونداؤن، ۽ يڪدم لهي هن جي ڳولا ۾ ايندا. "هن کي ڊڪڻ گهرجي؟ نہ! هن کي کهاڙي ڦٽي ڪرڻ گهرجي؟ نہ! ٽانگو ڪرڻ کپي؟ نہ! "هو ڪهڻي اڪري اچي روڊ تي چڙهيو، ۽ پاڻ کي گهڻو سلامت محسوس ڪيائين. آمدورفت ۽ ماڻهن جي ڳپاڳيهہ ۾ ملي جلي هو پنهنجو وجود وڃائي ويٺو. سولي رستي کان گهر وڃڻ بجاءِ، هو وڪڙ ڪاٽي، بند روڊ کان ٿي گهر وڃڻ لڳو. جيئن جيئن هو اڳتي ويندو پئي ويو تيئن تيئن هو بي خوف ٿيندو پئي ويو. هو ائين بي خبريءَ ۾ گهر وٽ وڃي پهتو. جڏهين اڏ ڏاڪڻ چڙهي ويو تہ کهاڙيءَ جي يادگيري پيس. کهاڙي موٽائي رکڻ بہ هن لاءِ هاڻي مسئلو ٿي پيو. پهريان سوچيائين تہ رات جو درياءَ مان هيٺ اڇلائي ڇڏيندو. پر پوءِ اهو خطري کان خالي نہ سمجهي، هو اڏ ڏاڪڻ تان هيٺ لهي آيو. مالڪڻ جي رڌڻي جو در ڪليل هئو، جنت اتي ڪانہ هئي. موقعو ڏسي، هن يڪدم کهاڙي ڪيدي چلهہ پويان اڇلائي ڇڏي. ڏاڪڻ چڙهي هو پنهنجي ڪمري ۾ پهتو، ۽ صدريءَ سوڌو ئي ڪٽ تي ڪري پيو- هن کي ننڊ نہ آئي، هو بي سرتيءَ ۽ خود فراموشيءَ جي گود ۾ هليو ويو. ڪيئي عجيب و غريب ۽ وکڙيل خيال هن جي ذهن ۾ جاءِ ونڻ لڳا. هو ڪنهن بہ خيال تي هڪ مهلو يا هڪجا سوچي نہ پئي سگهيو. پنهنجي ڪيتري ڪوشش جي باوجود بہ هو ائين سوچ کي سنئين دڳ نہ لائي سگهيو.

پاڳو پيون

ان رات هو ڏاڍو ستو. ڪڏهين ڪڏهين اک کليس پئي ته اونده ڏسي وري ٻوٽي پئي ڇڏيائين. آخر رستي تان وڏندڙ ٽرئفڪ جي شور تي هن جي اک کلي. دري کولي ڏٺائين ته سامهون ٽاور جون سيون پارنهن وڃائي رهيون هيون. هو ويهاڻو پٺ سان لائي، ان تي ٽيڪ ڏئي، کٽ تي اهلي پيو. جو ڪجهه ٿي گذريو هيو، تنهن تي خيال ڪيائين .سڀ واقعا وڄ جيان چمڪاٽ ڪري هن جي سامهون اچي بيٺا.

سيءُ جون سٽون سندس رڳ رڳ ۾ ايري آيون. گرميءَ هوندي به هو ڪنبڻ لڳو. هن در ڏانهن نظر ڪئي. اهو رڳو ڀيڪڙيو پيو هو. هو سوچڻ لڳو ته هو ڪهڙو نه پاڳل هيو جو رات جو اندر اچي در به بند نه ڪيو هيائين. جي ڪو اچي وڃي ها ته پوءِ؟ هو ٽپ ڏئي اٿيو ۽ وڃي يڪدم اندران در بند ڪري ڇڏيائين. موٽي کٽ تي ويهي هن پنهنجو پاڻ تي نظر وڌي. سڀ ڪپڙا ڏاڍو ڏاڍو ڪري ڏٺائين. پر سواءِ پينٽ جي پاڇي جي مٿان رت جي هڪ داغ جي ٻيو ڪجهه به نظر نه آيس. هن هٿ جي مهٽي سان ان داغ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اهو نه لٿو. چاقو کڻي هن ڪرچي ڪرچي اهو داغ لاٿو، جنهن ڪري ان جاءِ تي سنهو ٽنگ ٿي پيس. اوچتو هن جو هٿ کيسي کي لڳي ويو. رات وارا سڀ سامان سندس کيسي ۾ پيا هئا. هن تڪڙو تڪڙو سڀ سامان ڪڍي هڪ پراڻي اخبار ۾ ويڙهيو، ۽ مٿان سوٽلي ٻڌي بنڊل جي صورت ۾ ٺاهيائين. ڪرسي ريڙهي پٺ سان رکي، ان تي چڙهي، هن بنڊل ڇت جي هيٺان واري هڪ جاري ۾ رکيو، ۽ مٿان پراڻيون اخبارون ڍير ڪري رکيائينس. هن کي ڪجهه اطمينان ٿيو ته هن سڀ اهڃاڻ ختم ڪري ڇڏيا هئا. هو ڪرسيءَ تي ويهي وري هڪ دفعو پاڻ تي سرسري نظر وجهي ويو. هن کان ڇرڪ نڪري ويو. هن يڪدم جئڪيٽ لاهي اُن ۾ لڳايل پني، ڪهاڙي رکڻ واري، پٽي ڦٽي ڪئي، ۽ بيهي پسار ڪرڻ لڳو.

اوچتو هن کي وهم اچي ورتو ته سندس سڀ ڪپڙا داغي هئا، جي هو ڏسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ پئي سگهيو. ڇو جو هو سالم دماغ نہ هو....... اوچتو سوچيائين تہ ٻنهي تہ رت هاڻو هو، جو هن آلوئي ڪٽي ڪيسي ۾ وڌو هو. تنهن جي معنيٰ تہ ڪيسو بہ رت هاڻو ٿي ويو هوندو! هن يڪدم ڪيسو اٿلائي ٻاهر ڪڍيو. واقعي رت جا داغ لڳل هيس! ”تنهن جي معنيٰ تہ اجا هوش نہ وڃايو اٿم! اها رڳو وقتي ڪمزوري آهي! ڪيئن نہ يادگيري پئجي ويم!“ هن سوچيو، ۽ يڪدم ڪيسو ڪٽي، پرزا پرزا ڪري ڇڏيائين. اٿين ٿي پسار ڪندي هن جي نظر ٻوٽ تي پئجي وئي، جنهن تي ان وقت دريءَ ڪان ايندڙ اُس پئجي رهي هئي. ٻوٽ تي رت جا داغ هيا. هن پاڇو مٽي ڪيو تہ پراڻا جوراب بہ رت جي سنهن سنهن ڇنڊن سان ڀريل هئا، جيڪي رڳو تمام ويجهي ڪان نظر اچي رهيا هئا. هن چاڪوءَ سان ٻوٽ جا داغ ڪرڇيا، ۽ جورابن جي فڪر ۾ پئجي ويو. پٽ تي پٽريل ڪپڙن جا ذرڙا بہ هن کي پريشان ڪري رهيا هئا. اول سوچيائين تہ سيني کي ڳڏي تيلي ڏئي ڇڏي. پر اُن مان بانس جو پوڻ ٿيس. هن ستت ئي بنا دير جي اهي سڀ ڪٽي وڃي ٻاهر ڦٽي ڪرڻ چاهيا. هن سڀ ڪپڙن جا ٽڪرا ۽ جوراب ڪيسي ۾ وڌا ۽ ٻاهر وڃڻ جي ڪرڻ لڳو، تہ ڪنهن در ڪڙڪايو. هو ساعت ٻت ٻڻيو ٻيٺو رهيو. در ٻيو دفعو ۽ ٽيون دفعو ڪڙڪيو، پر هو وک نہ اڳتي وڌيو.

”در لاهہ! جيئرو آهين يا مري وئين؟“ جنت جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”متان گهر ۾ نہ هجي.“ هڪ مڙداڻو آواز آيو.

”اهو تہ گامڻ سپاهي جو آواز آهي،“ سراج سوچيو، ”هاءِالله! ڇٽبو تہ هنن کي سڀ خبر پئجي چڪي آهي!“ هو بلڪل ٺڌو ٿي ويو.زبان خشڪ ٿي ويس. ڳوڙن قدمن سان وڌي اچي، ٺهڪو ڪري ڪٽ تي ڪري پيو. دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي ويس. در ڪڙڪندو رهيو، پر هو اٿڻ بجاءِ سوچيندو رهيو. آخر هڪ فيصلو ڪري هو اٿيو، تہ ڪيس وڃي سچو ڏوهہ ٻاسڻ گهرجي. هن اٿي در جو ڪنڊو لاٿو ۽ تاڪ کوليا. سامهون جنت ۽ ان جي پٺيان گامڻ بيٺو هو.

”ڇاهي؟“ سراج دل ٻڌي ڳالهايو.

”ڊپٽي صاحب سڏايو اٿو“ گامڻ چيو، ”اڄ ضرور اچي ملوس. آفيس ۾.“

”ڇا جي لاءِ؟“

”اها تہ ان کي خبر!“ گامڻ چيو ۽ موٽي لهي ويو.

”توکي تہ بخار ٿو اچي،“ جنت چيس، ”اڄ آرام ڪر. ڪا تڪڙ ٿوري آ. سياڻي وڃجانءِ.“

”نہ! مان اڄ ويندس.“ هن اندران در بند ڪندي چيو. هن ڪيسي مان اڳڙا ۽ جوراب ڪڍيا. ” داغ جي ظاهر تہ نہ آهن. مهٽجي هلڪا ٿي ويا آهن. ويجهو بہ ڇتائي ڏسڻ ڪان پوءِ پيا نظر اچن!“ هن سوچيو ۽ جوراب ڪڍي پائڻ لڳو. پائي

وري لاٿائين، ۽ وري ڪٽي پاتائين، ڇو جو ڪيس ٻيا جوراب ڪونہ هئا. پينٽ لاهي هن ٻي پينٽ پاتي، جا بہ جتان ڪٿان ڪٽل هئي. آڱرين ۽ ليڙون ڦٽي ڪري هو ٻاهر نڪتو، ۽ در بند ڪري هيٺ لهي، ايس- ڊيءَ جي آفيس طرف روانو ٿيو.

جيئن جيئن هو آفيس ويجهو پئي پوندو ويو، تيئن تيئن سندس ڪمبٽي وڌندي پئي وئي. هن جا سڀ عضوا لوڻءَ سان ڪانڊارجي ويا هئا. "ايس- ڊي صاحب جي پيرن تي ڪري وڃي سڄي ڳالهہ پيرائتي ڪري ٻڌائيندس ....." هن دل ۾ آخرين فيصلو ڪيو، ۽ آفيس ۾ اندر گهري ويو. آفيس جي ٻاهرين هال ۾ ڪيترائي ڪلارڪ ويٺا هئا. هن وڌي وڃي هڪ ڪلارڪ کي چيو تہ ڪيس ڊپٽي صاحب گهرايو هو. ڪلارڪ کيس آفيس سپرنٽينڊنٽ سان ملڻ لاءِ چيو.

آفيس سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ گهري هو هڪ ڪنڊ ۾ بيهي رهيو. هو هڪ ڪلارڪ کي ڊڪٽيشن ڏئي رهيو هو. ات هڪ ٻيو ماڻهو بہ ڪرسيءَ تي ويٺو هيو. هن کي اندر ايندو ڏسي، هُن ڏانهنس سوالي نظرن سان نهاريو.

"مان سراج آهيان. ڊپٽي صاحب گهرايو هو!" هن هٿ آڳيان ڪندي چيو.

"چڱو! ٿورو ترس!"

هن ٿڌو ساهہ پريو. تنهن جي معنيٰ تہ ائين نہ هو، جيئن هن پئي سوچيو. هن ۾ خود اعتمادي موٽڻ لڳي. هو پاڻ کي يڪ جاءِ ڪري دل پڪي ڪرڻ لڳو. هن کي پنهنجي ڪمزوريءَ جو احساس هو، سو هڪ ڳالهہ سوچي ان تي لاڳيتائي سان خيال پچائڻ لڳو، تہ متان وري سندس خيال ڪنڊرجي وڃن. آفيس سپرنٽينڊنٽ ڪلارڪ مان واندو ٿي ٻي ماڻهوءَ سان مخاطب ٿيو. ان مان واندو ٿي ۽ ڪيس سڏي هلڻ لاءِ تنبيهہ ڪندي، آفيس سپرنٽينڊنٽ اٿيو، ۽ سراج کي وٺي ڊپٽيءَ جي آفيس ۾ آيو.

"ڪير آهين؟ ڇو آيو آهين؟" ڊپٽيءَ ڪرڙائي سان ڳالهايو.

"توهان گهرايو آهي!" سراج وراڻيو.

"پئسن واري معاملي ۾ آيو آهي." سپرنٽينڊنٽ ڊپٽيءَ کي ٻڌايو.

"پئسا! ڇا جا پئسا؟!" سراج سوچيو. "تنهن جي معنيٰ تہ اهو معاملو برابر نہ آهي، جنهن جو هروڀرو مون کي پؤ ٿي بيٺو آهي." هن جي جسم ۾ خوشيءَ ۽ ڇوٽڪاري جي لهر ڊوڙي وئي. هن پاڻ تان وڏو بار لهندو محسوس ڪيو، ۽ ڇوٽڪاري جو ٿڌو ساهہ پريو.

"ڇا، تون آهين! توکي تہ ٩ بجي اچڻو هو، ۽ آيو آهين يارهين بجي. وڏو ڪو نواب صاحب آن،- دماغ درست ٿي ويندئي. ٿورو ترس." ڊپٽي کهرائيءَ سان مخاطب ٿيو.

"ڪلاڪ اڳ تہ سپاهيءَ نياپو ڏنو آهي." سراج دل ٻڌي چيو، "باقي خواب تہ

مون کي بہ ڪونہ آيو. جو توهان سان اڳ ۾ ملڻ اچان."

"سنڀالي ڳالهاءِ! خبر تي ڪنهن سان ٿو ڳالهائين؟" ڊپٽيءَ رڙ ڪئي.

"خبر آ!" سراج چيو، "پر توهان کي بہ شاگرد سان شرافت سان پيش اچڻ گهرجي." پاڻ ۾ اعتماد ۽ ايمان ايندو ڏسي هن دلجاءِ جو ساهہ کنيو.

"چڱو، چڱو! مٿو نہ کاءُ! ٻڌاءِ تہ پئسا ڏين ٿو ڪين نہ؟"

"ڇا جا پئسا؟" سراج وڏي وات پڇيو.

"سيٺ هاشم جا پئسا." ڊپٽيءَ چيو، "سال جي مسواڙ ڪائي ويو آهين. هي ڏس سندس درخواست!"

"هو منهنجي جاءِ جو مالڪ آهي ۽ مان ان جو مسواڙي، پاڻهي ئي نهي ويندا سين." سراج لاپرواهيءَ سان چيو.

"اسان اهو نہ ڄاڻون. ٻڌاءِ تہ پئسا ڏين ٿو يا نہ؟" ڊپٽي لهجو ڪجهہ نرم ڪيو.

"مسٽر قادر بخش،" سراج ڊپٽيءَ جو نالو ڪٽندي چيو (ڊپٽيءَ ۽ آفيس سپرنٽينڊنٽ جي گفتگوءَ مان هو ٻنهي جا نالا معلوم ڪري ويو هو) "مان جي توهان سان ڪو تکو ڳالهايو آهي تہ ان لاءِ معافي ٿو وٺان. مون کي پئسن ڏيڻ ۾ ڪو عار ڪونهي. پر اڄ ڪالهہ ڪڙڪو آهيان. پئسن نہ هئڻ سبب تعليم بہ ڇڏي ڏني اٿم. پر سٺت ئي پئسا ملڻا اٿم. ڳوٺان امڙ موڪلڻ جو لکيو اٿم. هڪ ٻن ڏينهن ۾ اچي ويا تہ هاشم سيٺ جو قرض لاهي ڇڏيندم. هاڻي مان ڪٿان ڀريندس. توهان پاڻ انصاف ڪريو."

"ان سان اسان جو ڪهڙو واسطو؟" حليم، آفيس سپرنٽينڊنٽ چيس.

"ٺيڪ آ، پر منهنجي بہ تہ ٻڌو نہ ...." سراج حليم سان مخاطب ٿيندي چيو ۽ نموني سان لنگهي قادر بخش کي پاڻ متوجهہ ٿيڻ جي ڪوشش ڪيائين. "هاشم سيٺ جا مونسان سٺا تعلقات آهن. ٽن سالن کان سندس مسواڙي آهيان. هن تہ مون سان پنهنجي ڌيءَ جي سڱ ڪرڻ جو بہ خيال ڏيکاريو هو ۽...... ...."

"اسان توکي، توکان تنهنجي شخصي حالات ٻڌڻ لاءِ ڪونہ گهرايو آهي." قادربخش هن کي وچ ۾ روڪيندي چيو. "انهن اجاين تفصيلن سان اسان جو ڪو واسطو نہ آهي. سولي ۾ سمجهين تہ اشرافت سان لکي ڏي تہ مان سٺت پئسا ادا ڪندس. باقي تنهنجن عشقن ۽ شادين سان اسان جو ڪجهہ نہ وڃي."

حليم پنو ۽ پين ڪڍي هن کي ڏنا ۽ چيو تہ "لک!"

مجبور ٿي، زور اڳيان زاري سمجهي، هن ٻن هفتن جو پرامزري نوٽ لکي ڏنو. جو حليم ويڙهي سيڙهي کيسي ۾ وڌو. سراج اٿڻ بجاءِ اتي ئي ويٺو رهيو. هٿ

متي کي ڏئي، نوٽنيون ميز تي رکي هو ڪجھ سوچ ۾ پئجي ويو. هن جي دماغ ۾ عجيب خيال اچي پيدا ٿيو هو. هن کي سچي ڳالھ قادربخش کي ٻڌائي، ڪيس جاءِ تي وٺي، وڃي ٿيڙ حوالي ڪرڻ گهرجن. ان خيال سان هو اٿيو ۽ وات پٽي ڳالهائڻ وارو هو، جو وري خيال ڦري ويس. ڪجھ ڪڇڻ بجاءِ هو چپ ڪري ويهي رهيو، ۽ هنن کي تڪڻ لڳو. قادر حليم سان ڳالهائي رهيو هو.

"هو ٻئي ٻي ڏوهي آهن. اهو ناممڪن آهي. جي ائين هجي ها تہ هو پاڻ ئي مزدورن کي ڇو ٻڌائڻ وڃن ها؟ انڌا ٿيا ها ڇا؟ ان ڪانسواءِ سگهن کي تہ گهٽڻ ماٿهن ويندو ڏٺو هو. هن تہ هڪ ٻن ماڻهن کان تلوڪ بابت هيٺ بہ پڇا ڪئي هئي. خون ڪرڻو هجيس ها تہ چوريءَ چوريءَ وڃي ها. باقي ورند تہ اڌ ڪلاڪ هيٺ چوڪيدار سان ڳالهيون بہ ڪيون هيون. سو اُن ڪيئن ٿي اهو خون ڪيو؟"

"پر ان لاءِ توهان وٽ ڪهڙي سمجھاڻي آهي؟" حليم قادر کان پڇيو، "تہ هو پاڻ چون ٿا تہ پهريائين در بند هو، پر پوءِ ويا تہ در رکو ٻيڪڙيو پيو هو؟"

"ضرور خوني اندر لڪل هوندو هو. هنن کي هيٺ ويندو ڏسي، هو نموني ۾ ڦرتيءَ سان ترڪي ويو هوندو. سچي غلطي سگهن جي آ. جي هو ورند جي ڪيڏ هيٺ نہ وڃي ۽ اتي ئي ويٺو رهي، تہ خوني ٻاهر نڪرڻ جي همت ئي نہ ڪري ها، ۽ نيٺ ٻڌجي پوي ها."

"هون!" حليم وراڻيو. سراج ڦري در طرف وڃڻ لڳو. پر هو در وٽ پهچي نہ سگهيو........ جڏهين هن کي هوش آيو تہ پاڻ کي ڪرسيءَ تي ويٺل ڏٺائين. حليم ڪيس ٿڌو پاڻي پئي پياريو ۽ قادربخش پرسان ويٺو هوس.

"ڇاڪ نہ آهين ڇا؟" ڊپٽي پڇيس.

"لڳي ائين پيو. لڪڻ مهل بہ هٿ پئي ڏکيس." حليم چيو.

"ڪالھ کان طبيعت ٺيڪ نہ اٿم" سراج ٿڌو ساهہ پريندي چيو.

"ڪالھ بہ ٻاهر نڪتو هئين؟"

"هاؤ!"

"بيمار هوندي بہ؟"

"هاؤ!"

"ڪائين بجي؟"

"ستين بجي شام جو!"

"ڪاڏي؟"

"مارڪيٽ طرف." سراج رومال ڪڍي منهن تان پگهر اگهيو. قادربخش هن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪرڻ پئي چاهي، پر حليم جي منهن ۾ گهنج ڏسي بس ڪيائين، ۽ هن کي هلي وڃڻ جي اجازت ڏنائين.

ٻاهر نڪري سراج سامت جو ساهه کنيو. هن جي ڪنن ۾ قادربخش جي چچا ڳاڇا وارا جملا ڦري رهيا هيا. "تلاشي!........ ضرور هو تلاشي ونندا. هنن کي شڪ پئجي چڪو آهي!" هو تکو تکو گهر طرف وڌڻ لڳو، ۽ سندس وجايل پيٽ ۾ خوف هڪ دفعو وري وٺس موٽي آيو.

(٢)

"جي هو اڄ ئي منهنجي گهر پهچي ويا هجن؟ ۽ تلاشي وٺي ڇڏي هجاؤن، ته پوءِ؟"

پر سندس ڪوٺيءَ ۾ ڪوبه ڪونه هو. هو يڪدم پٽ طرف وڌيو. ڪرسيءَ رکي، جاري مان سڀ ٽپڙ ڪڍي کيسن ۾ پرڻ لڳو. ڪل اٺ شيون هيون. ٻه دٻيون جن ۾ ايرينگ وغيره هئا. چار تنڊڙا پائي جا پاڪيٽ جن ۾ ڪي ڪِهه رکيل هئا. هڪ سونو سڳو ۽ هڪ ٻٽون اهي سڀ کيسن ۾ وجهي هن خاطري ڪري ڏٺي ته اهي ظاهر ته نه پئي ٿيا. هو ڏاڪڻ لهي هيٺ آيو ۽ تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳو. هن کي پڪ هو ته متان هن جو پيڇو ڪيو وڃي. ان ڪري هن جلد کان جلد اها وسلا لڪائڻ پئي چاهيا. هن کي سڀ اهڃاڻ ختم ڪرڻ گهرجن .... هن کي ڪاڏي وڃڻ گهربو هئو؟

اهو هن فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته هو اهي سڀ شيون درياءَ داخل ڪندو ۽ هميشه لاءِ هر امڪان ختم ڪري ڇڏيندو. پر اهو هن کي ڏاڍو ڏکيو نظر آيو. هو اڌ ڪلاڪ ڪن بندر روڊ تي درياءَ جي ڪپ تي ڦيريون پائيندو رهيو، پر ڪو موقعو ان رٿا تي عمل ڪرڻ جو نه مليس. هر گهيڙ تي ۽ هر گهاٽ تي، ڪٿي ماڻهو بيٺا هئا ته ڪٿي مايون لٽا ڌوئي رهيون هيون. هو جتي ڪٿي هر ڪنهن جي نظر ۾ اچي پئي سگهيو. ان ڪانسواءِ اهو پڪ به پئي ٿيس ته دٻيون ۽ پاڪيٽ ٻڏندا اصل ڪونه، پر پيا ترندا، ۽ جي ڪو ڏسي وٺي ته؟ آخر هن فيصلو ڪيو ته درياهه بجاءِ اهي ڪنهن واهه ۾ ڦٽي ڪرڻ گهرجن. آخري واهه دادو ڪئنال ان لاءِ موزون لڳس. اتي سچ هوندي آهي، ڪابه پهر ڪانه هوندي آهي! اهو فيصلو ڪري هو ٻئريج طرف وڌيو. پل وٽ پهچي دادو ڪئنال جي اولهندي ڪپر تي لهي هو اڳتي اوجهڙ طرف وڌڻ لڳو. فرلانگ کن هلي هو اهڙي اوجهڙ ۾ پهتو جتي ڪو پکي پهر ڪونه هو. هن سامان ڪڍي اڇلڻ جي ڪئي ته اوچتو هڪ خيال اچي ويس. "پاڻيءَ ۾ ڇو لوڙهيان؟ ڏسي ته ڪو ڪونه ٿو. ڇو نه ڪٿي پوري لڪائي ڇڏيان؟" ۽ هو هيڏي هوڏي اهڙيءَ جاءِ لاءِ واجهائڻ لڳو. هڪ هنڌ اچي هو ويهي رهيو. ڪپ تي پٿر جي پچنگ ٿيل هئي. هڪ پٿر ڍلو ڏسي، هن سٽ ڏئي اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڍي ورتو. هيٺان چگو خال ظاهر ٿي پيو. هن ڪيسن مان سامان ڪڍي يڪدم ان خال ۾ وڌو ۽ مٿان وري پٿر ڏئي ڇڏيو، ۽ ان ڪي زور ڏئي هڪ ڪرو ڪري ڇڏيو.

اهو ڪم ڪري هو مٿي چڙهي آيو، ۽ شهر طرف موٽيو. هن اندر ۾ دلجاءِ ۽ خوشي محسوس ڪئي. "سڀ اهڃاڻ ختم ڪري ڇڏيم! ان پٿر ڏي ڪنهن جو به ڌيان نه ويندو!" ۽ هو هڪ هلڪي ڪل به ڪليو. بندر روڊ تي هڪ باغ وٽ پهچي هو ويهي رهيو. هي اهو باغ هيو جتي هن پيتل چوڪريءَ کي ڏٺو هو. اتي هن جي ذهن ۾ وري اهي خيال ڦري آيا. "ڇڏينس، منهنجو ڇا؟" ڪنڌ جهنجهوڙي هن اهي خيال ذهن مان ڪڍڻ چاهيا. اوچتو هو ويهي رهيو. هن جي ذهن ۾ هڪ غير متوقع ۽ ڏکيو سوال اڀريو، جنهن هن کي منجهائي ڇڏيو.

"ڇا، مون اهو سڀ ڪجهه ڇاڻي واڻي ڪيو آهي؟ ان ۾ ڪو مقصد هو؟ پوءِ ڇو نه مون سڀ ڪجهه چڱيءَ طرح جاچي ڏٺو ته انهن دهين وغيره ۾ ڇاڇا هو؟ پوءِ مون سڀ ڪجهه ائين ڪم ڇو ڪري ڇڏيو؟ ڇو؟"

اهو ڪو هن لاءِ نئون سوال نه هو. اهو سوال اڳ به هو پاڻ کان پڇي چڪو هو. ان رات ۾ هن اُن جو جواب پاڻ ڏنو هو. هن بنا ڪنهن روڪ ۽ هٻڪ جي ائين ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. هن سڀ ڪجهه ڇاتو پئي، سڀ ڪجهه سمجهيو پئي. هن سڀ ڪجهه طي ڪري ڇڏيو هو. "اجايو پيو پاڻ کي پريشان ڪريان!" ڪنڌ جو جهٽڪو ڏئي هن خيال ڦيرائڻ جي ڪئي ۽ اڳتي وڌيو. هڪ چاءِ وٽ پهچي هو ويهي رهيو. "ها! هيءَ ئي سندس گهر آهي. مان ڪالهه به وٽس ويس پئي، پر وري نه ويس. اڄ مون کي هن سان ملڻ گهرجي." ۽ هو مٿي چڙهيو.

رشيد گهر ۾ موجود هو. اُن ئي اچي هن لاءِ در ڪوليو. ڪيس ڏسي، هو يڪدم پاڪر پائي اندر گهلي ويس. هو پورن ٽن مهينن کان پوءِ پاڻ ۾ مليا هيا.

"خوش نٿو نظر اچين!" رشيد هن جي هانهن جهليندي چيو.

"نه، مان ٺيڪ آهيان،" سراج ڇپگل ڪرسيءَ تي ويهندي چيو، "ڪا ٽيوشن وغيره ته ونرائي ڏي."

"پر تنهنجي طبيعت ڏاڍي خراب آهي" رشيد هن کي گهوريندي چيو.

"نه، ڪجهه ناهي، سڀ خير آ! مون کي وڃڻ گهرجي، چڱو!" سراج ڪرسيءَ تان اٿيو.

"ترس ته پڪو ڪا ڏي ٿو وڃين؟"

"نه، مان وڃان ٿو." سراج ڇُريو ۽ ڏاڪڻ تي اچي پهتو.

"باقي آيو ڇو هئين؟ دماغ ته ٺيڪ ٿي نه؟ آهي ڇا؟ ائين ڪيئن ويندين؟ ڪجهه ته ترس!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان تو وٽ آيو هوس تہ توکان ڪجھ مدد وٺان ...... ڇو جو تون ئي اهڙو دوست آهين ...... پر مون کي ڪا مدد نہ کپي ..... ڪا بہ نہ-، پڌئي؟ ڪجھ بہ نہ کپي. مون کي چڙ تہ مان وڃان.“

”ترس تہ، پڳو ڇو ٿو وڃين؟ ڇريو ٿيو آهين ڇا؟“ رشيد هن کي گهلي ڪرسيءَ تي ويهاريندي چيو، ”ٽيوشنون تہ مون کان بہ کسجي ويون آهن. پر هڪ ٻيو ڪم هٿ ڪيو اٿم. ”عالمگير ڪتاب گهر“ وارن کان هڪ ڪتاب ترجمي لاءِ وٺي آيو آهيان. هڪ ربيو صفحي جو ڏيندا. ٽي سئو صفحا ڪتاب آهي. سٺ رپيا بيانو بہ وٺي آيو آهيان. اهو پورو ٿيو تہ وري ٻيو ڪتاب ڏيندا. مان پاڻ تنهنجو انتظار پئي ڪيو. ڪم وڏو آهي ۽ مون کان اڪيلو نہ پڇي سگهندو، سو تنهنجي مدد جي ضرورت هئي. هاڻي اڌ ڪتاب بہ ڪٽي وڃ ۽ ٽيهہ رپيا بہ. ترجمو ڪري ڪٽي آءِ، تہ ڏيئي، ٻيا پئسا ڇڏائينداسون. ڪيئن قبول آ!؟“

سراج ڪتاب ۽ ٽيهہ رپيا وٺي هيٺ لهي ويو. ٿورو وڃي وري موٽي آيو ۽ مٿي چڙهي ويو. ڪتاب ۽ پئسا رشيد آڏو ميز تي رکي چپ چاپ موٽي ٻاهر نڪتو.

”اٿي ڇا؟ اجايو ٿو مون کي چتو ڪرين!“ رشيد رڙ ڪري ڪرسيءَ تان اٿيو، ”باقي آيو ڇو هئين؟“

”مان ترجمو نہ ڪندس.“ رشيد جي ڪجھ ڪڇڻ ۽ ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي هو ڏاڪڻ لهي رستي تي پهچي چڪو هو.هو بي خيالو رستي تان وڌي رهيو هو. جو هڪ اتفاق وري ڪيس سجاڳ ڪري ڇڏيو. هڪ ڇهبڪ هن کان ڇرڪ پرائي ڇڏيو. هڪ وڪٽوريا ٿورو هلي سندس اڳيان بيهي رهي. جي هو ڇهبڪ جي چوٽ تي رستي جي وچ تان پاسي نہ ٿئي ها، تہ ٽانگي جا ڦيٿا سندس جسم کي لتاڙي وڃن ها.

”ڪو بيروزگار ٿو نظر اچي.“ ٽانگي واري ڪنڌ ڦيرائي سواريءَ ڏانهن ڪندي چيو، ”ڏک لڳيس ها تہ ڪروڙ ڪري، رڙيون ڪري، چار پنج رپيا مون مسڪين مان ڇڏائي وڃي ها. ڏٺيءَ ڪٽي سندس مڪر کان بچائي ورتو.“

هڪ ڪراڙو شخص وڪٽوريا مان لهي آيو، ۽ ڪجھ سراج جي هٿ ۾ ڏئي وري وڃي گاڏيءَ ۾ چڙهيو.

هن مٺ کولي تہ ترريءَ تي آڌي چمڪندي ڏٺائين. هو شايد ڪيس فقير سمجهي خيرات ڏئي ويو هو. هو مٺ پڪوڙي درياءَ جي پٽ تي اچي ويٺو ۽ پاڻيءَ ڏي نهارڻ لڳو. آسمان بلڪل صاف هو ۽ پاڻي جو وهڪرو بہ ماٺو هو، جو اونهاري ۾ ورلي هوندو آهي. نيري آپ جو نيرو عڪس پاڻيءَ تي پئجي رهيو هو، ۽ پريان روهڙي جي ڪجين جا ڊگها ڊگها پاڇا بہ ڪٻي ڪپ جي سانتيڪي پاڻيءَ تي پئجي رهيا هيا. اوپر طرف ساڌ ٻيلو پنهنجو خوبصورت عڪس پاڻي تي وجهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو، ۽ روهڙيءَ واري پل جو پاڇو، ٻيڙيءَ جي هلڻ سبب پيدا ٿيندڙ چرپر ڪري لڏي لهي رهيو هو. هو ان منظر ۾ ساعت لاءِ گم ٿي ويو. اهو هن جو ڇاتل سڃاتل نظارو هيو. هو اڪثر شام جي وقت درياه جي سير تي ويندو هو ۽ ان منظر مان لطف وٺندو هو. هن جي اکيان اُهي ماضيءَ واريون بي فڪريءَ جون گهڙيون ڦري آيون. هن جي دل ڪڏڻ لڳي. هن جو ماضي، هن جا خيال، نظريا، مسئلا، اصول، تاثر سڀ وري موٽي آيا، ۽ هو حال کان ڪجهه وقت لاءِ بي فڪر ٿي ويو. اوچتو غير شعوري طور هٿ لوڏيندي، هو پنهنجي مٺ ۾ پيڪوڙيل آڏيءَ جي احساس کان چرڪي اٿيو. هن مٺ کولي چمڪندڙ سڪي ڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ زور سان ان کي درياه ۾ اڇلائي، گهر طرف موٽيو.

سج لهڻ وارو هو، جو هو گهر پهتو. هو چار پنج ڪلاڪ سانده گهمندو رهيو هو. سستيءَ ۽ ٿڪ ڪري ڪپڙن مٿائڻ کان سواءِ ئي هو کٽ تي ڪري پيو، مٿان در تاڙي چڏيائين، ۽ جهٽ ۾ ئي اکين ۾ غنودگي ڇائنجي ويس .... اهو نجها جو وقت هو جڏهين هڪ هانءُ ڪنبائيندڙ چيخ تي هن کي جاڳ ٿي. هڙيون رڙيون، واوَيلا، پاراتا، سڏڪا ۽ پٽ سٽ هن ڪڏهين به نه ٻڌا هيا. هو بنا چرڻ پرڻ جي کٽ تي بي دم پيو رهيو. هوريان هوريان اُهي آواز ۽ رڙيون وڌندا ويا. هن سڃاتو ته اهو روئندڙ آواز سندس سيٺ هاشم جو هو. پوءِ هن هڪ ٻيو آواز به ٻڌو، جو سيٺ هاشم کي دڙڪا ڏيئي رهيو هو، گاريون ڏيئي رهيو هو، ۽ ڌمڪيا هڻي رهيو هو. هن ڪوشش ڪري سڃاڻڻ جي ڪئي. اهو آواز قادربخش ڊي- ايس - پيءَ جو هو. پوءِ هن ڪيترائي آواز ٻڌا جي پر وارن رهندڙن جا هئا، جي ڊڪندا ڊڪندا ۽ پڇندا ڳچندا هن جي جاءِ طرف وڌي رهيا هئا. "يا خدا! هي ڇا ماجرا آهي؟ هو ڇو آيو آهي؟ هن کي خبر ته نه پئجي ويئي آهي؟ ضرور هو هاڻي مون وٽ ايندو؟" ان خيال اچڻ سان ئي هو ڪمبي ويو. سندس بدن تان پگهر ٽيندا ڪري وهڻ لڳو. هن چاهيو ته اُٿي در اندران بند ڪري ڇڏي، پر هو کٽ تان چُري به نه سگهيو. ڏهن منٽن کان پوءِ رڙين ۽ روچ جو آواز جهڪو ٿيندو بلڪل بند ٿي ويو. ۽ باقي ڊپٽي جي دڙڪن ۽ گارين جا آواز ٻڌجي رهيا هئا.......... آخر اهو آواز به گم ٿي ويو، ۽ وري آيل تماشائين جي موٽڻ جا آواز اچڻ لڳا.......... ۽ ٿوري دير کان پوءِ بلڪل سانت ٿي ويئي:

سراج کٽ تي پيو رهيو. هو شل ٿي چڪو هو. اکيون پٽيو ۽ حيرت ۾ ڦاٽي ويون هيس. ان خوف ۽ هراس ۾ اڌ ڪلاڪ ائين پيو رهيو. اوچتو سندس ڪمري ۾ روشني ڦهلجي ويئي. جنت موم بتي سان سندس ڪمري ۾ داخل ٿي. بتي ٽيبل تي رکي، هن سراج اڳيان آنڊل ماني رکندي چيو:

"ڪالهاڪر ڪجهه نه کاڌو اٿئي، اٿي کاءُ! حالت ته ڪيئي اٿئي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جنت! .... سيٺ کي چو پيا مارين؟"
"ڪير پيو ماريس؟"جنت هن جي منهن ۾ نهاريو.
"هاٺي هاٺي .... اڌ ڪلاڪ کن ٿيو، ڊپٽي صاحب! چو؟ ڇا لاءِ ؟ هو ڪيئن آيو هو؟"
جنت اچرج وچان هن ڏانهن نهاريندي رهي. هو ڪافي وقت هن کي ائين تڪيندي رهي. آخر بي آرام ٿي، جنت جي اکين کان خائف ٿي، سراج جهڪي آواز ۾ چيو: "ڳالهائين چو نه ٿي، جنت؟"
"تنهنجي رت خراب ٿي آهي." جنت آهستي هن کي وراڻيو.
"ڇا جي خرابي؟ رت جي؟" سراج پيلو ٿي ويو.
"سيٺ کي ته ڪنهن به ڪو نه ماريو آ." هن بالڪل پڪ، ۽ خاطريءَ سان چيو.
سراج هن ڏي عجب سان نهاريو، مون پاڻ ٻڌو .... مان جاڳيو پيو هوس........ وينو هوس ...... پيا به ڪيترائي اوڙي پاڙي جا ماڻهو آيا هيا."
"هتي ته ڪوبه ڪونه آيو هو!" جنت وراڻيو. "تنهنجي رت خراب ٿي آ. اجايا خيال ۽ خواب پيا اچني ..... چڱو!هاٺي ماني ڪائي وٺ ته ٿاڻو ڪٽي وڃان."
هن ڪو جواب نه ڏنو. وائڙو وائڙو جنت ڏانهن نهاريندو رهيو.
"پاڻي ته پيار ...... ٿڌو .... جنت!"
جنت هيٺ لهي ويئي ۽ جهٽ ڪانپوءِ جست جي گلاس ۾ پاڻي پري آئي، جنهن ۾ برف جو ڳنڍو به تري رهيو هو. هو ڳٽ ڳٽ ڪري گلاس پي ويو، ۽ جهٽ ڪانپوءِ وري خود فراموشيءَ ۽ بي سرتيءَ جي جهان ۾ ڪهلجي ويو.

(٣)

هو بلڪل بي هوش نه هو. سڄو وقت کيس بخار رهيو ۽ طبيعت تنداڪيل ۽ نيستي رهيس. بي سرتي به ڏاڍي هيس. هن کي پوءِ به ياد هو ته ان سڄي عرصي ۾ هو عجيب و غريب شيون ۽ واقعا ڏسندو رهيو. ڪڏهين ڏسندو هو ته هو ماڻهن جي ميڙ ۾ وينو هو ۽ چوطرف ماڻهو ويٺا هن متعلق ڳالهائي رهيا هئا. ڪڏهين هو پاڻ کي اڪيلو ڏسندو هو. ڪڏهن ڏسندو هو ته ماڻهو در وٽ بيٺا هن تي کلي رهيا هئا ۽ چٿرون ڪري رهيا هئا. ڪڏهين هو سمجهندو هو ته ائين ئي مهينا گذري ويا هئس، ۽ ڪڏهين رڳو هڪ ڪلاڪ گذريل محسوس ڪندو هو. پر ان ساري عرصي ۾ هن جو ان واقعي طرف ڪڏهين به خيال نه ويو. هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محسوس ڪندو هو تہ هن ڪان ڪا ڳالهہ وسري ويئي هئي. پر ياد ڪرڻ جي باوجود بہ هو ياد نہ ڪري سگهندو هو. آخر هو سرت ۾ آيو. ان وقت هڪ وٽندڙ صبح جا ڏهہ وڳا هيا، ۽ دريءَ مان اس سندس ڪمري ۾ پئجي رهي هئي. سامهون سندس در ڪليو پيو هيو ۽ ات جنت بيٺي هئي. جنت پويان هڪ بيو ماڻهو بہ بيٺو هيو، جو ٽپالي ٿي لڳو. انهن ٻنهي جي پويان هاشم سيٺ بيٺو هو. سراج کي پاڻ ڏانهن ڏسندو ڏسي، هاشم ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيو، ۽ هليو ويو. جنت ۽ ٽپالي اندر گهري آيا.

سراج اٿي، کٽ تي ئي ٽيڪ ڏئي ويٺو.

"اهو ڪير آ جنت؟" هن ٽپاليءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"هاڻي هوش ۾ آيو آ!" جنت چيو.

"هاڻي هوش ۾ آيو آ!" ٽپاليءَ ورجايو.

"تون چو آيو آن؟" سراج ٽپاليءَ ڏانهن منهن ڪندي چيو. ان وقت دروازو زور سان ڪليو ۽ ڏڪهي قد هئڻ سبب هيٺ جهڪي، رشيد اندر داخل ٿيو.

"ڪوٺي آ، ڪين پان هيڙيءَ جي پڙي!" رشيد چيو، "منهنجو تہ روز مٿو پچندو آهي. هاڻي هاشم ٻڌايو تہ تون هوش ۾ آيو آهين."

"بلڪل هينئر اٿيو آهي." جنت چيو.

"بلڪل هينئر اٿيو آهي." ٽپاليءَ ورجايو.

"تون چو آيو آهين؟" رشيد ٽپاليءَ ڏانهن منهن ڪري پڇيو.

"مان ٽپالي آهيان، ۽ سراج صاحب لاءِ مني آرڊر آندو آٿم." هن وراڻيو.

"ويهہ! ويهہ!" رشيد هن کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو ۽ سراج سان ڳالهائڻ لڳو. "چڱو جو هوش ۾ آئين. گذريل چئن ڏينهن کان غشيءَ ۾ هئين. دوا بہ چمچن سان وجهندا هئاسوئين. مان ڊاڪٽر انور کي ويٺي آيو هوس. سڃاڻينس نہ؟ جيڪو پاڻ سان پڙهندو هو. هاڻي ڏاڍو نالو ڪڍيو اٿائين. چئو؟" هن وري ٽپاليءَ ڏي منهن ڪيو، "ڇا جو مني آرڊر آ؟ ڪنهن مُڪو آ؟ اڳ بہ تہ هڪ ٽپالي بہ ٽي دفعا آيو هو!"

"هاؤ. هو بہ موٽي ويندو هو، ڇو جو سراج صاحب هوش ۾ نہ هو. مني آرڊر پنجاهہ رپئي جو آهي، ۽ ميرپور ماٿيلي مان ڪنهن عورت نالي فاطمہ موڪليو آهي." ايترو چئي هن فارم سراج ڏانهن صحيح لاءِ وڌايو.

"مون کي پئسا نہ کپن! مان صحيح نہ ڪندم!" سراج رڙ ڪئي.

"چريو ٿيو آهين ڇا؟ پئسا نہ کپني؟" رشيد فارم وٺندي چيو.

"نہ، نہ! نہ کپن!" سراج رڙ ڪئي.

"بي وقوف ڪٿان جو!" چئي رشيد زوريءَ سراج کان صحيح ورتي، ۽ ٽپالي

پئسا ڏي هليو ويو.

ٿوري جهڻ کان پوءِ جنت هيٺان ماني آڻي هن آڏو رکي، ۽ وري چانهه لاءِ هيٺ هلي وئي. ”مان روز هت ائين اچي نيرن ڪندو آهيان.“ رشيد چيو، ”اها سڀ هاشم سيٺ جي مهرباني آهي. هو منهنجو ڏاڍو خيال ڪندو آهي. سانڍس اسان جو پراڻو رستو آهي.“ ايتري ۾ جنت چانهه کڻي آئي، ۽ هنئي چانهه پيئڻ ويٺا. چانهه پي هو وري ليٽي پيو هن محسوس ڪيو ته ويهاڻو سندس ويهاڻو نه هيو. هن اٿي ڏٺو ته سچو هنڌ نئون نظر آيس.

”ڏس! تنهنجي بيماريءَ واري عرصي ۾ چاچا نه ٿي ويو آهي!“ رشيد سراج کي ائين عجب ڪائيندو ڏسي چيو، ”تون مون وٽان ائين هليو آئين. جهڻ کان پوءِ مان به تنهن جي ڳولا ۾ نڪتس. سچو ڏينهن ڳولي به توکي نه لهي سگهيس. تو هڪ دفعو مون کي پنهنجيءَ جاءِ جو ڏس ڏنو هو، سو به ياد نه پئي آيم. آخر هنئي ڏينهن پوليس مان جاچ ڪيم ۽ اتان مون کي تنهنجي رهائش جو پتو پيو.“

”پوليس مان؟“

”ها! پوليس مان.“ رشيد چيو، ”نه رڳو تنهنجي گهر جو پر ٻين به گهڻين ئي ڳالهين جو. سڀني جو! مان حليم سان به مليم. قادر بخش سان به، ۽ آخر ۾ سيٺ هاشم سان به. ان ۾ سمورو تنهنجو ڏوهه آهي. تون جي سڌي ريت هاشم سان سڀ حقيقت ڪري ڪيس عرض ڪرين ها ته ايستائين نوبت ئي نه پهچي ها. مان جڏهين ڪيس تنهنجي سموري حقيقت ڪئي، ته هاڻي هن کي توسان همدردي ٿي پئي آهي. مان هن کي خاطري ڪرائي آهي ته ماءُ وٽان پئسا ملندئي تون سندس قرض چڪتو ڪري ڏيندين. حالانڪ هو چاڻي ٿو ته ماءُ جي پينشن مان بچيل پئسن مان تون سندس قرض نه لاهي سگهندين. تڏهين به هن منهنجي زبان تي اعتبار ڪيو آهي ۽ تو وارو لکي ڏنل پرامزي نوٽ به واپس ڏنو آهي .... پر، تون گهڻ ۾ گهڻ مون کي ته پنهنجين حالتن کان آگاهه ڪرين ها! باقي دوست ڇا لاءِ ٿيندا آهن؟ اڄ چوٿون ڏينهن آ، جو تنهنجي در جا چڪر ٿو ڪاٽيان.“

”هاڻي ياد آيو اٿم،“ سراج هوريان چيو، ”ڪالهه هڪ شخص کي ڏٺو هوم پر سڃاڻي نه سگهيم. شايد تون هئين؟“

”هائو! مان هيس. گڏ حليم کي به وٺي آيو هوس.“ رشيد وراڻيو.

”حليم کي؟ حليم آفيس سپرنٽيڊنٽ؟ ڇا لاءِ آندو هيوسي؟“ هن تڪڙو تڪڙو يڪ ساهيءَ چيو.

”توکي ٿيو ڇا هي؟..... ڪهڙي ويڌن ٿي؟ هو تو سان ملڻ آيو هو. مون هن سان تنهنجي باري ۾ گهڻو ڳالهايو آهي. سو ملڻ جو اشتياق ٿيو هوس. هو منهنجو گهرو دوست آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مون بي هوشيءَ ۾ ڪجھ چيو تہ ڪين ھو؟" سراج اتاولو ٿي پڇيو.
"ڪجھ پڻ پڻ ڪيئي تہ پئي."
"ڇا پئي چيم؟"
"ڇا وري ڇا چيئي! رشيد چيو، "الائي ڇا پئي بڪيئي! سونو سڳو، ايرينگ، دادو ڪئنال، ڊي-ايس- پي، قادربخش جا نالا پيئي ڪنيئي. پنهنجن جورابن لاءِ رڙيون پئي ڪيئي، ۽ تڏهين بس ڪيئي جڏهين ڊاڪٽر انور اهي ڳولي هٿ ۾ ڏنئي. ڀيو وري ڇا چوندين؟ هاڻي هن پنجاھ مان ٽيھ رپيا رک باقي ويھ مان ڪٽي ٿو وڃان، سڀاڻي سمورو حساب ڪتاب ڏيندو مانءِ. چڱو، خدا حافظ!"
"سيٺ کي هاشو ڪري سڏيندو آهي! ڏاڍو گهرو اٿس!" هو هيٺ لٿو تہ جنت چيو. هوءَ در ڪولي ڪجھ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، پر آواز نہ ٻڌي هيٺ لهي آئي. هوءَ رشيد ۾ خاص دلچسپي وٺڻ لڳي هئي.
هوءَ ٻاهر نڪتي تہ سراج ٽپ ڏئي ڇرين جيان کٽ تان هيٺ لٿو. ان گهڙيءَ جو منتظر هيو تہ هو نڪرن تہ هي پنهنجي ڪرت ڪري لڳي. "ڇا هنن کي سڀ خبر پئجي ويئي آهي؟ مون کي بيمار ڏسي رکو مون سان مڪر ۽ نموني بازي تہ نٿا ڪن؟ هاڻي ڇا ڪريان؟ مان تہ اها ڳالھ ئي وساري ويٺو هوس!" هو واٺڙن وانگر ڪوٺيءَ ۾ بيٺو هيڏي هوڏي واجهائي رهيو هو. هو وڏي در وٽ آيو، ۽ ڪن لائي ڪجھ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، ڪوبہ آواز ٻڌڻ ۾ نہ آيس. هن جي نظر ڦاٽل ڪپڙن جي اڳڙن ۽ ليرن تي پئي. هن ڪٽي ويجهو ڪري ڏٺا، مٽيءَ سان ايترو پريل هيا جو رت جا داغ معلوم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو.
"پر حليم، هو ڇو آيو هو؟ رشيد هن کي ڇو وٺي آيو هو؟ ڇا هنن کي سڌ پئجي چڪي آهي؟ ڇا مان اڃا بي سرت آهيان؟ نہ، نہ، مان هوش ۾ آهيان! سجاڳ آهيان! اها سڀ حقيقت آهي.
هو مون کي نہ ڇڏيندا. هنن سڀ ڪجھ ڄاڻي ورتو آهي. مون کي هٿ نہ رهڻ گهرجي. پئسا بہ آهن، ڇو نہ ڀڄي وڃي ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي رهان؟ هنن کي ڪهڙي خبر پوندي؟ پر پوليس کان ڪيئن بچي سگهندس؟ هو آخر مون کي ڳولي لهندي! هنن جي اکين مان ئي ظاهر هو تہ هو سڀ راز صحيح ڪري چڪا آهن. مون کي ڪاڏي پري ڀڄي وڃڻ گهرجي. پر هيٺ بہ تہ پهرو ويهاري ويا هوندا؟ اف. ڇا ڪريان؟ ڪاڏي وڃان!؟"
هن جي نرڙ تان پگهر ٽيندا ڪري وهي رهيو هو. هن وڏي ميز تان پاڻيءَ جو گلاس ڪنيو ۽ هڪ ئي ڍڪ سان پي ويو. سردي سنڌس بت ۾ سرڙاٽ ڪري گهري ويئي. هو کٽ تي سمهي پيو ۽ مٿان چادر اوڙهي ڇڏيائين. هن جا خيال وڏيڪ منجهندا ويا ۽ آخر اکين تي ڪيپ چڙهي ويس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جي اچڻ جي آواز تي هو جاڳي پيو. سامهون رشيد بيٺو هو. ڪٽ تان اٿي هو ڪرسيءَ تي اچي ويٺو، ۽ رشيد ڏانهن نهارڻ لڳو.

”جاڳيو آهين نه؟ جنت اهو بنڊل ڪڍي اچ،“ چئي رشيد اندر آيو ۽ سراج جي پر ۾ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

”ڪيترا وڳا آهن؟“ سراج بي چينيءَ سان پڇيو.

”چڱي ننڊ ڪئي اٿئي. شام جا ڇهه لڳا آهن. ڇهن ڪلاڪن کان به وڌ ستو آهين. ٽن ڪلاڪن کان تولاءِ ترسيو ويٺو آهيان. ٻه دفعا اڳ تي ويو آهيان، پر تون ننڊ هئين. ڊاڪٽر انور ڏي به ويو هوس، پر ڪونه مليو. خير پاڻهي اچي ويندو. مون کي ڏي ته کوليون.“ هن جنت کان بنڊل وٺندي چيو.

”ڪهڙي وقت کان پيو اچين؟“ سراج رشيد کان پڇيو.

”صبح جو ٻڌايو مانءِ! وسري ويئي ڇا؟“

سراج سوچ ۾ پئجي ويو. صبح وارو نظارو هن کي خواب جيان ياسڻ لڳو.

”سڀ ڪجهه وساري ڇڏيئي. مون کي خبر هئي ته ان وقت تون پوري هوش ۾ نه هئين. هاڻي ڪجهه ٺيڪ آهين. ٺهيو! ڇڏ انهن ڳالهين کي. هي ڏس، تولاءِ ڇا ڪڻهي آيو آهيان. توکي ماڻهو بڻائي ڇڏيندس.“ هن جنت کان ورتل پاڪيٽ کوليو ۽ ان مان هڪ بشرٽ، هڪ پينٽ، گنجي ۽ جوراب ڪڍيا.

”آ، وٽ! پائي ڏس!“

”هاڻي؟ نه، رکي وڃ، پوءِ پائيندس.“ سراج سامان ڏسندي چيو.

”ضد نه ڪرني! هاڻي پائي ڏس. مون کي به ته ڳڻتي نه ٿئي ني. ڏڪي تي ويٺي آيو آهيان. جي پورا نه اچن ته اڄ موٽائي يا مٽائي ته اچان ني.“

”ڪهڙين مليئي؟ ڏهين ريئين؟“ جنت پڇيو.

”ڏهه رپيا! الائي ڪٿي تي رهين. اڌ ڪلاڪ رلي پني وڃي پندرهين ريئين ۾ ڳڌا اٿم. هان سراج باقي پنج رپيا تنهنجن ويهن رپين مان بچيا. پنجٽيهه رپيا في الحال تولاءِ ڪافي آهن. مسواڙ ۽ مانيءَ جو فڪر تون نه ڪر. مان سڀ ڪجهه هاشم سان ڳالهائي ڇڏيو آهي. هاڻي اٿي ڪپڙا بدلاءِ!“

”نه، نه! مون کي نه کپن.“

”جنت تون ٻاهر هل ته مان پاڻهي ئي ٿو بدلرايانس.“

جنت ٻاهر نڪري ويئي، ۽ هن زوري سراج جا ڪپڙا مٽايا. هو پٽ کي ٺيڪ ڏئي کٽ تي ويهي رهيو، ۽ ڪا گهڙي ماٺ ڪيون پيو رهيو.

”الائي ڪڏهين هنن مان جان ڇٽندي؟“ هن دل ۾ سوچيو. ”پر پئسا ڪٿان آندئي جو وٺي آئين؟“ هن سراج کان پڇيو.

”پئسا؟ ڇو؟ تنهنجا ئي ته هئا. صبح تپالي نه ڏئي ويو. وسري ويئي ڇا؟“

”هاؤ! هاڻي ياد آيا.“ سراج گهٽي ماٺ کان پوءِ ڪنيرتا سان وراڻيو. ان مهل دروازو کليو، ۽ هڪ ڊگهڙو، ٻت پريل ماڻهو، جو سراج جو ڏٺل نہ پئي لڳو، اندر گهري آيو.

”هلو، ڊاڪٽر! اچي وئين ني!“ رشيد خوشيءَ وچان رڙ ڪري هن کي ڪيڪاريو.

(۴)

ڊاڪٽر انور ڊگهيرڙو، ٿلهڙو ۽ رنگ جو سانورو هو. عينڪ واپرائيندو هو ۽ ڪبي هٿ جي چيچ ۾ هڪ ٿلهي سوني منڊي پيل هئس. عمر ٽيهارو ورهيہ پئي لڳس. رشيد کيس سراج جي حالت متعلق ٻڌايو ۽ اهو بہ ٻڌايائينس تہ ٻہ دفعا وتائنس ٿي موٽي آيو هيو.

”هون! هون! هاڻي ڪيئن پيو ڀائنين؟“ انور سراج ڏي منهن ڪندي چيو ۽ ڪٽ تي ويهي رهيو.

”اڃا ڪجهہ هيڻائي اٿس. ڪپڙا بہ اسان زوريءَ بدلايا اٿس.“ سراج بجاءِ رشيد وراڻيو.

”ٺيڪ آ، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. کيس ڪارايو ڇا ٿا؟ ميوي جي رس ۽ گلوڪوس گهڻو ڏيوس. مان سڀاڻي شام جو وري ڏسي ويندو مانس.“

”سڀاڻ شام جو تہ مان کيس ڇهل قدميءَ لاءِ وٺي ويندس. تون صبح جو اچي ڏسي وڃجانس.“ رشيد چيو. ”ٺيڪ آ، صبح جو ايندس“ چئي ڊاڪٽر وڃڻ لڳو.

”پر ٻڌ تہ. مون کان ياد ئي لهي ويو. رات دعوت تي ايندين نہ؟“

”ڏسان! خبر نہ آهي تو وٽ بہ الائي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ايندا؟“ ڊاڪٽر چيو.

”هڪ ٻہ شاگرد دوست هوندا. چاچو هوندو. سراج هوندو ۽ حليم.“ رشيد وراڻيو.

”حليم ڪهڙو؟ پوليس ڪاتي وارو؟ تنهنجو رستو هن سان ڪيئن ٿيو؟“ ڊاڪٽر پڇيس.

”ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي. لحاظي ۽ پرخلوص ....“

”۽ رشوتي پڻ“ ڊاڪٽر کيس اڌ ۾ روڪيندي چيو.

”ونندو آ تہ پوءِ ان ۾ ڇاهي؟ مون کي ان جو خيال ڪونهي. منهنجي چوڻ جو مطلب اهو نہ آهي تہ ڪو رشوت وٺڻ سٺو ڪم آهي. پر منهنجي مراد آهي تہ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي باوجود بہ هو سنو ماڻهو آهي. ان کانسواءِ هڪ ٻي ڳالھ بہ آهي، جنهن ڪري مان ڪيس وڏيڪ ويجهو ٿيو آهيان.“

”ڪهڙي ڳالھ؟“ ڊاڪٽر پڇيو.

”رنگ ساز واري. اسان هن کي پوليس جي چنبي مان ڇڏائڻ چاهيون ٿا.“ رشيد چيو.

”رنگ ساز؟“

”هاؤ! هو وياج خور تلوڪ چند جي خون جي ڏوھ ۾ جهليل آهي. تو تہ ٻڌو هوندو؟“

”هاؤ .... شايد اخبار ۾ بہ پڙهيو هوم“ انور چيو، ”ڳالھ ڪيئن آهي؟“

رشيد اول ڪيس سڄو ۽ ورند وارا بيان ٻڌايا ۽ ان بعد اڳتي ٻڌايائينس.

”واقعي جي ٽين ڏينهن جڏهين پوليس وڏيڪ پڇا ڳاڇا ڪري ٿڪجي پئي تہ وري هڪ ٻيو راز کليو. نظام صراف پوليس وٽ هڪ ڏيهي اچي پيش ڪئي. جنهن ۾ سونا ايرينگ پيل هيا. هن ٻڌايو تہ واقعي واري ڏينهن شام جو رفيق رنگ ساز هن وٽ اهي ايرينگ وڪڻڻ لاءِ کڻي آيو هو ۽ وڪڻي ويو هيو. رفيق ڪيس ٻڌايو تہ اها ڏيهي هن لڌي هئي. ان ڏينهن جڏهين ڪيس خبر پئي تہ اچي پوليس وٽ پيش ڪيائين، ڇو جو هن کي شڪ پيو تہ رفيق اها تلوڪ وٽان چورائي هوندي. ان ڏينهن رفيق ساڳيءَ جڳھ ۾ ٽين ماڙ تي هڪ جاءِ ۾ رنگ جو ڪم ڪري رهيو هو. پوليس ان ڏينهن ئي جاءِ واردات تي ويئي. ان جاءِ ۾ ان وقت رڳو هڪ رنگ وارو احمد ڪم ڪري رهيو هو. احمد ڪين ٻڌايو تہ خون واري شام ڪانپوءِ رفيق وري جاءِ تي ڪم تي نہ آيو هو. پوليس ڪلاڪ ڏيڍ جي ڳولا ڪانپوءِ رفيق کي هڪ شراب خاني مان هٿ ڪيو ۽ پڪڙي ٺاڻي تي وٺي آئي. پوليس هن کان پڇا ڳاڇا ڪئي. ’تو ان ڏينهن ڪو ماڻهو مٿي چڙهندو يا لهندو ڏٺو؟‘ جواب، ’نہ‘. ’توکي خبر آ تہ ان ڏينهن شام جو تلوڪ ۽ سندس پاءُ جو خون ٿيو هو؟‘ ’نہ، مون ٻي ڏينهن اخبار ۾ پڙهيو.‘ ’ايرينگ ڪٿان لڌئي؟‘ ’رستي تان.‘ ’ٻي ڏينهن احمد سان ڪم تي ڇو نہ وئين؟‘ ’شراب پئي پيتم، عيش آرام پئي ڪيم.‘ رشيد ساهي پٽڻ لاءِ رڪيو.

”تنهنجي معنيٰ تہ مٿس ڪجھ تہ ثابتي آهي نہ!“ ڊاڪٽر انور چيو.

”اجا اڳتي تہ ٻڌ نہ،“ رشيد وري شروع ٿيو، ”ڪهڻي پڇا ڳاڇا کان تنگ اچي هن نيٺ پوليس کي ٻڌايو تہ هن ايرينگ ڏگ تان نہ پر ان جاءِ تان لڌا هئا جتي احمد سان ڪم پئي ڪيائين. هن ٻڌايو تہ شام جو هو رنگ ڪري سامان سهيڙي رهيا هيا تہ احمد هن کي رنگ وارو برش منهن تي هنيو. هو هن ڪيو پيو ۽ مسخري مسخريءَ ۾ هڪ ٻئي کي تنگ ڪندا ۽ پريشان ڪندا ، هو جاءِ مان

نڪري، هيٺ لهي آيا. هيٺ در وٽ هن احمد کي هيٺ ليٽائي ڪيس بہ منهن تي برش گهمايو، ۽ احمد کان بچڻ لاءِ ٻاهر رستي ڏي :ڳو ۽ ڳهڻيءَ ۾ لڪي بيٺو. احمد هن کي ڳولي ڳولي گهر هليو ويو. هن کي جيئن تہ سامان سهيڙڻو ۽ جاءِ بند ڪرڻي هئي، سو هو موٽي متي ويو. اجا در بند ڪرڻ وارو هيو تہ اندران در وٽ اها دبي ڏٺائين ۽ ڪٽي ڪيسي ۾ وجهي هيٺ لهي آيو، ۽ وڃي نظام صراف وٽ وڪيائين."

"در جي پنيان هاڻ درجي پنيان پئي هوندي! در جي پنيان!" سراج، جنهن هن وقت تائين چپ ڪري ويٺي ٻڌو، رڙ ڪري اٿيو. هن جي چهري تي پوءَ جا آثار ظاهر ٿي چڪا هئا.

"ها ...... ڇو؟ توکي ڇا ٿي ويو؟" رشيد اٿي هن کي ڪلهن کان جهليندي چيو.

"خواب مان ڇرڪ ڀري اٿيو هوندو،" ڊاڪٽر انور چيو، "تون اڳتي ڳالھ ڪر."

"ان کان وڌيڪ هن پوليس کي ڪجھ نہ ٻڌايو،" رشيد چيو، "پر جيڪو سو ڪالھ رات لاڪپ ۾ خودڪشيءَ جي ڪوشش بہ ڪئي هئائين. پوليس جي پڇڻ تي ٻڌايائين تہ هن ڳٽيءَ، بدناميءَ ۽ الزام جي خوف کان خودڪشي پئي ڪئي."

"تنهن جي معنيٰ تہ هن خلاف ثابتي آهي." ڊاڪٽر چيو.

"تون بہ ڪمال ٿو ڪرين ڊاڪٽر! عمر ماڻهن ۾ گذاريئي، پر ماڻهن جي نفسيات کان واقف نہ ٿي سگهين. ورند، سڳن، مزدور ۽ ٻيا ماڻهو جي واقعي کان پوءِ جا شاهد آهن، سڀ چون ٿا تہ هنن واقعي ان وقت احمد ۽ رفيق کي هڪ ٻئي سان ٻارن جيان راند ڪندو ۽ چرچا ڪندو ڏٺو هو. هو سڀ هن جي بيان جي تائيد ڪري رهيا آهن. ذرا سوچ تہ! جيڪو ماڻهو خون ڪري ايندو، سو ڪيئن ائين کل چرچا ڪندو وتندو. خونيءَ جي ذهني ڪيفيت ٿي ان وقت ٻي هوندي. نفسياتي طرح هو سٽت ٿي ۽ اڻ ڏٺو اتان ڀڄڻ ۽ نڪري وڃڻ چاهيندو."

"واقعي! پر ان جو ڪهڙو ثبوت آهي تہ اهي ايرينگ تلوڪ چند وٽان آيا؟" ڊاڪٽر پڇيو.

"اهو بہ ثابت ٿي چڪو آهي." رشيد چيو، "سڳن اهي سڃاتا آهن، ۽ مالڪ جو ڏس ڏنو آهي. مالڪ چوي ٿو تہ هن اهي تلوڪ وٽ گروي رکيا هئا."

"باقي، توهان وٽ ڪهڙو بچاءُ آهي؟" ڊاڪٽر چيو.

"اسان جو بچاءُ اهو آهي ......" رشيد ساهي پٽي چيو، "تہ اهي ايرينگ اصلي خونيءَ کان ڪري پيا هيا. جڏهين ورند جي ڪڏ سڳن بہ هيٺ لهي ويو، تہ خوني بہ در ڪولي ٻاهر نڪتو هوندو. هڪ ڏاڪڻ لٿو هوندو تہ هيٺان ماڻهن جي متي چڙهڻ جا آواز ٻڌا هوندائين. ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي هو ان رنگ ٽيندڙ خالي جاءِ

۽ گهري ويو هوندو ۽ در پويان لڪي بيٺو هوندو. جڏهين سڀ مٽي چڙهي ويا هوندا تہ هو ٻاهر نڪري هيٺ لهي ويو هوندو، ۽ نڪرڻ وقت اهان دبي اتي ڪري پئي هوندس. اهو سڀ ڪجھ ان مهل ٿيو هوندو جڏهين احمد ۽ رفيق ٻاهر نڪري ويا هوندا.“

هن اجا ايترو چئي بس مس ڪئي تہ هڪ اوپرو ماڻهو، جو تنهي جو اڻ ڏٺل هيو، در کولي اندر داخل ٿيو.

(۵)

نئون آيل شخص ڪو جوان ڪونہ هو. اهوئي چاليهن پنجيتالهن جو پئي لڳو. لٽي ڪپڙي مان خوشحال ۽ آسودو پئي نظر آيو. شان ۽ وڏائيءَ سان هو وڪ وڪ ۾ وجهي هنن ڏي وڌي آيو. چوطرف نظر وجهي هن نفرت جو اظهار چهري تي آندو، ڄڻ سوچي رهيو هجي تہ ڪهڙيءَ نہ گنديءَ جاءِ تي اچي پهتو هو. هن سراج جي ڏتڙيل حال ۽ پيگل ٽٽل فرنيچر تي نظر اچلائي، وري رشيد ڏانهن نهاريو. هن جي ادنگي ۽ ميريءَ پوشاڪ اڻ سنواريل حجامت هن کي ڄڻ وڏيڪ ڪونٺ ڏني. هو وڏائي سان ڪنڌ مٽي ڪري، ٽنهي ڏانهن ائين نهاري رهيو هو، ڄڻ هنن کي چئي رهيو هجي تہ هو هن ڪان سندس آمد بابت پڇا ڪن. پر ٽنهي مان ڪنهن بہ اول ڪانہ ڪئي. اهو محسوس ڪري تہ وڏ ماڻهپائيءَ مان ڪم نہ هلندو. هن پنهنجي چهري تي نرميءَ جا تاثر آڻي، ڊاڪٽر انور ڏي مرڪي نهاريو ۽ پڇيو، ”مسٽر سراج الدين اوهين آهيو؟“

”نہ. هي سراج اٿو. چا ڪپيو؟“ رشيد انور کي ڳالهائڻ جو موقعو نہ ڏيندي، سراج ڏانهن اشارو ڪندي جواب ڏنو.

ان غير متوقع ۽ کهري سوال، آيل شخص کي ڪجھ وقت لاءِ وائڙو ڪري ڇڏيو. هن رشيد ڏانهن متوجھ ٿيڻ چاهيو، پر وري ارادو لاهي انور ڏانهن سوالي نگاهن سان نهاريو.

”هي سراج اٿو!“ انور سراج ڏانهن اشارو ڪيو، ۽ هڪ ڊگهي اوباسي ڏئي ڪرائي مٽي ڪري واچ ۾ ٽائيم ڏٺو. سراج ماٺ ڪيو ويٺو آيل ڏانهن نهاري رهيو هو. هوريان هوريان هن جو ڌيان آيل ڏانهن وڌڻ لڳو. آخر هن اوپري ڏانهن منهن ڪري چيو، ”مان سراج آهيان! چا ڪپيو؟“

”مان محمد اسلم وڪيل آهيان. سمجهان ٿو تہ منهنجي نالي کان اوهين ناواقف نہ هوندؤ؟“ اوپري آيل هن کي غور سان نظرن مان ڪيڏندي چيو، ”سمجهان ٿو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مهل تائين اوهان کي منهنجي اچڻ جو اطلاع به ملي چڪو هوندو!"
سراج ڪوبه جواب نه ڏنو. هو ويهاڻي ۾ وڌيڪ اندر پوندو ويو. هٿ مٿي پويان ڏئي هو ڇت ۾ نهارڻ لڳو. نراسائيءَ جي لهر اسلم جي چهري تي ڊوڙي وئي، ۽ هو ڪجهه شڪي ۽ پريشان ٿي ويو.
"مان سمجهيو هو ته .... هفتو ڏيڍ اڳ لکيل خط اوهان کي پهچي چڪو هوندو. توهان جي والده جو!" هن بيٺي ئي چيو.
"اچو! ويهو ڇو نه ٿا؟" رشيد ڪرسيءَ تان اٿندي هن کي چيو، ۽ پاڻ سراج جي پيرانديءَ کان ٿي ويٺو. اسلم ڪرسيءَ تي اچي ويٺو ۽ کيسي مان رومال ڪڍي نرڙ تان پگهر اگهڻ لڳو. هو منجهيل ۽ وائڙو ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو.
"حقيقت هئين آ ته سراج گذريل چئن پنجن ڏينهن کان بيمار آهي. اڄ ئي سامت ۾ آيو آهي. مان سندس رفيق آهيان رشيد! ۽ هي اسان جو دوست ڊاڪٽر انور آهي." رشيد هن کي آٿت ڏيندي چيو، "توهان ڀلي ساڻس ڳالهايو ۽ مطلب جي ڳالهه ڪريو."
"ڏهه ڏينهن کن ٿيا ته مان توهان جي ڳوٺ ويو هوس. اتان توهان جي والده توهان ڏانهن خط لکيو هو. مان سمجهيو هو ته اهو توهان کي هن مهل تائين ملي چڪو هوندو. ان ڪري مان چار پنج ڏينهن شهر ۾ هوندي به اڄ توهان وٽ آيس، پر عجب آ ته توهان کي اجا اهو خط نه مليو آ!"
"ٺيڪ! ٺيڪ!" سراج رڙ ڪري اٿي ويٺو. "اڇا، ته اهو عاشق جيئڙو تون آهين! هاڻي سمجهيم."
ان جملي اسلم کي صدمو ڏئي پوئتي ڌڪي ڇڏيو، ۽ هو ان جي مقصد ۽ نيت تي سوچڻ ويهي رهيو. سراج، جو جوش ۾ پرجي کٽ تي اٿي ويهي رهيو هو، گهوري هن ڏانهن نهارڻ لڳو. هن کي اسلم جو سڄو وجود عجيب وغريب نظر اچي رهيو هو. شهر ۾ ٽي چار ڏينهن رهي هو پاڻ کي واقعي عاشق جيئڙو ثابت ڪري چڪو هو. ڪپڙا اعليٰ درجي جو ٽيلران جي سوٽ پيل هو. ڏاڙهي مڇون صفا چٽ هيس، ۽ خضاب به تازو ڪيل هوس. وارن کي سينڊ نڪتل هيس. پنجيتاليهه جي لڳ ڀڳ هئڻ جي باوجود به هي ٽيهن ٽيٽيهن جو پئي لڳو. سراج چپن ۾ مرڪيو، ۽ وري ليٽي ويهاڻي تي ٺيڪ ڏئي ڇت ڏانهن گهورڻ لڳو.
اسلم دل پڪي ڪئي ۽ هن جي ورتاءُ تي ڪو ڌيان نه ڏيندي، چيو، "مون کي توهان کي هن حالت ۾ ڏسي واقعي افسوس ٿيو آهي. اڳ ۾ توهان جي بيماريءَ جي خبر هجي ها ته هليو اچان ها. هت اچڻ سان ئي ڪمن ۾ ونجي ويس. هڪ به ڪيس هيا، ۽ وري لوڪلبورڊ جي ميٽنگ به هئي، سو اچڻ جو وقت ئي نه

مليم. توهان جي والده ۽ پيڻ بہ اجهو ڪي اجهو سڪر آيا. مان هنن لاءِ جاءِ جو بندوبست بہ ڪري ڇڏيو آهي."

"ڪٿي؟" سراج هيٺائيءَ سان پڇيو.

"بندر روڊ تي. نواز منزل ۾ دوست ڪان هڪ فليٽ خالي ڪرائي اٿم."

"آها تہ منهنجي گهرجي پر ۾ آهي. بدنام جاءِ آهي. اجا ڪالهہ پوليس اُتي ڇاپو هنيون هيو." رشيد چيو. "تڪڙ سبب ہي جاءِ نہ ٿي سگهي. مان پاڻ هڪ دوست وٽ رهيو پيو آهيان. مشتاق مغل، توهان ڪيس سڃاڻيندا هوندا!"

"مشتاق ليڪچرار!" سراج ذهن تي ڪجھ زور ڏيندي چيو.

"هاؤ! سنو جوان آهي. مون ڪي نوجوانن سان ملڻ ۽ محفل ڪرڻ ۾ مسرت ملندي آهي. ڇو جو انهن مان گهڻو ڪجھ پرائي سگهجي ٿو."

"اهو ڪيئن؟" رشيد پڇيس.

"دنيا ڪافي ترقي ڪري چڪي آهي. شهرن ۾ نوان خيال، نيون ايجادون ۽ نوان نظريا پهچي چڪا آهن. منهنجو خيال آهي تہ اهو سڀ ڪجھ نوجوانن سان رهي ڪري ئي معلوم ڪري سگهجي ٿو. منهنجو اهو تجربو آهي."

"تجربي مان توهان جي ڇا مراد آهي؟"

"عملي تجربو." اسلم وراڻيو.

"سراسر غلط آهي!" رشيد هن تي جلھ ڪئي، "عمل هت آهي ئي ڪونہ. اهو ڳولڻ ٻہرن ڪان ٻير گهرڻ برابر آهي. عملي زندگي ۽ عملي نظريا وغيره، سڀ بڪواس آهن."

"مان توهان سان متفق نہ آهيان." اسلم ڳالهايو، "ائين برابر آهي تہ ماڻهو اڪثر غلطي ڪري ويهي ٿو. پر هن ڪي سالم دماغيءَ سان عمل جاري رکڻ گهرجي. اڪثر ماڻهوءَ جي غلطي ڪرڻ تہ پاڻ ڏيکاري ٿي تہ هن ڪي پنهنجي مقصد سان ڪيترو چاهہ آهي. اهي سڀ غلطيون ٻاهرين حالتن جو نتيجو هونديون آهن. اهو تہ توهان بہ مڃيندؤ تہ اڪثر عملي قدم اهڙا ڪچن ٿا، جن اسان ڪي گهڻو ڪي فائدو رسايو آهي. اڄ جي ادبي تخليق ئي ڏسو. اسان ڪي ڪتان ڪان ڪتي آٽي چڪي آهي. اهو توهان ڪي تسليم ڪرڻو پوندو تہ اسان ڪافي اڳتي وڌي چڪا آهيون. سائنسي طور، اقتصادي طور ۽ سماجي طور وغيره."

"خام خيالي آ!" رشيد اتاچري نموني نوڪ ڏني.

"نہ، ائين ناهي،" اسلم برتري جو اظهار ڪندي چيو، "مثال طور ڇوٽي آهي تہ پاڙي وارن جي پرگهور لهو. ان تي عمل ڪيئن ٿئي ها؟ مان وٽ هڪ ڪوٽ هجي ها، تہ اڌ ڦاٽي پاڙي واري ڪي ڏيان ها ۽ اڌ پاڻ وٽ رکان ها! نتيجو اهو ٿئي ها جو ٻئي اگهاڙا رهون ها ۽ سيءَ مرون ها. پر نوان نظريا چون ٿا تہ اول

پنهنجي ڳڻ ڪريو. ڇو جو فرد جي ڀلائيءَ ۾ ئي سماج جي ڀلائي آهي. سيني کي سچو ۽ پورو ڪوٽ ائين هڻ ايندو. اورچ ٿي پنهنجي لاءِ دولت ڪمائڻ سان مان نہ رڳو پاڻ ئاهيندس پر پاڙي واري کي سچي ساري ڪوٽ ڏيڻ جي اهل بہ ٿي ويندس."

"ٺيڪ آ، ٺيڪ آ!" رشيد گوڏن تي هٿ هڻندي چيو، "مان توهان سان هم خيال آهيان. مون رڳو ڏسڻ پئي چاهيو تہ توهان ڪهڙن نظرين ۽ خيالن جا ماڻهو آهيو."

"مان سمجهان ٿو." اسلم سراج ڏانهن منهن ڪندي چيو، "تہ اسان جي هيءَ ملاقات، ان رشتي جي مدنظر جنهن جي توکي اڳ ئي سڌ آهي، اِڪتي هلي سٺي دوستيءَ ۾ بدلجي ويندي ...... خدا توکي ستت ئي صحت ياب ڪري ...." ۽ هو موڪلائڻ لاءِ ڪرسيءَ تان اٿي بيٺو.

"ضرور ڪنهن گراهڪ ئي ماريو هوندس؟" ڊاڪٽر، اسلم جي اٿڻ سان ئي، ڇڏيل موضوع کي کوليو. "بالڪل ائين ئي هوندو،" رشيد وراڻيو، "ان ڪري ئي تہ قادر بخش سيني گراهڪن کان پڇا ڪري رهيو آهي."

"پڇا ڳاڇا!" سراج رڙ ڪئي.

"ها! ڇو؟"

"ائين ئي. بس!"

"هنن جي خبر ڪيئن پوندس؟" ڊاڪٽر پڇيو.

"ڪجھ ٽالا هن کي سڀڻ ڀڏايا آهن. ڪن جا ٽالا سامان تي لڳيل آهن. ڪي سامان ڪڍڻ پاڻ ئي اچن ٿا."

"ضرور ڪنهن چالاڪ ۽ دلير گراهڪ جو ئي ڪم هوندو." ڊاڪٽر چيو.

"نہ، ائين نہ آهي،" رشيد ڳالهايو، "خوني ڪو نول ۽ اناڙي ٿو لڳي. اهو تہ اتفاق هو جو هو بچي نڪري ويو، نہ تہ هن مهل تائين جيل جون هواڻن کائيندو وتي ها. هو ڪو پڪو چور ۽ ڦورو بہ نہ آهي. جيڪو هٿ لڳو اٿس سو ڪٽي پڳو آهي. نہ تہ ان پيٽيءَ ۾ ئي ٻيا ڪيترا قيمتي زيور ۽ ست هزار روڪ بہ پيا هيا، جن تي هن جي نظر ئي نہ پيئي آهي. اهو شايد هن پهريون گناهہ هو، جنهن مان هوشياريءَ سان نہ پر قسمت سان بچي نڪتو آهي."

"توهان شايد وياج خور واڻئي جي خون بابت ڳالهيون ڪري رهيا آهيو؟" اسلم جو وچڻ وارو هو، بيٺي پير ڳالهائڻ لڳو. هن وچڻ کان اڳ، هڪ بہ ٻيا دانائيءَ جا گفتا ڪري، هنن تي پنهنجي شخصيت ۽ ڄاڻ جو رعب ويهارڻ ٿي چاهيو.

"هاؤ! توهان بہ تہ ان بابت ٻڌو هوندو؟ توهان جو ڇا خيال آ؟" رشيد پڇيس.

"مون کي بہ ان ۾ دلچسپي آهي. ان ڪري نہ تہ ڪو ڏوهہ وڏي ويا آهن، يا هيٺين طبقي جا ماڻهو ڏوهہ ڪن ٿا. پر ان ڪري جو اڄ ڪالهہ، پڙهيل ڳڙهيل، ڏسٽا وائسٽا، وچين طبقي جا ماڻهو بہ اهڙن ڏوهن تي لاهي پاهي بيٺا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان پڙو هوندو تہ تازو اڳين مهيني ۾ هڪ ماستر لاري ڦري. هڪ لکا پتيءَ واپاريءَ دوکيبازي جو ڏوهہ ڪيو. هڪ وڏي سرڪار ڪاموري جو ڪوڙن نوٽن چاپڻ جي ڌنڌي ۾ هٿ هيو. ان پڌي کي بہ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ ئي ماريو هوندو، ڇو جو هاري ناري ۽ مزدور مڙو نہ سونا ڳهہ رکي ۽ نہ گروي ئي ڪري. ان مهذب طبقي جي اهڙي ذهني پستيءَ جي ڪهڙي وضاحت ڏئي سگهجي ٿي؟ ڪو غريب غربو ڪري ها تہ ڪٿي مجبوري سمجهجي ها!"

"ماڻهوءَ جون معاشي حالتون پيون ڦرن گهرن." ڊاڪٽر انور وراڻيو.

"ان جي وضاحت مان ٿو ڏيان." سراج چيو، "لاريءَ واري ماستر پنهنجيءَ باس ۾ چيو آهي تہ، 'هرڪو ماڻهو هڪ نہ ٻئي حيلي سان آسودو ٿيڻ چاهي ٿو. سو مون بہ تڪڙو شاهوڪار ٿيڻ پئي چاهيو.' هر ڪنهن کي بنا محنت ۽ وقت وڃائڻ جي پئسو گهرجي."

"پر اخلاق؟ ۽ اصول ...." اسلم چيو.

"تون ان لاءِ ڇو ٿو ڳڻتي ڪرين؟" سراج وراڻيس، "تنهنجو نظريو بہ تہ اهو آهي نہ؟"

"منهنجو نظريو!؟"

"توئي تہ چيو پئي نہ تہ فرد کي ڪوشش ڪري وڌيڪ پئسو هٿ ڪرڻ گهرجي."

"هر شئي جو طريقو ٿيندو آهي،" اسلم چيو، "اقتصادي اصول قتل جو سبق نہ ڏيندا آهن. ان ڪانسواءِ اقتصاديات اخلاق جي يا اُن جي اصولن جي منافي نہ ٿي ٿي سگهي ۽ ....."

"نہ، اهو سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو ۽ ٿئي پيو." سراج ڏڪندڙ ۽ اڪرائيءَ واري لهجي ۾ چيو، "تنهنجو اخلاق اهو آهي جو هڪ ننڍي نماڻيءَ نينگريءَ سان ان ڪري شادي ڪري رهيو آهين جو هوءَ غربت هٿ لاچار آهي ...... تون هن کي پئسو ڏيکاري ۽ ڏئي احسانن جي بار هيٺ رکڻ ٿو چاهين."

"خدا جو قسم!" اسلم منهن ڳاڙهو ڪري رڙ ڪئي، "تون مون تي الزام هڻي رهيو آهين. منهنجو ڪنهن بہ وقت اهو ارادو نہ هيو، نہ وري مون ڪڏهين اهڙو اظهار ڪيو آهي. شايد ڪنهن غلط سمجهي توکي، اهو پڙهايو آهي. مان سمجهان ٿو اها غلط فهمي تنهنجي ماءُ پيدا ڪئي ...... يا تون سندس خط جو مطلب نہ سمجهي سگهيو آهين ...... حقيقت ۾ ...... حقيقت ۾ ...."

"مان چوانءِ ٿو ...." سراج ڪاوڙ ۾ ڪٽ تي اٿي بيٺو. هو سچو ڏڪي رهيو هو.

"مان چوانءِ ٿو تہ جي وري منهنجي ماءُ جو نالو ڪنيو اٿئي تہ دون پڇي

ڇڏيندو سان۽."

"ڇا؟......." اسلم منهن ۾ ٺامٺي هٽي چيو.

"مسٽر! مان تنهنجو ورتاءُ جبر سان سهي، ان ڪري چپ هوس، جو تون بيمار آهين. پر هاڻي حد ٿي چڪي آهي. مان وڌيڪ برداشت نہ ڪندس."

"مان بيمار ناهيان!" سراج منيون پيڪوڙي رڙ ڪئي.

"اهو تہ وڌيڪ خراب ....." اسلم چيو.

"پوءِ ڇا ڪري وٺندين؟ هل هتان! ٽري وڃ! نہ تہ ...." پر ان جملي پوري ٿيڻ کان اڳ ئي اسلم ڪمري کان ٻاهر نڪري چڪو هو.

"توکي ڇا ٿي ويو؟ ڇا ٿي ويئي؟" رشيد سراج کي ويهاريندي چيو.

"توهان بہ هليا وڃو! توهان بہ هليا وڃو!" سراج ڏڪڻ لڳو، "توهان بہ وڃو هليا. مون کي اڪيلائي کپي، هليا وڃو. خدا جي واسطي مون کي اڪيلو ڇڏي وڃو!"

"آءُ تہ هلون،" ڊاڪٽر انور ٻاهر نڪري رشيد کي ٻانهن کان وٺي چيو. رشيد هن جي ڪڍ ويو. ۽ ڏاڪڻ ۾ بيهندي چيائينس."هن کي ان حال ۾ ڇڏي ڪيئن وڃون؟"

"ان ۾ هن جي بهتري آهي."

"اٿس ڇا؟ مون کي تہ خبر ئي ڪانہ ٿي پوي!"

"کو صدمو پهتو اٿس. کو خيال کيس پريشان ڪري رهيو آهي. ڪجھ تہ اسلم پريشان ڪيو اٿس، جو شايد سندس پيڻ سان شادي ڪرڻ وارو آهي، جيئن سندس ڳالهين مان ظاهر پئي ٿيو، پر ان کان وڌيڪ هو ٻيءَ ڳالھ تي پريشان ٿي ٿو وڃي. تو شايد اوڏانهن ڌيان نہ ڏنو، اهو خون جو واقعو آهي!"

"ها! ائين برابر آهي،" رشيد چيو، "صبح بہ ڳالھ ٻڌي هوش هليو ويس. پوليس آفيس ۾ بہ بيهوش ٿي ويو هو!"

"ڪا ڳڙ ٻڙ مڙيو ئي آهي. شام مان وري ايندس، ۽ وڌيڪ ڳالھ ٻولھ ڪنداسين."

"مان ٽيستائين هاشم سيٺ وٽ ئي ٿو ترسان. سراج جي بہ نظر داري پيو ڪندس."

هنن جي هلي وڃڻ کانپوءِ وري جنت سراج وٽ ويئي، ۽ کانئس ڪنهن شئي شغل يا ضرورت بابت پڇيائين. پر هن کيس بہ هلي وڃڻ لاءِ چيو. هو پٽ ڏي منهن ڪري سمهي پيو، ۽ جنت بہ ٻاهر نڪري ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦)

جنت نڪتي ته هن انٽي اندران ڪنڊو ڏئي ڇڏيو. هن هڻ منهن ڌوتو ۽ ڦڻي ڏئي سنبريو سهيو. هن جي طبيعت ۾ اچانڪ سنجيدگي اچي وئي هئي. جوش ۽ خوف جو ڪجھ وقت اڳ هن تي تاري هيا، اوچتو گم ٿي ويا. هن جي سوچ ۽ چرير ۾ جهڻ پنائي ۽ صفائي اچي وئي. هن جو پاڻ ۾ گم ٿيل پروسو موٽي آيو هو. ميز تي رکيل پئسا کڻي هو چپ چاپ هيٺ لٿو، ۽ گهٽي ٽپي رستي ۾ اچي پيو. هن کي ڪا خبر ڪانه ٿي پئي ته هو ڪيڏانهن وڃي رهيو هو، ۽ ڪيس ڪيڏانهن وڃڻو هو. هن جي ذهن ۾ رڳو هڪ خيال ڦري رهيو هو، "اهو سچو ناٽڪ اڄ ختم ٿيڻ کهرجي! اٿين واپس گهر نه ورڻ کهرجي! اٿين هو ڪيستائين جالي سگهندو؟" پر اهو سڀ ڪجھ ڪيئن ٿيندو؟ اها ڳالھ هن کي سُجهي نه پئي آئي. هن ته رڳو اهو چاتو پئي ته اها راند اڄ ختم ٿيڻ کهربي هئي. رستي تان ڦري هو مارڪيٽ طرف آيو. مارڪيٽ جي ٻاهران بندو ڪپاڙيءَ جو دڪان بند پيو هو. مارڪيٽ ۾ داخل ٿيو ته ڪن ڪُوناٽن کي هڪ دڪان جي ٻاهرين دڪي تي محفل ۾ ڏٺائين. هو ٻهراڙيءَ مان مال کڻي آيا هئا ۽ گاڏيون کولي وينا دل وندرائي رهيا هئا. هڪ ڪاڏر ٽڙ وڄائي رهيو هو ۽ ٻيو ان تي بيت ڏئي رهيو هو.

هو ڪو وقت بيٺو هنن جا بيت ۽ ڪلام ٻڌندو رهيو. هنن محفل ڦٽائي ته هي به مارڪيٽ مان ٻاهر نڪتو ۽ ٽاور واري چوڪ طرف هليو. صوفي ڪلامن هن جي دل ۾ وري هڪ دفعو پراڻن خيالن کي جاءِ ڏني. هن جي دل تي هڪ دفعو وري ٻوجھ پيو. سامهون هڪ هوٽل ڏسي هو ان ۾ گهڙي ويو. هڪ خالي ٽيبل تي ويهي هن چانھ جو آرڊر ڏنو، ۽ ويهي سوچڻ لڳو ته هن کي ڪاهي شئي به گهربي هئي. هن کي ڇا کپندو هو؟ اوچتو هن کي ياد اچي ويو، هاؤ ڊاڪٽر چيو پئي ته هن اخبار ۾ پڙهيو هو. هن رڙ ڪري بيئري کي تازين پراڻين اخبارن آڻڻ لاءِ چيو. سامهون هڪ ٻيءَ ٽيبل تي ٽي چار ڄڻا وينا چانھ پي رهيا هئا. انهن ۾ هڪ حليم به پئي معلوم ٿيو. جهڻ ڪان پوءِ بيئري هن آڏو چانھ ۽ اخبارون آڻي رکيون. هن هڪ اخبار کڻي پڙهڻ شروع ڪئي.

"اف! هي ته سڀ باھ جون خبرون آهن. پشم گدلم ۾ باھ ـــــ روهڙيءَ جي هڪ ڪاٺ مڏيءَ کي باھ ـــــ نواب شاھ لڳ هڪ ڪار کي باھ ـــــ سکر ۾ هڪ ٻي به باھ ـــــ هيءَ آ اها خبر!" هن آخر اها خبر ڳولي لڌي. هن پڙهڻ شروع ڪيو. سٽون سندس اکين اڳيان نچڻ لڳيون. هو ڌيان ڏئي هڪ سٽ به نه پڙهي سگهيو. گهبراهٽ وچان هن جا هٿ ڏڪڻ لڳا. هن اخبار ٽيبل تي رکي. ڪنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ ميز تي رکي ھن ھٿن سان منھن ڍڪي ڇڏيو. ان وقت ھن محسوس ڪيو تہ ڪو سندس پرواريءَ ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. ھن ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو تہ حليمہ ڪي پر ۾ ويٺل ڏٺائين. سراج ڏانھن نھاري ھن مرڪيو ۽ چيو، ”تون ھتي ڪيئن؟ ڪالھ تہ رشيد چيو تہ تون اجا بي سرت ھئين! مان اتي بہ پڇڻ آيو ھيو مانءِ!“

”ھائو! رشيد ٻڌايو ھوم.“ ھن تي وري پڇو ۽ دل ھوليءَ جو دورو پوڻ شروع ٿيو.

”ڇا پئي پڙھيئي؟ ھن اخبار ۾ تہ رڳو بـاھين جون خبـرون آھن.“ حليمہ اخبار ڪٽندي پڇيس.

”نہ، مون اھي نہ پئي پڙھيون. مان ٻي ڳالھ پئي ڏٺي، جنھن لاءِ توکي بہ اڻ ترڻ آھي.“

”مان نٿو سمجھان. الائي ڇا ٿو ڳالھائين. اجا شايد تنھنجي طبيعت درست نہ آھي.“

”ٺيڪ آ. مان اجا بيمار آھيان. ٻڌايانءِ تہ مون ڇا پئي پڙھيو؟ چڱو، ڪن ڏئي ٻڌ! اڄ مان توکي سڀ ڪجھ ٻڌايان ٿو. (نہ، اجا نہ- ھن سوچيو) .... مون ٻڌي واٽئي جي خون واري خبر پئي پڙھي. اھو ٻڌو جنھن بـابت اوھان آفيس ۾ پئي ڳالھايو ۽ مان بيھوش ٿي ويو ھوس.“

”پوءِ ڇا ٿي پيو! ان ۾ منھن جو ڪھڙو واسطو؟“

”سراج جي ڪنپير چھري ۾ اچانڪ تبديلي اچي وئي. اوچتو اَجھل ڪل ۾ اچي ڇنو. ٺھڪ پورا ڪري ھو وري سنجيدو ٿي ويو.

”يا تہ تون چريو ٿي پيو آھي يا.....“ حليمہ اوچتو ڪنھن خيال اچڻ تي ڳالھ اڌ ۾ ڇڏي ڏني.

”يا؟ ياڇا؟ چئو! ٻڌائين چو نہ ٿو؟“

”ڪجھ بہ نہ. تون عجيب بي وقوف آھين.“ حليمہ وراڻيو ۽ ڪھڙي ڪن ھئي چپ چاپ ھڪ ٻئي کي ڏسندا رھيا.

”چانھ چو نہ ٿو پين؟ ٿڌي پئي ٿئي.“

”او! چانھ! ھا، ٺيڪ آ ....“ ۽ ھن چانھ پيئڻ شروع ڪئي.

”اڄ ڪالھ ڏوھ ڏاڍو وڌي ويو آھي. ڪالھ ٺي اخبار ۾ خبر ھئي تہ ھڪ اھڙي ٽولي جو سراغ لڳايو ويو آھي جو جعلي نوٽ ڇاپيندو ھو.“ حليمہ چيو.

”تون انھن کي بہ ڏوھاري ٿو چوين!“

”۽ تڏھين! ڏوھاري نہ آھن تہ ڇا آھن؟“

”آھي؟ اُھي تہ ٻار ھن. ڏوھاري ائين ٿيندا آھن؟ سيڪڙاٽ ۽ اناڙي ٽولو ھو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نه ته ائين پڪڙجي پون ها! هنن يڪدم شاهوڪار ٿيڻ چاهيو پئي پر طريقو نه آين. ڏچڻن ۾ نون ماڻهن کي نوٽ هلائڻ لاءِ موڪليندا هئا، جن جا هٿ پئسا وٺندي ڏڪندا هئا، ۽ ظاهر ٿي پوندا هيا. اها هنن جي بيوقوفي ۽ اڻ ڄاڻائي هئي." سراج چيو.

"ائين نه آهي. هر ڪنهن جا هٿ ائين ڪرڻ وقت ڏڪندا. مان پاڻ به ائين نه ڪري سگهندس." حليم چيو. "مون کي ته ائين ڪرڻ ۾ ڪا گهٻراهٽ محسوس نه ٿيندي." سراج وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. "مان ته جيڪر هئين ڪريان جو سئو جي نوٽ مٽائڻ وقت، هر نوٽ ٻه ٻه دفعا ڏسان. ڪجهه نوٽ وٺي، وري اڳلي ڪنهن نوٽ ۾ شڪ ڄاڻائي، وري ان کي ڏسان. اهڙي ريت ٽي چار دفعا نوٽ وري وري ڏسان ۽ ڳڙوڳڙ ائين چوندو وڃان ته ڪهڙي خبر بابا، اڄ ڪالهه ڪوڙا نوٽ به هلن پيا. ائين ڪندي هڪ ٻه نوٽ مٽائي هيا وٺان. مجال آ جو ڪنهن کي شڪ به پوي، ته مون وارو سئو جو نوٽ ڪوڙو هو!"

"تون ته خطرناڪ ماڻهو ٿو ڏسجين!" حليم چيو. "پر اهي رڳو چوڻ جون ڳالهيون آهن. هر ڪو ائين ڪري نه سگهندو. نهايت تجربيڪار ۽ عادتي ڏوهاري به ڏوهه ڪرڻ وقت گهٻرائجي ويندا آهن ۽ هنن جون وايون بتال ٿي وينديون آهن. تلوڪ جي خونيءَ جو ئي مثال وٺ. ڪيڏو نرخفو ڪري ۽ جوکو کڻي هنن کي ماريائين. پر ڦُر ڪرڻ وقت سندس هٿ ۽ دل ڏڪي ويا، ۽ ڪو خاص نقدي يا ملڪيت نه کڻي سگهيو."

"پوءِ، پڪڙيوس چو نه ٿا؟"

"منهنجو ڪهڙو ڪم! پاڻهي ئي وٺڻ وارا وٺندس."

"پڪڙنس چو نٿا؟" سراج چيو، "هو ضرور هن وقت کڻي نه کڻي انهن پئسن سان وينو عيش ڪندو هوندو. پوليس رڳو اها جاچ ڪري ته شهر ۾ ڪير آ، جو هڪ رات ۾ شاهوڪار ٿي ويو."

"ضرور پوليس ائين به ڪندي." حليم چيو، "اهڙا ڏوهاري اڪثر ائين گرفتار ٿيندا آهن."

"پر خبر ٿي ته جي مان ائين ڪريان ها ته ڇا ڪريان ها؟" سراج پڇيس.

"نه!"

"چڱو، تنهنجي دلچسپي ڏسي، اهو به توکي ٻڌايان ٿو." سراج چيو، "مان خون ڪري نقدي ۽ ملڪيت گهر نه وٺي رکان ها. سڌوئي سڌو ٻئراج طرف هليو وڃان ها. دادو ڪئنال سان سڄ ۽ اوجهڙ وارو پاسو وٺي، اها ملڪيت اتي لڪائي رکي اچان ها. پوءِ مهينو ڏيڍ ترسي، جڏهين هاڻ ماڻ ۽ لڙ لهي وڃي ها، ته ملڪيت ڪڍي عيش ڪريان ها."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون ڇريو ٿي پيو آهين.“ حليم کنهن مصلحت وچان هوريان ٻڌکيو. سراج سچو ڦکو ٿي ويو هو، ۽ سندس چپ ڦڙکي رهيا هئا. هو وڏيک حليم طرف جهڪيو. هن جا چپ وڏيک ڏکڻ لڳا. اڌ منٽ کن هن تي اها ڪيفيت رهي. هن چاتو پئي ته هو ڇا چوڻ وارو هيو. هو پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ بيءَ گهڙيءَ هن جي وات مان زور سان نڪتو.

”فرض ڪر ته مان ٿي تلوڪ کي ماريو آهي! پوءِ ڇا؟“ پوءِ هن محسوس ڪيو ته هو ڇا چئي ويو هو.

”ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟“ حليم هن ڏانهن گهوري نهاريو.

”پر تون ته ائين سمجهين ٿو! هاني؟“

”مان چيو ائين سمجهندس!“ حليم رڙ ڪئي، ”ڇريو ٿيو آهين، هرويرو پيو پريشان ڪرين!“

”ڇئبو ته ائين نٿو سمجهين؟ ته پوءِ ان ڏينهن منهنجي هلي وڃڻ بعد پويان آفيس ۾ ڇا جي پڇ پڇ پئي ڪيڙ؟ تنهنجي ڊپٽيءَ مون کان سوال ڇو پئي ڪيا؟...... ڪيٽا پئسا ٿيا؟“ هن اٿندي بيٺري کان پڇيو جو سندن اڳيان اچي لنگهيو هو.

”چار آنا.“

”هان وٺ،“ هن کيسي مان سپ پئسا ڪڍندي، آڏي هن کي ڏني ”ڏس ڪيترا نه پئسا آهن مون وٽ؟ اهي سپ ڪٿان آيا؟ ڪالهه ته مون وٽ پئسو به ڪونه هيو! توکي ته سپ خبر آ. سمجهيئي ڪٿان آيا؟“

”........ چڱو. خدا حافظ! ”هڪ ڪهڙاهٽ ۽ پڙ وچان ڏڪندو، سراج ٻاهر نڪري آيو. هو پاڻ کي ٿڪل ۽ سست محسوس ڪرڻ لڳو. هن جو ٿڪ وڌندو پئي ويو. هو اچا هوٽل جي در کان ٻاهر مس نڪتو ته سامهون رشيد سان ٽڪر ٿيس. جهٽ لاءِ هو هڪ ٻئي کي بيٺا تڪيندا رهيا. آخر رشيد ڪاوڙ مان ڪاڙهو ٿي کيس چيو.

”سو، خان صاحب! هتي پيو گهمين! بيماريءَ جي بستري تان ائين اٿي پيڱو آهين. اسان آهيون جو ڳولي ڳولي ٿڪجي پيا آهيون. جنت کي به ڏاڍا ڏڙڪا ڏئي آيو آهيان ته توکي وڃڻ جو ڏنائين. توسان آهي ڪهڙي ويڌن؟ ٻڌائين ڇو نه ٿو؟“

”مان توهان کي چيو آهي ته مون کي اڪيلو ڇڏي ڏيو. مون کي توهان جو ساٿ ۽ همدردي نه کپي. تڏهين به نٿا مڙو!“ سراج رڪائيءَ سان وراڻيو.

”پورو ٻهي به نٿو سگهين! ڇنگهان به پيون ڏڪني! اچا اڪيلو گهمندين! پنهنجو منهن آيئني ۾ ڏٺو اٿئي، ته ڪيئن ٿي ويو آهين؟“

”ٻڌ! رشيد!“ سراج چيو، ”تون سمجهين نٿو ته مون کي توهان جون

مهربانيون ۽ همدرديون نہ کپن. عجب آ! هڪ ماڻهو توهان کان پري پڇي ۽ توهان زوريءَ هن جي ڳل پئو! توهان ڇو منهنجي ڪڍ پيا آهيو؟ ڇڏيو تہ جيئن وڻيم تيئن ڪريان. مون کي پنهنجين مهربانين سان ڇو ٿا ماريو؟ ڏسين نٿو تہ هاڻي ڇاڪ ۽ چست آهيان؟ ڇڏيو تہ اڪيلو رهان! مون کي منهنجي حال تي ڇڏي ڏيو .... اها توهان جي وڏي مهرباني ٿيندي." رشيد جهٽ لاءِ ماٺ ڪيو بيٺو رهيو. ڪجھ سوچي هو سجيندو ٿي ويو ۽ چيائين، "چڱو! جيئن وڻيئي تيئن ڪر. پر هڪ ڳالھ ٻڌي ڇڏ تہ پنهنجي ڏک ۽ تڪليف تي آرو ڪري ويهي رهڻ سان، تون انهن کان ڇوٽڪارو نہ پائي سگهندين. ان ڪري چڱو ٿي تہ ساڻ سنگت سان کل. متان ڪو مدد ڪري سگهئي". "ترس تہ." سراج کي اکيي وڏندو ڏسي، هن وري رڙ ڪئي." ٻڌ! توکي خبر آ تہ، اڄ رات مان دوستن کي مانيءَ تي سڏيو آهي. سڀ دوست اتي ايندا. تون بہ ايندين نہ؟"

"نہ! مان نہ، ايندس!" ۽ هو اکيي وڌڻ لڳو.

"تون ضرور ايندين!" رشيد زور رکيو ، "ٻڌ! حليم اندر هيو؟"

"هاؤ!" هو منهن ڦيڙي اکيي وڌي ويو.

"هن کي جهلڻ گهرجي،" رشيد اندر داخل ٿي سوچيو، "شايد دماغ خراب ٿي ويو اٿس. ڊاڪٽر انور بہ اهو انو مان پئي ڏيکاريو. ڪهڙي خبر تہ وڃي خود ڪشي ڪري؟ هن کي ائين اڪيلو نہ ڇڏڻ گهرجي." ۽ هو ڊوڙي سراج جي ڪڍ لڳو. پر رستي تي ڪٿي بہ سراج نگاھ نہ آيس. جڪ ڪائي هو حليم سان ملڻ لاءِ ساڳي ئي هوٽل ۾ گهڙي ويو.

رشيد کان موڪلائي سراج سڌو بندر روڊ تي آيو. بوٽ ڪلب وٽ درياھ جي پٽ سان لوهي ريلنگس کي ٽيڪ ڏئي هو درياھ جو نظارو ڏسڻ لڳو. هو پاڻ کي ڪافي ڪمزور محسوس ڪري رهيو هيو.

ان وقت سج لهي رهيو هيو ۽ شفق جي ڳاڙهاڻ جو پرتؤ پاڻيءَ اکي رينو ڪري رهيو هيو.هن کي اتي بيٺي اڃا ڪا جهٽ بہ نہ گذري تہ هڪ قداور شخص اچي سندس پر ۾ بيٺو. بيٺي بيٺي ڪنهڙي تان ٽپو ڏئي هن ڪٽي پاڻ پاڻيءَ ۾ اڇلايو. چوطرف بيٺل ماڻهو "بچايو" "بچايو" ڪندي ان طرف ڊوڙيا. هڪ شخص ٽپو ڏيئي ان ٻڏندڙ شخص کي وارن کان گهلي ٻاهر ڪناري تي آندو. ماڻهن جا حشام اچي ڪٺا ٿيا ۽ ان خودڪشي ڪندڙ شخص جي چوگرد گهيرو ڪري بيٺا. سراج اهو نظارو برداشت نہ ڪري سگهيو، ۽ وري شهر طرف موٽيو. هن محڪم ارادي سان پوليس ٿاڻي طرف وڌڻ شروع ڪيو. "رڳو اهائي راھ وڃي بچي آهي،" هن رستي ۾ هلندي سوچڻ شروع ڪيو، "اڄ ان ناٽڪ جو ڊراپ سين ڪندس." هلندو هلندو هو بيخياليءَ ۾ مارڪيٽ طرف نڪري آيو. هڪ هنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جا پير رڪجي ويا. هن ڪان چرڪ نڪري ويو. هو ٺوڪ چند واريءَ جاءِ جي ڏاکڻ وٽ اچي پهتو هو.

هو اُنالک مٿي چڙهي ويو. چوٿين ماڙ تي پهچي هو ان جاءِ ۾ اندر گهريو. اندر ٻه مزدور جاءِ جي صفائي ڪري رهيا هيا، ۽ فرش ڌوئي رهيا هيا. هو جهٽ اتي بيٺو رهيو ۽ پوءِ اندرين ڪمري ۾ ويو جتي پيتي کولي هٽائين. هو وري ٻاهر نڪري آيو. مزدور سامان سڙو ٻڌي وڃڻ جي ڪري رهيا هئا.

"فرش ڌوئي ڇڏيو؟" سراج پڇين، "هتي رت ڪانه هئي ڇا؟"

"هئي! پر تون ڪير آهين؟ ڇو ٿو پڇين؟" هڪ جواب ڏنو ۽ هو هيٺ لهڻ لڳا.

"مان ڪير آن؟ ٿاڻي تي هلو تہ ٻڌايانءِ!" هو مزدورن جي ڪڍ هيٺ لٿو. هيٺ ٻه چار محلي جا ماڻهو بيٺا هئا. سراج هڪ کان پڇيو:

"ٿاڻو ڪليل هوندو؟"

"ڇو نہ!"

"صوبيدار ٻہ هوندو؟"

"ضرور!"

"وڃان ڪيئن، نہ؟" گهٽيءَ مان نڪري رستي پهچي سراج ٻيهي سوچڻ لڳو. هن پنهنجي اندر کان ساڳيو سوال ڪيو، ۽ جواب جو انتظار ڪرڻ لڳو. پر سندس اندر ۾ موت جهڙي ماٺ هئي. اوچتو هن پري چوسول ۾، سنجها جي منهن اونداهيءَ ۾، ماڻهن جو ڪوڙ ڏنو ۽ شور ٻڌو. وچ ۾ هڪ بگي بيٺي هئي. اوچتو شهر جون ٻتيون ٻريون ۽ اُتي سوجهرو ٿي ويو.

"اهو وري ڇاهي؟" سراج چوسول طرف مڙيو ۽ ڪوڙ ڏانهن وڃڻ لڳو.

(٤)

وچ ۾ هڪ بگي بيٺي هئي جنهن ۾ ان وقت ڪابہ سواري ويٺل ڪانہ هئي. ڪوچوان ٻہ هيٺ لٿو هٿ سان گهوڙي جي ريڻن کي جهليو بيٺو هو. چوطرف ماڻهن جو هجوم بيٺو هو، ۽ هيٺ رستي تي اهو بدنصيب شخص پيل هو، جنهن جي مٿان بگي لنگهي وئي هئي. بگيءَ وارو رڙيون ڪري چئي رهيو هو، "منهنجو ڏوهہ نہ آهي. مون تہ پري کان ئي هڪلون شروع ڪيون هيون. وچي ٻہ پنهنجي هٽ تي رهيو هوس. پر هن کي ڪٿي ڪٿيون بيٺي هئي، جو زوريءَ اچي گاڏيءَ هيٺان پيو." بيٺل ماڻهو "ها! ها!" چئي، ڪو چوان جي پٺڀرائي ڪري رهيا هئا. هيٺ پيل شخص بيهوش هيو ۽ سڄو رت ۾ ريٽو ٿيو پيو هيو. ڪپڙا ٻہ ميرا ۽ گدلا پيل هيا، پر قاتل ساڻل نہ هيا. هن جي منهن کي ٻہ گهوڙي

جا سنب رهڙي رتو چاڻ ڪري ويا هئا. بگيءَ تي ڪنهن بالاثر ۽ هلنديءَ واري ماڻهوءَ جي سواري هئي، جو بگي ماڻهن ۽ پوليس جي موجودگيءَ ۾ اتان هلي وئي. بگي پوليس واري جي مٿ ڪرم ڪري رواني ٿي ته بيٺل هجوم به اوسي پاسي ٿيڻ لڳو، ۽ ڪريل ماڻهوءَ جي چهري تي روشني پوڻ لڳي. سراج ڪيس سڃاڻي ورتو ۽ چيو: "مان هن کي سڃاڻان! مان سڃاڻانس! جي مظفر علي آهي رٽائرڊ ڪلارڪ! مون سندس گهر به ڏٺو آهي .... جلدي ڪيو ته کڻي هلونس. هن بيٺل پوليس واري جي تري گرم ڪئي ته هو به ميدان ڇڏي ويو. پر واري مسافرخاني مان ڪڻ وٺي، چار ماڻهو ساڻ ڪري هو مظفر کي سندس گهر کڻائي آيو.

ان مهل جميله ڪپڙا ڌوئي ٻاهر نندي پڌر ۾ رسيءَ تي سڪڻا وڌا هئا. وڏي ڏيڻس ڪريمه، جنهن جي عمر ڏهاڪو ورهيه کن هئي، پنهنجي پاءُ اشرف کي کيڏائي رهي هئي، ۽ ننڍي ڌيءَ فهيده کٽ تي ويٺي روئي رهي هئي. جميله پنهن جي ليکي ڪريمه سان پنهنجي گذريل زندگيءَ جي سکن جون ڳالهيون به ڪري رهي هئي ته ڪنگهي به رهي هئي. هيئان ماڻهن جو گوڙ ۽ شور ٻڌي هوءَ ڏاکڻ جي در وٽ اچي بيٺي ۽ هيٺ نهارڻ لڳي. سراج مظفر کي کڻائي مٿي چڙهي آيو. هن کي کٽ تي ليٽائي جميله سان مخاطب ٿيو.

"نشي ۾ رستو ٽپي رهيو هو، ته مٿان بگي چڙهي ويس. توهان ڳڻتي نه ڪريو، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. مون ڊاڪٽر ڏي ماڻهو ڪيو آهي. توهان شايد مون کي نٿا سڃاڻو. مان اڳ هڪ دفعو هت آيو آهيان، مظفر سان. توهان خرچ جي ڳڻتي نه ڪيو."

جميله رڙ ڪري مظفر ڏانهن وڌي. فهيده پيءُ جي حالت ڏسي، رڙيون ڪندي وڃي ڪريمه سان چهٽي. اشرف به پيءُ جي کٽ ڏانهن ڊوڙيو. جميله انهن عورتن مان نه هئي جي کو صدمو سهي هوش وڃائي ويهن. هن خبر داريءَ سان ۽ پوري حوصلي سان مڙس جي تيمارداري شروع ڪري ڏني. هن ويهاڻو کڻي مڙس جي مٿي کان ڏنو، ۽ هڪ ڦاٽل ساٽل رئو کڻي پريان پيل دلي مان آلو ڪري اچي، هن جو منهن صاف ڪرڻ لڳي. سراج هن کان ڪپڙو وٺي پاڻ هوريان هوريان هن جو منهن صاف ڪرڻ لڳو. جميله، ڪريمه کي، زرينه کي سڏي اچڻ لاءِ موڪليو، جا رئندي رئندي اوڏانهن رواني ٿي.

"توهان چو مٿان چڙهي بيٺا هوس؟" جميله بيٺل ماڻهن کي چيو، "تماشو آ چا؟ (کنگهه جو دورو) ڪنهن کي آرام سان مرڻ به نه ڏيندؤ چا؟"(وري کنگهه جي ٽونڪرا) پر هن جي ايتري چوڻ اثر ڪيو، ۽ هڪ هڪ ٿي، سراج کان سواءِ سڀ ماڻهو هليا ويا. هوءَ وڏي وري مڙس جي مٿان اچي بيٺي. مظفر کي ٿورو هوش آيو. اکيون کولي چوطرف نهاريائين، ۽ ٿڌو ساهه ڀري وري ڀوڻي ڇڏيائين. چپ هلڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳس ته جميل وڏي جهڪي ڪن ڏنو.

"ملان گهرايو ...... قران ..... بخشي." هن پٽ پٽ ڪئي. جميل اشرف کي چيو ته ڊوڙي وڃي ملان کي وٺي اچي.

اشرف نڪتو ته ڊاڪٽر اندر گهريو. مظفر جي قميص جا بٽڻ کولي هن کيس چڪاسيو. سڄي پاسي جون ٽي چار پاسيريون ڀڳي پيون هيون ۽ چمڙيءَ تي گهوڙي جي سنبن جا نيل اچا ظاهر هيا.

"تعجب آ، جو ايترن ڏکن هوندي به هوش ۾ آ. نه ته، ته بچڻ جي به اميد گهٽ آ." ڊاڪٽر هوريان سراج کي چيو.

"ڪا اميد آسرو ڪونهي؟" جميل اداس ٿي ڊاڪٽر کان پڇيو.

"نه جهڙو،" ڊاڪٽر وراڻيو، "متي واري چوٽ ڪاري آهي. دماغ ضربجي چڪو آهي . رت بند ٿيڻ جو نانءُ نٿي وٺي. پنج ڏهه منٽ مهمان آهي،" ڊاڪٽر ڪنڌ هيٺ ڪري چيو.

ان مهل ڏاڪڻ تي پيرن جو آواز ٿيو. جهٽ ڪن ۾ ملان قران شريف سوڌو اچي حاضر ٿيو. قران ڏکيءَ جي سيرانديءَ کان پاسي ۾ رکي هو جتي لاهي، دل ۾ پڙهڻ لڳو. سڀ احترام طور اٿي بيٺا. جميل به ٻار پاسي ۾ ڪري، تنڊيءَ کي ڪچ تي ڪٽي، ٻيهي ڪوڙها ڳاڙڻ لڳي. ان مهل اوچتو زور سان در کليو ۽ ڪريمه اندر ڏوڪي آئي. سندس پويان زرينه گهري. هوءَ در وٽ ئي جمي ٻيهي رهي، ۽ رومال اکين تي ڏيئي روئڻ لڳي. ملان ختمو پورو ڪري دعا گهري ۽ سراج کان پنج رپيا وٺي وڃڻ وارو ٿيو.

"خدا رحيم ۽ غفور آ! ان مان آسرو نه لاهه،" ويندي ويندي ملان جميل سان مخاطب ٿيو.

"هون! رحيم آ! هوندو! پر اسان لاءِ نه."

"چو ٿي گناهه ڪٿين؟ توبهه ڪر چري، توبهه!" ملان چيو.

"...... ۽ هي گناهه ناهي؟" جميل مڙس ڏانهن ڏسي، ٻارن تي نظر وجهندي، چيو.

"صبر ڪريو،" ڊاڪٽر ٿيلهو ڪٽي وڃڻ لاءِ تيار ٿيندي چيو، "سرڪار وٽان، يا بگيءَ واري کان، ڪجهه نه ڪجهه معاوضو ملي ويندؤ. گهٽ ۾ گهٽ هن جي پگهار جي حساب سان يا پينشن جيترو!"

"توهان کي ڪهڙي خبر!" جميل رڙندي ۽ ڪنگهندي چيو، "معاوضو چو ڏين؟ ڏوهه ته هن جو هو، ڪو هنن جو ته ڪين هو! پگهار! ڇا جي پگهار؟ ڪهڙا ٽڪا ڪمائيندو هو. اسان لاءِ ته رڳو ڏک ۽ تباهي ئي ڪمائي هيائين! سڄو ڪهر سڀ ڪجهه شراب جي ٻلي ڪري ڇڏيو هيائين! چڱو ٿيو. شڪر جو مري پيو. اهو به ٻار گهٽيو." هن تي ڪنگهه جو زوردار دور پيو. هن رومال سان وات تي آيل رت

اکيي. مظفر تارا ڦاڙي گهوري رهيو هو. هن کجهه چوڻ چاهيو پئي، پر زبان سندس ساٿ نہ پئي ڏنو. هن زال تان نظر هٽائي در طرف ڦيري، جتي زرينہ بيٺي روئي رهي هئي. شايد مظفر ڌيءَ جا سڏڪا ٻڌي ورتا هيا.

"ڪير آ؟ ڪير آ؟" هن سڄي سگهہ ڪٺي ڪري اٿڻ جي ڪوشش ڪئي. ٿورو ڪنڌ مٿي ڪري سگهيو ۽ وري ڪري پيو. هو ڪنڌ ڏاڪڻ ڏانهن ڪري زرينہ ڏي نهاريندو رهيو. هو ڪيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هن ڪڏهين بہ زرينہ کي ان عمدي پوشاڪ ۽ ٺاٺ ٺانگر ۾ ڪونہ ڏٺو هو. نيٺ هن ڌيءَ کي سڃاتو. هن جي چهري تي سخت پيڙا جا آثار اڀري آيا. هن آخري ڀيرو ڪنڌ مٿي ڪري زرينہ ڏانهن نهاريو. سندس اکين مان بہ ڳوڙها ڳڙي، ڳٽن تي اچي بيهي رهيا. "پٽ زرينہ! امڙ! مون کي معاف ڪر! مون کي بخش!" هن رڙ ڪئي، ۽ سندس ڪنڌ وهاڻي تي ڊرڪي پيو. زرينہ رڙيون ڪندي پيءَ ڏانهن ڊوڙي سندس ڀڪ ۾ ويهي ڪنڌ ڪٽي جهوليءَ ۾ رکيائين. هن سندس هنج ۾ آخري ساهہ کنيون، ۽ پوءِ هڪ هڏڪي ۽ ڇڪيٽ ڏئي سدا لاءِ سرد ٿي ويو.

"اسان کي رڻ ۾ رولي وئين! ڪهڙو اوهي واهي ڇڏي وئين؟ سيان ڪير ٻچن کي ڪارائيندئي؟ مٺا جيئري تہ جنجال هئين، مٿي بہ مصيبت ۾ وجهي وئين!" جميلہ رڙيون ڪري پاراتا ڏيڻ ۽ پٽڻ لڳي.

سراج اٿي جميلہ طرف ويو. "جميلہ" هن چيو، "مظفر مون کي پنهنجيءَ زندگيءَ متعلق سڀ ڪجهہ ٻڌايو هو. ...... سچ پچ هن جي دل ۾ تو لاءِ ڏاڍو احترام ۽ عزت هئي. جنهن ڏينهن شام جو هو مون کي هتي وٺي آيو هو، تنهن ڏينهن کان منهنجي من ۾ بہ تو لاءِ ۽ هُن لاءِ محبت ۽ دوستيءَ جنم ورتو هو. .... مون کي بہ پنهنجي هن بدبخت ڪٽنب جو ڀاتي سمجهہ، نہ ڪو غير .... هي وٺ ويهہ رپيا، مان سڀان ٿو تہ هڪ بہ ڏينهن ڪڏي ويندينءَ. مان وري سڀان پرينهن ايندس. دل نہ لاهہ! پاڻ کي اڪيلو نہ سمجهہ. چڱو، الله واهي!"

هو نون جذبن ۽ احساسن سان هوريان هوريان ڏاڪڻ لهڻ لڳو. پوئين ڏاڪي تي پهتو تہ پويان "بيهو تہ! بيهو تہ!" جو آواز ٻڌائين. هن بيهي پٺتي نهاريو. ننڍڙي ڪريم ڏاڪڻ تان تڪڙو تڪڙو ٽپندي هيٺ لهي رهي هئي.

"توهان جو نالو ڇاهي؟ ڪٿي وينا آهيو ؟" ڪريم سندس پرسان ايندي پڇيو.

"ڇو؟ ڇو ٿي پڇين؟" هن ڪيس ڪلهن کان وٺندي، ڏانهنس پيار سان ڏسندي چيو.

"ادي وڏيءَ چيو ...... امان بہ!" هوءَ چولي جي پلوءَ سان اکين جا ڳوڙها اگهڻ لڳي ۽ "بابا! بابا" ڪري وري روئڻ لڳي.

”نہ رو پٽ! نہ رو! اڪي مان توکي خرچي ڏيندس. پلا پلا ڪپڙا بہ وٺي ڏيندو مانءِ.! اسڪول ويندي آهين ني؟“ سراج هن کي پاڻ ڏي ڇڪي، نرڙ تان چمي ورتي.

”نہ، مان گهر ۾ پڙهندي آهيان. قران پڙهي پڄايو اٿم. نماز بہ پڙهندي آهيان. هاڻي اما سنڌي پڙهائيندي آهي.“ ڪريم سڏڪن ۾ وراڻيو.

”نماز پڙهي منهن ي لاءِ بہ دعا گهرندي ڪر. هان. هان ني! چڱو ڀڏ. منهن جو نالو سراج آهي، مان ڊڪ روڊ تي هڪ کهڻيءَ ۾ رهندو آهيان.“ ڪجھ ريزو ڪڍي ڪريم جي هٿ ۾ ڏئي تڪو تڪو اڪي وڌي ويو.

بندر روڊ تي، ان جاءِ تي اچي هو جهٽ بيهي رهيو، جتي ڪالھ شام جو هڪ شخص خودڪشي ڪئي هئي. ”مان اجايو حراس ۾ پئو جي تصوراتي ۾ خيالي دنيا ۾ ڀٽڪي رهيو آهيان. حياتي تہ هڪ حقيقت آهي، جنهن سان هينئر ملي آيو آهيان. مان اجا جيئرو آهيان، جيئرو رهندس!“ هن گهڙي پلڪ سوچيو، ۽ وري اڪي وڌي ويو. رشيد جي جاءِ وٽان لنگهندي، هن کي اوچتو سندس دعوت جو خيال آيو. هو مٿي چڙهي ويو . ٻاهرين ڪمري ۾ رشيد ۽ انور مليس. هو ڪائي ٻي ڳالهين ۾ لڳا پيا هئا، ۽ ٻيا مهمان اندرين ڪمري ۾ ڏما چوڪڙي لايون ويٺا هئا.

”مان توکي ٻڌائڻ آيو هوس تہ تو شرط ڪٽي. هينئر طبيعت نيڪ نہ اٿم. سو هلان ٿو. سڀاڻي مون سان ضرور ملج“. هن رشيد کي چيو ۽ موٽڻ لڳو.

”نيڪ آ. اجا نيڪ نہ ٿيو آهين. ڀلي آرام ڪر.“ ڊاڪٽر انور چيس، ”ترس تہ مان بہ هلانءِ ٿو.“ ”چاچي اهڙا ٻور ماڻهو آندا آهن جو موڊ ئي آف ٿي وئي آهي.“ ۽ رشيد بہ هنن سان گڏ هيٺ لهڻ لڳو.

”خبر ٿي، انور تو لاءِ ڇا پئي چيو؟“ انور جي موڪلائڻ بعد رشيد سراج کي چيو، ”هن پئي چيو تہ يا تہ تون چريو آهين يا ڪو سوداءُ لڳو اٿي. اسان ڪلاڪ ڪن تو بابت ئي پئي ڳالهايو. حليم بہ ڪجھ وقت گڏ هيو. هو بہ اڄ ڪالھ تو ۾ دلچسپي وٺي رهيو آهي. هن اسان کي اها سڄي گفتگو ٻڌائي، جا توسان هوٽل ۾ ٿي هيس.“

”سڀ ڪجھ ٻڌايائين؟“

”هاؤ ...... سڀ ڪجھ!..... پر هو ڪو ٻيو مطلب ٿو ڪڍي ـــ مان نٿي ۾ آهيان، پر سچ ٿو چوان ...... اسان هن جي ڳالھ تي اعتبار ڪونہ ٿا ڪريون. هو پوليس جو ماڻهو آهي، سو ائين سوچيندو. هن جي هرهر اها پڇ پسي تہ تون خون واري ڳالھ تي هراسجي ڇو ٿو وڃين. پر هو بيوقوف آ. تون دل ۾ نہ ڪجانس. پاڻهي وهم لهي ويندس.“ جهٽ لاءِ هو ٻئي چپ چاپ هلندا رهيا.

”ٻڌ، رشيد!“ سراج نيٺ چپ چوريا، ”اڄ منهنجي موڊ بالڪل خراب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هڪ دوست کي مرندو ڏسي آيو آهيان. سو ڪابہ ڳالھ ڪانہ ٿي وڻيم...... سياڻي وڏيڪ ڳالهائينداسين ...... پر ڏس تہ ... منهنجي ڪمري ۾ بتي ڪنهن ٻاري آ؟"

"جنت ٻاري هوندي." رشيد ڪمري جي دريءَ مان روشنيءَ ڏسندي چيو.

"هن مهل مٿي ڇا پئي ڪري؟ هوءَ تہ سوير ئي وڃي سمهي پوندي آهي. چڱو- خدا حافظ!" سراج ڏاڪڻ تي پچندي چيو.

"هل، هل، مان بہ هلان، ٿو. تنهنجي طبيعت خراب آهي. هٿيڪو تہ ڪري اچانءِ."

هو در وٽ پهتا تہ اندران ڪنهن جو آواز ٻڌاؤن. هو وائڙا ٿي هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳا. آخر سراج وڏي در کوليو. هو در وٽ ئي بت بڻجي بيهي رهيو.

سندس ماءُ پيڻ اندر ڪرسين تي ويٺيون هيون ۽ جنت پر ۾ بيٺي ڳالهائي رهي هئي. هو ڪلاڪ ڏيڍ کان سندس انتظار ڪري رهيون هيون، ۽ ان وچ ۾ جنت کين گذريل ڇئن پنجن ڏينهن جي روئداد ٻڌائي چڪي هئي. هنن کي اوچتو ۽ اچانڪ اتي ڏسي هو پٿر بڻجي بيهي رهيو هو. ٻئي ڄڻيون کيس ڏسي ڏانهنس ڊوڙيون ۽ خوشيءَ وچان ڳراٽڙيون پائڻ لڳس. پر هو هٿ ڪٽي کين پاڪر بہ نہ پائي سگهيو. هن اڳتي وک وڌائي ۽ ڦهڪو ڏئي ڪري پيو، ۽ بي سرت ٿي ويو. سيني جي وات ۾ رت نڪري وئي. رشيد هن کي کٽي کڻ تي ليٽايو ۽ هٿن سان مهٽڻ سهٽڻ لڳس، بشرت جا بٽڻ کولي ڇڏيائينس. ماٽس پاڻيءَ جو گلاس ڪٽي آئي ۽ منهن تي ڇنڊا هنيائينس. جهٽ ڪانپوءِ هن اکيون کوليون.

رشيد رئندڙ رضيہ کي ٻانهن کان ڇڪي سراج مٿان وٺي آيو، "ڏس! هاڻي بلڪل ٺيڪ آ! اجايو ٿي پئي روئين!" هن اهڙو تہ اوچتو ۽ سڌ سان رضيہ جي ٻانهن کي ڇڪيو جو ڪلهي وٽان سڌ نڪري ويس.

پاڳو ٽيون

جھٽ ڪانپوءِ سراج اکيون کوليون. ماڻس ۽ پيٽس پرسان بيٺل هيون. هن بنهي جا وڏايل هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليا. ماڻس جي منهن تي ڳڻتي ۽ پوءَ جي جهلڪ هئي ۽ پيٽس جا هٿ به ڏڪي رهيا ها.

”توهان هن سان جاءِ تي هلو،“ سراج رشيد ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”ڪاڏيءَ ۾ تڪليف آئي هوندؤ. ٿڪل به هوندؤ. سو وڃي آرام ڪريو...... سڀان پيا ڳالهيون ڪنداسين.“

”پر ....“ ماڻس چيو، ”تن مهينن کان پوءِ مليا آهيون. سو به هھڙي حال ۾! ائين ڇڏي ڪيئن وڃانءِ؟مان رات هتي رهنديس.“

”نه، نه!“ سراج ڪاوڙ ۽ ٻڇان سان وراڻيو، ”مون کي تنگ نه ڪريو. سڀاڻي اچجو.“

”توهان ڳڻتي نه ڪريو،“ رشيد وچ ۾ پوندي چيو، ”مان رات هن سان رهندس. ان ڪانسواءِ هن ڪوليءَ ۾ توهان جي رهڻ جي گنجائش به ڪين آهي. جي توهان ڪٿي هت رهو به، ته رضيه لاءِ اڪيلو اسلم واري ورتل جاءِ ۾ رهڻ مناسب نه آهي.“

”اءُ امان ..... اڄ ته،“ رضيه ماءُ کي ٻانهن کان وٺي پاڻ ڏي سوريندي چيو، ”ادي کي هرويرو نه ڪاوڙاءِ. ڇڏينس! جيئن چوي تيئن ڪريو.“

”ڀيهو ته!“ سراج چيو. ”اسلم سان مليا آهيو؟“

”نه پٽ!“ فاطمه ورندي ڏني، ”ڪيس خبر هوندي، سڀاڻي پاڻهي ئي اچي ملندو. اڄ توسان ملڻ آيو هوندو؟“

”هاڻ! وڏي مهرباني ڪئي هيائين! پر مون ڪيس ڌڪا ڏيئي ڪڍي ڇڏيو!“

”ڇو پٽ؟ ڇريو ٿيو آهين ڇا؟ پر.....“ هوءَ رضيه ڏانهن نهاري، ڇپ ٿي وئي. رضيه ان مهل پاءُ ڏي اڻ تڻ، ڳڻتيءَ ۽ فڪر وچان گهوري رهي هئي. هنن ٻنهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سراج ۽ اسلم جي جهڳڙي جي روئداد جنت زباني ٻڌي هئي.
"رضيا!" سراج چيو، "مون کي اهو رشتو اصل پسند ۽ قبول نہ آهي. سو هن سان ملڻ شرط ئي کيس جواب ڏئي ڇڏجو."
"پر ادا! ڪجهہ سوچ تہ ...." رضيہ چيو، "........ هاڻي ڇڏ! تنهنجي طبيعت ٺيڪ نہ آهي. سڀاڻي ان معاملي تي وڌيڪ ڳالهائينداسين."
"تون سمجهين ٿي تہ منهنجو دماغ ٺيڪ نہ آهي؟ ائين ني ...... تون منهنجيءَ پلاڻيءَ خاطر اهو رشتو قبول ٿي ڪرين. پر مون کي تنهنجي اها پاڻ مرادي قرباني قبول نہ آهي. سو سڀاڻي صبح سان ئي کيس جواب ڏئي ڇڏجو."
"ائين نہ ٿيندو!" ڇوڪريءَ ڏک وچان چيو، "توکي ڪهڙو حق آهي جو ......"
"ڇڏ ڇوڪرا!" ماڻس کيس ٻانهن کان وٺي ٻاهر ڇڪيندي چيو، "هو ٽرائيپ نہ ڪر! ڏسين نٿي اڄ هو ٺيڪ نہ آهي!"
هو ٻئي ڏاڪڻ کان هيٺ لهي آيون.رشيد بہ سندن ڪڍ هيٺ لٿو.
"ٺيڪ آ!" رشيد چيو، "اڄ ڇڏي ڏيوس. سڀاڻي تائين پاڻهي ئي دماغ ٺيڪ ٿي ويندس. جي وڌيڪ تنگ ڪندؤس تہ وري جهنگ منهن ڪندؤ. اڳهون بہ مون سان ۽ ڊاڪٽر سان ڪهرو پئي، ائين نڪري ويو هو."

هو ٽيئي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي آيا، ۽ رشيد هنن کي پنهنجيءَ جاءِ ڏانهن وٺي هليو. رشيد تي هينئر شراب اثر ڪرڻ شروع ڪيو هو. هو خالي ذهن سان رضيہ ڏانهن گهوريندو هلي رهيو هو. پر رضيہ جو سندس طرف ڪوبہ ڌيان ڪونہ هو. هوءَ پاڻ ۾ ئي گم هئي، ۽ چپ چاپ هنن سان هلي رهي هئي. رکي رکي رضيہ جو رشيد طرف ڌيان ويو پئي، ۽ سندس اُن حرڪت کي تاڙي وٺي هئي. پر جنت واتان سندس پاڻ سان لاڳاپن ۽ احسانن جو ٻڌي، هوءَ سندس ان حرڪت کي نظرانداز پئي ڪري وٺي.
"توهان ڪا ڳڻتي نہ ڪريو" رشيد ڳالهايو، "توهان کي ٺاٺيڪو ڪري، آءٌ وري سراج وٽ موٽي ويندس. ٽيستائين جنت سندس تيمارداري ڪندي. خاطري ڪريو، ڪلاڪ کن ۾ وري اچي توهان کي سندس حال احوال ڏيندم ...... پوءِ وري گهر وڃي ڊاڪٽر کي وٺي ايندس..... سراج وٽان ٿي وري توهان وٽ اچي احوالي ٿيندس. ڊاڪٽر کي بہ توهان وٽ آڻيندس ...... اهو سڀ ڪجهہ توهان کي ٻڌائيندو ..... بس ني! اجائي ٿا ڳڻتي ڪريو .... توهان مون ڏي ائين ڇو ٿا نهاريو؟ پت نٿي اچيو؟ مان سراج جو دوست آهيان .... ان ڪري توهان جو بہ دوست آهيان ..... توهان سان ريب فريب اصل نہ ڪندس ...... سچ پچ هن جي حالت خراب آهي. اڄ تہ ڊاڪٽر چيو پئي تہ هو چريو نہ ٿي پئي......"

"چا چيئي؟" فاطمہ رڙ ڪندي پڇيو، "ڇريو ٿي پوندو؟"

"ها!" رشيد چيو ۽ هلندي ٿاپو کاڌائين، "---- پر اهو هن منجهند کان اڳ پئي چيو. هاڻي حالت بهتر اٿس. دوا کان پوءِ فرق آيو اٿس. چڱو جو توهان هليا آيؤ. ---- ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ خود ڊاڪٽر اچي توهان کي هن جي حالت ٻڌائيندو---- مان توهان سان ڪوڙ نٿو ڳالهايان ---- مون کي توهان لاءِ عزت آهي، پيار آهي." ايترو چئي هن اوچتو رضيہ جو هٿ وٺي چميو. هن تي نشو پنهنجو ڪم ڪري رهيو هو.

"اهو ڇا ٿا ڪريو؟" رضيہ ڪاوڙ ۾ هٿ ڇڏائيندي احتجاج ڪيو.

"معاف ڪجو! مان بي وقوف آهيان. مان بدنصيب توهان جي مَٽَ نہ آهيان. مان توهان جي ڪهڙي عزت ڪري سگهندس!؟ مان شرمندو آهيان ---- مان شرابي آهيان، نشي ۾ آهيان ---- پر سچو آهيان! اِجهو توهان جي جاءِ بہ اچي وئي ---- ڪهڙي نہ گندي لوڪلٽي ۾ آهي؟ سراج حق تي اسلم کي ٺڏي ڪڍيو هو! معاف ڪجانءِ، رضيہ، هو تنهن جو مڱيندو آهي، پر آهي اول درجي جو لچو ۽ لوفر."

"معاف ڪجو. ميان رشيد!" فاطمہ چيو، "توهان حد کان وڌي پنهنجائپ ڏيکاري رهيا آهيو."

"ها، ها!---- توهين سچ ٿيون چئو،" رشيد تڪڙ ۾ معافي وٺڻ واري لهجي ۾ چيو. هو ٿيڙ کائي رهيو هو. "مان پنهنجي ڪئي تي پشيمان آهيان. مون کي معاف ڪجو. مون جيڪي ڪجھ چيو هو، خلوص دل سان چيو هو ---- توهان جي ڀلائي ۾ ---- پر مون کي ائين چوڻ جو ڪهڙو حق هو؟ جي هو لچو ۽ لوفر آهي تہ منهنجو ڇا ---- اجهو هي توهان جي جاءِ." هو مٿي چڙهيو ۽ پويان فاطمہ ۽ رضيہ بہ چڙهي ويون.

"آف!" فاطمہ برقعو لاهي ڪرسيءَ تي رکندي چيو، "الائي جي ڇا ٿيندو؟"

"ڳڻتي نہ ڪر امان!" رضيہ کٽ تي ويهندي چيو. "خدا- هن شخص کي اسان جي مدد لاءِ موڪليو آهي. هو نشي ۾ پيو ڇا نہ ڇا چئي، پر دل ۾ نہ ڪجي، سندس نيت نيڪ ٿي نظر اچي."

رشيد هنن کي ڇڏي هليو ويو. هو پئي ويهي سراج ۽ اسلم جي جهيڙي، ان مان پيدا ٿيندڙ خدشن، ۽ سراج جي طبيعت تي ڳالهائڻ لڳيون. هنن کي انتظار وڃان تنبُ نہ پئي آئي.

رشيد جيتوڻيڪ نشي جي حالت ۾ نارروا حرڪتون ڪري ويٺو هو، پر هو ائين ڪرڻ لاءِ حق بجانب بہ هو. رضيہ جي شخصيت چڱي کان چڱي ماڻهوءَ کي ائين ڪرڻ لاءِ آماده ڪري سگهي پئي. هوءَ قدآور ۽ بت جي چڱي چوکي هئي. سندس چهري تي ٻاجھ ۽ سنجيدگيءَ جي ورڪا پئي ٿي. مهانڊا ياءُ جهڙا هيس، پر ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحيح معنيٰ ۾ صوفيا وان چئي پيو سگهجي. سندس وار گهاٽا ۽ ڪارا هيا، ۽ اکين ۾ هڪ قسم جو تاب ۽ چمڪو هيو. سندس رنگ اڇو گلابي روَ جهڙو هيو، جو سندس تندرستيءَ جو ثبوت هيو. چپ سنهڙا ۽ وات ننڍڙو هوس. سندس من موهيندڙ منهن ۾ رڳو هڪ خامي هئي، جو سندس ڪاڏي ڪجهه ضرورت کان وڌيڪ ڊگهي هئي. پر اها ڏيگهه به قباحت بجاءِ سندس شخصيت ۾ هڪ خاص انفرادي ڪشش پيدا ڪري رهي هئي. پهريون دفعو سراج سان ڳالهائيندي مهل، ڪيس ڏسي، رشيد دل وڃائي ويٺو هو، ۽ سندس قسمت اُن سان وابسته ٿي وئي هئي.

پوري اڌ ڪلاڪ کان پوءِ، ڪنهن ٻاهران در کڙڪايو. هو موٽي آيو هو. رضيه اٿي در کوليو.

"مان اندر نه ايندس. توهان ويٺا رهو... مان رڳو ٻڌائڻ آيو هوس ته سراج هاڻي ننڊ پيو آهي..... آرام اٿس...... هاڻي وڃان ٿو ڊاڪٽر کي هٿ ڪرڻ. ڪلاڪ کن ۾ ڊاڪٽر سوڌو.توهان وٽ وري ايندس..... توهان دلجاءِ ڪريو." ۽ رشيد وري پوئين پير موٽي ويو.

"ويچارو، ڪيترو نه پر خلوص آهي... ۽ وعدي جو پڪو." فاطمه چيو.

"ڏاڍو ڪو ڀلو ماڻهو ٿو ڏسجي." رضيه ڪمري ۾ پسار ڪرڻ لڳي. پوري ڪلاڪ کن کان پوءِ وري در کڙڪيو. هينئر فاطمه اٿي در کوليو. رشيد ڊاڪٽر کي وٺي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. هن اول ته انڪار پئي ڪيو. چو جو دعوت مان اٿندي روح نه پئي ٿيس. پر سراج جي ماءُ ۽ ڀيڻ جو ٻُڌي هو اُٿيو هو. اندر گهڙڻ سان ئي رضيه تي نظر پوندي ڪيس جهٽ چرڪ پري حيران ٿي بيهڻو پيس. خاريل هوندي به هن پاڻ سنڀالي ورتو، ۽ سموري گفتگو فاطمه سان ڪيائين. هن ڪيس ٻڌايو ته سراج بلڪل ٺيڪ هو. ٿورڙي ڪمزوري هيس. جا به ٻي ڏينهن تائين ختم ٿي وڃڻي هيس. هن کي ڪا خاص خطرناڪ بيماري ڪانه هئي، پر رڳو حالتن کيس ڪجهه پريشان ڪري وڌو هو. ڊاڪٽر سچي ڳالهه سنجيدگيءَ ۽ سنڀار سان ڪري ٻڌائي. هن ان موضوع کان سواءِ ٻي طرف زبان نه هلائي. جڏهين فاطمه کانئس سراج جي چريائپ بابت سوال ڪيو ته هن وراڻي ۾ چيس، ته سراج ۾ اهڙا ڪي به اهڃاڻ ڪونه هيا. البته صبح جو ڪجهه سوداءُ هوس، جو به هينئر ڪونه هوس. اهڙي ريت ڏهه پندرهن منٽ رسمي ڳالهه ٻولهه ڪري ڊاڪٽر ٻاهر نڪتو. رشيد به ساڻس گڏ ٻاهر نڪتو ۽ ماءُ ڌيءَ کي سڀان سويل اچي حال احوال ڏيڻ جو وعدو ڪري، ڊاڪٽر سان هليو ويو.

"ڏاڍي سهڻي آ!" ڊاڪٽر ٻاهر رستي تي ايندي چيو.

"سهڻي! ڇا چيئي؟ سهڻي آ؟" رشيد رڙ ڪري چيو ۽ ڊاڪٽر جي ڪالر ۾

هٽ وڌو. "انور جا بچا! خبردار! جي وري اهڙي ڳالهه ڪئي اٿئي.... سمجهئي؟"
۽ ڪٽي پٽ ۾ رنبيائينس. "ڀڄئي!"
"ڇڏ ڙي! گڏهه!" انور رشيد کي پري ڌڪيندي چيو. هن ڪان جان ڇڏائي انور عجب ۽ پيڙ وچان بيهي کيس نهارڻ لڳو.
"مان بيوقوف آهيان ...... مان گڏهه آهيان!" رشيد ترنگ ۾ چيو. "پر تون به گڏهه آهين." ۽ هو ٻئي وري چپ چاپ اڳتي وڌيا. سراج جي جاءِ ويجهو پهچي، رشيد ڊگهي ماڻ کي ٽوڙيندي چيو.
"اڄ رات توکي سراج وٽ رهڻو پوندو. هاشم سيٺ ڪان بسترو وٺي ٿو ڏيانءِ. مان در وٽ ائين ٿي اهلي وٺندس. سمجهئي؟...... ان نموني سياڻي رضيه سان به مُڪا ميلو ٿي سگهندئي!"
"مان ڇا ملي ڪندو مانس؟ پنهنجي وس ڪان ٻاهر آهي! نه؟"
"لڪل .....اهڙي تهڙي رواجي ڇوڪري ناهي!"
"پوءِ ڇڏيس خيال کي! باقي فڪر ڇو ٿو ڪرين؟"
مان نٿو ڇڏي سگهان!"
"ڇو نه؟"
"بس! چوان جو ٿو نه! وڌيڪ وضاحت مان نٿو ڪري سگهان." رشيد ڪجهه ڪاوڙ ۾ تڪڙو جواب ڏنو.

(٢)

ٻئي ڏينهن رشيد صبح جو ائين بجي ننڊ مان جاڳيو. هو ڪافي ڳنڀير هو، ۽ راتوڪا خمار لهي چڪا هئس. هن رات جو هر واقعو ذهن جي پردي تي آندو. رات هن کي زندگيءَ جو انوکو ۽ عجيب تجربو آڏو آيو هو. سڀ ڪان وڌيڪ هن جي دل ۾ رضيه ڏانهن ورتاءَ واري ڳالهه کٽڪي رهي هئي. نه رڳو ان ڪري جو هو نشي ۾ غلط هليو هو، پر رضيه جي حالت جو ناجائز فائدو وٺي، هن سندس مڱيندي کي گهڻ وڌ به ڳالهايو هو، جنهن بابت هن کي ڪا به تفصيلي يا معتبر خبر ڪانه هئي. اهو سڀ ڪجهه هن احمقاڻي حسد وچان ڪيو هو. هن کي ائين ڪرڻ جو ڪهڙو حق هو؟ وٽس ان لاءِ ڪهڙو جواز يا جواب هو؟ انهن ويچارن هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ ۽ اڻ تڻ پيدا ڪري ڇڏي. "پر هاڻي ڇا ٿيندو؟" هن دل ۾ چيو، "اهو سڀ ڪجهه ڪيئن لئه مٽي ٿيندو؟........ عذر گناه بدتر از گناه! ڪنهن بچاءَ يا جواز پيش ڪرڻ مان ڇا فائدو؟ مون کي ڪجهه نه ڪرڻ کپي! .... چپ چاپ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻس ملي، سراج جي حالت بيان ڪرڻ گهرجي، ۽ بجاءِ دليل بازيءَ جي معافيءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي."

هن اٿي تڙ ڪيو ۽ ساڳيا رات وارا ڪپڙا پهريا. ڏاڙهيءَ تي هٿ لاهي ڏٺائين، وار وڌيل نظر آيس. اول سوچيائين ته سراج جي سيفٽي ڪٽي گهمائي، پر وري اهو خيال لاهي ڇڏيائين.

"جيئن آهي، پل تيئن ئي هجي!" هن دل ئي دل ۾ پاڻ کي چيو! "متان هو پيو مقصد ڪڍن ته مان انهن لاءِ بڻجان سڻجان ٿو.....! هو يقينًا ائين ئي سمجهندا!" هو اجا انهن خيالن ۾ گم بيٺو هو ته ڊاڪٽر انور اندر گهري آيو، جو رات سيٺ هاشم جي اوطاق تي ترسيو هو. هو گهر وڃڻ کان اڳ مريض جو حال وٺڻ آيو هو. رشيد کيس ٻڌايو ته سراج اجا ننڊ پيو هو. انور کيس هن کي نه اٿارڻ جي هدايت ڪندي چيو ته "هو وري منجهند کان اڳ کيس ڏسي ويندو. بشرطيڪ هو گهر ۾ هوندو،" ڊاڪٽر چيو، "ڪهڙي خبر متان هو ماءُ سان ملڻ وڃي. پر مان سمجهان ٿو هو وٽس ايندين." ڊاڪٽر وڌيڪ چيو.

"هو هتي ايندين،" رشيد چيو، "ڪي گهرو ڳالهيون ڪرڻيون اٿن. مان ته ان وقت هليو ويندس. پر تون ته ويٺو هجانءِ. توکي نه چوندا، ڇو جو تون ڊاڪٽر آهين نه!"

"تون ته ڪو صفا گڏهه آهين!" ڊاڪٽر چيو، "هميشه بيوقوفن جهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين. رات به نشي ۾ الائي جي ڇا ڇا بڪيو آهين. هنن کي به پريشان ڪيو اٿئي. تنهنجو ڪهڙو ڪم جو هنن کي ٻڌايئي ته مان چيو هو هي چريو ٿي ويندو؟!"

"تو ڪو نه چيو هو ڇا؟" رشيد تيزيءَ سان ورندي ڏني.

"مون ته حالتن جي مدنظر توکي راءِ ڏني هئي ته هو سوداءَ ۾ آهي ...... مون کي ڪهڙي خبر ته تون هنن غريبن کي ٻڌائي پريشان ڪري ڇڏيندين! اچ وري ڪا بي حماقت نه ڪجانءِ! خدا جي واسطي ڪين گهٽو ڳالهائڻ نه ڏج...... پر ٻڌ ته، سراج کي ان شاديءَ تي اعتراض ڪهڙو آهي؟ اسلم پڙهيل ڳڙهيل آهي ، پئسي وارو آهي ......"

"تنهنجو سندن شخصي ڳالهين سان ڪهڙو واسطو؟" رشيد جوش ۾ چيو، "وڃي ڪاڻن پڇ، مون کي ڪهڙي خبر!"

"تنهنجو دماغ اجا جاءِ نه آيو آهي. هئنگ اوور تي. پاءُ ڏهي ڪائي ڇڏ! چڱو، خداحافظ!" چئي ڊاڪٽر انور مرڪندو هيٺ لهي ويو.

نوين لڳي ڏاري، رشيد وٽن پهتو. هو ٻئي ڇينيءَ سان سندس انتظار ڪري رهيون هيون. فاطمه سندس اچڻ تي اٿي بيهي رهي، ۽ رضيه مٽس دوستاڻي ۽

قرب واري نظر وڌي. هو منجهي پيو. کيس اها توقع ڪانه هئي. هن سمجهيو هو تہ کيس رضيہ جون ڪاوڙ ۽ ڪروڌ واريون نگاهون ڪائي ويندين. اهو معلوم ڪري تہ سراج آرام ۾ ۽ ٺيڪ هو، هنن سامت جو ساهہ کنيو، ۽ رشيد کان نيرن جو پڇياڻن. هنن رشيد جي انتظار ۾ نيرن بہ ڪانہ ڪئي هئي، جا اڌ ڪلاڪ کن اڳ، اسلم جي دوست مشتاق جو نوڪر کين پچائي ويو هو. هنن ٺنهي گڏجي نيرن ڪئي. ان بعد رشيد منو ڪلاڪ کن هنن سان سراج بابت ڳالهائيندو رهيو. هن ٿوريءَ ڪاٽ ڪوٽ سان هن جي بيماريءَ ۽ حالتن جو سمورو بيان کين ڪري ٻڌايو. هو غور سان سڀ ڪجھ ٻڌنديون رهيون. جڏهين سڀ ڪجھ چئي بيٺو، تہ فاطمہ ڪائنس ائين سوال ڪرڻ لڳي، ڄڻ هن ڪجھ ڳالهايو ئي ڪين هو.

"پلا ٻڌايو تہ .... معاف ڪجو، توهان جو نالو بہ وسري ويو اٿم .... سراج هاڻي ڪيئن آهي؟ اڄ ڪالهہ ڇا ٿو ڪري؟ ڪاڏي توجھ اٿس؟ ڇا هو سدائين ڪاوڙيل ۽ چيڙاڪ هوندو آهي؟ پلا ائين ڇو ٿي ويو آهي؟" هن هڪ ساهيءَ سڀ سوال ڪيا.

"منهنجو نالو رشيد احمد آهي ....." رشيد وري شروع ٿيو.

"پر امان! اهي سڀ سوال هو هڪ ساهيءَ ڪيئن ورجائي سگهندو؟" رضيہ وچ ۾ ڳالهايو.

"مان توهان کي ڇا ٻڌايان،" رشيد ورجائڻ شروع ڪيو، "سراج کي مان گذريل ڏيڍ سال کن کان سڃاڻا. هو هميشه مغموم، مغرور ۽ ضدي ٿو رهي. ڪجھ وقت کان وهم ۽ اجاين خيالن سندس طبيعت ۾ جاءِ ورتي آهي. سندس طبيعت نرالي ۽ سياڻُ مائو آهي. دل ڪولي دوستن آڏو رکڻ بجاءِ، هو اندرئي اندر ۾ ڪامندو رهندو آهي. هو نهايت ئي مشغول هئڻ جي دعويٰ ڪندو آهي، پر اڪثر وقت سهميو پيو هوندو آهي. ٻين جي ٻڌڻ بجاءِ، پنهنجي چوڻ ۾ ئي پورو هوندو آهي .... وڌيڪ ڇا ٻڌايان؟ بس، مون کي تہ رڳو ايتري سڌ آهي! توهان جي حاضري شايد کيس درست ڪري!"

رشيد هاڻي، دل ٻڌي، ڪڏهين ڪڏهين، رضيہ ڏانهن نهاري پئي ورتو، جا ڪٽ جي پيرانديءَ کان ويٺي غور سان هن جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي. هوءَ اٿي، هٿ پويان ٻڌي، ڪمري ۾ پسار ڪرڻ لڳي. هن جا ڪپڙا سادا پر سليقي وارا هيا. جنهن ۾ رشيد هن جي سگهڙائپ ۽ شائستگيءَ جو اندازو لڳايو.

"تو اسان کي ادي بابت مفيد ۽ معتبر معلومات ڏني آهي." رضيہ چيو، "تون ان چوڻ ۾ بہ حق بجانب آهين تہ اسان جي موجودگي کيس ٺيڪ ڪري ڇڏيندي!"

"منهنجو اهو مطلب نہ هيو جو تون ڪڍين ٿي، پر تون بہ ٺيڪ ...."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر، ڇا؟“

”اهڙي ڪا ڳالهه نہ آهي. هن کي ڪنهن سان پيار ڏيار جو چڪر بہ نہ آهي.“ رشيد وراڻيو.

”تون سمجهين ٿو هن ۾ پيار ڪرڻ جي صلاحيت ڪانہ آهي؟“

”رضيہ! تون ۽ ڀاڻين، گهٽين ڳالهين ۾ هڪ جهڙا آهيو.“ هو اوچتو چڙي ويٺو، ۽ پوءِ پاڻ تي اچرج آيس، تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن چئي ويو. هو شرم وچان ڪنڌ هيٺ ڪري ڳاڙهو ٿي ويو. سندس اها حالت ڏسي رضيہ بہ هوريان کلي ويٺي.

”توهان ٻئي غلط آهيو.“ فاطمہ چيو، ”ڪن حالتن سبب سراج ائين ٿي ويو آهي. نہ تہ هو ائين ڪٿي هو يا آهي. سندس سيٺ هاشم جي نياڻيءَ سان مڱڻي وارو معاملو ان جو ثبوت آهي. اهو تہ هوءَ ويچاري گذاري وئي، نہ تہ سراج هن مهل شادي شده بہ هجي ها! توکي بہ تہ اها سڌ هوندي؟“

”مون سان پاڻ تہ ڳالهہ ڪانہ ڪئي هيائين،“ رشيد چيو، ”پر ٻڌو ضرور هوم.“

جهٽ لاءِ هو چپ ٿي ويا. آخر خاموشيءَ کي ٽوڙيندي، فاطمہ هن کان، ڪالهوڪي، سراج ۽ اسلم واري ملاقات متعلق سوال شروع ڪرڻ ڪيا. اهو معاملو هاڻي هن کي سڀ کان وڌيڪ پريشان ڪري رهيو هو. هن ڪيس تفصيل سان سڀ ڪجهہ ٻڌايو ۽ آخر ۾ اهو رايو بہ ڏنو تہ ڏوهہ سراج جو هو، جنهن اسلم کي خواه مخواه گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ چئن اڳيان ذليل ڪيو.

”هن شايد اهو سڀ ڪجهہ طئي ڪري ڇڏيو هو، اڳ ئي!“ رشيد ڳالهہ کي واڌائيندي چيو، ”نہ، تہ مون کي تہ سندس پيٽ لاءِ تجويز ڪيل رشتي ۾ ڪا خرابي نظر ڪانہ ٿي اچي. جو ڪجهہ مون رات ٻڌڪيو هو .... سو نشي ۾ هو .... ان وقت منهنجو دماغ ٺيڪ نہ هو ...... ان لاءِ مان پشيمان آهيان.“ هو سچو ڳاڙهو ٿي ويو. رضيہ جو بہ ڏيان هن طرف ٿي چڪو هو. هوءَ شرم وچان ڪڪي وکي ٿي وئي ۽ لفظ بہ نہ اڪليس.

”ٻڌ تہ، پٽ رشيد!“ فاطمہ چيو ۽ وري رضيہ ڏانهن نهاريو، ”اسان کي رشيد کان ڪا ڳالهہ لڪائي نہ رکڻ گهرجي، ڪيئن رضي!“

”ها، امان!“

”ٻڌ، پٽ!“ فاطمہ وري رشيد سان ڳالهايو، ”اڄ صبح جو اسان کي اسلم وٽان هڪ چٺي آئي آهي. ڪالهہ شام جو هن کي اسان کي وٺڻ لاءِ اسٽيشن تي اچڻو هو، پر ان بجاءِ نوڪر ڏياري مڪائين. نوڪر چئي ويو هو تہ اڄ صبح جو اسلم ميان ايندو. پر اڄ هن بجاءِ چٺي آئي آهي. هان، هيءَ اٿئي، پلي پڙهي ڏس! هن ۾

هڪ ڳالھ اهڙي آهي، جنهن اسان کي گھڻو پريشان ڪيو آهي. رضيہ تہ ان متعلق فيصلو ڪري چڪي آهي ...... پر مان اجا بہ ڏ تر ۾ آهيان. تون سندس دوست آهين، ۽ اسان کان وڌيڪ سندس ۽ سندس حالتن جي سڌ اٿئي. تون پنهنجي پراءِ ٻڌاءِ!"

رشيد چٺي کولي، جنهن تي ڪالھ جي تاريخ پيل هئي، شايد رات لکي وئي هئي. چٺي هيءَ هئي:

محترم عزيز فاطمہ،

اسلام عليڪم،

افسوس اٿم جو ڪن اڻ ٽر مصروفيتن سبب مان ڪالھ توهان سان اسٽيشن تي نہ ملي سگھيس. ان لاءِ دل ۾ نہ ڪنديون. مان شايد اڄ سيان بہ توهان سان نہ ملي سگھان، ڇو جو صبح سان لوڪلبورڊ جي مٽينگ اٿم. مان توهان سان سوير ۾ سوير سياڻي شام جو ملي سگھندم، سو بہ توهان جي جاءِ تي، سراج جي جاءِ تي نہ، جنهن ڪالھ منهنجي بيعزتي ڪئي آهي. جيئن تہ مون کي توهان سان نجيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن، ۽ ڪن ڳالهين بابت وضاحت وٺڻي آهي، سو اهو ياد ڪري ڇڏيو، تہ جي ڪڏهين ان وقت سراج توهان وٽ هوندو، تہ مان هليو ويندس. سراج هينئر خوش ٿي هنڌ ڇڏيو آهي. مون هن کي ڪالھ شام جو هڪ شرابيءَ جي گھر ڏٺو هو، جو ٽانگي هيٺان اچي مري ويو هو. هن ان جي ٻارن کي ويھ پنجويھ رپيا بہ ڏنا هيا. ان جي وڏي ڌيءَ پنهنجي فحش پيشي سبب ساري شهر ۾ بدنام آهي. مان تہ ان ڳالھ تي اچرج ۾ پئجي ويو هوس، ڇو جو خبر اٿم تہ توهان ڪيئن نہ ڪشالا ڪڍي پگھارن ۽ پورهئي مان پئسو پاڇي ڪري ڏانهس موڪليو ٿا!

وڌيڪ خير ۽ روبرو.

توهان جو نيازمند

ايم- اسلم

"مان هاڻي ڇا ڪريان، رشيد؟" فاطمہ روئڻ لڳي. "مان ڪيئن جهليانس تہ مون وٽ اڄ نہ اچي؟ جي آيو ...... ۽ اسلم کي خبر پئي تہ سارو ڪم ڊهي ويندو! الائي ڇا ٿيندو؟"

"رضيہ جي فيصلي تي عمل ڪريو!" رشيد چٺي موٽائيندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هوءَ تہ چوي ٿي .... خبر نہ آهي الائي جي ڇا ٿي چوي. مون کي تہ ڪا ڳالهہ سمجھہ ۾ نٿي اچي. نہ ئي چوري ٿي سمجھائي سگهي. ڇئي ٿي پل سراج بہ اچي تہ هو بہ. پل هڪ ٻئي جي روبرو ٿين .... پر مان تہ هن کي چئي بہ نٿي ڏيکارڻ چاهيان ...... ڪهڙي نموني هن کي جهلائي موڪليان .... اهو شرابي وري ڪير آ؟ ڏيٿس ڪهڙي بلا آ؟ سراج هنن کي پئسا ڇو ڏئي ڇڏيا، جيڪي اسان الائي جي ڪيئن بچت ڪري هن ڏي مڪا هيا؟“

”مون کي بہ خبر نہ آهي،“ ڳالهہ هن جي حالت ئي ڪجھہ اور هئي. موٽندي مون سان ڪنهن جي موت جو ذڪر ڪيو هيائين. پر ان وقت مان بہ هوش ۾ ڪونہ هوس، سو ڪجھہ سمجھہ ۾ نہ آيم.“ رشيد وراڻيو.

”ڇگو ائين ٿيندو،“ رضيہ ڪرسيءَ تان اٿندي چيو، ”تہ هينئر ادا وڃ هلون ۽ هلي ڪائنس سڀ ڪجھہ معلوم ڪيون. هاڻي طبيعت ٺيڪ هونديس.“ هن اٿي ماءُ کي بہ اٿڻ لاءِ چيو. ٻئي سهي سنيري رشيد سان گڏ هيٺ لٿيون.

هو رستي ۾ گهڻين مان چپ چاپ هلندا هليا. نيٺ فاطمہ ڳالهائڻ شروع ڪيو.”مون کي تہ سڄي رات ننڊ نہ آئي. جهٽ اک ٻوٽيم تہ خواب ڏسي جاڳي پيم. خواب ۾ جانا کي ڏٺو هوم، جا بلڪل اڇن ڪپڙن لٽن ۾ بيٺي ڪلي رهي هئي! توکي خبر آ تہ جانا مري وئي آهي؟“ هن رشيد کان پڇيو.

”نہ! مان تہ ڪيس سڃاڻان بہ ڪونہ.“ رشيد چيو.

”ڏس تہ! الائي ڇا ٿي ويو اٿم. مان سمجهو پئي تہ تون اسان جون سڀ ڳالهيون ڄاڻين ٿو. تنهنجي همدرديءَ ۽ خلوص ايترو تہ متاثر ڪيو اٿم جو توکي گهر ڀاتي ٿي سمجهان .... ڪڏهين ڪڏهين مان اهڙيون چريائپ جون ڳالهيون ڪندي آهيان ۽ ان ڪري رضيہ بہ ڪاوڙجي ويندي آهي .... پر ڪهڙي نہ تنگ ڄاءِ اٿس. اسان وٽ ڪڪڙن جون ڪڏيون بہ ان کان وڏيون ٿينديون آهن. اڃا بہ مالڪ ان کي ڄاءِ ٿو ڪوٺي.“ فاطمہ چيو.

هو ان وقت سراج جي ڄاءِ اڳيان پهچي چڪا ها. ”ماءُ ٿيڻ ڪهڙو نہ ڏکيو آهي .... مان ڪيئن ڳالهايانس جو ڪاوڙ نہ ڪري؟...... ٻن ٻاهين ۾ اچي پئي آهيان. سنڀالي چڙهجانءِ رضي، ڏاڪڻ جو تہ ڦرئي ناهي.“ ٻئي ڄڻيون رشيد پويان مٿي چڙهڻ لڳيون.

”توهان ترسو تہ مان ڏسانس تہ جاڳي ٿو يا ننڊ آ.“ رشيد در جي وٽيءَ مان ليئو پائيندي هوريان پٽڪيو.

(٣)

”هاڻي خوش آ، بلڪل خوش!“ جيئن ئي هو اندر گهريا ته ڊاڪٽر انور سندس استقبال ڪندي چيو. هو هنن ڪان پنج ڏهه منٽ اڳ ۾ آيو هو. هو ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ سندس سامهون ٻيءَ ڪرسيءَ تي سراج ويٺو هو. هو چرڻ نڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ويٺو هو. ڪالهه جي ڀيٽ ۾ واقعي خوش هو، پر چهري تي پيلاڻ ۽ لهڪار اجا هئس.ڪجهه بي آرامي به معلوم ٿي پئي. ماءُ ۽ ڀيڻ کي اندر ايندو ڏسي سندس زرد چهري تي چمڪ اچي وئي.

”ها! هاڻي مڙئي چاڪ ٿيو پيان.“ سراج ماءُ ڀيڻ کي ڪيڪار ڪان پوءِ چيو.

”مان پاڻ سندس طبيعت ۾ هيڏي ڦيري تي حيران آهيان.“ ڊاڪٽر هنن جي ويهڻ ڪانپوءِ گفتگو شروع ڪئي. ”جي ان رفتار سان صحت ياب ٿيڻ شروع ڪيائين ته ٻن چئن ڏينهن ۾ اڳ کان اڳرو ٿي ويندو. پر اهو سڀ مٿس منحصر آهي. هن هيءَ ويڌن پاڻ سان پاڻ ڪئي آهي. ڪيئن؟“

”هوندو!“ سراج ٿڏائپ سان وراڻيو.

”بلڪل آهي! هاڻي سيڪجهه توتي ٿو مدار رکي. جن ڳالهين توکي پريشان ڪيو آهي، تن تي سوچڻ ۽ ڳالهائڻ ڇڏي ڏي. تڏهين پوري نجات پائي سگهندين، نه ته وري ساڳي حالت ٿي ويندئي. تون ڄاڻين ٿو ته اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن! تو لاءِ چڱو ائين آهي ته يا ڪاليج وري جوائن ڪر يا ڪا نوڪري ڪر، واندو نه ويهه! اهو تو لاءِ خراب آهي.“ ڊاڪٽر ڳالهه پوري ڪري ويڻلن ڏانهن نهاريو.

فاطمه ڊاڪٽر جي خدمتن جي ساراه ڪئي ۽ سندس احسانن جا ٿورا مڃيا.

”مان نٿو سمجهي سگهان، ته تنهنجا ٿورا ڪيئن لاهي سگهندس.“ سراج ڊاڪٽر سان ڳالهائي وري رشيد ڏانهن مڙيو، ”دوست! مان تنهنجو به ٿورائتو آهيان. ڏاڍي توکي تڪليف ڏني اٿم.“

”ان ۾ ٿورن جو ڪهڙو سوال آ!“ رشيد وراڻيو، ”تون اجايو جذباتي ٿي رهيو آهين.“

”۽ امڙ تنهنجا ٿورا ته مان عمر نه لاهي سگهندس. مان هاڻ محسوس ڪيو آهي ته منهنجي ڪالهوڪي روش تي توکي ڪيڏو نه ڏک ٿيو هوندو.“ هن مرڪي ڀيڻ جو هٿ جهليو ۽ ان کي زور ڏنو، رضيه جي دل خوشيءَ وچان ٽپڻ لڳي ۽ منهن ٻهڪي پيو.

”پٽ! ڪهڙي ٿو پڇين،“ فاطمه چيو، ”ڪالهه ته اصلي اڌ مئو ڪري ڇڏيو هيئي. سامان جاءِ تي رکي سڌو هت آياسين، ۽ هت ويچاريءَ جنت ..... ها! جنت خوش آهين نه (جنت ڏانهن ڏسند)؟ اسان کي ٻڌايو ته تون بيماري هوندي به

ٻاهر هليو ويو هئين. منهنجا ته حوصلائي خطا ٿي ويا هئا. پر خدا توکي اجا وڏي حياتي ڏني آهي. رضيه ته چيو پئي ته اسلم سان ملي تنهنجي ڳولا ڪريون .... (هوءَ جهٽ لاءِ منجهي بيٺي ته آيا هن کي اسلم جو ذڪر ڪرڻ گهربو هيو يا نه) ..... پر هاڻي ڪا ڳڻتي ڪانه آهي."

"ها!......، پر الائي چا پئي چيم،" هن نرڙ تي آڱر رکي ڪجھ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. "هاؤ، ياد آيم! امان ائين نه پانڄجو ته ڪو مان توهان کي وساري ويٺو هوم. مان ڪڏهو ڪو توهان ڏي اچڻ لاءِ پئي سنيريم، پر ڪپڙن دير ڪرائي ڇڏي. سارا رت ۾ خراب ٿي ويا ها. رات جنت کي ڏوئڻ لاءِ چوڻ وسري ويم. ويچاري کان صبح جو اٿڻ سان ڏٺاريا اٿم. سڪا، ته پائي ويٺو مس هوم جو توهان اچي ويئون."

"الله امان ڏئي، پٽ چا جي رت؟" فاطمه وائڙي ٿي پڇيو.

"ڪالھ شام جو هڪ دوست تانگي هيٺان اچي مري ويو هو. هن کي کڻائي گهر ويس ته ڪپڙا رت ۾ داغجي پيا. ہي ڳالھ به ٻڌ امان! هڪ توهان جو ڏوھ به ڪيو اٿم. توهان وارا مڪمل پئسا به فوتيءَ جي زال کي ڪفن دفن لاءِ ڏيئي آيم، ..... ويچاري سلھ ۾ ورتي پئي هئي. ٻار به ڪي هيس ۽ وٽن ڪائڻ لاءِ به ٽڪو ڪين هو. سمجهان ٿو ته جي منهنجيءَ جاءِ تي تون هجين ها ته به ائين ڪرين ها .... پر مون کي ائين ڪرڻ جو حق ڪين هو، ڇو جو خبر اٿم ته توهان اهو پئسو ڪيئن مون لاءِ بچايو هو.مون کي گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ جو ڪو حق نه هو."هن ٽهڪ ڏنو، "ائين آهي نه؟ ڪيئن رضو؟"

"نه، ادا، هرگز نه!" رضيه حوصلي ۽ همت سان وراڻيو.

"ها، تون به ته جيون جو هڪ آدرش رکين ٿي." هن رضيه ڏانهن شرارت واري مرڪ سان ڏٺو، "۽ اهو آدرش به ساراه جوڳو آهي، ۽ تو لاءِ نيڪ ۽ فعال به. پر منهنجو چا؟...... امان مون ته رڳو توکان معافي پئي ورتي."

"ٺيڪ آ پٽ! مون کي ويساه آ ته تون جو ڪجھ ڪندين ٺيڪ ۽ صحيح ڪندين."

ان ڪانپوءِ ڪا مهل ماٺ رهي. اڄ ڳالهين، ماٺ ۽ ويچارن ۾ هڪ قسم جي ڪشش ۽ معنيٰ هئي. "هو شايد مون کان ڊڄي رهيا آهن، يا اجا بيمار سمجهي، اجايو تڪلف ڪري رهيا آهن." سراج کي خيال آيو ۽ هن هڪ دفعو وري ڪنهن مراد سان ماءُ ۽ ڀيڻ ڏانهن نهاريو، جي اجا موڳيون ۽ بيوس لڳي رهيون هيون.

"ہي خبر ٻڌئي؟" آخر فاطمه ڳالهائڻ شروع ڪيو، "ويچاري جانا مري وئي!"

"ڪهڙي جانا؟" سراج پڇيو ۽ چرڪ پريو.

"چو، پٽ؟ وسري ويئي چا؟" وڏيري صديق جي زال، خط ۾ به ته لکيو هيو مانءِ!"

"ها، ها! ياد آيم .... ڇو، ڇا ٿيس؟"

"صديق مار ڏنس. ٻي ڏينهن بخار ٿيس. ٽين ڏينهن ويچاري راهه رباني وٺي وئي!"

"ڇو مارياڻينس؟ ڪا ڳالهه هئي ڇا؟"

"نه ڪو! جانا ته ست سال هن سان ڏکيا سکيا توڙ نباهيا. صديق به متس گهور پيو ويندو هو!"

"باقي، امر ... ڪيئن ٿيو؟" سراج پڇيو.

"صديق ڪنور دل ۽ ظالم آهي!" رضيه اوچتو وچ ۾ ڳالهايو ۽ پنبڙيون ڇنبڻ لڳي.

"پر ڳالهه ڪولي ڇو نه ٿيون ڪيو؟ مون کان ڍڄو ڇو ٿيون؟ مان بلڪل ٺيڪ آهيان!" هن ڪاوڙ مان چيو.

"ادا، تون ٺيڪ ٿو ڇئين،" رضيه چيو،"امان ڏاڍو ڊنل هراسيل آهي."

"اهو ڇا هي رضي؟ نه پڻ مون کي ڪجهه به ناهي .... مان بلڪل ٺيڪ آهيان. هيءَ اجايو توکي ڇيڙائي ٿي." فاطمه جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، جي سراج جي نظرن کان لڪي نه سگهيا.

"نه، امان نه!" سراج ماءُ جا هٿ وٺندي چيو، "تون پلي کلي ڳالهاءِ. مان پاڻ سنڀالي ورتو آهي."

"چڱو پلا، مان هلان ٿو .... اسپتال ۾ مريض انتظار ڪندا هوندا." ڊاڪٽر اٿي، ڪنڌ جهڪائي سيني کي سلام ڪيو ۽ ٻاهر نڪري ويو.

"چڱو پلا، مان به هلان ٿو." رشيد به ڪرسيءَ تان اٿيو.

"ڪاڏي؟ ڇريو آهين ڇا؟ انور ويو ته معنيٰ تون به وڃين! اڃا ته ٻارهن به نه ٿيا آهن. واچ ته ڏاڍي سني ٿي!" هن رضيه جي ڪرائيءَ ۾ پيل واچ ڏانهن ڏسندي چيو.

"ويچاريءَ جانا، ڏني هئي." رضيه ڳهڙيءَ ڏانهن ڏسندي چيو.

"مان اسلم جي سوکڙي سمجهي هئي!" سراج چيو.

"نهيو! ڇئبو ته اسلم جي نٽس!" دل ئي دل ۾ سوچي رشيد خوشي ۽ ڇوٽڪارو محسوس ڪيو.

"امان، ياد ٿي، ته مون به شادي ڪرڻ پئي چاهي؟" سراج چيو.

"ها پٽ!" فاطمه رضيه ۽ رشيد ڏانهن نهاريو.

"پر ويچاري سوير ئي هن بدبخت جهان مان هلي وئي. ڏاڍي سماجهي ۽ ٻاجهاري سياءَ واري ڇوڪري هئي. پيءُ ڪان ڇوريءَ ڇوريءَ غريبن کي خير ڏيندي هئي.ڇوندي هئي ته ڊاڪٽرياڻي ٿي غريبن جو مفت علاج ڪنديس. پر اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ڪجھ تہ خواب هوا!“ ۽ هو اٿي ڪمري ۾ پسار ڪرڻ لڳو.
گهڻي وقت کان پوءِ مليل مائٽن جون اهي ڳالهيون ٻولهيون ختم ٿيڻون ئي ڪين هيون. پر هڪ ڳالھ اهڙي هئي جا سراج ان ڏينهن ختم پئي چاهي. ننڍ مان اٿڻ سان ئي هن اهو طي ڪري ڇڏيو هو. پسارن ڪندي هن کي اها ڳالھ ياد پئي.
”ٻڌ، رضي!“ هن ڀُڻڪيندي چيو، ”مان توکان ڪالھ واري ورتاءَ جي معافي ٿو وٺان. پر گڏوگڏ اهو بہ ٻڌائي ٿو ڇڏيانءِ تہ مان پنهنجي راءِ ۽ فيصلي تي اٽل آهيان . جي تو اسلم سان شادي ڪئي، تہ ائين سمجهجانءِ تہ، تنهنجو ڀاءُ مري چڪو.“
”ادا! سچو ڏوھ تنهنجيءَ سوچ جو آهي،“ رضيہ وراڻيو، ”مان رات ان نتيجي تي پهتي آهيان. تون سمجهين ٿو تہ مان تنهنجي مستقبل جي ڪري اها قرباني ڪري رهي آهيان. اُها ئي ڳالھ آهي تہ جي منهنجي ان عمل سان گهر جي بهتري ٿئي ٿي تہ مان ارهي نہ ٿينديس. پر منهنجو مکيہ مقصد اهو نہ آهي!“
”ڪوڙي!“ سراج دل ۾ سوچيو، ”هوءَ ڪڏهين بہ اهو نہ مڃيندي تہ هوءَ اهو سڀ ڪجھ اسان جي ڀلي خاطر ڪري رهي آهي. ڏاڍي ضدي آهي.“
”حقيقت ۾،“ رضيہ ڳالھ جاري رکندي چيو، ”مان اهو سڀ ڪجھ پنهنجي رضا خوشيءَ سان ۽ پسند پٽاندر ڪري رهي آهيان.“
”تون ڪوڙ ٿي ڳالهائين،“ سراج چيو، ”ادي، تون ڪڏهين بہ اسلم کي پسند يا پيار نٿي ڪري سگهين! مان هن سان مليو آهيان. ڳالهايو ٻوليو آهيان. هن ۾ ڪا جاذبيت يا ڪشش نہ آهي. مان تنهنجي طبيعت ۽ هُن جي لاڙن ۽ ويچارن کان واقف آهيان.“
”نہ، ائين نہ آهي.“ رضيہ چيو، ”مان سچ ٿي ڳالهايان. مان هن کي چاهيان ٿي، ۽ يقين اٿم تہ هو بہ مون کي چاهي ٿو. ان جو ثبوت اڃ بہ مون وٽ موجود آهي، ۽ اهڙي شادي حماقت نٿي ٿي سگهي. تون مون سان ائين ڇو ٿو بتال ڪائين؟ ڪو خون تہ ڪونہ ٿي ڪريان؟!...... ائين ڇو ٿو نهارين؟ توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ ٻڌاءِ ادا، ٻڌاءِ؟“
”اڄايو ڇو ٿي پاڻيءَ مان ڪڍينس، ڇوڪر؟“ فاطمہ گهبرائجي چيو.
”نہ، نہ، ڪجھ ناهي،“ سراج چڻ سجاڳ ٿيندي چيو، ”ائين ڪو خيال اچي ويو ...... ها! تو چيو پئي تہ تو وٽ اڃ بہ اهڙو ثبوت آهي تہ هو توکي چاهي ٿو. ڪهڙو ثبوت آ؟ ڏيکار تہ!“
”امان! اسلم واري چٺي ڏيکارينس.“ رضيہ چيو.
ڏڪندڙ هٿن سان ماءُ چٺي پٽ کي ڏني. هن اتساه مان اها ورتي ۽ ان کي کولڻ کان اڳ عجب وچان رضيہ ڏانهن نهاريائين. ”پر، منهنجو ڇا وڃي؟ مان ڪير

آن؟ جنهن سان وٽيئي تنهن سان شادي ڪرا" هن اهو ڪجهه پاڻ کي چيو، پر ڪجهه وڏي آواز سان، ۽ پوءِ موڪو ٿي رضيه ڏانهن نهاريائين. هن خط کولي ڏيرج سان پڙهڻ شروع ڪيو. هڪ دفعو پڙهي وري ٻيهر پڙهڻ شروع ڪيائين. سڀ ڪنهن نئين ڳالهه يا سين لاءِ منتظر هئا.

"عجب جهڙي ڳالهه آهي،" هن چئي ماءُ کي موٽائيندي ائين ڳالهايو ڄڻ ڪنهن خاص هڪ سان نه پئي ڳالهايائين. "ته هو بنيادي طور هڪ واپاري آهي، ان ڪري رڳو مڪر ٺي مڪر اٿس. وڪيل هوندي به هو اهڙا غيرمهذب خط ٿو لکي. سڄي واٽڪي ٻولي لکي اٿائين، ڄڻ ڪو گروي نامو پيو لکي. ڪنهن پياري ۽ پنهن جي ماڻهوءَ ڏي ائين ته خط نه لکبو آهي!"

"اسلم اهو لکائڻ مناسب نه سمجهيو آهي ته هو ڪو واپاري ذهنيت رکي ٿو. اها هن جي اخلاقي جرأت آهي!" رضيه پاءُ ڏانهن نهاريندي چيو.

"توکي شايد منهنجي تنقيد تي مليان ٿي لڳي. تو منهنجو مطلب پورو نه سمجهيو آهي. مون کي ڏسي هلي وڃڻ جو دڙڪو غير مهذب ۽ حيواني آهي. تون ان کي ائين نٿي سمجهين ڇا؟"

"ائين برابر آهي،" رضيه وراڻيو، "پر حقيقت ۾ هن کي خط لکڻ جو ڍنگ نٿو اچي. نه ته هو اها ڳالهه ٻي ۽ مهذب نموني ۾ لکي سگهي ها!"

"ان کان سواءِ هن هڪ ٻي به جڪ ماري آهي!" سراج چيو، "هن مون کي اجايو بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو سڀ ڪجهه توهان جي دلين ۾ مون لاءِ نفرت ۽ ويڇي وجهڻ جي نيت سان ڪيو اٿائين. هن وڪالت جو گر استعمال ڪري، حقيقت کي موڙي سوڙي، ٻئي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حقيقت ائين نه آهي، جيئن هن پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون پئسا ڇوڪريءَ کي ڪونه ڏنا هيا، پر ماڻس کي ڏنا هيا، جا سلهه ۾ ورتي پئي آهي ۽ هڪ ٻن ڏينهن ۾ هلڻ واري آهي. سي به ڪفن دفن لاءِ ڏنا هيم، نه ڪي ٻي ڪارج يا مقصد سان. هو ذهين نظر اچي ٿو، پر سندس ذهانت بديءَ پاسي گهٽي لڙيل آهي. اهو عمل سندس سياءَ ۽ طبيعت جي لاڙي جي نشاندهي ڪري ٿو، ۽ ٻڌائي ٿو ته هو ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي .... پر، رضيه! ياد رک! هن جي دل ۾ تو لاءِ ڪوبه پيار ڪونه آهي. مان سڀ ڪجهه سچ ۽ تنهنجي ڀلي ۾ چئي رهيو آهيان."

رضيه ڪو جواب نه ڏنو. هن فيصلو ڪري ڇڏيو هو، ۽ رڳو شام جي منتظر هئي.

"تنهنجي ڇا مرضي آ؟" فاطمه ڪجهه بيزاريءَ جو اظهار ڪندي چيو.

"ڇا بابت؟" سراج سوال ۾ وراڻيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اسلم لکيو آ تہ شام جو تون اتي نہ هججانءِ، نہ تہ هو هليو ويندو...... تون ايندين ڇا؟" ماءُ آخر ڏکيو ۽ اٽڪيل سوال ڪري ئي ويٺي.

"ان لاءِ مان ڇا ٿو چئي سگهان؟ اهو فيصلو تہ تنهنجي وس آهي ۽ ٻيو رضيہ جي! مان ائين ڪندس، جيئن توهين چونديون." سراج بي دليءَ سان وراڻيو.

"رضيہ تہ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. هينئر تہ مان بہ اُن سان متفق آهيان ." فاطمہ تڪڙو وراڻيو، ڄڻ بار هلڪو ڪرڻ پئي چاهيائين.

"مان فيصلو ڪيو آ تہ تنهنجو اتي هجڻ تمام ضروري آهي- ايندين ني؟" رضيہ چيو.

"هاءُ!"

"مان توکي بہ عرض ڪنديس،" رضيہ رشيد ڏانهن ڪنڌ ڦيري چيو، "تہ اڄ رات جو ائين بجي تون بہ اسان وٽ اچجانءِ. هن کي بہ اچڻ گهرجي، نہ امان؟" هن ماءُ کي چيو.

"ٺيڪ آ،" فاطمہ وراڻيو، "سڀ ڳالهيون آمهون سامهون ڪنهن جي روبرو ٿيڻ ۽ اڪلائڻ گهرجن. ڪا ڳالهہ لڪل نہ رهي. کُلي ڳالهائجي تہ چڱو. اسلم جي ناراضگي يا راضپي جو سوال ان کان وڌيڪ اهم نہ آهي."

(۴)

ان مهل نهايت ئي هوريان هوريان دروازو کليو، ۽ هڪ نوجوان ڇوڪري، ڊڄندي هٻڪندي اندر داخل ٿي. هر ڪو حيران ٿي هن ڏانهن نهارڻ لڳو. خود سراج بہ اٿندي ۾ هن کي سڃاڻي نہ سگهيو. هوءَ زرينہ هئي، مرحوم مظفر جي وڏي ڌيءَ. سراج هن کي پهريائين اهڙي ماحول ۽ حالتن ۾ ڏٺو هو جو سندس صورت چڱيءَ ريت ذهن نشين نہ ڪري سگهيو هو. اڄ هوءَ گهرو ۽ عام رواجي ويس ۾ هئي. ڪونيءَ ۾ غير متوقع طور ايترا ماڻهو ڏسي هوءَ منجهي بيهي رهي."اڙي، تون!" سراج هن کي نيٺ سڃاڻندي، پريشان ٿي رڙ ڪئي. هن ڄاتو پئي تہ ماڻس ۽ پيٽس کي اسلم خط رستي زرينہ بابت ٻڌائي ڇڏيو هو، ۽ اهو بہ لکيو هو تہ هوءَ بدنام ڇوڪري هئي.

"تون ڪيئن؟" سراج تڪڙ ۽ گهٻراهٽ ۾ چيو، "آءُ، ويھ!"

زرينہ اڳتي وڌي. رشيد ڪرسيءَ تان اٿي، ڪٽ جي واڏڻ ڪان ٿي ويٺو، ۽ هوءَ اچي ڪرسيءَ تي ويٺي، ۽ ڪجھ عجب ۽ پريشانيءَ وچان سڀني ڏانهن نهارڻ لڳي.

"مان ...... مان ..... ڏاڍي تڪڙي آهيان. معاف ڪجو توهان جي ڳالهين ۾ رنڊڪ اچي وڌي اٿم." هن ههڪي ههڪي ڳالهائڻ شروع ڪيو، "مون کي امان موڪليو آهي ...... اهو ٻڌائڻ ته شام بابا جو ختمو آهي. توهان ضرور اچجو. ايندؤ نه؟" هوءَ ڪرسيءَ تان اٿي.

"مان ڪوشش ڪندس.... ضرور ...... ضرور." هو گهبراهٽ ۾ اٿي بيٺو. "...... پر ٻه منٽ ترس ته .... توسان ڪجهه ڳالهائڻو اٿم ...... آ، ويهه!" هن ڪيس ٻانهن کان وٺي وري ڪرسيءَ تي ويهاريو.

زرينه ويهي رهي. سراج جي هٿ وجهڻ تي ڪجهه شرمائي. اک ٽيٽ سان وينل ٻن عورتن ڏانهن نهاري وري اکيون پنهنجن پيرن ۾ وجهي ڇڏيائين. سراج جي ٻه ڇڻ لونءِ ڪانڊارجي ويئي هئي. "امان! هيءَ زرينه آهي. مظفر جي ڏيءَ جيڪو ڪالهه ٽانگي هيٺان اچي فوت ٿي ويو، ۽ جنهن متعلق هينئر توهان سان ڳالهيون ٿيون." فاطمه زرينه تي گهري نظر وڌي. رضيه ٻه هن ڏانهن ڳولاڻ اکين سان نهاريو. زرينه گهبرائجي وئي ۽ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين.

"مان توکان پڇڻ پئي چاهيو،" سراج چيو، "ته ڪالهه خير ٿي و يو نه؟..... ڪنهن تنگ ته نه ڪيو؟"

"نه!" زرينه جهڪي آواز ۾ چيو، "ٽانگي واري هر ڪنهن جا ڪيسا گرم ڪري ڇڏيا هيا." هن جا چپ ۽ ڪاڏي ڏڪڻ لڳا. سگهه سهيڙي هن پاڻ تي قبضو ڪري ورتو، ۽ ڦڙت ٿي ويٺي.

سراج هن کي گهوري رهيو هو. هن جو رنگ ڪٽڪ رنگو هو. نڪ ۽ ڪاڏي نوڪدار هيس. هوءَ قبول صورت هئي، پر اکيون غير رواجي طور تي گهريون ۽ پرڪشش هيس، جي ڪنهن جو به ڌيان ڇڪائڻ جي قوت رکي پئي سگهيون. هوءَ ٢٢- ٢٣ سالن جي هئي، پر بُت ۽ هانيءَ مان ان کان گهٽ عمر جي پئي لڳي.

"ايڏو خفو ڪيئن ڪندو؟" سراج چيو، "ڪفن دفن تي ئي ڪافي خرچ اچي ويو هوندؤ؟"

"مڙئي، امان پورت ڪري ڇڏي، توهان ڪجهه پئسا ڏئي ويا هيا. ڪجهه پاڻ وٽ به هيا .... مان ته امان کي اجائي خرچ کان گهڻو جهليو. پر هو لوڪ لڄا ڪري ضد تي آهي." جهٽ لاءِ وري ماٺ ٿي وئي. فاطمه رحم جوڳين نظرن سان زرينه ڏي ڏٺو.

"سراج،" فاطمه اٿندي چيو، "اڄ رات ملنداسين. اٿي ڇوڪرا! ته هلون .... پٽ تون ٿورو وائکو ٿي وري اچي آرام ڪجانءِ. اجا ٿڪ ۽ هيٺائي هوندئي."

"ها، امان! رشيد کي به ورتيون ايندس." سراج به اٿي بيٺو.

"ڇگو پٽ! ﭬي امان الله!" فاطمه چيو ۽ رضيه کي هٿ کان ورتو. هن زرينه

کان به موڪلائڻ پئي چاهيو، پر الائي ڇي ڇو هٻڪي بيهي رهي. پر رضيه مرڪي هن کان موڪلايو، "چڱو ادي!" زرينه جي اندر ۾ اُن مرڪ ۽ موڪلاڻيءَ اڻ تڻ پيدا ڪري ڇڏي. سراج مرڪي، ڪنڌ لوڏ سان، رضيه جي اُن موڪلاڻيءَ جي موٽ ڏني، ۽ هن جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. زرينه اُن تي وڌيڪ متعجب ٿي وئي. هن کي سراج جو ڪالهه وارو ڳنڀير چهرو ياد اچي ويو، ۽ ڳڏوگڏ سندس پيءَ وارو حادثو، گهر جو منظر ۽ پنهنجي ڳهاريل جيون جي هلڪي جهلڪ ذهن جي پڙدي تي ايندا ويا.

❖ ❖ ❖ ❖ ❖

"چڱو ٿيو، ڳُڻتي ته لٿي! هاڻي سراج بلڪل خوش آهي." فاطمه رستي تي رضيه سان ڳالهايو.

"اڃا ڪجهه هيٺائي اٿس، ۽ پريشان به آهي، اسان لاءِ!" رضيه وراڻيو، "خبر ناهي رات الائي ڇا ٿيندو؟"

"سوچ ئي نه! جيڪو ٿيڻو هوندو، سو ٿيندو!" فاطمه وراڻيو.

هو ڪا دير ماٺ ۾ هلندا هليا. اوچتو فاطمه کي ڇڻ ڪا ڳالهه ياد اچي وئي.

"مون کي ته اِن ڇوڪر مان پڙ ٿو ٿئي!"

"ڪهڙي ڇوڪري؟" رضيه اڻ ڄاڻائي جو اظهار ڪندي چيو.

"زرينه! جيڪا سراج وٽ ويٺي آهي. منهنجي خيال ۾ سندس سوداؤ ۽ ڳڻتي ۽ پريشانيءَ جو ڪارڻ اها ڇوڪري آهي. مان هن جي اندر ايندي ئي سڀ ڪجهه سمجهي ويس." فاطمه چيو.

"تنهنجو خيال اجايو آهي." رضيه وراڻيو، "ڪالهه شام جو ته هن سان پهرين ملاقات ٿي اٿس! ڏٺئي نه اڄ پهريائين، هن کي سڃاڻي ئي نه سگهيو."

"تون نه مڃيندينءَ!" فاطمه چيو، "اصل ۾ تون به ته پاءُ وانگيان ضدي ۽ پنهنجي خيالن واري آهين نه! پر ڏسجانءِ، ته منهنجو چوڻ سچ ٿو نڪري نه! عجب ڇوڪرو آهي! خبر به هيس ته اسلم اسان کي ڇوڪريءَ لاءِ ڇا ڇا نه ٻڌايو آهي، تڏهين بہ اسان سان ڏيٺ ويٺ ڪرايائين!"

"ماڻهو ته پيا چوندا رهندا آهن. پر مون کي يقين آ ته هوءَ ڪا خراب ڇوڪري نه آهي." رضيه چيو. "ڏٺي، ڪو وات ۾ ڪنڊ وجهيئي!" فاطمه ٺڏو ساه ڀري چيو.

❖ ❖ ❖ ❖ ❖

"مان توکي ان ڪري ترسايو آهي ......" سراج، رشيد کي ٻانهن کان ڇڪي دريءَ وٽ آڻيندي چيو.

"پوءِ، مان امان کي ڇا جواب ڏيان؟" زرينه ڪرسيءَ تان اٿندي چيو.

"هڪ منٽ ترس! توسان بيو ڪجھ بہ ڳالهائڻو اٿم. تہ بہ ڏ!" هو وري رشيد سان مخاطب ٿيو، "هن کي سڃاڻين نہ .... نالو بہ چڱو اٿس؟ .... ها، ڏيڻي قادر بخش؟ جيڪو تلوڪ واري خون جي جاچ پيو ڪري."

"هاؤ! پري جو مائٽ آهي.ڇو؟"

"هو اها جاچ بہ ڪري رهيو آهي تہ ڪنهن ڪنهن جا وسيلا واٽي وٽ گروي رکيل هيا. مان بہ هن وٽ ٻہ شيون گروي رکيون هيون. هڪ ٻاٻي جي گهڙي، ۽ ٻي منڊي، جا ادي رضيہ ڏني هئي. سو ممڪن آهي تہ اڄ رات جو امان جن انهن لاءِ پڇن. ان لاءِ سوچيم پئي تہ اهي هلي هٿ ڪري اچجن. منهن جو خيال آ تہ آفيس بجاءِ قادربخش جي گهر هلون تہ چڱو. خلاصو ڳالهائي سگهنداسين. تنهن جو ڇا خيال آ؟"

"منهنجي بہ اها راءِ آهي. گهر ويجهو بہ اٿس، ۽ هينئر ات هوندو بہ. مان ساڻس تو بابت هڪ ٻہ دفعو ڳالهايو بہ آهي. ملي خوش بہ ٿيندو."

"هل تہ پلا هلون. ها، زرينہ! هي منهنجو دوست آهي، رشيد. ڏاڍو سٺو ۽ پر خلوص دوست! سو ماءُ کي ٻڌائجانءِ تہ مان ضرور ايندس. مان ڪڏهين وقت ڪڍي تو وٽ بہ ايندس. تون پنهنجو پتو ٻڌائي ڇڏ!" زرينہ هن کي پنهنجي گهر جو ڏس پتو ڏنو ۽ ٽيئي ڪنا هيٺ لهي آيا.

"تون تہ هاڻي هن پاسي ويندئين، زرينہ؟ منهنجي جاءِ ڪيئن ڳولي لڌئي؟" هيٺ چوسول تي پهچي سراج چيو. هن چوڻ تہ گهڻو ڪجھ پئي چاهيو، ۽ هن جي اکين ۾ نهارڻ بہ پئي چاهيو، پر همت نہ ساري سگهيو.

"توهان پاڻ تہ ڪريم کي ٻڌايو هو!" زرينہ وراڻيو، "ڏاڪٽر وٽ پهچي پڇا ڪيم ۽ اچي پهتم!"

"ڪريم؟ ها، ڪريم! تنهنجي تندي پيڻ! هاڻي ياد آيم."

هنن کان ڌار ٿي زرينہ ڇوٽڪاري جو ساھ کنيو. هوءَ تکو تکو اڳتي وڌڻ لڳي. هن جلد سندن نظرن کان اوجهل ٿي اڪيلو ٿيڻ پئي چاهيو. ويھ ٽيھ وکون وڃي، هن سڄي هٿ تي مڙي، سامت جو ساھ کنيو. هن جي ياد تي اڄ وري ساري گفتگو اڀري آئي. سڄو ماحول هن جي اکين آڏو ڦري آيو. اوچتو هن کي ياد آيو تہ سراج کيس ونس اچڻ لاءِ بہ چيو هو. هو اڄ بہ اچي پئي سگهيو، سيان بہ، ڪنهن وقت بہ!" خدا ڪري اڄ نہ اچي .... اڄ نہ اچي!" هن هوريان پٽڪيو.

"گهر جي حالت ڏسي ڇا چوندو؟" هن کي سڌ ڪانہ هئي تہ ڪو شخص هن جو ڪافي وقت کان پيڇو ڪري رهيو هو. ڏاڪٽر لهڻ سان هن هنن جون ڳالهيون ٻڌيون هيون ۽ اتان کان سندن ڪڍ لڳو هو.

"گهر! سندس گهر! اهو ڪٿي آهي؟ مون کي ضرور ڏسڻ گهرجي!" اجنبيءَ

دل ۾ فيصلو ڪيو هو ۽ زرينہ جي پويان پيو هو. هو پنجاهہ جي پيٽي ۾ گهري چڪو هو. ڪشادا ڪلها، منهن موڪرو، وارن ۾ اڇا گهڻ پر ڏاڙهيءَ ۾ ڪجهہ سرس هيس. سنڌي سليمي لباس ۾ هو ۽ هٿ ۾ چمہ سان زريءَ مڙهيل بيد جو لڪڻ ٻڌائي رهيو هو تہ هو سرنديءَ وارو ۽ ٻني ٻاري وارو سنڌي خواندو هيو. خوش پوشاڪ ۽ خوش خوراڪ هئڻ سبب پنهنجيءَ عمر کان ننڍو پئي نظر آيو.

ڏڪ روڊ پورو ڪري، هوءَ مياڻيءَ روڊ ڏانهن مڙي. ڪجهہ اڳتي هلي هوءَ هڪ ڏاڪڻ تي چڙهي وئي. اجنبي بہ سندس پويان مٽي چڙهيو. ٻهرين ماڙي تي پهچي هن کهي پاسي وارو در کڙڪايو. "واهہ! واهہ!" مڙد دل ۾ چيو ۽ سڄي پاسي وارو در کڙڪائڻ لڳو، "عجيب اتفاق آ! هيءَ تہ پاڙ يسرڻ نڪري پيئي!" هو ٻئي دروازن کلڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا.

"توهان، پيروءَ ماءُ وٽ رهنديون آهيو؟" اجنبي ڳالهائڻ جي ڪئي، "ويچاري حياتان، ڏاڍي ڪارائتي ۽ ڪمہ واري عورت آهي! مان بہ ڪالهہ هت آيو آهيان، ۽ هن دوست، فتح محمد وٽ رهندو آهيان."

زرينہ ڪو جواب نہ ڏنو. دروازو کليو تہ هو شرمہ ۾ ٽمٽار تڪڙو تڪڙو اندر گهري وئي ۽ پنيان در ٻيڪڙي چڙيائين.

❖ ❖ ❖ ❖ ❖

"مون کي خبر ڪانہ هئي تہ تو ٽيڙ بہ گروي رکڻ شروع ڪيا آهن! ڪڏهين رکيا هيسي؟" رستي ۾ رشيد پڇيو. "اهو ئي، سندس موت کان ٽي چار ڏينهن اڳ! پر اڄ ڪيئن ڇڏائي سگهندس؟ ساڻ تہ ڪوڏي بہ ڪينهي! جو ڪجهہ موڙي سوڙي هئي، رات ڏڦ ڪري ڇڏيمہ!"

"تڏهين غشيءَ ۾ 'کهڙي!' 'کهڙي!' ۽ 'منڊي!' 'منڊي!' ڪندو هئين."

"هوندو!........ پوءِ پلا هلونس؟" سراج رشيد کان پڇيو.

"ضرور!" رشيد وراڻيو، "ڏاڍو پلو ماڻهو آ. خوش مزاج ۽ رلڻو ملڻو! البتہ ڳالهائڻ ۾ ڪجهہ خوءِ ۽ وڏائي اٿس. پر اها پوليس واري رڳ اٿس، نہ تہ دل جو ڏاڍو نرمہ آهي. توسان ملڻ لاءِ تہ منتظر هوندو!"

"چو؟" سراج چرڪي ٻيهي رهيو.

"چو جو مان هن سان ڪيئي پيرا تو بابت ڳالهايو آهي. هن کي توسان همدردي آهي. حليمہ بہ هن سان هڪ ٻہ دفعا تو بابت ڳالهايو آهي."

"مون کي ڇُريو سمجهندا آهن ڇا؟" سراج پڇيو.

"ها! ڪجهہ ائين ئي معاملو آهي. ٻيو ڪجهہ بہ بڪندا آهن. پر اها هنن جي بيوقوفي آهي. هو نشي ۾ تہ تو بابت گهڻو ڪجهہ چوندا آهن." هو ٻئي وري چپ ٿي ويا. رشيد جي ڳالهين سراج کي چرڪائي وڌو هو. هو ڪجهہ گهبرائجي ۽

پريشان ٿي ويو هو. هو سوچڻ لڳو تہ ڏينيءَ وٽ حالتن کي ڪيئن منهن ڏجي. هو دل ئي دل ۾ پيدا ٿيندڙ شبهن ۽ خدشن جو جواب ۽ ترياڪ سوچڻ لڳو. هو سوچڻ لڳو تہ ڪيس ڪيئن ورتاءُ ڪرڻ گهرجي، جو ڪين شڪ نہ پوي ۽ جي ڪو آهي تہ ان کي تقويت نہ پهچي. "شايد هن کي اها سڌ پئجي ويئي هجي تہ مان ڪالهہ جاءِ واردات تي ويو هوس! ان جو ڇا جواب ڏيندس؟ اف!...... آجايو هيڏي آيم!" هن دل ۾ سوچيو، "پر ٻڌ تہ!" هن اوچتو رشيد کي چيو، "تون اڄ ايترو ترنگ ۾ ۽ سرهو ڇو آهين؟"

"مان!" رشيد پريشانيءَ ۾ چيو، "نہ، نہ ائين تہ ناهي!"

"نہ! ائين آهي. اهو تنهنجي منهن مان ئي ظاهر آهي. تون جاءِ تي بہ اڄ غير معمولي طور خوش ۽ چست هئين. سڄو وقت منهن تي خوشيءَ جا رنگ هڪڙا ويئي پئي تہ ٻيا آيئي پئي. خاص ڪري ان وقت تہ دل ٽپڻ ڪڏڻ لڳئي، جنهن وقت رات جو گڏ ماني کائڻ لاءِ چيو ويئي!"

"نہ، نہ! اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي! تنهنجو وهم ۽ اجايو خيال آ!" رشيد لڄ لڪائيندي چيو.

"ڇوڪرين جيان شرمائين ڇو ٿو؟ اڄ مان امان جن کي تنهنجي اها حالت ٻڌائيندس. ڏاڍو کلنديون!"

"ڇا ٻڌائيندين؟...... ٻڌاءِ!.... وڏو ڪو ......" رشيد کان اڳتي اکلجي نہ سگهيو.

"اِهو تہ تون اڄ ناهوڪو پيو لڳين. هميشه کان وڌيڪ ۽ خاص هار سينگار ۽ ناهہ نوہ ڪئي اٿئي وغيره وغيره!"

"وڏو ڪو ٺٺڪ آهين!"

سراج پاڻ جهلڻ جي باوجود بہ ٽهڪ ڏئي ويٺو، ۽ پوءِ ٻئي اچي ڪل ۾ ڇٽا. کلندي کلندي ئي هو ٻئي اچي قادربخش جي جاءِ تي پهتا. اوطاق کلي پئي هئي. سراج بہ اهو پئي چاهيو. اندر ويٺل بہ هنن جا ٽهڪ ٻڌي پئي سگهيا!

"هتي، هاڻي، اهي ڳالهيون نہ ڪج! نہ تہ ....." رشيد سراج کي پٺي تي مڪ هڻندي ۽ کيس اڳتي ڪندي چيو.

(۵)

قادربخش خان اوطاق ۾ ويٺو هو. اندر گهڙي رشيد سراج جو تعارف ڪرايو. سراج جو مرڪڻ ۽ کلڻ اڃا بند نہ ٿيو هو. رشيد جي منهن تي نظر پوڻ سان هو اڃا بہ مرڪي يا کلي پئي ويٺو. رشيد ان ڳالهہ ڪري وائڙو ۽ ڪڪو وڪو ٿي ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. جيئن ئي هو قادربخش کي هٿ ڏئي ويهڻ لاءِ پنهنجي موڙيو ته ٽپائيءَ سان ٽاڪرڻيو. ٽپائي ڪري پئي ۽ رکيل گلاس پٽ پئي پچي پيا.

”هاٺي بس ڪر! ڪجهه سنجيده بہ ٿي.“ رشيد ڪاوڙ ۽ احتجاج واري نوع ۾ سراج کي چيو.

”اڄ ڪهڙان ئي مون مسڪين جي نقصان ڪرڻ جو ارادي سان نڪتا هيا ڇا؟“ قادربخش کلندي چيو.

کل بند ڪري سراج آس پاس نظر وڌي. هن جي نظر حليم تي پئي جو ڪنهن پاسي ڪرسيءَ تي ويٺو هو. حليم جي موجودگي سراج کي منجهائي ۽ ماٺ ڪرائي ڇڏيو. سراج جو وڌيڪ تعارف ڪرائيندي رشيد قادربخش کي ٻڌايو ته هن جو منجهس ڪم هيو. قادربخش ڪائنس ڪم پڇيو، ۽ سراج ڪيس مراد ۽ اچڻ جي مطلب کان ٿوري ۾ واقف ڪيو.

”پر .... تو يڪدم اهڙو اطلاع ڇو نہ ڏنو!........ خير هاڻي بہ وئي ڪانهي! ٿاڻي تي وڃي پنهنجو ٽيڙ ڇڏائي اچجو. مان صوبيدار کي چٺي ڇڏيندس.“ قادربخش چيو.

”پر ڳالهه هيئن آ تہ،“ سراج ٿورو هٻڪندي لڄي ٿي چيو، ”هن وقت مون وٽ پئسو بلڪل ڪونہ آهي. توهان رکو نوٽ ڪري ڇڏيو تہ اهي شيون منهنجون آهن ...... ۽ جڏهين پئسا......“

”خير! ڪا ڳالهه ڪانهي!“ هن سندس مالي مشڪل جو ڪو ڌيان نہ ڪندي چيو، ”توهان اهڙو اطلاع لکت ۾ مون کي يا صوبيدار کي ڏئي سگهو ٿا.“ هن پوليس واري مخصوص ڳولاؤ انداز ۾ هن ڏانهن نهاريو.

”معاف ڪجو!“ سراج لڙهيل دل سان چيو. هُو سندس نظرون ڏسي پريشان ٿي ويو هو. ”توهان کي ان معمولي ڪم لاءِ تڪليف ڏني سين! حقيقت ۾ اهي شيون آهن تمام خصيص ۽ سستيون، پر جن وٽان مليون آهن، تنهن ڪري وڏي اهميت واريون ٿي پيون آهن. اهو ئي سبب آهي جو ان واردات مون کي پريشان ۽ وائڙو ڪري وڌو هو......“

”اڇا!“ رشيد چيو، ”ان ڪري تون ان وقت بہ دهلجي ۽ ڇرڪي ويو هئين، جنهن وقت مون انور کي ٻڌايو هو تہ پوليس اهڙن ماڻهن جي ڳولا ڪري رهي آهي، جي مقتول وٽ مال گروي رکندا هيا؟“ هو کلي ويٺو.

ان ڳالهه سراج جي دماغ کي ٻيو صدمو رسايو. هو هراسجي رشيد ڏانهن ڪاوڙ سان نهارڻ لڳو. ”تون انهن جي اهميت نٿو ڄاڻين، ان ڪري ٿو مون تي کلين! اڄ امان ۽ ادي هت آهن. جي اُهي انهن لاءِ پڇي ويهن تہ پوءِ؟!“ ۽ هو سوچڻ لڳو تہ هو ان ائڪٽنگ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويو هو. هن ويٺلن ڏانهن اک ٽيٽ سان

نهاريو ۽ انهن جي چهرن تي ڪا غير معمولي پاوتا نه ڏسي، ڪجهه دلجاءِ ٿيس.

"تنهنجو سامان سوگهو آهي" قادربخش ٽڏائپ سان چيو، "تون ڪا ڳڻتي نه ڪر!...... شڪر جو ان بهاني سان آئين ته سهي. مون کي توسان ملڻ جو ڪافي وقت کان شوق هو." هن ائش ٽري سوري رشيد اڳيان رکي جو رک غاليچي تي ڦٽي ڪري رهيو هيو.

"مون کي پاڻ شوق هو. پر طبيعت ٺيڪ نه هئڻ سبب نه اچي سگهيم."

"مون کي خبر آ ته تون اڄ ڪالهه ڪنهن سبب پريشان ۽ ناچاڪ ٿو گذارين." قادر چيو.

"نه، نه! اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي! هينئر آءٌ بلڪل ٺيڪ آهيان." سراج ڪڙڪائيءَ سان ڇوٽڻ جي ڪوشش ڪئي.

"هنن کي خبر پئجي ويئي آهي ڇا؟ هو مون کي ائين تنگ ڇو ٿا ڪن؟" هن ن ۾ سوچيو.

"ڪالهه ته تون شهر ۾ نڪتو هئين." قادر چيو، "صوبيدار ٻڌايو ته مظفر جي مرتبي تي به موجود هئين!"

"نه رڳو هيو، پر رهي کهي پونجي به پئون ٻارهن ڪري آيو!" رشيد مرڪندي چيو، "پر چانهه نه پياريندين ڇا؟" هن گستاخي ۽ حجت جو ڏيکاءُ ڪندي چيو.

قادربخش چانهه چوڻ لاءِ وچين در مان گهر گهري ويو.

سراج جو ذهن پريشان ٿي چڪو هو. هو ششدر ٿي پيو هو، "آخر ڪلي ڳالهه ڇو نه ٿا ڪن؟ مون کي اجائي پيڙا ڇو ٿا پهچائين؟ صوبيدار جي ڳالهه مان ثابت آهي ته هو منهنجو پيڇو ۽ جاسوسي ٿا ڪن! ڇو؟ مون سان صاف سڌو ڇو نه ٿا ڳالهائين؟ هڪ دفعو کلن ته مان به سڀ سچ ٻڌايان." هن جو دماغ سوچڻ لڳو. "ڪهڙي خبر ته ائين نه هجي؟ ۽ مون کي اجايو پؤ ۽ وهم هجي؟ پر حليم هتي ڇو آهي؟ هن مون سان ڪالهه ڇا ڳالهايو هو؟ پر هن کي ته مان بيوقوف بڻايو هو! يا سڀ ڪجهه سمجهي چڪو آهي؟ ڪهڙي خبر ته اسان جي اچڻ کان اڳ به مون بابت ڳالهائي چڪا هجن! هنن شايد مون کي ڦاسائڻ لاءِ ڪو ڄار وڇايو آهي! مان هتي ڇو آيس؟" هن جي ذهن تي اهڙن سوالن وچ جيان ڪڙڪڻ شروع ڪيو.

"رات تون بحث اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو هئين، پوءِ ڏاڍو مزو ٿيو هو." قادربخش موٽي اچي، ويهندي، سراج کي چيو.

"هاڻ سراج! رات ڏاڍو دلچسپ بحث ٿيو هو." رشيد چيو، "تون به پنهنجو رايو ڏي. مون پئي چيو ته ڏوهه هڪ سماجي لقاءُ آهي ۽ اسان جي سماجي اوڻاين جو نتيجو آهي. سماج درست ۽ ٺيڪ ٿي وڃي ته جيڪر ڏوهه به ختم ٿي وڃي. پر هي پيا چون ته رڳو سرڪاري انتظام، قانون ۽ ڏنڊي سان ڏوهه جو خاتمو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهجي ٿو. هي انساني سماج ۽ ان جي ارتقاءَ ۾ اعتبار ئي نٿا رکن، ان ۾ اعتماد جي تہ وٽن ڳالهہ ئي ڪانهي. ان ڪي تہ هو حماقت ٿا سڏين. هو حياتي ۽ ان جي اوسر جي اصولن ڪان اڻ ڄاڻ آهن. هنن جو جيئرن روحن ۾ اعتماد ۽ اعتبار نہ آهي، جي پاڻ سوچي ۽ عمل ڪري سگهن ٿا، پر نہ ڏٺل روحاني دنيا ۾ اعتبار ۽ ڀروسو رکن ٿا. سماجي ۽ فطري اصولن کي هو پنهنجي نام نهاد منطق سان اورانگهڻ گهرن ٿا. پر اهو ممڪن نہ آهي."

"تون غلط آهين! ڪيئن ٿا ڀانيو سراج صاحب؟" قادربخش چيو، "انساني سماج ڪيڏي بہ ترقي ڪري وڃي، پر تڏهين بہ ڪي حالتون اهڙيون پيدا ٿي سگهن ٿيون، ڪنهن بہ وقت ، جو انسان ڀوءِ بہ ڏوهہ ڪري سگهي ٿو. منهنجو ايمان آهي تہ ڏوهہ حالتن جي پيداوار آهي."

"چڱو ڀلا! هڪ پنجاهہ سالن جو ڀڏو، ڪنهن ڏهن سالن جي ابهم سان گناهہ ٿو ڪري، تہ ان ۾ حالتن جو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟ اهو تہ سڌو سنئون سندس پنهن جي ذهني ۽ اخلاقي ڏيوالو آهي!" رشيد چيو.

"بلڪل! اهو سڀ ڪجهہ هو حالتن ۽ ماحول ڪان متاثر ٿي ٿو ڪري." قادربخش جواب ڏنو. "اهو سڀ ڪجهہ مان سراج جي ان مضمون جي آڌار تي ٿو چوان جو 'ڏوهہ ۽ ماحول' جي عنوان سان ڪنهن رسالي ۾ پڙهيو هوم."

"اڇا! ڇئبو تہ لکندو بہ آهين. اسان سان تہ ڳالهہ ئي ڪانہ ڪئي اٿئي!" رشيدسراج کي چيو.

"ان ۾ تو لکيو هو تہ انسان ڏوهہ ذهني بيماريءَ سبب بہ ڪري ٿو ...... خير ان سان بحث نہ آهي. مان هت تنهنجي ان راءِ کي دهرائيندس، جا تو مضمون جي آخر ۾ ڏني آهي، تہ ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي جيتوڻيڪ ان لائق نہ هوندا آهن، تڏهين بہ اخلاقي پچڪڙي ۽ ڏوهہ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي حق بجانب چوندا آهن ۽ انهن لاءِ قانون ڪا شئي نہ هوندو آهي." قادربخش چيو.

سراج پنهنجي خيال جي ائين مروڙجي سروڙجي پيش ٿيڻ تي مرڪي ويٺو.

"ڇا چيئي؟ ڏوهہ ڪرڻ جو حق! پر ان ۾ ماحول ۽ حالتن جو ڇا واسطو؟" رشيد ڪڙو ٿي ويهندي چيو.

"برابر!" قادر جواب ڏنو، "مضمون ۾ هن انسانن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي. معمولي ماڻهو ۽ غير معمولي ماڻهو. معمولي ماڻهو ماتحتيءَ جا مريد هوندا آهن ۽ قانون ۽ اخلاقي پابندين کي ڀڃڻ جي جرأت نہ ڪندا آهن، ۽ غير معمولي ماڻهن کي ڪنهن بہ ڏوهہ ڪرڻ يا قانون اورانگهڻ جو حق هوندو آهي. ائين نہ؟ " هن سراج ڏي ڏٺو.

سراج وري مرڪيو. هو سمجهي ويو تہ ائين ڳالهائي قادربخش ڇا پئي ڄاڻڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هٿ ڪرڻ چاهيو. سو اها چئلينج قبول ڪري هن ڳالهائڻ شروع ڪيو، "منهنجي مراد اها نہ آهي جا توهان ونو پيا. مان ائين نہ چيو آهي تہ هر غير معمولي ماڻهو ايئن ڪرڻ جو مجاز ۽ سگهہ رکندو آهي. اهو هن جي ضمير تي منحصر آهي تہ هو ڪنهن رڪاوٽ کي ٽپي ڇڏي يا بندش کي اورانگهي وڃي، ۽ اهو بہ تڏهين جڏهين هو پنهنجو ڪو آدرش يا مقصد هٿ ڪرڻ چاهيندو هجي. ان لحاظ سان تہ هر وڏو ماڻهو، عوامي اڳواڻ، ڪوجنائڪ ۽ پير پيغمبر ڏوهاري آهي. هو سڀ پنهنجي آدرش ۽ مقصد ماڻڻ لاءِ وقتي ۽ سماجي قانونن ۽ بندشن کي ٽپيندا ۽ اورانگهيندا رهيا آهن. ٻيءَ حالت ۾ ڪين پنهنجو مقصد هٿ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوي ها. اهو ڇئي مون ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ ڪئي آهي. باقي جيتري قدر ماڻهن جي ٻن قسمن جو تعلق آهي، ان بابت مون چيو آهي تہ فطرتاً انسان ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي. هڪ عام، جي جيئڻ جو تيئڻ حالتن ۾ سماج ۾ رهڻ ٿا چاهين ۽ ٻيو جي نواڻ ۽ تبديل جا خواهان ۽ ڪوشان آهن. پهرين قسم کي دقيانوسي يا رجعت پرست چئي سگهجي ٿو، ڇو جو اهي پراڻن اصولن، قانونن ۽ سماجي ناتن ۾ رهڻ يا موٽڻ پسند ڪن ٿا، ۽ ٻي کي ترقي پسند چئجي ٿو. ڇو جو اهي قانون ۽ سماجي رشتن ۽ حالتن ۾ ترقي ۽ تبديلي چاهين ٿا. ان ڪري هو هر رڪاوٽ ۽ بندش کي ٽپي ڇڏيندا آهن. سماج کي ڏاهي نئين سر اڏيندا آهن. هو ان عمل کي ڏوهہ نہ سمجهندا آهن. ڇو جو سندن ضمير ڪين ائين ميڄڻ کان روڪيندو آهي."

"هاڻي تون واقعي سيريس ٿي ويو آهين." قادربخش چيو، "ٺيڪ، تو ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ ڪئي آهي. اهو اسان پڙهيو بہ آهي تہ ٻڌو بہ آهي. پر هڪ ڳالهہ اجا اسان کي سمجهہ ۾ نہ آئي آهي، ۽ پريشان ڪن آهي. منهنجي خيال ۾ اها اندر جي، يعني ضمير جي اجازت تہ پل خون خرابي ڪريو ۽ قانون جي ڇيڪڙي ڪريو، اهڙي قانوني اجازت کان وڌيڪ خطرناڪ ۽ هولناڪ آهي ....."

"تون بلڪل درست آهين." سراج هن سان اتفاق ڪيو.

"ڏوهہ بابت تنهن جو نظريو مون هاڻي سمجهيو آهي." قادربخش چيو، "ان مدنظر کي اهڙا عملي واقعا بہ ٿين ٿا، جي وڌيڪ پريشان ۽ تباهہ ڪن ٿين ٿا. مثال طور ڪو نوجوان، هرويرو بہ، پاڻ کي ڪو سڌارڪ ۽ مصلح خيال ڪري، ائين ڪرڻ شروع ڪري تہ ......"

"ٺيڪ آ،" سراج چيو، "ائين بہ ٿيندو آهي، ۽ ٿيندو رهي ٿو. مون اهڙن فردن جو پاسو تہ ڪونہ ورتو آهي. اهڙا ماڻهو صحيح معنيٰ ۾ غير معمولي نہ ٿيندا آهن، ان ڪري ٿوري ئي وٿ پڪڙ ۾ قانون آڏو جهڪي پوندا آهن، ۽ پڪڙجي پوندا آهن. اهي هيسائي، دٻائي، لاچائي سگهجن ٿا. آخر هو مات ٿي ويندا آهن."

”پر جي پڪڙجن ٻـ تـ سندن ضمير کي ڇا ٿـو ڪـري سگهجي؟“ پـوليس آفيسر سوال ڪيو.

”جي ڪيس واقعي ضمير آهي، تہ اهو ئي پيو ڪيس اندر ۾ کائيندو. اهائي اندر جي پيڙا اُن لاءِ ڪافي سزا آهي! جيل ڪان ٻـ وڌيڪ!“

”معاف ڪجو!“ قادربخش چيو، ”هـڪ سوال ٻيو. جنهن وقت تـوهان اهـو مضمون لکي رهيا هيا، ان وقت توهان پاڻ کي ڇا پئي سمجهيو؟ معمولي ماڻهو يا غير معمولي ماڻهو؟“ ”غير معمولي ؟ نہ؟“

”ٿي سگهي ٿو!“ سراج ٿوري ۾ جواب ڏنو.

”ان حالت ۾ سمجهو تہ توهان ڪنهن مشڪل ۾ ٿا اچي وڃو، يا ڪنهن مشڪل ۾ قاتل ماڻهوءَ جي مدد ڪرڻ ٿا چاهيو ..... ۽ ان لاءِ توهان کي ڪو ڏوهه ٿو ڪرڻو پوي؟ مان رڳو توهان جو نڪتہ نظر ٿو ڄاڻڻ چاهيان!“

”معاف ڪجو!“ سراج خشڪ نموني وراڻيو، ”مان ڪو پاڻ کي نيپولين يا محمود غزنوي ڪونہ ٿو سمجهان. ان ڪري ....“ هن جي آواز ٻـ سندس ساٿ ڇڏي ڏنو.

”شايد ڪو مستقبل جو نيپولين ۽ غزنوي ٿي هيو، جنهن تلوڪ جو خون ڪيو!“ حليم وچ ۾ ڳالهايو.

سراج چپ رهيو ۽ گهوري قادربخش ڏانهن نهارڻ لڳو. ڪا مهل ماٺ ڪان پوءِ هن اٿندي چيو.

”طبيعت ٺيڪ نہ آهي. رشيد اٿ تہ هلون!“

”هلون ٿا! چڱو!“ قادربخش اٿي ڪيس هٿ ڏيندي چيو، ”توهان سان ڳالهين ۾ خوشي ۽ معلومات ميسر ٿي. توهان پنهنجي سامان جو ڪو فڪر نہ ڪريو. رڳوهڪ درخواست لکي موڪلجو. پاڻ ملو تہ وڌيڪ بهتر. سڀان مان آفيس ۾ هوندس. اتي ئي فيصلو ڪري ڇڏينداسين، ۽ ڳالهيون ٻـ ڪنداسين. ٿي سگهي ٿو ڪجهه وڌيڪ پرائي وٺان.“

”ڇئبو تہ مون ڪان ٻـ پڇا ڳاڇا ٿا ڪرڻ چاهيو؟!“ سراج تيزيءَ سان چيو.

”نہ نہ! توهان غلط ٿا سمجهو. مان هر ان ماڻهوءَ ڪان پڇا ڪئي آهي، جو گروي رکندو هيو. تون انهن ۾ پويون آهين. ها، رشيد، ياد آيم. تو رفيق ۽ احمد لاءِ چيو هو. هو ٻئي واقعي بي ڏوهي آهن. پر ڇا ڪجي! حالتون اهڙيون آهن جو ڪو وقت اجا ڪين تڪليف سهڻي پوندي. ڇو جو قتل وقت هوئي ان منزل تي ڪم ڪري رهيا ها...... ٺيڪ ستين بجي ڌاري. ۽ ان مهل ئي تون مٿي ويو هئين؟ ائين نہ ؟“ هن اوچتو سراج ڏي ڦيرو ڪاڏو.

”هون!“ سراج جي وات مان نڪري ويو ۽ پوءِ خيال آيس تہ هو ڇا چئي ويٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پوءِ جڏهين مٿي چڙهين ته ٻيءَ ماڙ تي هڪ ڪمرو ڪليل ڏٺئي، جنهن ۾ اهي ٻه رنگ ساز ڪم ڪري رهيا هيا؟"

"رنگ ساز؟ نه! مان ته ڪونه ڏٺا!" سراج هوريان جواب ڏنو ۽ ذهن تي زور ڏئي گذريل واقعن کي ياد ڪرڻ لڳو. هو پنهنجي جواب ۾ قائل حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجون سڀ ذهني ۽ جسماني قوتون ڪٺيون ڪرڻ لڳو. "نه! مان ته هنن کي ڪونه ڏٺو هو، ۽ نه ئي اتي ڪو ڪمرو ڪليل هو. البته چوٿين ماڙ تي تلوڪ چند واري ڪمري جي سامهون واري ڪمري مان ڪي مزدور سامان ٻاهر ڪڍي رهيا هيا."

"ڳالهه ڇا هي؟" رشيد وچ ۾ پوندي چيو، ڇڻ هن اوچتو محسوس ڪيو ته ڇا پئي وهيو واپريو." اهي پيسٽر ته خون واري ڏينهن ڪم ڪري رهيا هيا، پر هي ته ٿي ڏينهن اڳ گروي رکڻ ويو هوا باقي پڇوس ڇا پيا؟"

"اف!" قادر مٿي تي هٿ هٿندي چيو، "هي ڪيس چريو ڪري ڇڏيندو! ڪيئن نه واقعن کي وچڙائي ويٺس." هن معاني طلب نگاهن سان سراج ڏانهن نهاريو. "اهو معلوم ڪرڻ مسئلو ٿي پيو آهي ته ڪنهن مٿي ويندي رنگ سازن کي ڪم ڪندي ڏٺو هو ...... اُن ڪري ئي توهان کان پڇيم!"

قادربخش هنن کي در تائين ڇڏڻ آيو. هو رستي تي آيا ته ماٺ ۽ منجهيل هيا. ڪا مهل هنن لفظ نه ڪڇيو. ڪافي اڳتي هلي سراج ٿڌو ساهه پريو.

(٦)

"ائين ڪيئن هوندو؟ مان نٿو مڃان!" رشيد ٻهريون دفعو ان موضوع تي سراج سان ڳالهايو. هو ان وقت ان جاءِ ويجهو پهچي چڪا هئا، جتي فاطمه ۽ رضيه سندن انتظار ڪري رهيون هيون.

"توکي مڃڻ به گهرجي!" سراج مائي نموني مرڪي چيو، "پر مان منجهي پيو آهيان."

"اهو ان ڪري جو تون شڪي ۽ حساس آهين. تون هرويرو به هنن جي لفظن کي ڇهڻي ٿو پوين... قادر کان وڌيڪ ته مون کي حليم تي تعجب ٿو لڳي! هن کي ڇا ٿي ويو آهي؟"

هنن وٽ ڪابه حقيقت يا ثابتي ڪانه آهي. هڪ وهم ۽ گمان تي مون کان اهڙا سوال ڪري مون مان ڪجهه حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن." سراج چيو.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

”پر ھنن ڪي ائين ڪرڻ نٿي جڳايو!“ رشيد چيو، ”جيئن تہ اڄ ان موضوع تي ڳالھايون ٿي ٿا، سو ٻڌايانءِ ٿو تہ اھو شڪ ھنن ڪي گھڻي وقت کان آھي. ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ سا مون کي بہ سڌ نہ پئي آھي. ھريرو بہ ھڪ پريشان ۽ مفلس شاگرد کي وڏيڪ ڇو ٿا پريشان ڪن؟ ھي تہ تون آھين جو ماٺ ۾ سھي ٿو وڃين، جي مون سان ائين ڪن تہ سڌي سنئين ٻڌائي منھن ٻندي ڇڏيان!“

”سياڻي وري وڏيڪ آڏي پڇا ڪندا!“ سراج تلخيءَ سان چيو، ”مان تہ ڪالھ حليم سان ھوٽل ۾ ڳالھائي پڇتايو آھي.“

”دلجاءِ ڪر!“ رشيد آٿت ڏياريس، ”سياڻي صبح سان ئي مان قادر سان سندس جاءِ تي ملندس ۽ کيس سمجھائيندس.“ ھو جاءِ جي ڏاکڻ وٽ پھچي چڪا ھا.

”تون ھل.....!“ سراج اتي پھچندي چيو، ٻڌائجان تہ مان اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ موٽي ايندس.“

”نہ! مان توکي اڪيلو نہ ڇڏيندس!“ رشيد احتجاج ۾ بيھندي چيو.

”ڏس! پيارا، ھاڻي تون بہ تنگ ٿو ڪرين نہ؟“ ھن اھڙي جھريل جيءَ سان چيو جو رشيد گھبرائجي منجھي پيو. ھو ڪا گھڙي اداس نگاھن سان سراج ڏانھن ڏسندو رھيو. آخر ڏند ڪرٽي، مٺيون پيڪوڙي، دل ئي دل ۾، قادر کي گھڻ وڏ ڳالھايائين ۽ مٿي چڙھي ويو.

سراج پنھنجي گھر وٽ پھتو تہ سڄو پگھريل ھيو. ڪمري ۾ گھڙي ھن اندران ڪنڊو ڏنو ۽ ڪرسي پٺ سان رکي جاري ۾ رکيل ڪاغذ پٽ واچڻ لڳو، اھو ڏسڻ لاءِ تہ متان اجا اتي ڪو ثبوت رھجي ويو ھجي . دلجاءِ ڪري ھو ھيٺ لٿو ۽ در ڏئي ماءُ طرف ھلڻ لڳو. ڏگ ۾ وري وھم اچي ورايس. ”ھڪ دفعو وري ڏيان سان ڏسان! متان ڪجھ تڪڙ ۾ رھجي ويو ھجيم!“ اھو سوچي ھو وري گھر طرف وريو.

”اچي ويو!“ ڪنھن زور سان چيو.

سراج ڪنڌ ڦيري ان طرف ڏٺو، سندس ھڪ پاڙيسري اشاري سان ھن متعلق ڪنھن شخص کي ٻڌائي رھيو ھو، جو ھن ڪان ڪي وڪون پري بيٺو ھو. قد جو بندرو ھيو، شلوار قميص ۽ صدري اوڙھيل، ڪرڙوڊ شخص جون ننڍڙيون اکيون سندس منھن جي ٿوٿر ۾ لڪي ويون ھيون.

”ڇا ھي؟“ سراج پاڙيسريءَ کان پڇيو. اجنبيءَ ھن ڏانھن گھوري نھاريو ۽ بنا ڪجھ چوڻ اکڻ جي اڳتي وڌي ويو.

”عجيب ماڻھو آ !“ پاڙيسريءَ وراڻيو، ”تو لاءِ پڇي رھيو ھو، آئين تہ ڏسي ھليو ٿو وڃي!“

سراج تڪڙو تڪڙو ان همراهه ڪڍ لڳو. سندس پرسان اچي ڪيس چتائي ڏنائين ۽ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. هو چپ چاپ اڳتي وڌندو رهيو، ۽ سراج ساڻس گڏ هلندو رهيو، ڪا مهل ائين هلڻ کان پوءِ نيٺ سراج چيو: ”توهان منهن جي لاءِ پڇا پئي ڪئي؟“

پر ڪراڙي ڪو جواب نہ ڏنو. هن سراج ڏانهن نهاريو بہ ڪين. هو وري چپ چاپ هلندا رهيا. ”منهنجي لاءِ ڇو پئي پڇا ڪيؤ؟...... ڳالهايو ڇو نہ ٿا؟“ سراج جي آواز ۾ لرزش هئي. هن پيري ان شخص پنهنجون ڇڇيون اکيون مٿي ڪري سراج ڏانهن طنزيہ ۽ اونهي نگاهه اڇلائي.

”خوني!“ ڪراڙي اوچتو ۽ صاف لهجي ۾ چيو.

سراج هن جي ڪڍ هلندو هليو. بنا ڪنهن ارادي ۽ سوچ جي چقمق جيان هن طرف ڇڪجي رهيو هو. سندس چنگهون ڏڪي رهيون هيون، سندس سرسر مان سيسراٽ نڪري ويا. هن جو هانءُ لڙهڻ لڳو. سؤ ڏيڍ وکون هو ائين ان شخص پويان هلندو هليو، پر هن ڪنڌ ڪٽي ڏانهنس نهاريو بہ ڪين.

”تون ڇئين ڇا ٿو؟...... ڇا هي؟ ...... ڪير خوني آ؟“ سراج جو آواز هبڪي هبڪي جهڪو ٿي ويو.

”تون خوني آهين!“ هن صاف ۽ چٽو ورجايو ۽ وري نفرت ۽ ڪاميابيءَ وارين نظرن سان سراج ڏانهن گهوريو. هو هڪ چوراهي وٽ پهچي چڪا هئا. پڊو رستو مٿائي سچي طرف مڙي ويو. سراج اتي ئي ٻت بڻيو بيٺو رهيو. ڇاليهہ پنجاهه وکون هلي ڪراڙو بيٺو ۽ ڦري سراج ڏانهن نهاريائين. هن جي نظرن ۾ اڃا بہ نفرت ۽ ڪاميابيءَ واري خبيثاڻي مرڪ هئي. لڏندڙ ۽ ٿرندڙ وکن سان سراج گهر طرف موٽيو. ڪمري ۾ پهچي هن پاڻ کي ڦان ڪري کٽ تي ڪيرايو ۽ ليٽي پيو.

هو ڪنهن خاص ڳالهہ تي نہ سوچي رهيو هو. ڪيترائي ڇڙو ڇر اهم ۽ غير اهم خيال هن جي دماغ ۾ واسو ڪري رهيا هيا. هو پنهنجي ننڍپڻ بابت، ڳوٺ جي سنگيتن بابت، ٻين دوستن بابت ۽ ٻين انيڪ معمولي واقعن ۽ ڳالهين بابت سوچي رهيو هو. اوچتو هن ڪنهن جي مٿي چڙهڻ جو آواز ٻڌو ۽ مڪر ڪري اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. رشيد در ڪولي هوريان هوريان اندر داخل ٿيو، ۽ هن کي ستل ڏسي، وري ٻليءَ پير پوئتا موٽي ويو. ائين سوچيندي اڌ ڪلاڪ ٻيو بہ گذري ويس. هن اکيون کوليون.هٿ مٿي هيٺان مُندي، ڪجهہ مٿي سري ليٽيو رهيو.

”اهو ڪير هو؟ ڪٿان ظاهر ٿيو؟ هن کي ڪيئن خبر پيئي؟ اتي تہ ڪوبہ ڪونہ هو؟ پر هن کي سڀ خبر آ! هن سڀ ڪجهہ ڪيئن ڏٺو؟ يا خدا! هاڻي ڇا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو؟ مان ائين ڇو ڪيو؟ مون کي سمجهڻ گهربو هيو تہ هئين بہ ٿي سگهي ٿو! پر مون تہ ڪجهہ نہ ڪيو آ! ٻيڊي جو وجود ڇا هو؟ هو تہ قدرت جي ڀل هئي! رنڊڪ هئي! مون تہ رڪاوٽ هٽائي آ! مون ٻيڊي کي تہ ڪونہ ماريو هو! هڪ پراڻي ۽ ناسوري اصول کي ٽوڙيو هو. پنهنجي گهر ۽ ڪٽنب جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ هڪ سماجي ناسور کي ڪوري ڪڍيم تہ ڪهڙو ڏوهہ ڪيم؟ مون ڪو ڏوهہ نہ ڪيو آهي! اهو سڀ ڪجهہ هڪ سٺي ۽ انساني ڀلائيءَ جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيم، تہ ڪهڙي اربع خطا ٿي؟........"

هن جي مٿي تان ٻڳهر وهي رهيو هو. هن جا چپ ڏڪي رهيا هيا ۽ اکيون ڇت ۾ هيس. هو هڪ دفعو وري ٻي سرت ٿي ويو. هن پاڻ کي رستي تي گهمندو ڏٺو. ان مهل سج لهي چڪو هو ۽ چنڊ ڪڙي آيو هو. رستي تي ڏاڍي ڇهل پهل هئي. هو تڪڙو اڳتي وڌي رهيو هو، ڇڻ ڪو ضروري ڪم هوس، پر ياد نہ پئي آيس تہ ڪهڙو ڪم هو. ڪجهہ هليو تہ ڪنهن کي سڏ ڪندو ٻڌائين. هن ٻيهي ڏٺو تہ ڪو ماڻهو تڪو تڪو ڏانهنس وڌي رهيو هو. سندس پرسان اچي هو بيهي رهيو. هو ڏڪي ويو. ساڳيوئي ٻندرو شخص هو. هن ڪيس پٺيان اچڻ لاءِ چيو ۽ هو ڪڏ لڳي پيس. هڪ بلڊنگ وٽ اچي هو مٿي چڙهيو. ٻيءَ ماڙ تي پهچي ٻندرو سندس نگاهن کان اوجهل ٿي ويو. پر سندس پيرن جو آواز هو مٿين ڏاڪڻ تي ٻڌي رهيو هو. جهٽ بيهي هن چوطرف نهاريو. هن کي جاءِ اڳ ڏٺل لڳي. هن جي وات مان رڙ نڪري وئي. هو ان ڪمري جي ٻاهران بيٺو هو، جنهن ۾ رنگ ساز ڪم ڪري رهيا هئا. مٿان ٻندري شخص هن کي سڏ ڪيو. هو بي تحاشا مٿي چڙهي ويو ۽ چوٿين ماڙ تي وڃي ساهي پٽيائين. اتي ٻندري شخص جو ڪو نالو نشان ڪو نہ هو. تلوڪ واري جاءِ جو دروازو کليل هو. هو اندر گهريو. سڄو ڪمرو جيئن جو تيئن هو، پر ڪو بني بشر نظر نہ آيس. هن وڌي دري کولي تہ چانڊوڪي اندر ڏوڪي آئي. ڪنڊ ۾ ڪرسيءَ تي ڪا شئي ڏسي هي اوڏانهن وڌيو. تلوڪ ڪنڌ هيٺ ڪيون ڪرسيءَ تي ويٺو هو. هن يڪدم ڪهاڙي ڪڍي مٿي تي بہ ٽي ڌيڪ وهائي ڏنس. پر هو چريو بہ ڪين. هن ڪنڌ هيٺ ڪري تلوڪ جي منهن ۾ نهاريو. هو کلي رهيو هو. هن جا ٽهڪ وڌندا ويا. ڪاوڙ ۾ اچي هن ٻہ ٽي ڌڪ ٻيا وهائي ڪڍيس. پر هو تهان وڌيڪ زور سان کلڻ لڳو، اوچتو پير واري ڪمري جو در کليو ۽ ڪيترائي منهن کلندا نظر آيا. اوچتو ڏاڪڻ وارو در بہ کليو ۽ اتي بہ ماڻهو بيٺا کلندا نظر آيا. سراج ڏڪي دريءَ وٽ وڃي بيٺو ۽ هيٺ نهاريائين. هيٺ رستي تي بہ ماڻهن جا انبوهہ بيٺا کلي ٽهڪي رهيا هيا. هن جي دل ۾ چڪ پيا ۽ پير زمين ۾ کپي ويا. چري نہ سگهيو. رڙ ڪيائين .....۽ جاڳي پيو.

جاڳي هن ڊگهو ساهہ کنيو. ان وقت اوچتو سندس ڪمري جو در کليو، ۽

هڪ اويرو ماٺهو اندر اچي در وٽ بيهي رهيو. هن اڪيون کوليون ئي مس هيون، جو اهو ڏسي، وري ڀوڻي چڏيائين. "چا، اجا تائين خواب پيو ڏسان؟" هن عجب ۾ پئجي سوچيو، ۽ وري اکيون کوليائين. ڏاريو اجا ساڳي ۽ جاءِ تي بيٺو هن ڏانهن نهاري رهيو هو. هو هوريان هوريان اندر داخل ٿيو، ۽ ور ٻيڪڙي چڏيائين. ٽوپي لاهي ٽيبل تي رکي، ڪرسي ريڙهي، هو سراج جي پرسان ويهي رهيو. چنگهه چنگهه تي چاڙهي، لڪڻ هنج ۾ رکي، ٺونٺ جي آڌار تي ڪاڏي هٿ ۾ جهلي، هو ويهي سراج ڏانهن تڪڻ لڳو. هو ا ٔ ٖ ماٺ ڪري، صبر سان ويٺو رهيو، چڻ ڪيترو به وقت وڃائي، انتظار ڪري، ٖ ج سان ضرور ڳالهائڻو هوس. ڏهه منٽ ٻيا به گذري ويا. ڏينهن جي روشني پوين پساهن ۾ هئي، ۽ ڪمري ۾ بلڪل خاموشي هئي. آخر بي صبر ٿي، سراج ڪٽ تي اٿي ويٺو.

"چئو؟ چا ڪپيؤ؟"

"مون کي خبر هئي ته تون ننڊ ۾ نه هئين‌پر مڪر ڪيون پيو هئين!" ڏارئي ماٺهوءَ هوريان کلندي چيو، "شايد مون کي نه سڃاتئي؟ مان وڏيرو محمدصديق آهيان. جبر وارن وارو ...... تنهن جي ڳوٺ جو......"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڳو چوٿون

"هي بہ خواب تہ نہ آهي؟" سراج چيو ۽ شڪي ۽ خبردار نگاهن سان اڻ کوٺائي مهمان ڏانهن ڏسڻ لڳو. "مان هن مقصدن سان تو وٽ آيو آهيان." صديق ڳالهائڻ شروع ڪيو. "هڪ تہ توسان ڏيٺ ويٺ ۽ ياري باشي رکڻ لاءِ، ۽ ٻيو توکان هڪ اهڙي معاملي ۾ مدد وٺڻ لاءِ، جو تنهنجي پيڻ جي ڀلي سان واسطو ٿو رکي. مون کي تنهنجي ساٿ ۽ سهڪار تي ڀروسو آهي....."

"توهان جي خواهش شايد پوري نہ ٿئي!" سراج وچ ۾ چيو.

"هو شايد ڪالهہ هتي آيون آهن!" صديق هن جي عدم تعاون جو خيال نہ ڪندي چيو، "مان سڌو سنئون هنن سان ملي نٿو سگهان. ڇو جو هو مون تي ڏمريل آهن. واقعي مون کان اهڙو ڏوهہ ٿيو آهي، جنهن تي مان خود پشيمان آهيان. پر ان وقت مان مجبور هوس. مان بہ انسان آهيان. منهنجي دل ۽ منهنجي خواهش بہ مجبور ٿي سگهن ٿيون. خير! جو ٿيو سو ٿيو. مان کو پاڻ کي حق بجانب ميرائڻ لاءِ تو وٽ نہ آيو آهيان!"

"اها ڪا ڳالهہ ئي ناهي،" سراج وري وچ ۾ چيو، "تون حق تي آهين يا ناحق تي! مطلب تہ اسان توکي سٺو ماڻهو نٿا سمجهون، ۽ نہ ئي توسان ڪو واسطو رکڻ ٿا چاهيون. سو تون منهنجي وقت وڃائڻ بجاءِ مزي سان موٽي وڃي سگهين ٿو."

"تون وري وچ ۾ ٿو ڳالهائين!" مان چوان ٿو تہ اهڙي ڪا ڳالهہ نہ آهي، جو تو ڪٿي ڳنڍ ڏني آهي. سچو قصور تہ جانا جو هو، جنهن ....."

"جنهن مان تو جان ڇڏائي!" سراج وري ڪيس وچ ۾ روڪيو.

"سو توکي اها بہ خبر پئجي چڪي آهي. پر ضرور ڪنهن غلط رنگ ۽ ڍنگ ۾ ٻڌائي اٿي. سچ پچ تہ ان ۾ منهنجو ڪوبہ ڏوهہ نہ آهي. مان تہ ڪيس ڏاڍو چاهيندو ۽ پائيندو هوس. ان ڏينهن بہ مون هن کي ڪو ايڏو ڪونہ ماريو هو. رڳو ٻہ لڪڻ هنيا هيامانس، ڪاوڙ ۾ اچي! خود ڊاڪٽر جو چوڻ بہ اهو آهي تہ هن جو موت ٻاهرين زخمن سبب نہ، پر ڪنهن اندرين مهلڪ مرض سبب ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو." ايترو چئي صديق جهڙ لاءِ ترسيو. سراج ڏٺو ته هو اڃا ٺر ماٺهو ۽ ضدي طبيعت وارو هيو، ۽ سولو سندس جان ڇڏڻ وارو ڪين هو. سراج سوچيو هو ته هُو اٿي ٿورو چڪر ڏئي ماءُ ڏي وڃي ها، پر صديق جي طبيعت ۽ شخصيت کيس ترسائي ڇڏيو.

"ماٺهو مزيدار ٿو ڏسجين!" سراج هن ڏانهن نهاري مرڪندي چيو.

"مان پنهنجي متعلق ٻين جي راءِ ۾ ڪا خاص دلچسپي نه وٺندو آهيان."

صديق ٿڌي لهجي ۾ چيو."جيئن آهيان تيئن رهندو ۽ هلندو آهيان. ڪو ڇا به چئي، ان جو اثر گهٽ قبوليندو آهيان."

"ٻڌو اٿم ته يار ويش ڏاڍو آهين،" سراج چيو، "انهن جي ته ٻڌندو هوندين!"

"نه!" صديق وراڻيو، "اهو ئي سبب آهي جو اهي دوست به پاسو مٽائيندا وتندا آهن. ٽيون ڏينهن ٿيو آهي جو شهر ۾ آيو آهيان. سواءِ ان دوست جي، جنهن وٽ رهان ٿو، ڪنهن وٽ به ڪونه ويو آهيان. هڪ دفعو دوست سو ڪلب وٺي ويو هوم. اتي رميءَ ته ڪي يار مليا هيا، پر اها ملاقات به مختصر ۽ نالي پيل هئي."

"ڇئبو ته رمي به ڪندا آهيو!"

"سچيءَ عمر ۾ اها هڪ خراب عادت ئي پرائي اٿم. ڪڏهين ته اهو وقت به هوندو هيو، جو ڪهڙي ساعت به رميءَ ڏاران نه گذرندي هيم. پر پوءِ سر تي بار پوڻ سان ان کي گهٽائي ڇڏيم. عادت ته سٺي ناهي. پر اڄ ڪالهه ته فيشن ٿي ويو آهي، خاص ڪري مهذب سوسائٽي جي ته ضرورت ٿي پئي آهي. گذريل مهيني ڏيڊ ۾ هتي اچي ئي راند ڪئي اٿم. سو به ان ڪري ته آخري ڏينهن سبب ڪلب وڃي دوستن سان ملڻ پئي چاهيم، دراصل مان ملڪ ڇڏي وڏي سفر تي وڃڻ ٿو چاهيان."

"جانا جي ڏک ۽ صدمي مٽائڻ لاءِ ڇا؟" سراج پڇيو.

"هاؤ! واقعي!" هن ٿڌو ساهه ڀريو، "تون روحن ۾ اعتبار ڪندو آهين؟"

"نه!" سراج چيو، "تون ڪندو آهين؟"

"هاؤ!" صديق وراڻيو، "هن مهل تائين جانا ٽي دفعا مون وٽ آئي آهي."

"جاڳ ۾ يا ننڊ ۾؟"سراج عجب وچان پڇيو.

"بلڪل هوش ۾. ٽيئي دفعا جاڳيل هوس جو هوءَ آئي. نه رڳو آئي پر مون سان ڳالهايائين به!"

"بڪواس!" سراج چيو، "ائين ٿي نٿو سگهي! ڀلا توسان ڇا ڳالهايائين؟"

"نه اها حقيقت آهي. سچي، هوءَ ڳالهائي به ويندي آهي. پهريون ڀيرو هوءَ مون وٽ پنهنجي جُمائي واري ڏينهن شام جو آئي هئي. مان ڪمري ۾ اڪيلو ويٺو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب پڙهي رهيو هوس، تہ هوءَ در وٽ اچي بيٺي ۽ چيائين، ’صديق اڄ ڏاڍو مشغول آهين! گهڙيال کي چابي بہ نہ ڏني اٿيءِ!‘ اها منهنجي عادت آهي تہ مان هر هفتي گهڙيال کي پاڻ چابي ڏيندو آهيان. ۽ جڏهين وسري ويندي هيم، تہ جانا ياد ڏياريندي هئي. ٻيو دفعو هوءَ مون وٽ ريلوي اسٽيشن تي ويٽنگ روم ۾ آئي. مان هيڏانهن اچڻ لاءِ انتظار ڪري رهيو هوس تہ هوءَ سامهون اچي بيٺي ۽ چيائين، ’جلدي موٽي اچجانءِ!‘ ۽ وري گم ٿي وئي. هوءَ هميشہ سفر تي اسهڻ مهل مون کي ايئن چوندي هئي. ٽيون ۽ آخري دفعو هوءَ مون وٽ رات آئي هئي. مان کٽ تي ليٽيو اخبار پڙهي رهيو هوس، جو هوءَ در کولي اچي چائنٺ تي بيٺي ۽ چيائين، ’منهنجا توان ڪپڙا ڏس! وٺني ٿا؟‘ ان وقت هن کي سائي رنگ جو وڳو پهريل هو، جو مون کي ڏاڍو وڻندو هو.“

”سڀ ڪوڙ!“ سراج چيو.

”نہ، مان ڪوڙ ورلي ڳالهائيندو آهيان.“ صديق وراڻيو، ”مان هن ڪان اڳ بہ ڪيترائي ڀيرا روحن سان ملي چڪو آهيان. منهنجو ان عقيدي ۾ ويساه آهي، ۽ هڻڻ بہ گهرجي. جيڪو ماڻهو حيات بعدالممات ۾ اعتبار رکي ٿو، تنهن کي روحن جي وجود ۾ بہ ايمان رکڻو پوندو. تون ان ۾ اعتبار ڪرين؟“

”نہ، منهنجو ٻي جهان ۾ اعتبار ڪونهي.“ سراج وراڻيو، ”ڇڏ انهن چريائپ جي ڳالهين کي. ڪم جي ڳالهہ ڪر! مان تڪڙو آهيان......“

”بلڪل! بلڪل!“ صديق چيو، ”رضيہ جي شادي توهان اسلم سان ڪري رهيا آهيو؟“

”مون توکي اڳ بہ چيو آهي تہ اُن جو نالو نہ ڪڻ!“ سراج ڪهرائيءَ سان چيو.

”ڇو؟ پر مان تہ آيو ئي ان جي باري ۾ ڳالهائڻ آهيان. هن جو نالو تہ ضرور ڪڇندو.“

”چڱو! چڱو! جيڪا جڪ مارڻي ٿي جلدي ماري وٺ!“

”مون کي يقين آهي تہ تون اسلم جي باري ۾ پنهنجي راءِ قائم ڪري چڪو آهين. مان هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. هو منهنجي گهر واريءَ جو رشتيدار آهي. ان ڪري پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ هن جو ۽ رضيہ جو جوڙو نهايت ئي نا موزون ۽ نامناسب ٿيندو. مون کي اها بہ خبر پئي آهي تہ هوءَ سڀ ڪجھ تنهنجي ۽ ڪٽنب جي ڀلائيءَ خاطر ڪري رهي آهي .... ۽ تہ، تون ان رشتي جي مخالفت ٿو ڪرين.“

”تنهنجو انهن گهرو ڳالهين سان ڇا وڃي؟ توکي ان ۾ دخل ڏيڻ نہ جڳائي!“ سراج ڪاوڙ مان چيو.

”تون سمجهين ٿو تہ مان پنهنجي لاءِ راهہ هموار ٿو ڪريان! هرويرو تڪڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪو رايو قائم نہ ڪرا جي ائين هجي ها تہ مان سڌو ان موضوع تي نہ اچان ها. ائين واقعي آهي تہ ڪو وقت هو جو مان رضيہ کي چاهيندو هوس، پر هاڻي رتيءَ پر بہ اهڙو خيال ڪين اٿم......."

"معاف ڪرا مون کي دير تي ٿئي. جي مختصر ٿين تہ چڱو!" سراج چيو.

"بلڪل .... وڏي خوشيءَ سان. وڏي سفر تي اسهڻ کان اڳ مان ٻارن ٻچن لاءِ سڀ بندوبست ڪري آيو آهيان. هڪ باغ ۽ ڪجھ زمين هنن لاءِ وقف ڪئي اٿم، ۽ باقي ملڪيت نيڪال ڪري ڇڏي اٿم. جيئن تہ اسلم ۽ رضيہ وارو اهو رشتو منهنجيءَ گهر واريءَ معرفت ۽ وسيلي ٿيو هيو، سو مان ان ڏوھ جو ازالو ڪرڻ ٿو چاهيان. ان ڪري چاهيان ٿو تہ توسان گڏ رضيہ سان ملي، هڪ تہ هن کي سمجهائيندس تہ هوءَ اهو رشتو قبول نہ ڪري، ۽ ٻيو تہ هن کي، اسلم کان جان خلاصي ڪرائڻ لاءِ، مان ڪجھ رقم بخشيش ڪندس."

"تنهنجو دماغ تہ ٺيڪ آ نہ!" سراج رڙ ڪندي چيو، "توکي اها جرأت ڪيئن ٿي؟"

"مون کي خبر هئي تہ تون بتال ڪائي ويندين. پر ڪجھ ڌيرج ڌر ۽ ٻڌ! هڪ تہ هينئر اها روڪ رقم مون لاءِ بي معنيٰ آهي. جي رضيہ نہ ورتي تہ ڪنهن ٻئي نموني ضايع ٿي ويندي. ٻيو تہ منهنجي نيت بلڪل صاف آهي. مان ڪنهن بہ بدنيتيءَ سان ڪيس اهي پئسا نٿو ڏيڻ چاهيان. منهنجي ڪري تنهنجي معصوم پيڻ کي گهڻو ڪجھ سهڻو پيو آهي. ان ڏوھ جو احساس ڪندي، چاهيان ٿو تہ ڪيس ان جو عيوضو نہ، پر ناخشگوارين جو بدلو ڏيان، ۽ ڪيس محسوس ڪرايان تہ مان رڳو تڪليف ۽ ڇيهو رسائيندڙ انسان نہ آهيان. اعتبار ڪرا تہ منهنجي ان آڇ ۾ هزارين پتي بہ خود غرضيءَ جي ڪانہ آهي. اهو بہ ٻڌائي ڇڏيانءِ تہ ستت ئي مان، هڪ ٻن ڏينهن ۾، شادي بہ ڪري رهيو آهيان. هونءَ بہ ياں دل ۾ نہ ڪجانءِ!....... هوءَ اسلم سان شادي ڪري بہ تہ مالي مسئلن جي مدنظر تي نہ؟ ٿورڙو ٿڌيءَ دل سان سوچ! اجائي ڪاوڙ نہ ڪرا" صديق ڪافي سنجيده ٿي چڪو هو.

"گهڻو ڪيئي!" سراج چيو، "وڌيڪ زبان درازي نہ ڪرين تہ چڱو!"

"هرگز نہ! تنهنجي معنيٰ تہ ماٺهو پاڙيسرين سان رڳو مدايون ئي مدايون ڪري ۽ چڱائي ڪرڻ جو خيال بہ نہ ڪري! هي تہ مان روبرو رقم ڏيڻ ٿو چاهيان. پر جي وصيت ڪري ڇڏيان، تہ پوءِ ڪيئن انڪار ڪندي؟"

"گهڻو ڪري، ڪري ها!"

"خيرا جي نٿو مڃين تہ هڪڙو قرب ڪرا رڳو رضيہ کي منهنجي ان ارادي کان واقف ڪري ڇڏ."

"نه، مان نه ڪندس."
"ته پوءِ مان هن سان ملڻ جي ڪوشش ڪندس." صديق چيو.
"پلا، جي مان ڪيس اها ڳالهه ڪريان، ته پوءِ ملڻ جي نه ڪندينس؟"
"چئي نٿو سگهان. هڪ ڀيرو ساڻس ملڻ جي خواهش اٿم."
"اها اجائي آس نه رکين ته چڱو."
"افسوس اٿم ته تو مون کي سڃاتو نه آهي. اسين چڱا دوست ٿي سگهون ٿا." صديق چيو.
"انهن پرڪارن ٿي!؟" سراج ٽوڪ ڪئي.
"چو نه!"صديق وراڻيو، "ڪهڻ ۾ ڪهڻ منهنجو ته اهو خيال آهي. اڄ صبح جو تنهنجي شڪل ڏسي ئي مون اهو خيال قائم ڪيو هو، ۽ منهنجو اندازو غلط نه ويندو آهي."
"اڄ صبح جو؟ ڪٿي ڏٺئي؟" سراج عجب وچان پڇيو.
"هيٺ رستي تي. ٻه ڇڻا هيا ٻه ڳڌ هيئي!"
"ٺيڪ آ....... پلا سفر تي ڪڏهين روانو ٿيندين؟"
"اهو منهنجي شاديءَ تي مدار ٿو رکي. بحرحال وڃڻ کان اڳ هڪ دفعو رضيه کي ضرور ڏسڻ چاهيندس."
"چڱو!...... خدا حافظ." سراج موڪلائڻ جي ڪندي چيو.
"ها! پر ٻڌ! هڪ ڳالهه ياد لهي ويم. رضيه کي ٻڌائجان ته جانا ڪيس مرڻ گهڙيءَ ٻه ڪون وساريو هو. مرڻ کان اڳ هڪ وصيت ڪري وئي آهي، جنهن موجب چڱي چوکي رقم رضيه ٻلي ڇڏي وئي آهي. ستت ئي ڪيس اها رقم ملي ويندي."
"سچي!؟"
"جيءَ! چڱو! وري ملنداسين. مان هت تنهنجي ويجهڙائيءَ ۾ ئي رهان ٿو." صديق ٻاهر نڪتو. پٺيان سراج ٻاهر نڪتو پئي ته دروازي وٽ رشيد سان ٽڪر ٿي ويس.

(۲)

ان مهل اٺ وڳا هيا. هو ٻئي تڪڙو هيٺ لهي آيا ته جيئن اسلم کان اڳ جاءِ تي پهچن.
"اهو ڪير هو؟" رشيد رستي ۾ سراج کان پڇيو.

"وڏيرو صديق وٽ منهنجي پيءُ ٻارن کي ٽيوشن ڏيڻ لاءِ بيٺل هئي، ۽ جوٽس جانا مٿيس الزام ڏئي اتان ڪيرائي ڇڏيو. پر ان الزام تي هوءَ پوءِ پشيمان ٿي هئي، ۽ معافي به ورتي هئائين. اها هاڻي مري چڪي آهي ۽ ان متعلق ئي اڄ صبح جو امان جن ڳالهائي رهيون هيون. هي زال جي ڪفن دفن کان واندو ٿي هيڏي هليو آيو آهي ...... مون کي ته پڪ ٿو ٿئي. اسان کي رضيه جي بچاءَ لاءِ ڪجھ ڪرڻو ئي پوندو." سراج يڪ ساهيءَ سڀ چئي ويو.

"اهو ڪري وٺنداسين ...... ترسيل ڪٿي آ؟" رشيد وري پڇيو.

"الائي، مان ڪونه پڇيس!"

"خير ليي پوندو. مان چتائي ڏسو اٿي مانس،" ۽ هو وري ڪو وقت ماٺ ۾ هلندا رهيا.

"هون ..... ٺيڪ آ." سراج ڪاني وقفي کان پوءِ ڳالهايو، "پر اڄ ڪلھ مون کي الائي ڇا ٿي ويو آهي. مان سچ پچ چريو ٿي پيو آهيان ...... هو سڀ سچ ٿا چون."

"وري وٺلين ٿو،" رشيد چيس، "اجايو وهم ۽ سوداءُ ٿيو ٿي. مان اڄ قادربخش وٽ ويو هوس، ۽ ڪيس چڱي ڀڏائي آيو آهيان. اميد ته وڌيڪ پريشان نه ڪندئي."

هو گهر وٽ پهتا ته اسلم کي به مٿي چڙهندو ڏٺاؤن. هو ٽيئي هڪ ٻئي جي پٺيان ڪمري ۾ داخل ٿيا. فاطمه اٿي اسلم کي ڪيڪاريو ۽ رضيه پاڻ جو آدر ڀاءُ ڪيو. هو وڏي اچي ڪرسين تي ويٺا. اسلم ڪيسي مان رومال ڪڍي نڪ صاف ڪري، اهڙو منهن ڪري ويٺو ڄڻ سندس حڪم جي اورانگهڻ سبب ڪيس سخت اعتراض هو.

"سفر ۾ تڪليف ته ڪانه آئي هونديوَ؟" هن مهمانن کان پڇا ڪئي، "ظاهري ته ٿڪل نٿيون لڳو."

"نه، ابا! ڏاڍو آرام سان آيون هيون." فاطمه وراڻيو.

"افسوس اٿم جو ڪيتري ڪوشش جي باوجود اوهان سان ڪالھ نه ملي سگهيس. پر اميد اٿم ته منهنجي غيرحاضريءَ ۾ به ڪا تڪليف نه آئي هوندؤ." اسلم ڳالهايو.

"اسان کي ته ڏاڍو خيال ٿي پيو هو. هيءُ ويچارو رشيد ملي ويو، نه ته ڏاڍي پريشاني ڏسڻي پوي ها." فاطمه رشيد ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"مان هن سان ڪالھ ملي چڪو آهيان." اسلم وراڻيو ۽ ڌڪار ڀري نظرن سان رشيد ڏانهن نهاريو. سراج چپ ڪيون ويٺو هو. رضيه جلد ڳالهائڻ لاءِ آماده نه پئي نظر آئي. رشيد ڪو واسطو نه پئي رکيو. رڳو فاطمه ئي وري ڳالهائڻ ۾ اتاولي ڏيکاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ويچاري جانا مري وئي....... توکي خبر پئي آ؟“ فاطم اسلم کان پڇيو.

”ها! سڌ اٿم. اها به خبر پئي اٿم ته صديق به ڪونان سکر لاءِ نڪري چڪو آهي.“

”سکر! ڇيڏي؟“ رضيه چرڪ ڀريو ۽ ماءُ ڏانهن نهاريو.

”خدا ٻچندس. ويچاري ٻچڙيءَ کي آرام سان رهڻ به ڏيندو الائي نه؟“ فاطم حراسجي چيو.

”توهان ان جو خيال نه ڪريو. مان ساڻس پڇڻ جوڳو آهيان“.

اسلم رعب سان چيو.

”مان ته ڪيس ڏسي ڏکيو وڃان. بي ترس ماڻهو. زال مارڻ مان به نه مڙيو.“ فاطم چيو.

”ها. حالي ته اثر رسوخ هلائي، پوليس ۽ ڊاڪٽر کي لبي، جان ڇڏائي ويو آهي. پر ڏٺيءَ در ته حساب ڪتاب ڏيڻو پوندس.“ اسلم اوباسي ڏيندي چيو.

”ڇڏيو اُن جي ڳالهه کي“ رضيه چيو، ”مون کي الائي ڇا ٿو ٿئي.“

”هو اڳهون مون وٽ آيو هو.“ سراج پهريون دفعو ڳالهايو. سڀ عجب ۾ پئجي ويا، ۽ هن ڏانهن متوجه ٿيا. اسلم چرڪ ڀري ڪرو ٿي ويٺو.

”ڪلاڪ کن اڳ مان جاءِ تي ليٽيو پيو هوس ته هو مون وٽ آيو ۽ پنهنجي جاڻ سڃاڻ ڪرايائين!“سراج بيان جاري رکيو، ”هو بلڪل خوش باش هيو ۽ مون سان دوستي رکڻ جو خواهشمند هو. رضيه! هو توسان ملڻ لاءِ به آتو هو، ۽ ان لاءِ منهنجي مدد پئي گهريائين. هن کي توسان ڪجهه ڳالهائڻو هو، جو مون کي ٻڌائي چڪو آهي. اهو به ٻڌايائين ته مرڻ کان هفتو کن اڳ ڪيل وصيت ۾ جانا تو لاءِ ڪجهه رقم ڇڏي ويئي آهي، جا سنت توکي ملندي.“

”خدا، مرحيات کي جنت ۾ جايون ڏيندو!“ فاطم شڪر جو ساهه ڀريندي چيو.

”نه! نه؟“ اسلم رڙ ڪئي.

”ٻيو ڇا چيائين؟“ رضيه اتاوليءَ وچان پڇيو.

”چيائين پئي ته ٻارن ٻچن جو بندوبست ڪري، هو وڏي سفر تي وڃي رهيو آهي.“

”رضيه سان ڇا ڳالهائڻو اٿس؟“ فاطم پڇيو، ”توکي ٻڌايو اٿئين ني؟“

”هاؤ! پر اهو پوءِ ٻڌائيندو مانو“ سراج جنگهه جنگهه تي چاڙهيندي چيو.

”چڱو مان هلان ٿو!“ اسلم اٿي واچ ڏانهن ڏسندي چيو، ”هڪ ٻن ٻين جاين تي به وڃڻو اٿم.“

”ڇو؟“ رضيه چيو، ”توکي ته رات جي ماني گڏ کائڻي هئي ۽ امان کان کن ڳالهين جي وضاحت به وٺڻي هئي!“

"بـرابـر!" اسلم متاثـر ڪـن لهجي ۾ چيـو، "مـون کـي واقعـي ڪـي ڳـالهيـون ڪرڻيون هيون. پر جيئن تہ تنهنجو پاءُ منهنجي منهن تي توهان سان ڳُلي نٿو ڳالهائي، تہ پوءِ مان چو ٻين جي روبـرو توهان سان ڳُلي ڳالهايان ...... ان ڪانسواءِ توهان منهنجي خاص عرض ۽ التجا کي بہ ٺڪرائي ڇڏيو آهي."

"تنهنجي اها التجا تہ، ادو هت نہ هئڻ گهرجي، منهنجي اسرار تي رد ڪئي وئي آهي." رضيہ چيو، "تو لکيو هو تہ سراج تنهنجي توهين ڪئي هئي. مون چاهيو تہ ان جو فيصلو ٻنهي جي آمهون سامهون ٿيڻ گهرجي. جي سراج واقعي ڏوهہ ڪيو آهي تہ هو توکان ان لاءِ معافي وٺندو."

"پر معافي وٺڻ سان لڳل داغ نہ لهي سگهندو آهي." اسلم چيو.

"اجائي هوڏ ڇڏ." رضيہ کلي ڳالهائڻ لاءِ سنيرندي چيو، "مان توکي اچ تائين پاڻ ڏانهن سچو سمجهندي آئي آهيان. جي تنهنجي دل ۾ ڪي وهم ۽ گمان آهن اڄ سڀ فيصل ٿيڻ گهرجن. يقين رک تہ مان ڀيائي يا طرفداري نہ ڪنديس. ن هئي مون کي برابـر جا عزيز آهيو. توتي منهنجي مستقبل جو مدار آهي ۽ راج سان تنديڻ ڪان نينهن اٿم. اڄ مون کي توهان ٻنهي مان هڪ کي چونڊڻو پوندو. تون يا هي! تنهنجي صدقي مان پاءُ سان لاڳاپا لاهي سگهنديس، ۽ پاءُ جي خاطر توسان ناتا ٽوڙي سگهنديس. مان اهو چڱيءَ ريت سمجهي سگهنديس تہ آيا هي مون کي پيڻ ڪري سمجهي ٿو يا نہ، ۽ تہ آيا تون مون سان بي غرض پيار ڪرين ٿو يانہ."

"رضيہ،" اسلم کهرائيءَ سان چيو، "تنهنجي لفظن مون کي ڏاڍو ڏک پهچايو آهي. تون منهنجي پيٽ هڪ الهڙ ۽ رنگروٽ ڇوڪري سان ڪري رهي آهين، ۽ پنهنجي وعدي ٽوڙڻ جا امڪان ظاهر ڪري رهي آهين. 'تون يا هي' چئي تہ ٻڌائي ڇڏيو تہ منهنجي وقعت تو آڏو ڇا آهي .... مان اهو برداشت نہ ڪندس."

"تنهنجي پيٽ مان پنهنجي ساري جيون جي ميڙي چونڊيءَ سان ڪري رهي آهيان، ۽ تون ان ۾ پنهنجي گهٽتائي ٿو سمجهين. تنهنجي سمجهہ تي عجب ٿو لڳيم! الائي ڇا ٿو ڳالهائين؟" رضيہ رڙ ڪئي.

سراج مرڪڻ لڳو. رشيد ڳنڀير ٿي ويو. پر اسلم ڪجهہ بہ مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. رضيہ جي هر هڪ جملي تي هن جو منهن وڌيڪ ڳاڙهو پئي ٿيندو ويو.

"تنهنجو مڙس لاءِ پيار ۽ زندگيءَ جي ساٿيءَ لاءِ جذبو پاءُ جي محبت تي حاوي هئڻ گهرجي." اسلم ڏاڍيان چوڻ شروع ڪيو، "ڪنهن بہ حالت ۾ منهنجي هن سان پيٽ نٿي ٿي سگهي....... خير جي ضد ٿي ڪرين تہ سچي ڳالهہ ٻڌي وڃ. ڪالهہ تنهنجي پاءُ هن شخص (رشيد ڏانهن اشارو ڪندي) جي روبرو منهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخت توهين ڪئي، ۽ چيو تہ مان هڪ غريب ڇوڪريءَ جي غربت جو ناجائز فائدو وٺي ڪيس پاڻ سان شاديءَ لاءِ آماده ڪري رهيو هوس. هن پيو بہ گهٽو ڪجھ گهٽ وڌ ڳالهايو. مان سمجهان ٿو تہ هن اهو اندازو يا نتيجو تنهنجي (فاطمہ ڏي منهن ڪري) خط مان لڳايو آهي. تنهن جي معنيٰ تہ يا تہ تو خط اهڙو غلط ۽ گمراه ڪن لکيو آهي، يا هن اُن مان مراد ۽ مطلب غلط ڪڍيو آهي، يا ڇاڻي واڻي هريرو مون کي ذليل ڪيو هيائين. مان اڄ تو ڪان اهو پڇڻ آيو هوس تہ تو خط ۾ هنن کي ڇا لکيو هو؟"

"مون تہ جو ڪجھ صحيح سمجهيو سو لکيو هو" فاطمہ وراڻيو، "پر پڪ اٿم تہ سراج بہ ان مان غلط مطلب نہ ڪڍيو هوندو."

"تنهن جي معنيٰ تہ ڏوھ سارو تنهنجو آهي!" هن سراج ڏانهن منهن ڪندي چيو.

"پين تي تہ الزام هڻين ٿو. پر پاڻ جو سراج لاءِ هيڏي ساري غلط بياني ڪئي اٿي!" فاطمہ ڪاوڙ مان چيو.

"مان ڇا ڪيو آ؟" اسلم پڇيو.

"تو امان کي لکيو هو" سراج اسلم ڏانهن نهارڻ ڏاران چيو، "تہ مان ڪالھ پئسا ٻيوه جي ڏيءَ کي ڏنا هئا. حالانڪ ان ڇوڪريءَ کي مان اڳ ڏٺو بہ ڪونہ هو. اهو تو امان جن کي مون ڪان بدظن ڪرڻ لاءِ لکيو هو. ڪڏوڪڏ تون ان ڇوڪريءَ تي بہ تهمت هڻئين هئي، جنهن کي پورو سڃاڻين بہ ڪونہ. اهو سڀ ڪجھ تو ڄاڻي واڻي منهنجي بدنامي جي نيت سان ڪيو هو."

"معاف ڪجو!" اسلم چيو، "اهو سڀ ڪجھ مون پاڻ هُرتو نہ پر توهان جي ماءُ ۽ پيڻ جي هدايتن موجب ڪيو هو. هنن جو چوڻ هو تہ مان ڪين تنهنجي ۽ تنهنجي زندگيءَ جي رهڻي ڪهڻيءَ بابت احوال موڪليندو رهان. ان ڪان تہ تون انڪار نہ ڪندين تہ تو هنن کي پئسا ڏنا، ۽ تہ ان گهر ۾ ڪي مشڪوڪ ڪردار جا پاتي بہ آهن؟"

"منهنجي خيال ۾ تون پنهنجي سموري امارت ۽ مان مرتبي جي ڍونگ جي باوجود ان بدبخت ڇوڪريءَ جي جتيءَ برابر بہ نہ آهين، جنهن تي ايڏا چوھ چنڊي رهيو آهين!" سراج هوريان وراڻيو.

"چڱو، جي اهڙي آهي، تہ ماءُ ۽ ···ڻ سان ··ٿينس چو نہ ٿو؟" اسلم وار ڪندي چيو.

"توکي پڌايان ٿو تہ اها ڳالھ بہ مان ڪري چڪو آهيان. اڄ امان جن سان هوءَ ملي وٺي آهي."

"پاڻ ڏسين ٿي رضيہ" اسلم چيو، "تہ انهن حالتن ۾ اسان جو نباھ ڏکيو

آهي. منهنجي خيال ۾ ته اهو سوال ئي مورڳو ختم ٿي چڪو. اڄ کان پوءِ مان توهان جي ڪٽنب لاءِ اک جو پتر ثابت نه ٿيندس." هو اٿيو، ۽ موڪلائڻ لاءِ ڪرسيءَ جي ٽيڪ کي هٿ ڏئي بيٺو."وڃڻ کان اڳ هڪ عرض ڪندس ته آئنده مون کي ههڙين ڳڌجاڻين کان بخشيو وڃي ته بهتر."

فاطمه پاڻ نه جهلي سگهي. "تون ڪو اسان جو والي وارث آهين ڇا!؟ رضيه توکي سڏايو ته هن سراج کي چا لاءِ گهرايو هيو. اسان تنهنجي هر لفظ کي حڪم سمجهڻ لاءِ تيار نه آهيون! انهن حڪمن هلائڻ بجاءِ ته توکي اسان سان نٺڙت ۽ نهٺائيءَ سان هلڻ گهربو هيو، ڇو جو آسري تنهنجي تي ئي اسان ڳوٺان کهي ڪشالا ڪڍي، هتي آيون هيونسين."

"پر هاڻي جانا جي موت پڄاڻا حالتون ڦري ويون آهن! ائين نه؟" اسلم طنز وچان چيو.

"تنهن جي معنيٰ ته تون، اسان جي لاچاريءَ ۽ غربت تي پاڙيون ويٺو هڻين." رضيه چڙ وچان چيو.

"هينئر ڪونه ٿو پاڙيان، ۽ نه ئي ارادو اٿم ته توهان جي وچ ۾ ويهي توهان جي انهن ڳالهين ٻولهين ۾ رخنو ۽ رنڊڪ ٿيان، جي توهان صديق بابت ڪندؤ."

"اي ڏٺي!" فاطمه ڪن جي پاپڙين کي ڇُهندي چيو، "انسان ڪيئن نه مُشترو ٿي بدلجي ٿو وڃي."

"هاڻي ته خبر پيئي ته ادي؟" سراج رضيه کي چيو.

"ٺري وڃ. هليو وڃ هتان." رضيه اسلم ڏانهن ڪاوڙ ۽ ڪروڌ سان گهوريندي چيو.

اهڙي پڄاڻيءَ جي اسلم کي هرگز توقع ڪانه هئي. هن کي پنهنجي شخصيت ۽ سيرائيءَ ۽ هنن جي غربت تي ڪافي اعتماد ۽ ڀروسو هيو. هن کي ڪا مهل ته ويساهه ئي نه پئي آيو. هن جي منهن جو پنو لهي ويو، ۽ چپ ٿڙڪڻ لڳس.

"رضيه! جي اڄ مان هن در تان ائين نڪتس ته، ياد رک، وري نه موٽندس. سوچ ته ڇا ٿي ڪرين! منهنجا فيصلا اٽل هوندا آهن."

"تنهنجي ضرورت به ڪانهي." رضيه ڪاوڙ مان ڪرسيءَ تان اٿندي چيو.

"اڇا! اصلي ائين؟" اسلم پنهنجا ڀروسا ۽ آسرا ڍهندا ڏسي، ٻي وسيءَ وچان چيو، "پر توکي ائين ڪرڻ نه جڳائي."

"توکي ائين ڳالهائڻ نه جڳائي." فاطمه وچ ۾ پوندي چيو، "اسان تي ڪهڙو حق اٿي جو هلائين ٿو؟ ڪهڙي پئي اٿم جو توسان مِٽي ڳنڍيان. ڇڱو جو سٽ ئي سڌ پئجي وئي. هاڻي هل هتان جان ڇڏ!"

"پر تو مون سان وعدو ڪيو هيو، رضيه!" اسلم چيو، "۽ هاڻي ڦري رهي آهين ..... منهنجا ٿورا ۽ هي خرچ........"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي آخري شڪايت جي خصوصيت ۽ بيان جي لهجي تي سراج کل نہ روڪي سگهيو. پر فاطمہ پاڻ نہ جهلي سگهي. "ڪهڙا لڪ لٽايا ٿي؟ موڪلي بہ تہ اِها ٻن ويلن جي ماني اٿي ني!"

"چڏينس امان!" سراج ماءُ کي جهليو، "مهرباني ٿورا جو هاڻي هتان ٽٽو!" هن اسلم ڏي منهن ڪندي چيو.

"مان وڃان ٿو. پر توکي تہ ڏسي رهندس." اسلم ڪاوڙ ۾ چيو.

"وڏين چو پيو؟ دماغ ٺيڪ نٿئي ڇا؟ يا ڪيانءِ سڏيو؟" رشيد ڪاوڙ مان ڪرسيءَ تان اٿي وڏيو.

"ڇڏيو، ڇڏيو!" سراج وچ ۾ پوندي چيو ۽ اسلم جي پر ۾ ايندي سندس ڪلهي تي هٿ رکيائين، "مهرباني ڪري هاڻي ماٺ ۾ هليا وڃو، نہ تہ ...."

اسلم جهٽ کن هن جي منهن ۾ خالي ذهن سان نهاريندو رهيو. سندس منهن ٽامڻي هٽي ويو هيو. هو پنتي مڙي، ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو، ۽ سراج خلاف دل ۾ نفرت جا درياہ سمايون سانديون ويو. هو هر ڳالھ لاءِ سراج کي ئي قصور وارو سمجهي رهيو هيو. ويندي ويندي بہ هن کي هلڪي ۽ جهڪي آس هئي تہ اڃا ڪجھ نہ ويو هيو، ۽ عورتون وري جلد يا بدير ٺيڪ ٿي پئي سگهيون.

(٣)

حقيقت ۾ هن آخري گهڙيءَ تائين اهڙي انجام جي اميد نہ پئي ڪئي. هن ڪڏهين سوچيو بہ نہ هيو تہ ٻہ ڏتڙيل ۽ ڏوجهيل عورتون ائين سندس وڪڙ مان نڪري وينديون. اسلم کي پنهنجي عقل، سياڻپ ۽ نالي نوھ تي ڏاڍو ناز هيو، ان ڪان وڌيڪ هن کي پنهنجي ڌن دولت تي وڏو گهمنڊ هو، جو هن ڪجھ محنت ۽ ڪجھ ٻين ڏنگن ڏکن وسيلن سان ميڙيو هو. جڏهين هن رضيہ کي چيو هو تہ هو ڪيس سندس بدناميءَ ۽ ڳلا جي ڳهانگهي جي باوجود پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار هو، تڏهين هن بلڪل سچ پئي چيو، البت هن کي اُها سڌ هئي تہ ويچاريءَ جانا اها غلط فهمي ۽ اُهي شڪ شبها دور ڪري ڇڏيا هئا. هو اُن ڳالھ تي فخر مند هيو تہ هو هڪ گهٽ درجي واري ۽ غريب عورت کي پنهنجو همسفر ڪري رهيو هو.

پر هاڻي هو پاڻ کي هڪ معمولي ۽ هيٺو ماڻهو سمجهي رهيو هو. ڇو جو رضيہ هن لاءِ تمام ضروري هئي. هن ڪافي وقت کان ساڻس پرڻجڻ جا خواب پئي لڌا ۽ اوسيئڙا ڪڍيا. هن اهڙيءَ ڇوڪريءَ سان شادي پئي ڪرڻ چاهي جا نوجوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي، پڙهيل ڳڙهيل هجي، غريب به هجي، سُورن جي ستايل هجي، ڇو جو اُها سندس تابعدار ۽ فرمانبردار ٿي رهي پئي سگهي.سندس پوڇا ڪري پئي سگهي، ۽ رڳو سندس ٿي ٿي رهي پئي سگهي. اهڙي عورت رڳو رضيه ئي ٿي پئي سگهي. اُن ڪانئ ئي هن وڏيڪ مال ميڙڻ لاءِ هٿ پير پئي هنيان. وڪالت سان گڏوگڏ زمين جا مقاطعا به ڪٽڻ شروع ڪيا هيائين ته واپار ۾ به گهڙي پيو هيو. ڪافي ملڪيت مڏي ٺاهي هيائين، پر اجا به وڏيڪ جي سڌ هيس. اها سڌ رضيه بعد ئي پوري ٿي پئي سگهيس. شهري ماحول ۾، هڪ خوبصورت پڙهيل زال جي مدد ۽ سهڪار سان، ڪاروبار وڌائڻ ۾ وڏيڪ سهولتين وٺڻ جي نيت سان، هن سٽت ئي رضيه سان شادي جا خيال ۽ سانباها پئي ڪيا. پر اڄ سندس سڀ سپنا ٽٽي چڪا هئا. اڄ جي ملاقات هن لاءِ هڪ اهڙي اندوهناڪ آنڌي ٿي آئي هئي جا سندس سپنن جي سنسار کي تهس نهس ڪري وئي هئي. هن کي اجا به ڪو آسرو، ڪو هلڪو اميد جو ترورو نظر آيو پئي. هن پروڙي ورتو ته ان انجام جو هڪڙوئي اڪيلو ڪارڻ صديق هو...... ۽ هن اُن سان نبري اڄڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو.

❖ ❖ ❖ ❖ ❖

”ان ۾ منهنجو ڏوهه نه آهي.“ رضيه فاطمه کي ڳراٽڙي وجهي رئندي چيو، ”مون کي ڪهڙي سڌ ته هو اهڙو ڪميڻو نڪرندو.“

”خدا ڪٽي بچائي ورتو! نه ته الائي جي ڪهڙو حشر ٿئي ها.“ فاطمه چونڪاري جو ساهه کنيو.

جهٽ ڪان پوءِ سڀ وري اهڙا تهڙا خوش خرم ٿي ٿي ويا. رضيه گذريل ڳالهيون ساري چرڪي پئي وئي. فاطمه الله جا شڪرانا بجا آڻي ٿڪي ڪانه پئي. رشيد جي خوشيءَ جو ڪو انت ئي ڪونه هيو. هو تمام گهڻو اُتساهه ۾ هيو. هن ٽي هاٽي بار وڏي ويا هيا. ڪيس هاٽي هنن بيواهن عورتن جي سارسنڀال لهڻي هئي. سراج البت پنهنجي سوچ ۾ غرق هيو. رضيه ليکي هو اجا مٿس ڏمريل هو.

”صديق توکي وڏيڪ ڇا ٻڌايو؟“ رضيه سراج جي پير ۾ ايندي چيو.

”هو توکي ملڪيت مان يا روڪ مان ڪجهه حصو بخشيش ڪرڻ چاهي ٿو، ۽ هڪ دفعو منهنجي موجودگيءَ ۾ توسان ملڻ لاءِ اتاولو آهي.“

”اها مجال ڪيئن ٿي اٿس؟!“ فاطمه وچ ۾ رڙ ڪئي.

ان بعد سراج ٿوري ۾ کين صديق سان ٿيل ڳالهه ٻولهه جو ذڪر ڪري ٻڌايو، ۽ کين سندس خيالن ۽ ارادن کان به آگاهه ڪيو.

”تون ڇا ٿو سمجهين؟“ رضيه پڇيو.

”مان ته ڪيس سمجهي نه سگهيو آهيان. تو لاءِ ڪو خاص چاهه به ڪونه اٿس،

تڏهين بہ توکي ڪجھ بخشيش ڪرڻ چاهي ٿو! منهنجي خيال ۾ تہ نيت ۾ ڪو خلل ضرور اٿس. يا تہ وري دماغ درست نہ اٿس. شايد جانا جي موت جي صدمي ذهن مفلوج ڪري ڇڏيو اٿس."

"خدا ويچاريءَ کي جنت ۾ جاءِ ڏئي. اسان لاءِ تہ فرشتو ٿي آهي. ٽي هزار رپيا! رضيا سوچ تہ سهي! اڄ صبح جو پاڻ وٽ رڳو ٽي رپيا هئا، ۽ تنهنجي گهڙي گروي رکڻ جو پئي سوچيو سين."

رضيہ صديق جي ڪردار ۽ قول تي سوچي رهي هئي."ڪو وڏو منصوبو سٽيو اٿائين!" هن پڻ پڻ ڪئي. سراج سندس هورا کورا تاڙي ويو ۽ چيائين، "مان ساڻس هڪ لڳا وري ملندس."

پندرهن منٽن کان پوءِ هو ايئن ٽي ويا جڻ ڪي ٽيوٽي ڪين هو. سراج رکي رکي هنن جي ڳالهين پاسي ڌيان ڏنو پئي، نہ تہ، رڳو رشيد ئي پئي ڳالهايو.

"توهان ڳوٺ وڃي ڇا ڪندؤ؟" هن اڄ ڳالهائڻ جو قسم کنيو هو، "ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ ڇا رکيو آهي! هت سڀ ڪجھ آهي. شهر آهي، سهولتيون آهن ، سراج آهي، پئسو آهي. سڀ هتي ڪٺا رهو. مان توهان جو ساٿ ڏيندس. گڏجي ڪو ڌنڌو ڪنداسين. منهنجي چاچي وٽ هزار رپيو آهي. هو ڪيتري وقت کان، ڌنڌي ڪاڻ، اهي پئسا مون کي ڏيڻ لاءِ چئي رهيو آهي. هزار رپيا توهان ڏجو. ٻن هزارن جي سيڙپ سان چڱو چوکو ننڍو ڪاروبار هلي پوندو. اڄ ڪالھ ڪتابن لاءِ سٺي مارڪيٽ آهي. هڪ اشاعت گهر کوليندا سين. مون کي ان جو ڪافي تجربو آهي. ٽن چئن سالن کان هڪ پبلشر وٽ ڪم پيو ڪريان. اديب شاعر بہ چڱا دوست آهن. مواد سٺو ملي ويندو. روز مره جو خرچ بہ نڪري ويندو، ڪجھ پاڇي بہ ٿيندي. توهان مون تي اعتبار ڪري سگهو ٿا. ڪم کي هوريان هوريان وڌائبو ۽ ترقي وٺرائبي."

"صلاح تہ خراب ڪانهي." رضيہ اکين ۾ چمڪ آڻيندي چيو.

"مون کي تہ ڪا خبر نہ آهي. باقي اهو سو آهي تہ رهڻ هتي گهرجي." فاطمہ چيو.

"تنهن جو ڇا خيال آ، ادا؟" رضيہ سراج کان پڇيو.

"ٺيڪ آ! سٺي صلاح آ ۽ نيڪ پڻ." سراج وراڻيو، "رشيد کي ان ڪم جو سٺو تجربو آهي، پر .... ٺهيو، وڌيڪ پوءِ ڳالهائينداسين."

"ڏٺو!" رشيد رڙ ڪري چيو، "توهان هاڻي سکر ۾ ئي رهو. منهنجي گهر جي پر ۾ هڪ جاءِ خالي آهي. توهان سڀ اتي هلي رهو، سراج سميت. جيستائين توهان کي ٽي هزار ملن، تيستائين .... تيستائين رضيہ جي گهڙيءَ مان ڪم هلي ويندو. پوءِ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. پر...... پر تون ڪاڏي، سراج؟"

"پٽ، ڪاڏي پيو وڃين؟" فاطمہ وائڙي ٿي وئي.

رضيہ حيرت ۾ پاءُ ڏانهن نهاريو. هُن ڪرسيءَ تان اُٿي، اُباسي ڏئي، ٻاهر

وڃڻ لاءِ منهن ڦريو هو. 'شايد مان توهان کان هميشہ لاءِ موڪلائي رهيو هجان!'هن دل ۾ چيو ۽ هلڪي مرڪ چپن تي آندائين. "وري شايد هڪ ٻئي سان نہ ملون!" اوچتو هن جي زبان مان نڪري ويو.

"ڇا ٿو چئين، ٻچا!" ماءُ کان رڙ نڪري وئي.

"ڪاڏي ٿو وڃين؟" رضيہ چيو.

"ڪجھ ناهي! ڪاڏي بہ نہ!" سراج ڳنڀير ٿيندي چيو. "اسان کي ڪجھ وقت لاءِ هڪ ٻئي کان ڌار رهڻو پوندو. توهان منهنجي پٺيان نہ پئجو! مان پاڻ ئي توهان وٽ ايندس پيو......... ڪجھ وقت مون کي نويڪلائي کپي. في الحال منهنجي پچر ڇڏي ڏجو .... ان ۾ ئي توهان جي ...... اسان جي ڀلائي آهي .... چڱو، خدا حافظ!"

هُو هوريان هوريان در ٽپيو تہ رضيہ اچي اڳيان دڳ جهليس، "ادا! اسان کي ائين ڇڏي ڪاڏي ٿو وڃين؟" هُن جي اکين ۾ اداسائي تري آئي.

"نہ! مان وڃان ٿو! وري ايندس. ضرور ايندس." ۽ هو رضيہ کي پاسي ڪري هيٺ لهي ويو.

"توهان ڇڏيوس. وري ڦيري آئي اٿس." رشيد رضيہ کي ٻانهن کان وٺي ڇڪي اندر ڪندي چيو. "توهان ترسو. مان اچان ٿو!" ۽ هو بہ سراج جي پويان هيٺ لهي ويو.

"مون کي خبر هئي تہ تون ڪڏ ايندين." سراج چيو، "وڃ! موٽي وڃ! مون کان وڌيڪ هنن کي تنهنجي ضرورت آهي. سندن چڱيءَ پر سارسنڀار لهج. مان .... مان شايد وري موٽي اچان. جي آيس تہ .... چڱو! خدا حافظ!" هو اڳتي وڌي ويو.

"ڪاڏي ٿو وڃين! ڇا ٿيو اٿي؟ ڇا پيو ڪرين؟" رشيد سندس پٺيان پوندي پڇيو.

سراج هلندي هلندي بيهي رهيو. هن ڏي منهن ڦيريائين ۽ چيائين. "وري مون کان اهو نہ پڇج ڪجھ بہ نہ ٻڌائيندو مانءِ. مون کي ڏسڻ بہ نہ اچجانءِ. مان شايد پاڻ هرتو ئي وري هتي اچان...... مون کي ڇڏي، تون هنن ڏي وڃ. سمجهئي؟"

اهو ڇاٽاڻ ضروري نہ آهي تہ رشيد ڪيئن هنن وٽ موٽي ويو، هنن کي ڪيئن ۽ ڪهڙي آٿت ڏنائين، ڪيئن هنن کي سمجهايائين تہ سراج کي، اڪيلائي ۽ آرام جي ضرورت آهي، ۽ تہ هو سياڻي ضرور ايندو، ۽ روزانو ايندو رهندو، تہ هوئي سندن سارسنڀار لهندو، تہ سراج جي بہ سڌ سماءَ وٺندو رهندو، ۽ ڊاڪٽر کي ڏيکاريندو رهندو، وغيره وغيره .... دراصل اُن رات کان پوءِ رشيد هنن لاءِ چڻ گهر ڀاتيءَ جي جڳھ ولاري چڪو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4)

اتان نڪري سراج سڌو زرينہ جي ڊسپل جاءِ تي ويو. در کڙڪائڻ تي کنهن پڇيو "ڪير آ؟"

"مان هان! سراج" هن زرينہ جو آواز سڃاتو."در لاهہ!"

در کليو، اندران زرينہ هٿ ۾ لالٽين جهليو بيٺي هئي. هو زرينہ جي پويان اندر ڪمري ۾ گهڙيو. هن اوچتي ۽ بي وقتي آمد زرينہ کي پريشان ڪان وڌيڪ خوف زده ڪري ڇڏيو. ڪمرو ڪافي ڪشادو هو. ان جي اترين پاسي کنهن ٻئي ڪمري جو دروازو هو جو بنديل هو. ان ۾ شايد حياتان رهندي هئي. ڏاکڻي پاسي وارو دروازو ڪوڪن ۽ تختن سان بند ٿيل هو. شايد پر واري کنهن جاءِ ڏانهن کلندڙ هو. ڪمري ۾ فرنيچر ڪو خاص ڪونہ هو. هڪ کٽ، ٻہ ڪرسيون ۽ هڪ ٽپائي، جنهن تي زرينہ لالٽين رکي هئي. زرينہ ماٺ ڪيون مهمان ڏانهن نهاريندي رهي، جو غور سان سندس ڪمري جو مطالعو ڪري رهيو هو.

"ڪافي دير ٿي چڪي آ...... اڌ رات ٿي هوندي! نہ؟" سراج ڪنڌ مٿي ڪرڻ ڪانسواءِ ٿي چيو.

"ها! اڳهون گهنٽا گهر ١١ جا ٺڪاءَ ڪيا،" هن جان ڇڏائيندي تڪڙو تڪڙو وراڻيو.

"اڄ مان تو وٽ پهريون ۽ آخري ڀيرو آيو آهيان." سراج ڳنڀير ٿيندي چيو.

"ڇو؟...... ڪاڏي وڃين ٿو ڇا؟ ڪاڏي؟"

"سُيان!........ سيان، خبر نہ آهي تہ مان الائي جي ڪٿي هجان!" هن ڪرسيءَ تي ويهندي چيو.

"تنهن جي معنيٰ تہ بابا جي ٽيجهي تي بہ نہ ايندين؟"

"نہ، صبح جو چڪر هٽي ويندس." هن ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏنو. زرينہ کي بيٺل ڏسي ڪيس سامهون ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيائين.

"ڏاڍي هيٺي پئي لڳين! اڳ بہ ائين ڳريل هئينءَ ڇا؟" سراج سندس هٿ هٿ ۾ وٺندي چيو.

"ها! اصل ڪان ائين آهيان. هاڻي ٿي اهڙي اٿم." زرينہ هلڪي مرڪ سان وراڻيو.

"جميلہ خوراڪ ۾ ڪوتاهي ڪئي هوندي؟" سراج پڇيس.

"نہ ائين نہ آهي. هن سدائين مون سان پنهنجيءَ اولاد جيان ورتاءُ ڪيو آهي. هوءَ ڏاڍي ڀلي ۽ مهربان ماءُ آهي .... تو شايد هن کي غلط سمجهيو آهي."

زرينہ دکدائڪ نوع ۾ چيو. سندس منهن تي پيلاڻ ۽ لالاڻ اچي ويئي. "هوءَ مون

ڪي ڇا ڪري سگهندي يا ڏئي سگهندي .... ويچاريءَ کي پنهنجي فڪرات مان ته فرصت ملي. هوءَ ته سهاجهي آهي. ٻارن وانگر معد وم ۽ ابوجهه. ويچاري ڪيترو نه دکي آهي!"

"هاڻي سندس ۽ ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ هتي رهندا يا ڳوٺ هليا ويندا؟"

"ڪيئن چئجي! ڪهڙي خبر! قرضن ۾ ته ورتا پيا آهن. جاءِ جي مالڪ به رڻ ٻاري ڏنو اٿن. ~ ، جاءِ خالي ڪري وڃو، مون مسواڙ تان هٿ ڪنيو."

"ڏسڻ ۾ ته ر ـ ننهنجو سهارو ٿو اچين. اڳ به تون هئين ۽ هاڻي به توتي ئي ياڙيندا هوندا." سراج چيو.

"پيو اٿن به ڪير؟ مان ئي ته آهيان!...... اسين هڪ ته آهيون. چنندي مان ته ڪونه. آخر به ته ابي جو اولاد آهن، ۽ ويچاري جميلہ!........ (هن جو آواز گهگهو ٿي ويو) هن ته بابا پنيان پنهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏي. هاڻي ته ڏينهن ٻن جي مهمان هوندي. ڳڻتيون، پورهئو ۽ غربت ته حياتيءَ کي اڌوهي ٿي لڳندا آهن ني، ڪهڙو اعتبار آ هاڻي سندس جيئڻ تي .... هن کي ته توتي آسرو آهي! چيائين پئي ته توکان ڪجهه مدد وٺي ڳوٺ هلي ويندي. ۽ بابي واري ڇهه جريب ٻني آباد ڪندي. هت رهڻ ۽ جالڻ هن لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي. مون کان ئي ڏنو سَنو نٿو ٿئي. ان ڏينهن ئي ڪيس هڪ ڳالهه کان جواب ڏئي پئي پڇتايان. ويچاري ڪجهه چئي ته نہ سگهي، باقي اکيون سو آليون ٿي ويس. مان به ڪيتري نہ ڪٺور دل آهيان!" زرينہ روئڻ لڳي.

"ڪيئن!؟"

"مان ڪين ڏسڻ ويئي هئس. ننڍڙي فهيده بوٽ ڪاڻ روئي رهي هئي. ان وقت سرگواسي رامچند به اتي وينو هو، ۽ امان کي چيائين ته ڪو سامان ڪيس ڏئي ته پاءُ وٺ گروي رکي رقم آڻي ڏيانءِ. امان مون کي منهنجي ايرينگن لاءِ چيو. پر الائي جي چو ان وقت منهنجي وات مان نہ جو لفظ نڪري ويو. هوءَ روئي ويئي، اصل اوچنگارون ڏيئي. پوءِ ته ايرينگ لاهي ڪٽي پيرن ۾ رکيامانس، پر سندس نہ کي نونَ ڪوٺ چڙهي چڪا هئا. ڪيڏو نہ ڏک رسيو هوندس! صدمو به صدمن جهڙو. ڪاش مان اهو نہ جو لفظ واتان نہ ڪيدان ها!" زرينہ رئي جي پلاند سان اکيون اگهيون.

"رامچند کي سڃاڻين ڇا؟"

"هاؤ! بابي جو بالجتيءَ ۽ اسڪول جو يار هو. اسان وٽ ايندو رهندو هو. چو؟ تون به سڃاڻينس ڇا؟"

"نہ! بس ايئن ئي پڇيم." سراج چرڪ پري چيو، "خبر نہ آهي، ته جي جميلہ به رب جي راهه ورتي ته پويان ٻارڙن جو ڇا ٿيندو؟"

"الائي! الائي!!" زرينه رڙ ڪري اکيون هٿ سان ڍڪي ڇڏيون. ائين ٿي لڳو ڄڻ هوءَ اڄ به ڪيترائي دفعا پاڻ کان اهو سوال پڇي چڪي هئي.

"۽ ڪهڙي خبر ته جميله ڪان اڄ تون ٿي ڏهي پوين. پوءِ ڇا ٿيندو؟ در در جا ڌڪا؟ جميله ته پاڻ ماري ڇڏيندي!" سراج چيو.

"نه، نه! خدا اهڙو ڏينهن نه آڻيندو." زرينه جو هانءُ ڦسي پيو، ۽ سراج ڏانهن نماڻائيءَ سان نهارڻ لڳي. سراج اٿي ڪمري ۾ پسار پچائڻ لڳو. هڪ ٻن منٽن جي ماٺ ڪانپوءِ وري پڇيائين:

"اوڪيءَ ويل لاءِ به ڪجھ بچايو اٿو ڪين نه؟"

"نه! ٽڪو به نه!"

"ڇو؟ اڄ ڪالھ ڏنڊو مالو آهي ڇا؟"

"نه" هن جي منهن تي حياءَ ۽ شرم جي لهر ڊوڙي وئي، ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين.

"شايد ويچاري ڪريمان به تو وارو جيون ٿي جالڻ تي لاچار ٿي پئي." هن ڪنڌ ورائي چٽي ڏنو.

"نه! نه!! ڏٺي امانَ ڏيندس." زرينه ڪان دانهن نڪري وئي ڄڻ دل ۾ ڇرو کهپجي ويو هجيس.

"ها! ڇو نه! جيئن توکي امانَ ۾ رکيو اٿائين!" سراج ٺوڪ وڃان ڪليو.

زرينه جي سرير مان سيسراٽيون نڪري ويون. هوءَ ڪنبڻ لڳي. منهن هٿن سان ڍڪي ڇڏيائين. ٻئي ڪا گهڙي ماٺ هئا. آخر سراج وڌي هُن جي پرسان آيو. ڪلهن کي وٺي پاڻ ڏي مٿي منهن ڪيائينس. زرينه جي اکين ۾ اداسي ۽ اونهائي واري ماٺ هئي، پر چپ ٿڙڪي رهيا هئس. هو اوچتو هيٺ جهڪيو. هٿ هن جي پيرن تي رکي، اٿي سڌو ٿي مٿي تان چمي ورتائينس. زرينه چرڪي هٽي پري ٿي وئي.

"اهو ڇا ٿو ڪرين؟" هوءَ سجي پيلي ٿي وئي.

"مان تو اڳو نه جهڪيو آهيان. انسانيت جي بي وسيءَ، لاچاريءَ ۽ نراسائيءَ اڳو سيس نوايو اٿم" ايترو چئي هو دريءَ طرف هليو ويو. جهٽ بيهي، ڦري، وري چيائين، "اڳهون مان هڪ مغرور دولت مند انسان کي چيو هو ته هُو تنهنجي پيرن برابر به نه هو، ۽ ته مون پنهن جيءَ پيٽ کي توسان گڏ ويهاريو هو......"

ڇريو ٿي پيو آهين ڇا؟ شايد! مان ته هڪ گنهگار ۽ گندي عورت آهيان .....
تو ائين ڇو چيو؟"

"بس! مون کي هو ڪمينو ۽ تون عظيم لڳينءَ! نه ته تنهنجي به ڪا زندگي آهي! تون ٿي چئو. توکي وٺي ٿو اهو جيئڻ؟ ان کان ته ماٺو ٻڏي مري ته چڱو!"

”پوءِ، هنن يتيمن ۽ ٻي واهن جو ڇا ٿيندو؟ ڪهڙو اوهي واهي وينو آٿن.“ زرينہ ڪنهن بہ حيرت يا ڇرڪ ڪانسواءِ ڪنڌ هيٺ ڪري وراڻيو.

سراج هن جي اکين ۾ نهارڻ لڳو. سندس اکين ۾ هن جي تجويز ڪابہ حيراني يا پريشاني پيدا نہ ڪئي هئي. شايد هن اڳ ئي ان تجويز تي سوچي ڇڏيو هو. سچ پچ اها زندگي ڪيس ڪافي وقت ڪان پيڙا ۽ پڇتاءُ ڏئي رهي هئي. هن ڪيئي ڀيرا آپگهات ڪري ان جيون ڪان جان ڇڏائڻ چاهي هئي. پر ان لاءِ بہ پاڻ کي ٻي وس ۽ لاچار پئي سمجهيائين. گهر جي حالت ۽ ننڍڙن جي فڪر ڪيس اِن ڪان روڪيو پئي رکيو. اهوئي سبب هو جو سندس روح جسم جيان گندو ڪين ٿيو هو. هن جو ضمير اڃا سجاڳ هو. ان سوجهري تي هوءَ خوشحال زندگيءَ ۽ خوشگوار مستقبل جي ڳولا جاري پئي رکيو آئي. اهو سڀڪجهہ سراج بہ ڄاڻو پئي.

”مان اڄ توسان ڪا ڳالهہ ڪرڻ آيو هوس،“ سراج اٽل ارادو ڪري دل ٻڌي چيو، ”مان اڄ پنهنجي گهروارن ڪان موڪلائي آيو آهيان. امان ڪان، اديءَ ڪان .... مان وري اوڏانهن نہ موٽي ويندس!“

”چو“! زرينہ ان انڪشاف تي ڇرڪي ۽ ڏڃي وئي.

”دنيا ۾ مان رڳو توکي ئي پنهنجو ٿو سمجهان. هل تہ ڪاڏي هليا هلون. پري!“ هن جون اکيون چمڪيون. زرينہ ڇرڪي پنتي هٽندي سوچيو، ’شايد چريو ٿي پيو آهي.‘ ۽ چيائين، ”ڪاڏي هلون؟“

”مون کي ڪهڙي خبر؟ مان تہ رڳو اهو ڄاڻان تہ پنهنجي راهہ ۽ منزل ساڳي آهي.“

زرينہ ماٺ ڪيون هن ڏانهن نهاريندي رهي. ڪيس ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو. ايترو سو ضرور محسوس ڪيائين تہ هو ڏاڍو ڏکي ۽ پريشان هو.

”مون کي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.“ زرينہ هوريان پڙڪيو.

”پاڻهي ئي سمجهي ويندينءَ. تون بہ مان وانگر آهين. پاڻ سان پاڻ ڪئي اٿي. پنهنجي جار مان نڪرڻ جي اجائي آس رکيو ويني آهين. گهڻو سوچيندينءَ تہ چري ٿي پوندينءَ. مون سان بہ اها جنڊ آهي. پاڻ ٻئي هڪ ئي راهہ جا راهي آهيون. هل تہ هلون! منزل ڳوليون.“

”ڇا لاءِ؟ چريو ٿيو آهين ڇا؟“ زرينہ احتجاج ڀاري نوع ۾ چيو.

”ڇا لاءِ؟ ڇاڪاڻ تہ تون اِن زندگيءَ مان تنگ آهين. ڄاڻي واڻي حقيقت ڪان منهن موڙي رهي آهين. سياڻي تون بہ جميلہ جيان ڊهي پوندينءَ. جميلہ هونءَ ئي ڏينهن ٻن جي مهمان آهي. باقي ٻار؟ ڇا ڪريمہ کي هونءَ تڪليفون ۽ تنگايون آڏو نہ ايندين؟ روز ڪيترا محتاج ۽ پينو ٻار ڏسين ٿي؟ اهو سڀ ڪجهہ تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيلو ختم نہ ڪري سگهنديون. اجايو پئي پاڻ کي هلاڪ ۽ پريشان ڪرين!"

"ڇا ٿيندو؟ ڇا ٿيندو؟" زرينہ سڏڪن ۾ پئجي ويئي.

"ڇا ٿيندو؟ جيڪو ٿئڻو آ، تنهن کي هاڻي ڪئي ٽوڙي ڇڏ. رڳو پنهنجن دکن تي ديرو ڄماءِ. جو ڪجھ هاڻي نئي سمجهي سگهين، سو سياڻي سمجهي وينديون، پر تڏهين ڏاڍي دير ٿي وئي هوندي. پوءِ جو پڇتاءُ بہ ڪجھ نہ ڪندو. اهو منهنجو آخري مشورو اٿئي. وري شايد پاڻ ملي يا احوالي نہ ٿي سگهون. مان هڪ دفعو سياڻي وري تو وٽ ايندس، ۽ ٻڌائيندومانءِ تہ رامچند ۽ تلوڪ چند کي ڪنهن ماريو هو ...... چڱو الله واهي!"

"توکي ڪيئن خبر پئي تہ ڪنهن ماريو؟" هوءَ خوف کان ٿڏي ٿي ويئي.

"مون کي خبر آ .... ۽ مان رڳو توکي ئي ٻڌائيندس. مون اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. چڱو، في امان الله! وري سياڻي!"

"هو ٻاهر نڪري ويو. زرينہ وائڙي ۽ غير حاضر دماغيءَ سان هن کي ويندو ڏسندي رهي. پر هن جو دماغ بہ اڄ جاءِ نہ هو.

سڄي رات زرينہ بخار ۾ وڦلي گذاري. هوءَ هرهر ڪٽ تان ڇرڪ ڀري اٿي ويٺي پئي. سڄي رات هوءَ خوابن ۾ ماءُ ۽ ڀائن ڀينرن کي ڏسندي رهي.

ٻئي طرف پير واري گهر ۾ هڪ ماڻهو جاڳيو ويٺو هو. جڏهين کان سراج ۽ زرينہ پاڻ ۾ گفتگو شروع ڪئي هئي، تڏهين کان وڏيرو صديق بہ وچ واري بنديل دروازي تي ڪن لائي اچي ويهي رهيو هو. سراج هليو ويو تہ هن جهٽ لاءِ ڀي سوچيو ۽ پوءِ ڪرسي ڪٽي اچي در جي پرسان رکيائين. هن ڪرسي ان ڪري اتي رکي تہ جيئن سياڻي سراج ۽ زرينہ جي گفتگو آرام سان ويهي ٻڌي سگهي. ڇو جو اڄ ٻيهي ٻيهي هو ٿڪجي پيو هو.

(۵)

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهين ۱۱ بجي سراج ايس- پي جي آفيس آيو تہ ڪيس ڏھ پندرهن منٽ ٻاهر ترسائڻ بعد ئي اندر گهرايو ويو. اهو هن جي توقع خلاف هو. هن سمجهيو هو تہ وڃڻ سان ئي مٿس سوالن جي جهُل شروع ٿي ويندي. ٻاهر انتظار مهل بہ هو چوطرف نهاري رهيو هو تہ هن تي ڪا نظر داري يا چوڪسي تہ ڪانہ ٿي ڪئي وڃي. پر هن جو اهو خيال بہ درست نہ نڪتو. ملاقات ۽ سوالن جو سوچي ئي هن کي ڪنبڻي وٺي ويئي. ان حالت ۾ ئي هن کي قادربخش اندر گهرايو. هو اندر اڪيلو هو. سراج بہ وڃي سندس سامهون ڪرسيءَ

تي ويٺو. قادربخش آفيس واري ميز تان اٿي، ڪنڌ ۾ پيل صوفي تي وڃي ويٺو.
"سو، نيٺ اچي وئين! يار مون کي پڪ ڪانہ هئي تہ ڪو ايندين. آءُ، هتي اچي ويھ ..... ايترو تڪلف ڇو ٿو ڪرين، ميان؟ پر ۾ ويھڻ ۾ پڻ ٿو ٿئي ڇا؟"
سراج ڪرسيءَ تان اٿي هن جي پرسان وڃي ويٺو ۽ پڻ ڳاڙ حيرت سان هن ڏانهن تڪڻ لڳو. ڪجھ وقت ٻئي ماڻ ۾ هڪٻئي ڏانهن تڪيندا رهيا. آخر سراج ڳالهايو. "مان درخواست ڪٽي آيو آهيان ..... منديءَ ۽ واچ لاءِ .... ڏسو ٺيڪ آ نہ؟ ڪين ڪا غلطي اٿس؟"
"ٺيڪ آ، ٺيڪ آ." قادر وراڻيو ۽ ڪاڳنس دروخواست وٺي ٽپائيءَ تي ائش ٽري هيٺان رکي، "ٺيڪ آ، وڌيڪ تڪليف نہ ڪر!"
"منهنجي خيال ۾ ڪالھ توهان مون کان اڄ خون بابت ڪجھ پڇا ڪرڻ جو خيال ڏيکاريو هو." سراج چيو.
"ڪهڙي تڪڙ آ. اڄ نہ تہ سڀاڻ. ڪو پڳو ٿو وڃين ڇا! آ وٺ! " هن سراج کي سگريٽ آڇيو.
"پلا ٻڌايو تہ،" سراج پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍندي چيو، "منهنجي خيال ۾ توهان جو جاچ جو طريقو بہ نرالو آهي. اڳلي ڪان منڊ ۾ غير واسطيدار ۽ هيڏانهن هوڏانهن جا سوال ڪندا آهيو. هن کي دلجاءِ ڏياري سندس ڌيان هٽائي، پوءِ اوچتو مطلب جا سوال پڇڻ شروع ڪندا آهيو. ۽ هُو اوچتو وار نہ سهي وڃلي ۽ ڦڙي پوندو آهي. ايئن آهي نہ؟"
"ها! ڇو؟ تون ايئن ڇو ٿو سوچين؟"
"قادر بخش!" سراج صوفي تان اٿندي سڌو مطلب تي ايندي چيو، "تو ڪالھ مون کي چيو هو تہ مون کان قتل جي سلسلي ۾ ڪا پڇا ڳاڇا ڪرڻي هيئي. سو اُڄ مان آيو آهيان. جو ڪجھ پڇڻو اٿئي پڇي وٺ، نہ تہ مان هليو ويندو سانءِ. مون کي تڪڙ آهي. مرحوم مظفر جي ٽيجهي تي بہ وڃڻو اٿم. مان تہ تنگ اچي ٿيو آهيان. صحت بہ ان ڪري ٺيڪ نٿي رهيم. جيڪي پڇڻو اٿو سڌو سنئون پڇو.آڏا اُبتا سوال شايد نہ ورجائي سگهان."
"خدا جا بندا، ڇا ٿو چئين؟ ڇا پڇانءِ؟" قادربخش ڳنڀير ٿي چيو، "ڇو ڪٽي هرويرو پاڻ کي هلاڪ ۽ پريشان ڪيو اٿي." هن اٿي سراج کي زور سان هيٺ ويهاريندي چيو، "اجايو چرپائپ جون ڳالهيون نہ ڪر! تڪڙ آ ڇا؟ مون تہ توکي رڳو ملڻ لاءِ چيو هو. پڇا تہ پوءِ بہ ڪري ٿي سگهجي. اجايا شڪ شبها ڇو ٿو ڪرين. مان هت اڪيلو ٿو پانيان. تو جهڙي سيبتي ۽ سياٽي ماٺهوءَ سان سنگت وڌائڻ ۽ ويجهي ٿيڻ لاءِ توسان تعلقات وڌائڻ پئي چاهيم. ان ڪري ئي چيو هيو مانءِ تہ اچي ملجانءِ. پر تون مون کي مطلبي ٿو سمجهين الائي ڇا؟ نهي ويھ!

ڏيرج ڏرا!"

سراج جنگهه جنگهه تي چاڙهي ويهي رهيو ۽ هن ڏانهن ماٺ ۾ نهارڻ لڳو. 'سچ پچ! مون کي ڏيان هٽائڻ لاءِ هو اهي ڳالهيون ڪري رهيو آهي.' سراج سوچيو.

"پنج منٽ ترس! ڪافي پيئون پوءِ هليو وڃج." قادر وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، "سچو ڏينهن پٽ کوهه ۽ ڊڪ ڊوڙ پريشان ٿي ڪري ڇڏي. پنج منٽ تو جهڙي يار سان ڪچهري ٿا ڪريون ته تازا توانا ٿا ٿي وڃون. نه ته سچو ڏينهن پيا اجائي مٿي ماري ڪريون. عجيب وغريب ماڻهن سان واسطو ٿو پوي. خوني، چور رهزن، ڳنڍي ڪپ! ڪي سچا ڏوهاري ته ڪي بي ڏوهي. انهن کان پڇا ڪرڻ ۽ ڏهه باسرائڻ ته مٿو چٽ ڪريو ڇڏي. ڦيرا گهيرا ڏئي، وڪڙ چاڙهي ڪٽي ڊال تي آڻيندا آهيون. ڪڏهين ڪڏهين ته جواب ڏيڻ واري ڏوهيءَ کان اسان پڇڻ وارا وڏيڪ شش و پنج ۾ اچي پوندا آهيون. آسان جو پيشو به هڪ فن آهي." قادر ساهي پٽڻ لاءِ جهٽ ترسيو. هو اٿي ڪمري ۾ پسار ڪرڻ لڳو. هن جو سچو هٽ پويان ٻنڌڻن تي هو ۽ ڪهو هٽ هيٺ مٿي ڪري ڳالهائي رهيو هو. سراج ڏٺو ته هن پسار ڪندي ٻه دفعا در وٽ بيهي ٻاهران ڪجهه ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي.

'هو ڪنهن جو انتظار ته نٿو ڪري؟' سراج سوچيو.

"تو سچ پئي چيو ته اسان جو جاچ ڪرڻ جو طريقو عجيب ۽ نرالو آهي. صحيح آ، اسان جا نفسياتي طريقا ڪل جهڙا ۽ عجيب هوندا آهن. تون به ته قانون جو شاگرد آهين، تون اها ڳالهه ڪجهه سمجهي سگهين ٿو."

"هائو، هيس ......" سراج ورنديءَ جي ڪوشش ڪئي.

"ڪيترن ئي ڪيسن ۾." قادر وري تقرير شروع ڪئي، "اسان شڪي ماڻهوءَ کي يڪدم گرفتار نه ڪندا آهيون، ۽ نه ئي ڪيس ثابت تي گهرائيندا آهيون.ائين محسوس ڪرڻ ڏيندا آهيونس ڄڻ اسان جو هن ۾ رتيءَ برابر به شڪ نه آهي. هن کي ٻنڌڻ سان اسان ثبوت هٿ ڪرڻ جا رستا بند ڪرڻ نه چاهيندا آهيون. اسان ڪيس آزاد ڇڏي ڏيندا آهيون. جي هو سچو ڏوهاري هوندو آهي ته هرو ڀرو به اسان جي ان روش تي وهم ڪرڻ شروع ڪندو آهي، هو اندرئي اندر ۾ ڪامندو، ڇرڪندو ۽ سوچيندو رهندو آهي. آخر سوچ جون ڦوٽون جواب ڏئي ويندديون اٿس. پوءِ پاڻ مرادو اچي اسان وٽ سچ سوڏو پيش ٿيندو آهي. باس ڏيندو آهي. اسان کي پڪا پختا ثبوت ملي ويندا آهن. پوءِ اسن هروڀرو اٻهرائپ يا تڪڙ ڇو ڪريون؟ اسان کان پڇي ته هوندءَ به ڪين ويندو. پتنگ ٻتي چوڌاري ڦرندي ڦرندي، دائرو تنگ ڪندو ڪندو اچي لاٽ تي ڪرندو آهي. اهڙي ڏوهيءَ جو مثال به ايئن اٿي. هو اسان جي چوگرد چڪر ڪاٽي ڪاٽي، اچي ڦهڪو ڏئي اڳيان ڪرندو آهي. تون شايد پت نٿو ڪرين؟ ڪندين به ڪيئن!"

سراج کو جواب نہ ڏنو. هو چپ ڪيون ويٺو رهيو. منهن جو پنو لهي ويو هوس.'هو شايد مون کي اُلو بڻائي رهيو آهي.' هن سوچيو، 'ڏاڍو ڪو چالاڪ آ، ايئن ڇو ٿو ڪري؟ يار اجايو ٿو متيو هڻين توکي مون مان ڪجھ بہ نہ ملندو. ڪالهوڪي بندري شخص جو تہ ڪو وجود ئي ڪونہ آهي. پوءِ اهي چالبازيون ڇو ٿو هلين؟ ڪجھ بہ پلئہ نہ پوندئي! ڪجھ بہ نہ.' هن پاڻ ۾ سگھ سهيڙي جواب ڏيڻ لاءِ تياري ڪئي، ۽ قادربخش ڏانهن سونڌ پائي نهاريو. هو اجان ورندي ڏيڻ لاءِ مناسب موقعي جي تاڙ ۾ هو. في الحال خاموشي ئي بهتر سمجھيائين.

"تون شايد منهنجي ڳالهين تي اعتبار نٿو ڪرين،" قادر زنده دليءَ وارو ٽهڪ ڏئي وري شروع ٿيو، "شايد مون کي ڪوڙو ٿو سمجھين. پائنين ٿو تہ توسان چرچا ٿو ڪريان. منهنجي ڳالهائڻ مان ڪو هيو مطلب نہ ڪڍجانءِ. مان تہ رڳو تنهنجي معلومات وڌائڻ لاءِ ٿو ڳالهايان. سياڻي وڪيل جي حيثيت ۾ تنهنجو بہ انهن ڳالهين سان واسطو پوندو...... پر تون هيڏو پيلو ڇو ٿو ٿين؟ ڇا ٿو ٿيئي؟ ڇاڪ تہ آهين نہ؟ مونجھ ٿي ٿئي تہ دري کوليان!" هن وڏي روڊ پاسي واري دري کولي.

"نہ! نہ! اجائي تڪليف ڇو ٿو ڪرين!" سراج چيو ۽ کلڻ لڳو. قادر ڪا جهٽ تہ هن کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ پاڻ بہ کلڻ لڳو. سراج اٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو، "قادربخش! مان سمجھان ٿو تہ تون مون ۾ قاتل هجڻ جو شڪ رکي رهيو آهين. اهو هڏي هڏيءَ مان تہ تنگ ٿي پيو آهيان. جي تون بہ شڪ ٿو ڪرين تہ ڪٺي هڏي لاڪب اماڻي ڇڏ! باقي اهي ٽرڪ ساز ڇا لاءِ ٿو ڪرين؟" هن جا چپ ڏڪڻ لڳا ۽ اکيون ڦاٽي ويس، ۽ پاڻ نہ روڪي سگھيو. "وڌيڪ انڪل سنڪل مان برداشت نہ ڪندس!" هن زور سان ميز تي مڪ هنئين. "بُڌئي! بُڌئي!"

"خدا جا بندا! ڇا ٿي ويو اٿئي؟ ڇئين ڇا پيو؟" قادر عجب مان چيو، "ايڏو ڏاڍيان ڇو ٿو ڳالهائين. ٻاهر ڪو هڏي نہ وڃي."

"تو ڪو وسان ڪُمَايو آهي! ڪا حد ٿيندي آهي." سراج لهجو هيٺ ڪيو. قادر وڏي هيون دريون بہ کولي ڇڏيون. "توکي تازيءَ هوا جي وڌيڪ ڪهرج آهي! ٿڌو پي تہ پارو هيٺ لهئي!"

هن اردليءَ کي بوتل آڻڻ لاءِ چيو. قادر جي اچرج ۽ همدردي ايتري تہ قدرتي پئي لڳي، جو سراج جو سياءُ خودبخود مائو ٿيڻ لڳو.

"ميان، سراج! ڇو ٿو پاڻ کي چريو ڪرين." هن بوتل سراج ڏانهن وڌائيندي چيو. هن بہ ٿي ڍڪ پيري بوتل ٽپائيءَ تي رکي."هرويرو پنهنجي صحت بگاڙي رهيو آهين. مون کي رشيد هدايو آهي تہ تون ڇاڪ نٿو رهين. هو ڪالھ تنهنجي وڃڻ کانپوءِ وري مون وٽ آيو هو. تو موڪليو هوس ڇا؟ پر ويهين ڇو نہ ٿو؟ويھ نہ!"

"نہ مان تہ ڪون موڪليو هومانس. پر خبر اٿم تہ تو وٽ ڇو آيو هو." سراج يڪدم وراڻيو.

"مون کي خبر آ تہ هو ڇو آيو هو. مون کي اها خبر آ تہ خون واري واقعي کان پوءِ بہ تون تلوڪ جي ڪمري ۾ ويو هئين. ان ۾ ڇاهي؟ تون ڇو ٿو پريشان ٿين؟ اجائي ڳڻتي ڪري جان جنجل ۾ نہ وجهہ. هرو ڀرو پاڻ کي ڇو ٿو انوالو (Involve) ڪرين. ڪڏهين ڪڏهين ايئن بہ ٿي ويندو آهي، جو ماڻهو وهمن ۾ اچي، تنگ ٿي پرايو ڏوهہ بہ پاڻ تي کڻي ويندو آهي. وڃي پنهنجي صحت جو خيال ڪر. اجائي وهم ۽ ڳڻتيون ڪيدي ڇڏ!"

جهٽ لاءِ سراج کي سڄي آفيس ڦرندي نظر آئي. 'ممڪن آ،' هن سوچيو، 'تہ هو اجا ڪوڙ ڳالهائي رهيو هجي؟ نہ نہ ائين ڪيئن هوندو؟' هن دل ئي دل ۾ سوال کي رد ڏنو.

"مان بيمار نہ آهيان. هرڀرو رڳو هيڻائي اٿم." سراج چيو.

"تنهنجو ذهن ضرور بيمار آهي،" قادر چيس، "نہ تہ ايئن سوچين ئي نہ ها. جي ڏوهاري هجين ها تہ اهو جواب نہ ڏين ها. پر همدرديون وٺڻ ۽ پاڻ بچائڻ لاءِ پاڻ کي بيمار سڏين ها. چئين ها تہ منهنجو دماغ جاءِ نہ آهي. ائين آهي نہ؟" قادر جي پڇا ۾ ڪهرو سوال هو. سراج صوفي تي پوئتي اهلي پيو.

"بي ڳالهہ تہ جي تون ڏوهاري هجين ها تہ ايئن نہ چوين ها تہ رشيد ڇو آيو هو، ۽ هن جي اچڻ کان لاعلمي ڏيکارين ها. پر تو ايئن نہ ڪيو! تو ٻڌائي ڇڏيو تہ هو تو ڪاڻ ئي آيو هو."

سراج ايئن نہ ڪيو هو. هن جي سرير ۾ سيسراٽيون اچي ويون. "تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين. تون ٻڌائڻ ٿو چاهين تہ توکي ساري سڌ آهي. تون مون کي ڊيڄارين ٿو ...... تون ڄاڻي ٿو تہ هوشيار ۽ پڙهيل ڳڙهيل ڏوهاڙي اهڙي نموني سيڪجهہ باسي ويهندو آهي. مان توتي پٽ نہ ٿو ڪريان."

"مان سچ ٿو چوان." قادر سراج کي ٻانهن کان جهليندي چيو. "تون پنهنجي صحت جو خيال ڪر. تنهنجي ماءُ پيڻ بہ هت آهين. ڪجهہ انهن جو بہ وڃي خيال ڪر. خوامخواه اهي بہ پريشان ٿينديون."

"تنهنجو انهن سان ڪهڙو واسطو؟ توکي اها خبر ڪيئن پيئي؟" سراج چيو، "معنيٰ تہ توکي سڀ خبرون آهن."

"عجيب ماڻهو آهين. توئي تہ ڳالهہ هنن جي اچڻ جو ٻڌايو هو!" قادر وراڻيو.

"هاڻي ڏيکہ ڇڏ! سچ پچ ٻڌاءِ تہ مون ۾ شڪ رکين ٿو يانہ؟" سراج رڙ ڪئي.

"هش! هوريان ڳالهاءِ! ڪو ٻڌي نہ وٺي. دماغ خراب ٿيو ٿي." قادر هوريان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽڪيو.

"اجايو پريشان ڇو ٿو ڪرين؟" سراج ڏڪار وچان نهاريندي چيو، "مون کي پڪڙيو ...... تلاشي ورتو .... جو ڪجھ ڪيو، ڪليو ڪلايو ڪيو. ڪجھارتون نه ڏيو!"

"اجائي بڪ نه ڪر. مون رڳو دوستيءَ ۾ ڳهرايو هو مانءِ. بس!" قادر سنجيدو ٿي ويو.

"مان لعنت ٿو وجهان اهڙيءَ دوستيءَ تي." هو اٿي ڪاوڙ ۾ ٻاهر وڃڻ لڳو.

"پر هي نه ڏسي وڃ." قادر پويان رڙ ڪري هن کي بيهاريو.

"ڇا؟"

"هيڏانهن هن ڪمري ۾ آ. مون ڪيس بند ڪري ويهاريو آهي." هن وڏي در کوليو.

"وري ٿو پريشان ڪرين."

"هاڻي وڌيڪ پريشان نه ٿيندين. اجايون رڙيون نه ڪر. جوش گهٽ ڪاءِ. مان هاڻي ئي وڏي منشيءَ کي ڳهرايان ٿو."

"تون منهنجي ڪمزوريءَ جو ناجائز فائدو وٺي رهيو آهين. مون کي چتو ڪري، ٺڪائي هاڻي ٿو منشي ڳهرائين ته منهنجو بيان قلم بند ڪري. پر تو وٽ ثبوت ڪهڙو آهي؟....... پلي ڳهراءِ منشي کي به!"

ان وقت ٻاهر گوڙ ٿيو. هو ٻئي وائڙا ٿي بيهي رهيا. ان وقت اهڙو غير متوقع واقع ٿيو، جنهن جو ٻنهي کي خواب و خيال به ڪين هو. ٻنهي سوچي به نه پئي سگهيو ته سندن گفتگوءَ جو انجام ڪو اهڙو ٿيندو.

(٦)

ٻاهران گوڙ وڌندو ويو. ۽ اوچتو دروازو کليو.

"اهو ڇا هي؟" قادر گرجيو، "مون توهان کي جهليو ...." ماٺ ٿي وئي.

"حوالائي رفيق کي آندو اٿيسن!" ڪنهن جواب ڏنو.

"ڪنهن ڇيؤ؟....... واپس ڪيوس! هالي سندس ڳهرج ڪانهي."قادر حڪم ڏنو.

پر اوچتو دروازو زور سان کليو ۽ هڪ ماڻهو اندر ڌوڪي آيو . جنهن جي پويان پنج ڇهه ٻيا به گهري آيا.

ڌوڪي آيل جا ڪپڙا جا بجا رنگ جي داغن ۾ ڇٽن سان ڀريل هئا. هن جو منهن لٿل ۽ اکين ۾ اوجاڳو هو.

"بابا، ڇو آندو اٿوس؟ موٽائي وڃوس! جڏهين چوان تڏهين آڻجوس." قادر

وري حڪم ڏنو.
”مان ڏوهي آهيان! مان ئي خون ڪيو هو“ رفيق قادر اڳيان ڪري پيو، ۽ اوڇنگارون ڏيڻ لڳو. جهٽ لاءِ خاموشي تاري ٿي ويئي. صفا ماٺ.
”ڇا؟“ قادر حيرت وچان رڙ ڪئي. ”ڪنهن جو خون ڪيو اٿئي؟“
”تلوڪ چند ۽ سندس پاءُ جو. مان ڪين ڪهاڙيءَ سان ماريو آهي. مان ان وقت هوش ۾ ۽ وس ۾ نه هوس.“ رفيق اٿندي چيو.
قادربخش بت بڻيو بيٺو رهيو. آخر هن ڪنڌ جي اشاري سان هين کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو. سڀ ٻاهر نڪري ويا. هُن سراج ڏانهن نهاريو جو ڪنڊ ۾ بيٺو رفيق ڏانهن تڪي رهيو هو.
”سچ ٻڌاءِ! تو هن کي ماريو هو؟ ڪيئن؟“ قادر پڇيو.
”ڪهاڙيءَ سان. مان اڪيلو هوس. احمد مون سان ڪونه هو.“
”احمد لاءِ توکان ڪير ٿو پڇي! پر ان مهل تون ايئن ڇو لهي وئين. ڇڻ راند پئي ڪيڻ؟“
”مان مزدورن جي نظر کي دوکو ڏيڻ پئي چاهيو.“ هن ترت وراڻيو، ڇڻ ان لاءِ اڳ ئي تيار هو.
”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين!“ قادر چيو ۽ سراج ڏانهن ڏٺو، ”توکي تڪليف ڏنم. معاف ڪج!...... تون ڀلي هل هاڻي. ڇڱو خدا حافظ!“ قادر وري رفيق ڏي متوجهه ٿيو.
”توکي هن سڀ ڪجهه جي توقع ڪانه هئي؟“ سراج پڇيس.
”تنهنجي خواب خيال ۾ به هي منظر نه هئو. ڏس! اڃا به پيو ڏڪين.“
”تون به ته دنگ آهين. اها شئي ته ڏيکار جا لڪائي رکي هيئي.“ سراج اسرار ڪيو.
”اڃايو وقت نه وڃاءِ. ڇڱو الله واهي. وري ملنداسين.“ قادر زوري موڪلائڻ جي ڪئي.
سراج اڃا در تي پهڳو ته پويان قادر سڏ ڪيس. ڪنڌ ورائي سراج ڏانهنس ڏٺو ته چيائينس، ”آهي ته سڀ ڪجهه قادر جي هٿ ۾، پر توکان اڃا ڪجهه پڇا ڪرڻي اٿم...... سو وري اچجانءِ! جڏهين واند ٿئي ئي! ايندين نه؟“ ۽ هو مرڪڻ لڳو.
”ڇو نه! معاف ڪجانءِ جي ڪاوڙايو هجي مانءِ“. سراج مرڪي چيو.
”ڪا ڳالهه ڪانهي. تون معاف ڪج جو پريشان ڪيون مانءِ. “قادر موٽ ۾ چيو، ۽ سراج ٻاهر نڪري ويو.

❖ ❖ ❖ ❖ ❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سراج اتان نڪري سڌو پنهنجي جاءِ تي ويو. ڪرسي تي ڪري ڏهه پندرهن منٽ ڪم سم ويٺو رهيو. هو سوچي رهيو هو تہ چا رفيق بيوقوف ۽ احمق هو. هن جي باس حقيقت ڪان ڪيترو نہ پري هئي. هن محسوس ڪيو تہ اها باس بيهي نہ سگهندي. ۽ هو وري سندس پيڇو ڪندا. پر تيستائين هو پريشانيءَ ڪان آجو هو. ڪيس ڪجهہ آٿت ملي ۽ سامت جو ساهہ کنيائين. پر ڪيستائين؟ هوريان هوريان وري هن کي پنهنجي حيثيت صاف ۽ چٽي ٿيندي نظر آئي. قادر سان ٿيل گفتگو تي سوچي ٿڙ ڪٽين وٺي ويس. هن محسوس ڪيو تہ جي اڌ ڪلاڪ بيو بہ ان حالت ۾ قادر سان رهي ها تہ سڀ ڪجهہ باسي ويهي ها. چا هو اهو سڀ ڪجهہ سوچڻ لاءِ حق بجانب هو؟ ڪيس ان لاءِ ڪو جواز هو؟ چا واقعي قادر جي مراد اها هئي؟ چا هن سچ پچ ڪا عجيب ثابتي، هن خلاف، پر واري ڪمري ۾ لڪائي رکي هئي؟ جي اوچتو رفيق واري سين ٿئي ها تہ چا ٿئي ها؟ هن جي لونءِ ڪاندارجي وئي. هو منهن هٿن ۾ ڏئي سوچيندو رهيو. هيٺائيءَ ۽ پڙ سبب اچا سندس چنگهون ڏڪي رهيون هيون.

آخر هو اٿيو ۽ در طرف ويو. هن سمجهيو پئي تہ ڪهڻ ۾ ڪهڻ اچ جو ڏينهن هو ان اڻ تڻ ۽ هورا ڪورا ڪان آجو هو. هن اوچتو خوشيءَ ۽ چوڻڪاري جي لهر بت ۾ ڊوڙندي محسوس ڪئي. هن يڪدم جبلہ ڏي وڃڻ جو ارادو ڪيو. هو در کولڻ لاءِ وڌيو، تہ اهو خودبخود هوريان هوريان کلڻ لڳو، ۽ آخر هڪ ماڻهو ظاهر ٿيو......ڪالهہ وارو ازغيبي بندرو شخص!

"بندرو شخص در وٽ بيٺو ڪا گهڙي پل سراج ڏانهن گهوريندو رهيو. پوءِ هوريان هوريان اندر گهريو. سندس اها ئي حالت هئي جا ڪالهہ هئي.

"چا کپئي؟ ڪير آهين؟" سراج سڪتي ۾ اچي ڏڪي ڏڪي چيو.

"مان گنگهار آهيان! تنهنجو ڏوهي آهيان!"

"الائي چا ٿو چئين! يا مان چريو آهيان يا تون!" سراج چيو ۽ کٽ تي ويهي رهيو.

"اِن ڏينهن مون توکي تلوڪ جي جاءِ تان هيٺ لهندي ڏٺو هو. تو بابت غلط خيال دل ۾ جاءِ ڪري ويو هوم. ان ڪري ئي تنهنجو پيڇو ڪري تنهنجو نام نڪاٽو ڳولي لڌم، ۽ ڪالهہ ئي وجي پوليس کي پنهنجي شڪ شبهي ڪان واقف ڪيم....... مون توکي اجائي خفي ۽ پريشانيءَ ۾ وڌو .....معاف ڪر!"

سراج آڏو ان ڏينهن وارو سارو واقعو ڦري آيو. واقعي جڏهين هو مزدورن سان گڏ هيٺ لٿو هو تہ هيٺ ڪافي ماڻهو بيٺا هئا، جن پاسي خيال نہ ڪري هو سڌو ڪريل ٽانگي طرف هليو ويو هو. ان هجوم ۾ هن کي هي بندرو شخص بہ بيٺل نظر آيو هو. هاڻي کيس ڪالهہ واري خوف تي کل اچڻ لڳي. هن اهو بہ

سمجهي ورتو تہ قادر کي ڪنهن هن لاءِ شڪ ويهاريو هو.
"قادر بخش کي بہ تو ٻڌايو هو؟"
"هاؤ. تنهنجي اچ وڃڻ کان پنج منٽ اڳ ۾ مان بہ وٺس ويو هوس. مان توهان جي سڄي گفتگو ٻڌي هئي. توکي ڪيترو نہ پريشان ڪيو هئائين؟"
"مان تہ ڪونہ ڏٺو مانءِ! تون ڪٿي هيئن؟"
"مان پر واري ڪمري ۾ ويٺو هوس. تنهنجي هلي اچڻ کان پوءِ، مون کي بہ موڪل ڏنائين."
"تون رفيق جون ڳالهيون بہ ٻڌيون؟"
"شروعاتي! پوءِ مون کي ڪڏي هن کان پڇا ڪرڻ لڳو." هن نوڙي سراج جي پيرن تي هٿ رکيا ۽ چيو، "مون کي معاف ڪرا"
"خدا بخشيندئي!" هن وراڻيو ۽ بندرو شخص هٿ ٻڌي هن کان موڪلائي ويو.
"اڇا! چئبو تہ قصو ائين هوا" هن سوچيو ۽ وڏيڪ دلجاءِ ۽ آٿت سان ٻاهر نڪتو.
'هاڻي ساڻن پڇي اچبو!'هن مرڪيو ۽ دل ۾ سوچيو، اها مرڪ هن کي پنهن جي بزدليءَ تي آئي هئي.

پاڱو پنجون

رضيہ ۽ فاطمہ سان ڪالهوڪيءَ ملاقات اسلم تي اونهو ۽ ڳنڀير اثر ڇڏيو هو. هوريان هوريان هو سمجهڻ لڳو تہ ان گفتگو جا نتيجا معمولي نہ هئا، پر ڳورا ۽ ڳوڙها ٿي پئي سگهيا. گذريل سڄيءَ رات هن پنهنجي تڪبر ۽ تو نگرائيءَ سبب ان ملاقات کي ڪا اهميت نہ ڏني هئي. صبح سان سندس سارو اڏنبر ۽ هوائي قلعو پٽ اچي پيو هو. هاڻي هن محسوس ڪيو هو تہ رضيہ جهڙي سيبتي ۽ سهڻي زال هن لاءِ جتي ڪٿي نہ پئي ملي سگهي . سندس سامهون دوست مشتاق وينو هو، جنهن وٽ هو تڪيل هو. مشتاق ڪيس ڏسي هرهر مرڪيو پئي. ان هن کي پاڻ تي منيان پئي ڏيرائي، تہ ڇو هُن مشتاق سان راتوڪي گڏجاڻيءَ جو ذڪر ڪيو هو. ان ڪان سواءِ سندس پريشانيءَ ۽ ڪاوڙ جو هڪ ٻيو بہ سبب هو. ان ڏينهن وارو ڪيس هن هارايو هو. هن کي ٻيو ڏک ۽ پڇتاءُ بہ هيو، تہ هن ڇاڪاڻ اجايو تڪڙ ۾ شاديءَ جي سنيت ۽ سازگاريءَ تي ايڏا سارا خرچ ڪري ڇڏيا هئا.

”ڇا، هنن جو فيصلو مَنجي نٿو سگهي؟“ اسلم سوچڻ لڳو، ”ڇا مون کي ان ڏس ۾ ڪوشش ڪرڻ کپي؟“ رضيہ جي خيال هن کي چرڪائي ۽ پريشان پئي ڪري ڇڏيو.”سڄي منهجي غلطي هئي! هنن کي رڳو آسري ۾ نہ رکڻ گهربو هوم. سندن خوش آمد ڪرڻ گهربي هئم. پئسي ڏوڪڙ جي فراواني ڏيکارڻ گهربي هئم. اجائي پڪائي بخيلي ڪري، ڪئي ڪمائي چٽ ڪري ڇڏيم.“ ڏند ڪرٽي هن چپن ۾ پاڻ کي بيوقوف ڪوٺيو.

اڄ جڏهين هو ڪورٽ ڪان موٽي آيو تہ سندس طبيعت ڪافي ملول هئي. ڊاڪڻ چڙهندي هن کي جميلہ جي دعوت جو خيال آيو هو. جميلہ ڪيس گل خان جي معرفت نہ رڳو دعوت ڏني هئي، پر اچڻ لاءِ زور بہ ڀريو هو، ڇو جو هو ان عمارت جو اهم ۽ معزز ماڻهو هو. گل خان مظفر جي موت بعد هنن سان اڪيان

جهڳڙا وساري ڇڏيا هئا، ۽ انساني همدرديءَ جو بين ثبوت ڏيندي، هنن سان ڪفن دفن ۾ بہ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو هو. اسلم کي سڏ هئي تہ اُت سراج بہ اچڻو هو. ڪمري ۾ مشتاق سندس انتظارُ ڪري رهيو هو.

اسلم مشتاق کي ڏڪاريندو بہ، تہ چاهيندو بہ هو. اسلم تي مشتاق جو هڪ قسم جو رعب ڇميل هو. ان جو سبب شايد هن جي ذهانت، غير معمولي شخصيت، ۽ سماجي ۽ سياسي شهرت هئي. اهوئي سبب هو جو هو پنهنجي هن ڪان ڪابہ ڳالهہ نہ لڪائيندو هو. پنهنجي رشتي ۽ مڱڻي بابت بہ هن مشتاق کان ڪا ڳالهہ ڳجهي نہ رکي هئي. مشتاق پنجويهن سالن جو نوجوان هو. سندس اٿڻ ويهڻ، ڪائڻ پيئڻ، ۽ پهراڻ پوشاڪ ۾ سادگي هوندي هئي. سندس ڳالهہ ٻولهہ ۾ اعتماد ۽ خود خيالي جي پختگي هوندي هئي. هو هڪ ترقي پسند جماعت جو اهم رڪن هو، ۽ زندگي کنهن مقصد لاءِ وقف ڪري ڇڏي هيائين. اِهوئي هڪ مسواڙي هو، جنهن مان گل خان بلڪل مطمئن هو. ڇاڪاڻ تہ نہ هو ڪڏهين دارون پي هن سان وڙهيو هو، ۽ نہ ئي ڪڏهين مسواڙ ڏيڻ ۾ پس پيش ڪئي هئائين.

ڪورٽ کان موٽندي، اسلم ڀيءَ ۾ مليل هڪ چيڪ، بئنڪ مان ڪئش ڪرايو آيو هو. ڪمري ۾ اچي هن نوٽ ڪڍي ڳڻيا ۽ اڳيان ٽپائيءَ تي رکيا. مشتاق پنهنجي سوچ ۾ کنهن بي پاسي خيال کيون ويٺو هو. پر اسلم سمجهيو پئي تہ هن جو ڌيان سندس پئسن طرف هو، ان ڪري هن پئسا ڳڻي کيسي ۾ وجهڻ بجاءِ، ٽپائيءَ تي رکيا. هن مشتاق تي پنهنجي مالي برتري يا فوقيت ڏيکارڻ پئي چاهي. پر هو پليل هو. مشتاق کو مشڪل سان هڪ دفعو، اتفاقاً سندس نوٽن ڏانهن نهاريو هو.

"اڄ، شايد هت ڪا دعوت وغيره آهي؟" اسلم مشتاق جو ڌيان پنهنجي طرف ڇڪائيندي پڇيو.

"ڇو؟ خبر ڪانهي ڇا؟ توکي بہ تہ سڏ آهي! ڪالهہ جميلہ سان ڳالهايئي تہ پئي......"

"ڪا اڏ ڇري آ، اها ٻڌي بہ! هروڀرو اجايا خرچ پئي ڪري. مون کي سڏ جي سُڌ ڪانهي، مان تہ ڪونہ ويندس. ڪالهہ مون سان تہ پنهنجي مڙس جي پگهار ۽ رهيل فنڊ وغيره بابت ڳالهايو هيائين."

"مان بہ ڪونہ ويندس!" مشتاق بي دليءَ سان چيو.

"مرحوم مظفر جي ڏيءَ لاءِ جو ڪجهہ چيو وڃي ٿو، سو سچ آهي ڇا؟" اسلم مشتاق جي ڳالهہ جو غلط مطلب ڪڍندي چيو.

"سچ يا ڪوڙ، پاپ يا پچ نسبتي محاورا ۽ حوالا آهن. هوءَ جو ڪجهہ ڪري رهي آهي، پنهنجي پر ٺيڪ ڪري رهي آهي. سماج جي چالو بازار ۾ سندس اها شئي ئي طلبي ۽ ورتي وڃي ٿي، جا هوءَ ڏئي رهي آهي. ان لاءِ هن تي کهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميار؟ هن سماج ۾ ڪو ڪو ماڻهو سماج جي ڏاڍاين ۽ حالتن کان بغاوت ڪري زنده رهي سگهي ٿو ...... ۽ زرينه ته هڪ ننڍڙي، لاچار ۽ بي وس هستي آهي، .... ان ڪري مان ته هن لاءِ ڪوبه خراب خيال يا راءِ نٿو رکان."

"پڌو هوم ته تون به سندس ڪڍ هيئن!" اسلم خبيثاڻي مرڪ سان چيو.

"هرڪو پنهنجي پر ۾ راءِ رکڻ لاءِ آزاد آهي. مان ته رڳو هن سان هڪ همدرد جو ناتو پئي رکيو آهي. وڌيڪ جو ڪجهه پڌو اٿي سو چوندڙن جي ذهني سطح ۽ بيماريءَ جو عڪس آهي."

"ان همدرديءَ رستي تون سندس سهڻي ڪردار مان فيض ياب ٿيڻ ٿو چاهين." هن لفظ 'سهڻي' تي زور ڏيندي چيو.

"نه. تون به پليل آهين. مون ڪڏهين به هن سان ان نيت سان همدردي يا تعاون نه ڪيو آهي. نه ئي هن وري موٽ ۾ مون سان اهڙن ارادن يا امنگن جو اظهار ڪيو آهي."

"تون ته ان خيال جو آهين ته شرافت ۽ پاڪيزگي بڪواس آهي!" اسلم ٺوڪ واري لهجي ۾ چيو.

"هرگز نه! تون ڄاڻي واڻي مون کي نه سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين. تو ۾ ڪو فرق نه آيو آهي. ساڳيو ئي اسلم آهين. هين کي به پاڻ جهڙو چو ٿو سمجهين. مون زرينه جي موٽ واري روش کي قبوليو آهي.چو جو اها سندس مرضي آهي. ها، البت جي هوءَ مون کي رضا خوشيءَ سان پسند ڪري ته مان به کيس پنهنجو ڪرڻ ۾ عار نه ڪندس، چو جو هوءَ مون کي وڻندي آهي."

"ته پوءِ ڪا سوڪڙي پاڪڙي، دم دلاسو ڏئي راضي نٿو ڪرينس!" اسلم صلاح ڏنس.

"تون اڃا هن کي نه سمجهي سگهيو آهين. هر انسان، خاص ڪري عورت، اونهي ۽ گوناگون ڪردار جي حامل ٿئي ٿي. هوءَ غريب آهي، لاچار ۽ بي وس آهي ۽ سماج ۾ بدڪردار ليکجي ٿي، پر ان هوندي به هوءَ حساس دل ۽ خوددار طبيعت جي مالڪ آهي. هوءَ هڪ سلجهيل ۽ سنجيده ڪردار واري ڇوڪري آهي."

"ڏاڍي عزت ۽ مان شان واري آهي!" اسلم کلندي چيو.

"عزت لفظ جي معنيٰ تو وٽ الائي جي ڪهڙي آهي؟" مشتاق ڪاوڙجي چيو، "هر انسان قابل عزت آهي. پر هوءَ تو اسان کان وڌيڪ عزت واري ۽ خوددار آهي."

"يلا هڪ ڪم ته ڪر...... اهو ان ڪري ٿو چوانءِ ۽ جو تنهنجا هنن سان رستا آهن .... مان هڪ دفعو ساڻس ملڻ ۽ ڳالهائڻ ٿو چاهيان .... سندس ئي فاعدي جي ڳالهه آهي. ڪيس وٺي ايندين؟"

"ڇو، ڇا لاءِ؟" مشتاق عجب مان پڇيو.

"مان اچ سيان وجڻ وارو آهيان. هڪ دفعو ساڻس سندس فائدي لاءِ ڳالهائڻ ٿو چاهيان. تنهنجي روبرو ڳالهه ہولهه ٿيندي. ڪا اهڙي ڳالهه نہ آهي"

پنجن منٽن کان پوءِ مشتاق موٽي آيو، سندس پويان زرينہ اندر آئي. هن جو ڪنڌ جهڪيل ۽ شرم وچان ڳاڙهو هو. نون ۽ اوپرن آڏو هوءَ سدائين ايئن لڄاري ٿي ويندي هئي. اسلم غرور ۽ وڏائيءَ سان اُتاچري نموني ڪيس ڪيڪاريو ۽ ويهڻ جي صلاح ڪئي.

"سراج آيو اتوَ؟" اسلم سندس ويهندي ئي ڪانئس پڇيو.

"ها! ڇو؟ هاڻي آيو هو." هن ڪوڙ ڳالهايو ۽ منجهي پئي.

"تون وري ڪاڏي ٿو وڃين؟" اسلم مشتاق کي چيو، جو اٿي وڃڻ لڳو هو.

"تنهنجو بہ هت هجڻ ضروري آهي. پر هڪ گذارش آ. اڄ جي ڳالهين جو سراج کي پتو نہ پوڻ گهرجي." مشتاق در وٽان موٽي اچي اسلم جي پرسان ويٺو.

"ہڌا!" اسلم شروع ٿيو، "اول تہ منهنجي پاران ماءُ کان معافي وٺجانءِ تہ مان ڪن ڪمن ڪارڻ سبب سندس خيرات واري دعوت ۾ نہ اچي سگهندس."

"ها...... مان ہڌائيندي مانس. بس نہ ......" هوءَ ٽپ ڏئي وڃڻ لاءِ اٿي بيٺي.

"ترس!" اسلم مرڪندي گستاخيءَ ۽ حجت سان چيو، "توسان ہيو ڪجهه بہ ڳالهائڻو اٿم. رڳو ايتري ننڍي ڪم لاءِ تڪليف نہ ڏني اٿي مانءِ."

زرينہ ويهي رهي. هن جون نگاهون جهڪ لاءِ ٽپائيءَ تي رکيل نوٽن تي پيون. هن منهن ڦيرائي اسلم طرف ڏٺو جو هٿ ۾ چشمو جهليون ويٺو هو، ۽ آگريون ڳرين سونين منڊين سان سٽيون پيون هيس. جهٽ ترسي اسلم وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. "ڪالهه ماڻهي مون سان ڳالهايو هو. هڪ انسان جي حيثيت ۾ توهان جي خدمت ڪري، مون کي سچ پچ سرهائي ٿيندي. سچي ڏتڙيل آڪهه جو اجهو آسرو هاڻي تون ئي آهين. آهي نہ؟"

"معاف ڪجو،" زرينہ وچ ۾ چيو، "توهان سان شايد بابا جي فنڊن وغيره بابت ڳالهايو هيائين."

"هاؤ" اسلم چيو، "پر اُن مان ڇا ورندو؟ پٺهي جي سروس تمام ٿوري هئي. نالي ماتر ڪجهه ملندو اِن ڪري مون ماڻهي کي صلاح ڏني هئي تہ سرڪار کان امداد جي گهر ڪري."

"عجيب عورت آ! پڇاڙيءَ ۾ ويچاريءَ جو دماغ بہ شايد موڪلائي ويو آهي. هن توهان جي ڳالهه جو غلط مطلب سمجهو آهي،" ۽ هوءَ اٿي وڃڻ لڳي.

"پر منهنجي ڳالهه تہ پوري ہڌئي ئي ڪانہ!" اسلم چيو، ۽ هوءَ وري ويهي رهي.

"ايڏي اُبهري ڇو ٿي ٿين؟ توهان جي ڪسمپرسي ڏسي سوچيم تہ توهان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کا مدد ڪري سگهان تہ چڱو. اها انساني تقاضا ۽ پاڙيسريءَ جي فرض شناسي آهي. ان لاءِ ئي مون توکي گهرايو آهي. مون رتا ناهي آهي تہ پاڙي ۽ شهر جي چڱن ماڻهن کان امداد وٺي فنڊ ڪٺو ڪجي. اها رتا اڄ ئي تيار ٿي وڃڻ گهرجي. ان ڪري خيرات کان پوءِ، واندي ٿي، وري شام جو اچجانءِ! مشتاق، تون بہ هتي هججانءِ، متان وساري ويهين. پر ڀڙا! زرينہ، ماءُ کي نہ وٺي اچجانءِ. نہ ڀڏائجانس ئي. مون کي هن جا پير ۽ لڇڻ چڱا نٿا نظر اچن. ٻارن لاءِ بہ ويلا ماني ڪانهيس، وتي ٿي خيراتون ڪندي. سو منهنجو خيال آ تہ کيس خبر پوڻ نہ گهرجي، سمجهيئي؟"

"امان هونءَ تہ اهڙي ناهي. پر اڄ ڏاڍو هٺ چوهيءَ سان خرچ ڪيو اٿائين. ابا سان ڏاڍي دل هيس ان ڪري سندس ٽيجهو پري ٿي ڪري .... خير! مان کيس حالي خبر نہ ڪندس. خدا توهان کي ارادن ۾ سوڀارو ڪندو. يتيمن جون دعاؤن ساڻ هوندوَ." زرينہ اٿي بيٺي.

"ٺيڪ آ، تہ پوءِ شام جو ستين بجي وري ملنداسين. تيستائين، هان هي وٺ (هن ٽپائيءَ تان ڏهين رپيئن جا بہ نوٽ ڪڍي هن کي ڏنا.) هي مان شخصي طور پنهنجي کيسي مان توهان جي ٽڪڙيءَ ترت سهائتا لاءِ ڏئي رهيو آهيان. حال حبيبان، نال پريان! ڪنهن کي ٻڌائج نہ!"

زرينہ نوٽ وٺندي لڄ وچان لال ٿي وئي. اسلم ۽ مشتاق هن کي در تائين ڇڏڻ آيا. "اڄ مون کي تنهنجي ورتاءَ تي واقعي خوشي ٿي آهي. مَسين مَسين ماڻهپي جو مظاهرو ڪيو اٿي." مشتاق موٽندي اسلم کي چيو.

"اجائي بڪواس نہ ڪر!" اسلم مرڪي مشتاق ڏانهن نهاريو.

"نہ اها بڪواس نہ آهي. حقيقت ڪوئي آهي. اهو سڀ ڪجھ شايد توکي رسيل صدمي جو ردعمل آهي. نہ تہ تون ۽ انساني همدردي! مون کي تنهنجي پريشانيءَ ۽ صدمي تي واقعي افسوس آهي، پر گڏوگڏ خوشي بہ اٿم جو ان چوٽ ڪري تو ۾ انسانيت اجاگر ٿي آهي." مشتاق عزت وچان اسلم ڏي نهاريو ۽ سندس پٺي ٺپي.

لڳي ايئن رهيو هو تہ اسلم مشتاق جون ڳالهيون ٻڌيون پئي. پر ايئن نہ هو. هو پنهنجن مڪروه منصوبن تي سوچي رهيو هو، جن جي خبر مشتاق کي پوءِ پئي.

(٢)

سراج جيڪي پئسا ڏيئي ويو هوس تنهن مان گهٽ ۾ گهٽ منو حصو جميلہ ان خيرات بلي خرچ ڪيو هو. هن اِهو ڪجھ شايد پنهنجي مرحوم مڙس کي ثواب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بخشرائڻ ۽ روح کي راحت ڏيڻ لاءِ ڪيو هو. يا وري هن پاڙي وارن کي ڏيکارڻ پئي چاهيو تہ هوءَ اهڙي ڪنگال ۽ پينگي بہ ڪانہ هئي جو مڙس جو ٽيجهو بہ پري نہ ڪري سگهي!

اهڙين فرسوده ريتن رسمن تي اٿين اجايو وڏي وڏي خرچ ڪرڻ ان هيٺين طبقي جي خصوصيت هوندي آهي. ان ۾ هو وڏائي محسوس ڪندا آهن ۽ سندي ڦٽيل انا کي تسڪين ڏيندا آهن. هن شايد ان اهتمام رستي اهو بہ ڏيکارڻ پئي چاهيو تہ هوءَ چڱي چوکي خاندان جي ۽ هڪ آفيسر جي ڌيءَ هئي، پوءِ ڇا ٿيو جي هوءَ ڪن حالتن سبب اِها ڏتڙيل ۽ ڏکن ڀري زندگي گهاري رهي هئي. بحرحال هن سڄي هل بکيڙي ۾ سندس ذهني ڪيفيت جو گهڻ دخل در آمد هيو.

مانيءَ ۾ هن ڀوڙ پلاءَ ۽ زردي سان گڏوگڏ سيڻ ۽ کيرڻيءَ جو بہ بندوبست ڪيو هو. سندس پاڙيسرين بہ ڪم ڪار ۾ چڱو هٿ ونڊايو هو. گل خان، جاءِ جي مالڪ، نہ رڳو ڪيس ٿانؤ ڏنا هيا، پر هڪ ٻہ طعام بہ پنهنجي گهران تيار ڪرائي ڏنا هيس، ۽ پنهنجو خانداني غلم بہ ڏنو هيائينس. ان اوچتي مصيبت ۽ تباهيءَ، هر پاڙ يسريءَ جي دل ۾ ان خاندان لاءِ همدرديءَ جي جذبي کي جاڳايو هو.

سڀ انتظام پورا ڪري جميلہ دعوتين جو انتظار ڪرڻ لڳي. پر هن کي ڪافي پريشاني ۽ اچرج پلئہ پيو هو. منجهند ٽيڻ تي هئي، پر قلن (قران خواني) تي ڪوبہ ڪانڌي سواءِ مقصود پنجابيءَ جي اچا ڪونہ آيو هو. هن سڀني کي خيرات سان گڏ قلن جي بہ دعوت ڏني هئي. پر مقصود ۽ گل خان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ظاهر نہ ٿيو هو. آخر هنن پنجن ڄڻن پاڻ ۾ ئي ملي ويهي ختمو ڪڍي پورو ڪيو هو. هن کي اسلم جي نہ اچڻ تي خاص خيال ٿي پيو هو، جنهن کي هن پاڻ پنهنجي سر وڃي چيو هو. هو نہ رڳو سندس پاڙي ۾ اچي وينو هو، پر پٽس ۽ پهرين مڙس سان بہ چڱا لاڳاپا هئس. مشتاق جي نہ اچڻ تي بہ هوءَ ڪجھ ڏکوئي هئي. هو سدائين ساڻس زباني همدردي ڪندو هو، پر هن عملي موقعي تي پاسو ئي مٽائي ويو هو. مقصود ڪانسواءِ هڪ ٻيو شخص بہ آيو هو، جو مظفر سان گڏ آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. هو قلن جي پڇاڙيءَ ويل آيو هو ۽ رڳو دعا ۾ شريڪ ٿي سگهيو هو. هو مظفر جو شام جو ساٿي بہ هو. ان ڏينهن هو نشي ۾ ئي هو. سراج تہ وري ان مهل آيو، جڏهين ملان دعا وغيره گهري، مانيءَ لاءِ پلٿي ماري وينو هو. ان آمد جميلہ جي منهن تي ڪجھ رونق آندي. سراج اچڻ سان ئي دير لاءِ انڪساريءَ سان معافي گهري. سراج وينلن ۾ غير حاضر ڪوئين جو اندازو لڳائي منجهي پيو هو ۽ ملول ٿي پيو هو. جميلہ هن جي چهري مان سندس دل جي ڪيفيت جاچي وئي، ۽ ڪنگهندي چيائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سمورو ڏوهه گل خان جو آهي. مان ته مظفر جي مڙني دوستن کي ڪانڊڻ لاءِ چيو هيو مانس. پر هن الائي ڪنهن کي هڏايو، ڪنهن کي نه هڏايو. هيءَ عمر ٿي اٿس پر عقل نه آيس. اصلي صفا چِٽ دماغ آهي. هاڻي بس ڏس نه، ته ڪيئن نه ال ڪانءَ جيان وات ڦاڙيون ويٺو آهي ......هون ...... ها ......ها ....هاها" ۽ هو ڪلڻ لڳي. ڪلندي ڪلندي ڪنگهه جو دورو شروع ٿيس. رومال ڪڍي وات تي ڏنائين. منٽ ڏيڍ کان پوءِ سامت ۾ آئي. ۽ رومال وات تان هٽايائين. رومال رت سان رڱجي داغجي ويو هو. هن رومال وڏائي سراج کي ڏيکاريو، ۽ جهٽ ساهي پٽي، وري ڳالهائڻ شروع ڪيائين.

"ڪنهن سياڻي سيبتي ماڻهوءَ کي ڪونه هڏايو اٿائين. هڪ ٻن کي مون هڏايو هو، سي به الائي جي ڇو نه آيا آهن! اسلم وڪيل کي هڏايو هوم، سوبه الائي جي ڇو نه آيو آهي. الائي ڇو؟...... پر اها چندي ڇوري زريني ڪاڏي ويئي؟ اوهيا اڇي وٺي لڏڻ! اڙي، ڪاڏي وڃي مئي هئيئن؟ اڄ به گهر ۾ نڪاؤ نٽو اچي ٿي!" هن کي وري ڪنگهه جي دوري منجهائي وڌو.

زرينه ڪيس اسلم جي معذرت جي ڳالهه ڪئي، ۽ چپ ڪري سوڙهي سڪوڙي ٿي سراج جي پير ۾ غلم تي ويهي رهي. هڪ دفعو هن سراج ڏانهن گهوري ڏٺو ۽ وري ڪنڌ زمين ۾ هٽي چڏيائين. زرينه ڪاوڙ جهڪي ڪري هُن کان اسلم سان ملاقات جا وڌيڪ تفصيل پڇڻ لڳي. پر زرينه ڪيس سرڪار کان امداد وري تجويز کان سواءِ ٻي ڳالهه نه هڏائي. ٻئي ڪنهن جي انتظار جو اونو لاهي هنن ماني کائڻ شروع ڪئي.

"تنهنجا لک لائق جو اسان ميرن سيرن وٽ به ڪجهي آيو آهين. اسان جي همت افزائي ڪئي اٿي. ان لاءِ ٿورا لاهڻ جهڙا ناهن. توتي حق به آهي. مرحوم سان دل به ڏاڍي هئي." جميله ماني ڪائيندي وڻڻ لڳي. هن وري حاضرين تي رننگ ڪامينٽري شروع ڪئي. "هو ڏس! مئو شرابي! ڪيئن نه ٻنهي هٿن سان پيو ماني رهڙي! چڻ پيٽ پرايو اٿس. بابي جي مڏي ٿس. جيئري ته مرحوم تي چٽي هيو، مئي پڇاڻا به گهران پيٽ پري نڪرندس. اهڙا ته ڪيئي ٻوڪڙو سوڪڙو مرحوم جي خرچ تي شراب ڪباب اڏائيندا هيا. مون کي ته مٺس ڪڏهين ڪڏهين ڪهل ايندي هئي. ميسڙو ٿي ماٺ ڪري اچي ڪٽ جي ٽانگهه تي ڪنڌ نوڙائي ويهي رهندو هو. دل نه جهلندي سگهندي هيم. جيڪا بچت سچت هوندي هئي، ڪڍي ترپءَ تي رکندي هئي مانس. منهنجو جهيڙو رڳو ان تي هوندو هوس، جو حد کان گهٽو پيڻ شروع ڪيو هئائين."

هن جي ڳلن تي پيلاڻ مائل لالاڻ چڙهي آئي. ڇاتي مٿي ايري آيس ۽ ڪنگهه جهلي نه سگهي. سراج ماٺ ڪيون ويٺو ٻڌي رهيو هو. هو نهايت حجاب سان کائي

رهيو هو. هن زرينہ ڏانهن ڪي رکي واجهايو پئي، جي ماءُ جي ڳالهائڻ تي وڏيڪ پريشان ۽ ملول پئي ٿيندي ويئي. هوءَ خيرات تي ڪانڌين جي گهٽ حاضريءَ جو سبب پاڻ ڪي ئي سمجهي رهي هئي، ڇو جو هن جي ڪري ئي سندن جاءِ بدنام هئي. پيءُ جي شرابي دوست تي ماءُ جي ٺوڪ زني به هن کي نہ پئي وڻي. هن چاتو پئي تہ کو نہ ڪو هل هنگامو ضرور ٿيڻو هو. آخر ٿيو بہ ايئن. جڏهين ماني کائي اٿيو تہ، نشي ۾ ٿڙي، هڪ پليٽ تي پير ڏئي پچي چڏيائين. جميلہ جي ڪاوڙ جي باهہ تي جڻ تيل پيو.

"ڪڏو مئو. انڌو ڪنهن جاءِ جو!"

گل خان، جنهن کي پڻ صورت حال بگڙجڻ جو ڊپ هو، جميلہ کي چيو، "شريفن سان ايئن هلبو آهي. نشي ۾ آ، ڪائنس ٿي ويو، کو چاٽي واٽي تہ ڪين کيو اٿائين."

"خبر آ، شرافت ۽ سرنديءَ جي .... سدائين ہين جي ڪيسي تي سرندي ڏيکاريندو آهي. مون کي ساري خبر آ! تون ماٺ ڪري ويهہ! اجائي طرفداري نہ ڪر!"

سراج کيس اشاري ۾ ماٺ رهڻ جي تلقين ڪئي. هوءَ بہ موقعي جي نزاڪت چاٽي، ماٺ ڪري ويئي. هن موضوع مٽايو ۽ سراج کي مستقبل بابت پروگرام ٻڌائڻ لڳي. هن کيس ٻڌايو تہ پينش، رهيل پگهار ۽ فنڊ وغيره وٺي هو ڳڙهي ياسين هليا ويندا، ۽ هڪ ٻہ سلائيءَ جون مشينون وٺي، پورهيو ڪري، پيٽ گذر ڪندا. هن کيس اهو بہ ٻڌايو تہ هنن مٽن مائٽن تي بوجهہ ٿيڻ نہ پئي چاهيو، ۽ تہ ڪين ننڍڙي وسنديءَ جو سانتيڪو ماحول وڻندو هو. هن کيس ٻڌايو تہ زرينہ بہ ساڻس ان راءِ ۾ شامل آهي، ۽ تہ هوءَ بہ ساڻن گڏ هلندي ۽ اها زندگي ڇڏي ڏيندي. اهو ٻڌي زرينہ جو منهن شرم وچان ڳاڙهو ٿي ويو، ۽ جميلہ جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا.

"هن بدناميءَ جي ڇُٽي ڪي بہ پاڻ سان ڪنيون وينديئن؟" گل خان کي ڳالهائڻ جو موقعو مليو.

جميلہ ڪان سنو نہ ٿيو. هو اڳ ئي گل خان تي پيري ويٺي هئي، سر ڦاٽي پئي، "مينهن تي ڇٽي ڳنڍڻ ڪي هل ڙي پچ ڪاري. هيءَ تہ مجبوريءَ ڪان پئي منهہ ڪارو ڪري. تون تہ خانداني بردا فروش هئين. ان پيشي مان ئي مال ملڪيت ٺاهيئي. هاٽي ڪلو ٻڌي، شهر جو چڱو مڙس ٿيئن تہ ڇا ٿيو! بيشرم پنهنجي اندر ۾ بہ جهاتي پاءِ. ڪمينا ڪنهن جاءِ جا!" ۽ هوءَ ڪنگهہ ۾ ٻڌجي وئي.

"مون سان تون نٽي وڙهين، منهنجي شرافت تي وڙهي. ٽپڙ ڪڍي ٻاهر ڦٽي ڪيانوَ ها، تہ رستي تي رلندا وتو ها. ان مهل ڏاڍو مان ٿيئوَ ها. نيڪي ڪندي هٿ

سڙيا اٿم. نه رهڻ ڏيائو ها، ته هيءَ مهل ڏسان ها! دل ته چوي ٿي ته هاٿي جو هاٿي ٽيڙ ٽيشڻ تي ڪيائو، پر يتيمن تي ترس ٿو اچيم. مائي، ڪو بندوبست ڪري ٽن ڏينهن اندر جاءِ ڇڏي وڃ.“ هو وڏي در وٽ آيو، ۽ پنهنجي نوڪر کي سڏ ڪري، ان مهل ٿانون ۽ غلم ڪٽي وجڻ جو حڪم ڏنائين. نوڪر سامان سهيڙڻ بيٺو ۽ هو مٺيون پيڪوڙي جميل کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهيو.

”چاچا! ڪاوڙ ڇڏيو! اما بيماريءَ ۽ صدمي سبب دماغي توازن وڃائي ويٺي آهي. توهان ڪيس معاف ڪريو! هٿ ٿي ٻڌائو!“ زرينه هٿ ٻڌندي گل خان کي چيو.

”تون ته ٽر هتان، ذليل، ڪميني، ڪچري!“ هن زرينه کي ڪلهي کان ڌڪو ڏيندي چيو.

جميله برداشت نه ڪري سگهي. هن زرينه کي ٻانهن کان وٺي، ڇڪي پاسي ڪيو. وڏي گل خان کي ٻنهي هٿن سان ڪالر کان وٺي، در ڏي ڌڪڻ لڳي، ”اچ، ۽ ٽن ڏينهن لاءِ هن جاءِ جي مالڪ مان آهيان. نڪر ٻاهرا نه ته جٽ به جنين جهڙي ڪندي سانءِ!“

”ان وقت اوچتو دروازو ڪليو. اسلم در وٽ بيٺو اندريون نظارو ڏسي رهيو هو. جميله گل خان کي ڌڪو ڏئي، هن ڏانهن ڊوڙي.

(٣)

”اسلم صاحب!“ هن رڙ ڪئي. ”خدا جي واسطي هن مصيبت مان اسان جي جان ڇڏايو. سمجهايوس ته بيواهن ۽ يتيمن سان ايئن زور آوري نه ڪبي آهي. واسطو اٿو بابا مرحوم سان ياريءَ جو، اسان جي هن مان جان ڇڏايو.“

”ڇڏ مون کي! ڇڏ مون کي!“اسلم هن کي پري ڌڪيندي چيو، ”مان ته پٺهي کي پورو سجاڻا به ڪونه. (هڪ حاضرين مجلس ڪلي ٿو.) مان هت توهان جا جهيڙا نبيرڻ ڪونه آيو آهيان. مان ته پنهنجي ڪم سان آيو آهيان. ڏيڍين سان ڪا ڳالهه ڪرڻي اٿم.“ اسلم ڪنڌ طرف وڌيو جت زرينه بيٺي هئي.

جميله اسلم جي ان بدليل ورتاءَ تي اچرج ۾ پئجي ويئي. هوءَ حيرت ۾ هئي ته اسلم ڪيئن اکين ھوڻ ٿي ويو هو جو پٽس جون مهربانيون ته وساري وينو هو، پر سڃاڻڻ کان به انڪار پئي ڪيائين. سراج سُري زرينه کان ڪجھ پريرو ٿي بيٺو. اسلم وڏي سندس سامهون اچي بيٺو. ان مهل مشتاق به پئيان آيو ۽ اچي در لاڳ بيهي رهيو.

”معاف ڪجو، توهان کي ڪُهلو تڪليف ڏني اٿم.“ اسلم ڳالهائڻ شروع ڪيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر ڇا ڪريان، مجبوري اٿم. ڇگو ٿيو جو توهان بہ موجود آهيو، ۽ شاهد هوندؤ تہ ڇا ڪجھ ٿيو آهي ۽ ٿئي پيو. ها، تہ زرينہ، تنهنجي وئي پڇاڻا مون کي خبر پئي تہ ميز تي رکيل پئسن مان سئو رپئي وارو هڪ نوٽ گم هو. ان وقت رات رڳو تون، مان ۽ مشتاق هياسين. مشتاق ۾ تہ مان شڪ نٿو رکي سگهان. ان ڪري ڇگائي اِن ۾ اٿي تہ سچي ڪر. مان وڏيڪ ڪوبہ اهڙو قدم نٿو کڻڻ چاهيان، جنهن ۾ توهان جي ڪا بہ بدنامي ٿئي.“

سچي ڪمري ۾ سانت ڇانئجي ويئي. هارن تائين دنگ ۽ پريشان ٿي ويا. زرينہ ڪا مهل تہ بت بڻي بيٺي رهي. آخر چپ ڦڙڪائي چوڻ شروع ڪيائين، ”مون- مون کي .... ڪابہ ......خبرڪانهي!“

”تہ ڇا ملائڪن کي خبر هوندي؟“ اسلم رڙ ڪري چيو! ”وري بہ سوچ. نہ تہ پڇتائڻو پوندؤ. مان ساڍا چار سؤ بئنڪ مان ڪٽي آيو هوم. توهان سان مدد جي جذبي هيٺ همدرديءَ طور، مون توکي تڪڙي ۽ ترت امداد طور ويھ رپيا ڏنا. تون اٿي آئينءَ تہ مان ۽ مشتاق بہ ٻاهر وڃڻ لڳاسين. ان مهل مون پئسا ڪنيان تہ هڪ وڏو نوٽ ڪنل هو. ان حالت ۾ توهان ئي چئو،“ اسلم حاضرين کي خطاب ڪيو. ”هن ڪان سواءِ ٻيو ڪير چور ٿي سگهي ٿو! مان ڪوڙ ڳالهايان تہ ٻئي جهان وڃايان. ڇگو جو ان مهل مشتاق بہ هيو. اهو منهنجي تائيد ڪندو. نياڻي! چنبڙي، مان تہ توهان جي مدد پئي ڪرڻ چاهي. پر تو ان جي موٽ ۾ مون سان مدائي ڪئي. توهان همدرديءَ ۽ نيڪيءَ جي لائق ئي نہ آهيو. هاڻي بہ اڃا دير نہ ٿي آهي. سچي ڪر تہ معاملي کي اتي ئي دفنائي ڇڏبو. چئو، ڇا ٿي چئين؟ مڃين ٿي يا وڃان ٿاڻي؟“

”مان ڪجھ نہ ڪنيون آهي.“ زرينہ چيو، ”تو رڳو مون کي ويھ رپيا ڏنا هيا.“ زرينہ هٿ مان رومال ڪڍي ان جي ڪنڊ مان ڏهين جا ٻہ نوٽ کولي اسلم ڏي وڌايا.

”تنهن جي معنيٰ تہ مان ڪوڙو آهيان، ۽ تون سچي آهين.“ اسلم چيو.

زرينہ بي وسيءَ ۽ لاچاريءَ سان چوطرف نهاريو. سڀني جي نظرن ۾ ڇٿر ۽ ڌڪار هئي. هن سراج ڏانهن نهاريو. هو بہ گم سم ڪنڊ ۾ بت بڻيو بيٺو هو.

”گل خان!“ اسلم چيو، ”سڌي آڱر سان گھ نہ نڪرندو. پوليس کي وٺ ۾ اٽڻو ئي پوندو!“ هر طرف پڻ پڻ ۽ چرپر شروع ٿي وئي. جميلہ اهو سڀ ڪجھ سهي نہ سگهي. ”منهنجي ڌيءَ چوري نہ ٿي ڪري سگهي. زرينہ ۽ چوري، ٿي ئي نٿو سگهي.“ هن زرينہ کي ڳراٽڙيون وجهندي اوڇنگارون ڏنيون. ”تون هن ذليل ڪان ويھ رپيا ڇا لاءِ ورتا؟ موٽائي منهن ۾ هڻينس.“هن زرينہ جي هٿ مان نوٽ وٺي، مروڙي سروڙي اسلم جي منهن ۾ اڇلايا. ”چور تون آهين. غريبن جا گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦري چٽ ڪيا ٿي، تڏهين ٿو ٻين کي چور وٺين.“ هن ڪنگهڻ لاءِ ساهي پٽي، ”زرينہ سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿي، پر چور نہ، ڀلي سندس تلاشي وٺو.“

ان وقت ڪوڙ تي ڪيترا ٻيا اوڙي پاڙي وارا بہ اچي ڪٺا ٿيا هئا. جن مان گل خان ۽ ٻين جون نوڪراڻيون بہ هيون. جميلہ ڪاوڙ ۾ زرينہ جي قميص جي پاسي کيسي ۾ هٿ وجهي ان کي النائي ٻاهر ڪڍيو. هڪ ويڙهيل تہ ٿيل رنگين ڪاغذ اچي پٽ تي ڪريو. سيني ڏٺو تہ اهو سئو رپئي وارو نوٽ هو، جو اٺ تہ ٿيل هو. اسلم نوٽ کڻي کولي سيني کي ڏيکاريو. سيني جي واتان حيرت جي رڙ نڪتي ۽ چوپول ٿي ويو. زرينہ ڪُومانجي پيلي ٿي وئي. هن ٻئي هٿ ڏئي منهن ڍڪي ڇڏيو. ”نہ! نہ! مون نہ کنيون آهي. مان ٻي ڏوهي آهيان. مون تہ ڏٺو ئي پهريون دفعو هينئر آهي!“

اسلم آڏي اک سان سراج ڏانهن نهاريو. هو بہ تيز ۽ ڪروڌي اکين سان سان هن کي گهورڻ لڳو هو. جميلہ زرينہ کي پاڪر پائي روئڻ لڳي. ٻار بہ هراسجي روح راڙو ڪري رهيا هئا.

”انسان ڪيترو نہ ڪمينو ۽ محسن ڪش آهي.“ اسلم فلمي ڊئلاگ واري نوع ۾ چيو.

”انسان ڪمينو نہ ٿيندو آهي. شيطان صفت انسان ئي ڪمينو ۽ ذليل هوندو آهي.“ مشتاق در پنيان نڪري آيو.

”مون نہ سمجهيو؟“ اسلم وائڙو ٿي ويو.

”توکي ڪيئن همت ٿي جو مون کي پنهنجي فريب ۽ ٺڳيءَ ۾ شاهد ٿو ڪرين! تون ئي ڪمينو ۽ ذليل آهين. مڪار آهين، ۽ نہ ڪي زرينہ!“ مشتاق اڳتي وڌندي چيو. هو ڪاوڙ وچان ڳاڙهو ٿي ويو هو. اسلم حيران ۽ پريشان ٿي ويو. ڪا مهل ماٺ رهي.

”مون کي ذليل ٿو چئين، مشتاق؟ توکي ڇا ٿي ويو آهي؟“ اسلم چيو.

”ها، توکي! تون مڪار ۽ فريبي آهين. مون سڀ ڪجهہ ٻڌو آهي، ۽ سڀ ڪجهہ ڏٺو هوم جو تنهنجي جاءِ تي ٿيو هو. مان ڪوبہ قسم کڻڻ لاءِ تيار آهيان، تہ تو پاڻ اهو نوٽ زرينہ تائين پڄايو هو!“

”مدعي سست، گواهہ چست!“ اسلم چيو، ”هوءَ پاڻ ٿي چوي تہ مون کيس رکو ويهہ رپيا ڏنا هيا، ۽ تون ڪوڙ تي ڪلمي پڙهڻ لاءِ تيار بيٺو آهين. ڪير پت ڪندئي؟“

”مون پاڻ هنن اکين سان ڏٺو، تو پاڻ اهو چوريءَ، هن کي خبر ۽ ڏيان ڏاران، سندس کيسي ۾ وڌو. ان مهل مان سمجهيو تہ تون شايد کيس معلوم ۽ خبر ڪرائڻ ڏاران، سندس امداد ڪرڻ پئي چاهين. ان مهل جڏهين تون هن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪلائي رهيو هئين. منهنجي ديد گهٽ نہ آهي.“

”ايڏو ڪوڙ! توبه توبه!! تون تہ اسان جي پويان هئين، سو ڪيئن ڏٺئي؟“ اسلم جو رنگ بدلجڻ لڳو.

”مون سڀ ڪجھ ڏٺو هو. منهنجو ڌيان ان وقت ئي تنهنجي حرڪت طرف ويو، ۽ شڪ پيم، جنهن وقت تو پئسا زرينہ کي ڏنئي، سئو جو نوٽ ٽيبل تان کڻي، ويڙهي سيڙهي مٺ ۾ جهليو. منهنجو ڌيان سارو وقت تنهنجي ان غير معمولي عمل طرف هيو. ان ڪري مان ڏٺو تہ تو نموني سان اهو تہ ٿيل نوٽ زرينہ جي ڪيسي ۾ وڌو. مان سچ ٿو چوان. چئو تہ ساک بہ ڪڍان (سيني ڏي مخاطب ٿي). حالانڪ مان ان ۾ گهٽ ويساه رکندو آهيان.“ مشتاق جوش ۾ اچي ويو.

”تنهنجي دماغ تي گرمي چڙهي وئي آهي! وڃين ٿو! مان ڇتو ٿيو هوس جو ائين ڪندس؟ ڪهڙي ڪتي پئي هيم؟“

”اهوئي تہ مان نہ سمجهي سگهيو هوس. مون سمجهيو هو تہ تون شايد نيڪ نيتيءَ سان هن جي غيبي امداد پئي ڪرڻ چاهي. ان ڪري ئي مان هينئر هت آيو هوس تہ زرينہ کي ان غيبي امداد ۽ تنهنجي نيڪيءَ کان آگاه ڪريان. پر هاڻي خبر پيم تہ تنهنجو اصل مقصد ۽ مراد ڇا هيا.“

ان وقت حاضرين جي اڪثريت حيرت ۽ ڪجھ نفرت وچان اسلم کي گهورڻ لڳي. اسلم جي ٽڪڻ ۽ منهن تان پگهر نيندا ڪري وهڻ لڳو.

”تنهنجي خام خيالي ۽ آويساهي دليل بازي زرينہ کي نہ بچائي سگهندي. اهو رڳو تنهنجي فڪر جو فريب ۽ ديد جو دوکو آهي. تو دهرئي ۽ ڪافر تي ڪير اعتبار ڪندو؟ ڪٽي سئو قسم کڻين!“

”مون تي هرڪو پت ڪندو! سچ ڪنهن مذهب يا فرقي يا طبقي جي ميراث نہ آهي. اهو انسان ذات جيان آفاقي ۽ اٽل آهي. مان سچ ٿو چوان تہ تون مڪار ۽ دولابي آهين. ڪنهن بدنيتيءَ سان هن معصوم جي ڪاهي ڪڍ پيو آهين! الائي ڇا نيت اٿئي؟“

”مان توهان کي ٻڌائيندس تہ هن ائين ڇو ڪيو. ضرورت پئي تہ ڪورٽ تائين قسم بہ کڻندس.“ سراج ڪنڌ مان نڪري اڳتي وڌندي چيو، ”ان جو سڌيءَ طرح مون سان واسطو آهي. مان ٿو توهان کي ٻڌايان تہ هن اها حرڪت ڇو ڪئي آهي. هن شخص جو منهنجي ڀيڻ سان مڱڻو ٿيل هيو. هي سکر آيو تہ مون سان مليو. پهرين ڏينهن ئي اسان هڪ ٻئي سان تڪا مٺا پئجي وياسين، ۽ مون هن کي ٻي مانو ڪري گهر مان ڪڍي ڇڏيو. ٽيون ڏينهن هن مون کي، جميلہ کي ڪجھ پئسا ڏيندي ڏٺو، جي مون ڪيس مرحوم جي فوتيءَ جي رسمن وغيره

جي پورائيءَ لاءِ ڏنا هيا. هن منهنجيءَ ماءُ ۽ پيڻ ڏي لکيو تہ مون سندن موڪليل پئسا زرينہ کي ڏئي ڇڏيا هيا، جا هڪ مشڪوڪ ڪردار واري ڇوڪري هئي. هن اهو سڀ ڪجھ ان ڪري ڪيو تہ جيئن مون کان امان ادي ناراض ٿين ۽ اسان ۾ ڦِٽڪ پوي. پر ٻنهي ڏينهن مون نہ رکو، هن جي آڏو، امان ۽ اديءَ کي جواب ۽ وضاحت سان مطمئن ڪري ڇڏيو، پر اُنهن جي روبرو هن صاحب (اسلم) کي ٻڌايم تہ مان زرينہ کي رضيہ اديءَ سان ملائي چڪو هوس، ۽ تہ هو پاڻ زرينہ جي پيرن جي پٺيءَ مٽ بہ نہ هوا. ان ڳالھ هن کي سخت ڪاوڙايو. سندس بي جا روش سبب اسان مڱڻو منسوخ ڪري ڇڏيو، ۽ هو ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ اسان وٽان نڪري ويو. اڄ هن هيءَ چالبازي سڄي ان ڪري ڪئي هئي، تہ جيئن زرينہ کي چور ڪري، امان جن کي پنهنجي سچائيءَ جو ثبوت مهيا ڪري. پر خدا سندس منصوبو منڍ ۾ ئي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو."

"بلڪل ائين آ! بلڪل ائين!" مشتاق چيو، "اڄ جڏهين زرينہ وٽس آئي تہ اول ئي تنهنجي (سراج جي) اچڻ لاءِ پڇيو هيائينس."

اسلم بي حيائيءَ جو ٺهڪ ڏنو.هو سچو ڪاراٺجي چڪو هو ۽ ٿرڪي وڃڻ جا حيلا سوچڻ لڳو. پر هرويرو دل ناخواستہ ٿورو وقت ترسي هن اهو احساس پئي ڏيڻ چاهيو تہ هن پاڙي تي پڄڻ نہ پئي چاهيو ۽ نہ هار قبولڻ. سڀ حاضرين هن ڏانهن ڌڪار ۽ ڪروڌ وچان ڏسي رهيا هيا. زرينہ سراج کي اوچتو خدائي امداد آٽيندڙ فرشتو سمجھي، هن ڏانهن نهاري رهي هئي. جميلہ اکين ۾ ٿورن جي نگاه پري هن سراج ڏانهن پئي ڏنو تہ هر مشتاق ڏانهن، جن سندس پت رکي هئي.

"پاسي ٿيو!" اسلم بيٺل ماڻهن کي هٿن سان اڳيان هٽائيندي چيو، "ڇڏيو! دڳ ڏيو! نہ تہ خراب خوار ٿيندؤ. ڪنهن کي سندس مرضيءَ خلاف روڪي يا جهلي بيهارڻ قانوني ڏوھ آهي. باقي هنن کي مان ڏسي رهندس. انصاف اهڙو انڌو نہ آهي، جو هنن ٻن ملحدن ۽ لادينن جي قسم تي اعتبار ڪندو، ۽ مون کي ڪوڙو ڪندو." هن زوريءَ دڳ ناهي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر شرابي دعوتي ڪيس ڇڏڻ وارو ڪونہ هيو. هن ڪيس ڪنڌ کان جهلي، پاٽيءَ جو گلاس اڳيان آندو ۽ چيو، "ٻڏي مر!" پر هو هن کي ڌڪو ڏئي اڳتي وڌيو، جنهن تي مواليءَ پريل گلاس ئي ڪٽي مٿان اوتيس. سڀ هن جي بري آپدا تي ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳا. نشئي تہ نچڻ لڳو. آخر ٽيڙ ڪائي ڪري پيو، ۽ ڪيترائي برتن پڇي وڌائين.

"نڪرو هتان! هاٿي جو هاٿي آپي ٽپڙ ڪٽو!" گل خان نقصان جو صدمو برداشت نہ ڪري وري اٿلي پيو. هڪ هڪ ڪري جميلہ جا ٽپڙ ڪٽي زور سان پٽ تي اڇلائڻ لڳو.

”خدا جي واسطي، اڄوڪو ڏينهن رحم ڪرا قلندر جي وسيلي هڪ ڏينهن ترس.“ جميلہ رڙيون ڪري هٿ ٻڌي چوڻ لڳي. ”ٽيجهو تہ خير سان گذرڻ ڏي. هن وقت مان يتيم ڪٿي ڪاڏي دربدر ٿيندس ؟! ڪجھ ته هنن يتيمن ۽ اپپاڻن تي ترس ڪرا اڄوڪي رات، رڳو اڄوڪي رات جي مهلت ڏي!“ هن ساهي پٽي ڪنگهيو ۽ ڇاتيءَ تي هٿ رکي وري چوڻ شروع ڪيو. ”الله! مان ڇا ڪريان؟ ڪاڏي وڃان؟ڇا دنيا ۾ رحم ۽ ترس موڪلائي ويا آهن! ڪير ڪونهي جو يتيمن تي ترس ڪائي؟ خدا جو خوف ڪرا ٿورو صبر ڪر. مان اڄ ئي ڪٿي بندوبست ٻلو ڪنديس. ڪو نہ ڪو نيڪ ٻانهو الله جو اڄهو ڏيندو.“ ايترو چئي هوءَ چادري ويڙهي ٻاهر نڪري ويئي.

گل خان ڪاوڙ وچان هيڏي هوڏي ڦيريون پائڻ لڳو. دعوتي هڪ هڪ ٿي ٻاهر نڪرندا ويا. ڪريم ٻن ننڍڙن ڪي ڳراٽڙيءَ ۾ جهلي وڃي پٽ سان پيل پيتي تي ويهي رهي ۽ ماءُ جي آمد لاءِ در طرف واجهائڻ لڳي. آخر گل خان بہ چوھ چنبڙي ٻاهر نڪري ويو.

”مون ڪي بہ هاٽي هلڻ جڳائي.“ سراج سوچيو. هو ڪمري مان نڪري هيٺ رستي تي آيو. جهٽ ترسيو، ۽ سندس پير زرينہ جي جاءِ طرف وڌڻ لڳا.

(۴)

پنهنجي ذهني پريشاني ۽ مونجهارن جي باوجود سراج مڙسيءَ سان زرينہ جو بچاءُ ڪيو هو. ان ڏينهن هو سخت ذهني خلفشار ۾ هو. هو ڪهڙان فيصلو ڪري نڪتو هو تہ زرينہ کي پنهنجي جرم ۽ قتل بابت سڀ ڪجھ ٻڌائيندو. پر جميلہ جي گهر پهچي هن جي نيت ۽ ارادي ۾ وري لوڏو آيو. هو ٻڌ تر ۾ پئجي ويو تہ راز کولي ياڻہ.

جميلہ جي گهران نڪري زرينہ جي گهر ويندي بہ هن جي من ۾ اهائي آنڌ مانڌ ۽ مانداڻ هئي. زرينہ جي در تائين پهچڻ گهڙيءَ بہ هو ڪو فيصلو نہ ڪري سگهيو هو. ان مونجهاري ۽ گهر خياليءَ سبب هو، در کڙڪائڻ يا آواز ڏيڻ ڏاران ئي، در کولي، اندر گهري ويو. زرينہ کٽ تي هٿ مٿي کي ڏنيون ويٺي هئي. ڪنهن ڳوڙهيءَ سوچ ۾ غرق هئي. سراج جي آمد ڪيس ڇرڪائي خيالن ۽ سوچن جي دنيا مان ٻاهر ڇڪي آندو. هوءَ اٿي سراج کي، کيڪارڻ لاءِ وڌي: ”اڄ تون نہ هجين ها تہ الائي جي ڪهڙو حشر ٿئي ها.“

سراج وڌي کٽ سامهون پيل ڪرسيءَ تي پاڻ اڇلايو. ”ڏس زرينہ اهو سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ تنهنجي طرز زندگيءَ ڪري ٿيو. نہ تون اهو ڪردار ۽ ماحول رکين ها، نہ اسلم کي ٿي ان حرڪت ڪرڻ جي همت ٿئي ها."

"خدا جي واسطي، وري ڪالھ وارو بحث نہ ڇيڙ. مان اڳ ئي گھٽو هلاڪ آهيان." زرينہ وراڻيو.

سراج زرينہ کي اها روئداد ٻڌائي جا سندس اتان هلي اچڻ بعد ماڻس جي گھر ٿي هئي.

"هل تہ اوڏانهن هلون! الائي جي يتيمن سان ڇا ٿيو؟" زرينہ سراج کي ٻانهن کان وٺي اٿاريندي چيو.

"انهن جي ڳڻتي نہ ڪر! جو ڪجھ ٿيڻو هوندو، سو ٿي رهندو يا ٿي چڪو هوندو. تون مان هلي انهن جي ڪا واهر نہ ڪري سگھنداسين. اجھو ڪي اجھو ماڻهي هتي آئي ڪي آئي .... ٿورو ترس....... مان توسان ڪجھ ڳالهيون ڪرڻ آيو آهيان." سراج چيو ۽ زرينہ ڪومائل منهن سان ويهي رهي. هو خاموش جهڪ پلڪ اکيون فرش ۾ وجهي ويٺو رهيو.

"هن دفعي تہ منهنجي ۽ مشتاق جي غير متوقع آمد تنهنجي جان ڇڏائي ڇڏي. پر جي اسلم جو منصوبو ڪامياب وڃي ها تہ لاڪب جون هواؤن ڪائينديون وتين ها!" سراج ڳالھ شروع ڪئي. زرينہ ماٺ رهي. "مان سمجهيو هو تہ تون وري رڙ ڪندينءَ تہ 'اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر!' پر چڱو جو تون صبر سان ٻڌين پئي. هاڻي ٻڌاءِ تہ اڳتي لاءِ ڇا سوچيو ٿئي؟ جميلہ ڏينهن ٻن جي مهمان آهي. هوءَ مرض جي ان حد کي پهچي چڪي آهي. جتي دوا درمل يا تنهنجون منهنجون نيڪ خواهشون سندس زندگيءَ جو عرصو نہ وڌائي سگھنديون. ٻارن جو، جو حشر ٿيڻو آ، سو توکان بہ لڪل نہ آهي! ڇا تون اجا بہ اها زندگي جاري رکي اسلم کي وڌيڪ حرڪتن ۽ اٽڪلن جو موقعو ڏيندينءَ؟"

"دل جي ڳالھ ڪولي ڇو نہ ٿو ڪرين؟ ڳجهارتون ڇو پيو ڏين؟" زرينہ نراسائيءَ سان چيو، "هرويرو مون کي ذهني پيڙا ۾ ڇو ٿو وجهين؟" هوءَ پاڻ نہ جهلي سڏڪن ۾ پئجي ويئي.

زرينہ کي همٿائڻ ۽ دلجاءِ ڏيارڻ خاطر هن مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اندرين قوت اها مرڪ چپن تائين اچڻ نہ ڏني.هن زرينہ ڏانهن نهاريو، جا منهن هٿن ۾ لڪائي اڃا بہ سڏڪا ڀري رهي هئي. اوچتو هن جي من ۾ گھڙي کن لاءِ زرينہ لاءِ بيزاريءَ جو جذبو پڙڪي پيو. هن ڪنڌ ڦيرائي دريءَ کان ٻاهر نهارڻ شروع ڪيو. ڪا مهل بي خياليءَ ۽ بي توجهي سان ايئن خالي پيلي ٻاهر ڏسڻ ڪانپوءِ، هن ڪنڌ ڦيري وري زرينہ ڏانهن ڏٺو. هو بي چينيءَ ۽ غمگينيءَ سان ڏانهنس ڏسي رهي هئي. هن جي نگاهن ۾ پنهنجائپ واري نيند هئي، جنهن

بيزاريءَ بچان جو جذبو ختم ڪري ڇڏيو هو. ڪرسيءَ تان اٿي سنڌس ڪٽ تي وڃي ويٺو. ان وقت هُن تي اها ڪيفيت طاري هئي، جنهن سان هو ڪهاڙي ڪنيون تلوڪ جي مٿان بيٺو هو، ۽ سوچي رهيو هو. ’وڌيڪ وقت نہ وڃائجي.‘

هن جي ايتري ۽ اهڙي خاموشيءَ زرينہ کي ڊيڄاري ۽ پريشان ڪري وڌو. خوف ۽ حيرت وچان پڇيائينس، ”ڇا ڳالهہ آ؟ ڪڇين ڇو نہ ٿو؟“

”ڪجهہ ناهي! ڪجهہ ناهي! مان سوچي رهيو هوس تہ ڇا سچ پچ منهنجي موجودگي توکي پريشان ڪري ٿي.“ هن وراڻيو، ۽ زرينہ ماٺ رهي.

”هڏ زرينہ! ڪالهہ مون توکي چيو هو تہ اڄ مان توسان آخري ملاقات ڪرڻ ۽ موڪلائڻ ايندس ...... ۽ توکي ٻڌائيندس تہ رامچند کي ڪنهن ماريو هو ...... اڄ مان توکي اهو ٻڌائڻ آيو آهيان.“

”توکي ڪيئن خبر پئي؟ ڪو جهليو آ ڇا؟“

”نہ!........نہ!“

”باقي توکي ڪيئن خبر پيئي؟“

هن ڦري زرينہ جي منهن ۾ گهوريو. ”بس مڙئي پتو پيو اٿم. هو منهنجو دوست آهي. هو هن کي مارڻ ڪونہ ويو هو، پر اتفاق سان مري پيو. هو تلوڪ کي مارڻ ويو هو، پر ان وقت رامچند بہ اچي ويو. ۽ اُن کي بہ ماري وڌائين.“ هو جهٽ رڪيو.

”سمجهيئي تہ ڪير هو؟“ سراج آخر زرينہ کان سوال ڪيو.

”نہ!...... مان تہ نہ سمجهيو!“ زرينہ ڀؤ وچان ٻڙ ٻڙ ڪئي.

”وري سوچ!“ ايترو چئي هن زرينہ جي منهن ۾ ڏٺو. هن جي چهري تي خوف ۽ حيرت جون اهي پاوناڻن هيون، جي موت آڏو ڏسي رامچند جي منهن تي آيون هيون.

”سمجهي وئينءَ؟“ سراج وري زرينہ کان پڇيو.

”هائي الله!“ زرينہ هُن جي گهور کان ڊڄي ۽ مطلب سمجهندي رڙ ڪئي. هوءَ کٽ تي اهلي وهاڻي ۾ منهن ڏئي رئڻ لڳي. جهٽ گهڙي ايئن گوڙهن ڳاڙڻ کان پوءِ هوءَ کٽ تان اٿي. هن سراج جا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليا، ۽ هن جي اکين ۾ نهارڻ لڳي. هُن چاهيو ۽ سوچيو پئي تہ ڪاش ائين نہ هجي ۽ سراج هن سان چرچا ڪندو هجي. پر سراج جي اکين ۾ هن اهڙي ڪابہ جهلڪ نہ ڏٺي. هوءَ پريشانيءَ وچان ڪمري ۾ بي مقصد ڦيريون پائڻ لڳي. ڪجهہ سوچي هوءَ سراج ڏانهن وڌي، هن جي اڳيان اچي بيٺي، جو بت بڻيو بيٺو هن ڏانهن نهاري رهيو هو. هوءَ رڙ ڪري سراج کي ڀاڪر وجهي چنبڙي پئي.

”تو ايئن ڇو ڪيو؟....... ڇو ڪيو ؟“ هن جي ڪلهي تي مٿو رکي هوءَ روئڻ لڳي.

”عجيب ڇوڪري آهين، زرينہ! خبر هوندي بہ تہ مان خوني آهيان، مون سان پيار ٿي ڪرين!“

”پوءِ ڇا ٿيو؟! هن دنيا ۾ تون ئي تہ آهين جنهن مان پنهنجائپ جو احساس ملندو اٿم.“

”سچ“ سراج سندس ڪنڌ ڪلهي تان هٽائي سامهون ڪندي چيو ”دل تان لهي تہ نہ ڇڏيندينءَ؟“

”ٿي نہ ٿو سگهي! جيل جي اوچي ديوار بہ اسان کي هڪ ٻئي کان ڌار نہ ڪري سگهندي.“ زرينہ چيو. جهٽ چپ رهڻ کان پوءِ هن وري ڳالهايو، ”پر تو ائين ڇو ڪيو؟ ڇا ٿي ويو هيئي؟“

”واڻئي کي قرض لاءِ...... ڇڏ ان ڳالھ کي!“ هن بي دليءَ سان وراڻيو.

”ٺيڪ آ! سمجهيم تون مفلس هئين!...... تو ماءُ ۽ ڀيڻ جي مالي مدد پئي ڪرڻ چاهي! ائين نہ؟ ...... پر ائين ڪيئن هوندو؟ تون تہ پنهنجي ميڙي سيڙي بہ ڀين کي ڏيڻ وارو آهين! سو پئسي لاءِ خون ڪيئن ڪندين؟...... اسان کي انهن پئسن مان ڏوڪڙ ڏنا هيئي ڇا؟“

”نہ! اهو وهم نہ ڪر! اهي پئسا امان جن موڪليا هيم. اهي پئسا تہ هيا بہ الائي جي نہ! مان تہ چڱيءَ طرح ڏنا بہ ڪونہ هيا. جيئن چوري ڪيم، تيئن ئي بنا ڏسڻ جاچڻ جي هڪ هنڌ نڪاڻي لڳائي آيم. مون پئسا پاڻ لاءِ ڪونہ ڪنيان هيا. مون تہ ڪنهن ٻئي خيال سان ان ٻڍي کي مارڻ پئي چاهيو. ......خير اهو ٻڌي ڇا ڪنديئن؟ هروڀرو پريشان ٿي ڪرين ۽ ٿين.“

”هي ڇريو تہ نہ ٿي پيو آهي؟“ اوچتو زرينہ جي دل ۾ هڪ خيال اٿيو. جيئن اوچتو اهو خيال سندس دل ۾ آيو تيئن ئي تڪڙو نڪري بہ ويو. ”هن سان ڪا ٻي ويڌن آهي! ڪهڙي؟“ هوءَ اهو سمجهي نہ سگهي. هن ڪجھ چوڻ چاهيو، پر ڳالهائي نہ سگهي.

”ڪالھ مون توکي چيو هيو تہ مون سان هلي هل، ڇو جو دنيا ۾ مان رڳو توکي ئي پنهنجو سمجهان ٿو.“

”پر هلون بہ تہ ڪاڏي؟“ زرينہ ڊڄندي چيو.

”خون ۽ ڦريون ڪرڻ نہ! ڊڄين ڇو ٿي؟“ سراج مرڪيو ۽ وري ڪجھ سوچي چيائين، ”پر مان پليل آهيان. اسان ٻئي تہ اغرب ۽ مغرب آهيون. مان خوني ۽ گنگهار، تون پاڪ ۽ معصوم! اسان جو پاڻ ۾ ڪهڙو ميل؟ ڪيئن نباه ٿي سگهندو؟ اجايو توکي پريشان ڪندس.“ هن زرينہ جي هٿ کي زور ڏنو.

”اڙي! توکي تہ بخار آ. هٿ باھ ٿا ٻرني!“ زرينہ سندس هٿ کي ونندي چيو.

”نہ! مان خوش چاڪ آهيان. اندر جي اوڙاه جسم بہ گرمائي ڇڏيو آهي...... هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي سچ پچ مون ماريو هو. مون بہ غزنوي ۽ احمد شاھ ابدالي، شاھ بيگ ارغون ۽ چارلس نيپيئر پٺي ٿيڻ چاهيو، ۽ ان جي شروعات ان ڦرمار سان پٺي ڪرڻ چاهيم."

"وري پرولين ۾ پيو ڳالهائين! سڌو سنئون چو نہ ٿو ڳالهائين؟" زرينہ چيو.

"هون! سچ ٿي چئين. ٻڌ!" سراج چيو، "توکي خبر آ تہ مان غريب ڪٽنب سان واسطو ٿو رکان. منهنجي ماءُ اول پگهار ۽ پوءِ پينشن ۽ پورهئي سان مون کي ۽ اديءَ کي پاليو ۽ پڙهايو. ادي بہ مئٽرڪ کان پوءِ پڙهڻ ڇڏي ڏنو. هينئر اها بہ وڏيري جي ٻارن کي ٽيوشن ڏيئي ڪجھ ڪمائي ٿي وڃي. پر ان مان ڇا ٿو ٿئي؟ مون کي روز ضمير ملامت ڪندو هو. مون کي ان وهيءَ ۾ ماءُ جي خدمت ڪرڻ گهربي هئي، نہ ڪي ان تي بوجھ پوڻ گهربو هو. نوڪريءَ لاءِ هٿ پير هنيم، نہ ملي. آخر پئسن هٿ ڪرڻ لاءِ اهوئي سولو رستو لڳم ۽ ان تي عمل ڪيم .... ۽ آخر ٻڌن کي ماري گنگهار ٿيم!" هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

"ائين ناهي! تون ڏوهي نٿو ٿي سگهين!" زرينہ چيو.

"تون سچ ٿي چئين. مون ماڻهو تہ ڪونہ ماريا هيا. مون تہ انسانيت تي پيل بيڪار بوجھ هٽايو هو، نڪما، بيڪار، ڪين جهڙا، پسون!"

"انسان- ڪين جهڙو ۽ پسون؟!" زرينہ عجب وچان چيو.

"ٺيڪ آ! ٺيڪ آ! مان بہ سمجهان ٿو، تہ بڪواس پيو ڪريان. غذرگناھ، بدتر ازگناھ! ڏوھ جي ڪوڙي بچاءَ ۽ جواز ۾ وڏو ڏوھ ڪري رهيو آهيان، انسان کي ذليل ڪوئي رهيو آهيان." هو وڦلڻ لڳو. هن جو منهو ڳورو ٿي پيو هو، ۽ نيسَتائي مٿس هاوي پئي ٿيندي ويئي.

"زري! مان واقعي ڏوهي آهيان! مان مشڪل ۽ مصيبت کي آسانيءَ سان منهن ڏئي سگهان ها. هن ٽيوشن ڏئي، رشيد کان ڪم ڪو وٺي، مان پنهنجو خرچ ڪڍي سگهان ها. پر مون ائين نہ ڪيو. سستي ۽ ڪاهلي مون ۾ گهر ڪري ويئي. سچو ڏينهن در دريون بند ڪري، ڪمري ۾ ويٺو اجايا پھ پچائيندو هوس. عجيب و غريب خواب ڏسندو هوس. ان دوران ئي دماغ ۾ اچي ويئم تہ ٻين جي محتاجيءَ کان پنهنجي مڙسي ڀلي. مڙس ماڻهو ئي قابل عزت آهي، ۽ ان کي دنيا سلام ڪري ٿي. سو مون ائين ڪيو، جو مون کي ڪرڻ نہ گهربو هو." ايترو چئي هن ٻي ڏيانيءَ سان زرينہ ڏانهن نهاريو، ۽ وري وڦلڻ شروع ڪيو، "يقين ڪر زرينہ، اهو سڀ ڪجھ مون مڙس ماڻهو ٿيڻ لاءِ ڪيو. هيو ڪو بہ سبب انهن هَچائن کي مارڻ لاءِ مون وٽ ڪونہ هو."

"بلڪل ائين بہ ناهي. تون دنيا کان ڌار ٿي وئين. انسان جي صحبت ڇڏي ڏنئي. خدا کي وساري ويٺين، ۽ نتيجي ۾ شيطان اچي پاسو ڏنئي، ۽ گمراھ ڪري ويئي!"

”ٺيڪ آ زرينہ!“ سراج چيو، ”مون کي واقعي گمراهيءَ جي اوڙاهہ ۾ اڇلايو ويو هو. ان گمراهيءَ ۾ ئي مان مڙس ماڻهو جي غلط ۽ گمراه ڪن تصور کي ڇهڻ ٿي پيم. مان مڙس ماڻهو ٿيڻ پئي چاهيو. مون ڏسڻ پئي چاهيو تہ مون ۾ همت ۽ جرأت آهي يا نہ! مون ڪوڙ پئي ڳالهايو جو توکي چيم تہ گهر ۽ پنهنجي پلائيءَ لاءِ مون ائين ڪيو هو. منهنجو اهو جواز بہ غلط آهي تہ ڪو مون انسان ذات کي انهن ٻن سود خور چورن کان ڇڏائڻ پئي چاهيو. پئسن لاءِ خون، منهنجو مقصد هرگز نہ هيو، رڳو مڙس ماڻهوءَ جو پوت ٿي مون تي سوار هو. ڏسڻ پئي چاهيم تہ رنڊڪون هٽائي ٿو سگهان يانہ؟ قانون ٽوڙي پيو سگهان يا نہ؟ مان ڊڄڻو هوس يا مڙس ماڻهو؟“

”مڙسي بہ ڪمزور ۽ ڪراڙي ماڻهوءَ کي مارڻ ۾ آهي؟“ زرينہ چيو.

”هرويرو وچ ۾ نہ ٽوڪ!“ سراج چيو، ”مان تہ چوان ٿو ني تہ گمراه ٿي ويو هوس. مان مڙس ماڻهو نہ آهيان. ڊڄڻو آهيان. ڪيڏي آهيان. تڏهين تہ تو وٽ آيو آهيان! جي همت ۽ دل هجيم ها تو وٽ اچي روئان نہ ها. ٻڌ! مان تہ رڳو اهڙي ڪوشش ڪرڻ ويو هوس. مون ٻن کي نہ ماريو!...... ڇا خون ائين ڪبو آهي جيئن مون ڪيو؟ توکي ڪنهن ويل ٻڌائيندس تہ ات ڇا ٿيو. مان ان ٻڍي کي تہ نہ ماري سگهيم، پر پاڻ کي ماري آيم، هميشہ لاءِ!...... باقي ان ٻڍي کي تہ شيطان ماريو .... شيطان!“ هن منهن هٿ ۾ لڪائي ڇڏيو.

”ڪيترو نہ پريشان آهين؟“ زرينہ دکي ٿي چيو.

”تون ئي ٻڌاءِ تہ ڇا ڪريان؟“ هن نراسائي وچان زرينہ ڏانهن نهاريو.

”ڇا ڪرين؟“ زرينہ رڙ ڪري اٿي، ”اٿي! (هن سراج کي ڪلهن کان وٺي اٿاريو) هيٺ وڃ. پريءَ بازار ۾ وڃي ڏرتيءَ کي چُمہ، جنهن جي تو توهين ڪئي آهي. پوءِ وڏي واڪ بيهي چئو تہ ’مان خوني آهيان. مان ئي تلوڪ ۽ رامچند جو خون ڪيو آهي!‘ تڏهين ئي روح کي تسڪين ملندئي. سڪون هٿ ايندئي. ويندين؟ چئو ڇا ٿو چئين؟“

”تنهن جي معنيٰ جيل وڃان! پاڻ پيش ڪريان؟“ هن سندس اکين ۾ نهاريندي چيو.

”سزا پائي جزا لاهيندي تہ اندر جي پيڙا پچر ڇڏيندئي!“ زرينہ وراڻيو، ”نہ تہ پريشان ۽ هلاڪ رهندين. پاپ جي پيڙا ۽ ضمير جا چڪ آرام نہ ڏيندئي. وڃ! وڃي امان ۽ اديءَ سان بہ سچي ڪر! انهن جو بہ الائي جي ڇا حال هوندو.“

”ٻاراڻيون ڳالهيون نہ ڪر، زري! مان ڇو ڏوهہ باسيان؟ ڇو وڃي سڀي ساري سچي ڪريان؟ سڄو جهان مون تي کلندو! مون کي مت جو موڙهيو، بزدل ۽ بي همت سڏيندو. هو منهنجي مَن جي وارتا کي سجهي ئي نہ سگهندا. هنن ۾ اهو

ڪجھ سمجھڻ جي سمجھ ۽ صلاحيت ئي ڪانہ آهي. هو کهڙو مون ڪان وڌيڪ پاڪ ۽ معصوم آهن؟ باقي مان ڇو پاڻ هنن آڏو ذليل ٿيان؟ مان پاڻ کي تو آڏو ندي ۽ ذليل ڪري ٿي پاڻ سان بي انصافي ڪئي آهي. نہ تہ ڪير ٿو اچ ائين ڪري؟ ڇا اهو ڪجھ من جي سڪون ۽ دل جي آٿت لاءِ ڪافي سهارو نہ آهي؟"

"نہ! سچي عمر ان پيڙا ۾ پڇرندو رهندين!"

"هوريان هوريان، پاڻي آنرجي ويندو. مانداڻ مانو ٿي ويندو." هن سوچ ۽ سنجيدگيءَ سان چيو، "پر هڏا!....... اجايون رڙيون نہ ڪرا مان توکي ٻڌائڻ آيو هوس تہ پوليس مون ۾ شڪ رکي ٿي. ان ڪري منهنجو پيڇو ڪيو وڃي پيو......."

"هائي، منيس!" زرينہ چيخ ڪئي.

"آپ نہ ڦاٿ! جيل موڪلڻ لاءِ بہ تيار هئيئن ۽ رڙيون بہ ڪرين ٿي! مان جلدي آڻ مجڻ وارو نہ آهيان. هو مون کي ڪجھ بہ نہ ڪري سگهندا. هنن وٽ ڪو بہ سڳ ثبوت نہ آهي. رڳو شڪ شبهو اٿن. ممڪن آ تہ ان ڪري پڇا ڳاڇا لاءِ پڪڙين. اهو اچ سيان بہ ٿي سگهي ٿو. پر هڙ حاصل ڪجھ ڪونہ ٿيندن. آخر ڇڏڻو ئي پوندن ...... توکي اهو سڀ ڪجھ ان ڪري ٿو ٻڌايان تہ جيئن امان ۽ اديءَ کي آٿت ڏين، ۽ هو منهنجي گرفتاريءَ جو ٻڌي دهلجي ۽ هراسجي نہ وڃن. باقي ٻيو هر طرح هنن جي باري ۾ مان بي فڪر ۽ دلجاءِ آهيان. هنن جي مستقبل جو چڱو چوکو بندوبست ٿيل آهي ...... سمجهيئي؟ جيل ۾ ملاقات تي تہ اچبو ني؟"

"ها!...... ها......." زرينہ جا چپ ڦرڪڻ لڳا.

هو ماٺ ڪري هڪ ٻئي ڏي تڪڻ لڳا. ٻئي وائڙا ۽ منجهيل هيا. ڄڻ سندس ٻيڙي ٻڏي وئي هجي ۽ هو لڙهندا لڙهندا، نستا ٿي اچي ڪناري تي پيا هجن. ان وقت ڪنهن دروازو کڙڪايو.

"در کول! زرينہ، در کول!" هنن چاتل سڃاتل سنهڙو ۽ مانو آواز ٻڌو.

زرينہ اٿي در کليو. ڪنڌ هيٺ نمايون، مشتاق اندر گهري آيو.

(۵)

"زرينہ مان توڏي آيو هوس." هن اندر پهچندي چيو، "مون سمجهيو پئي تہ توهين بہ هت هوندا ...." هن ڪنڌ سراج ڏانهن لاڙيندي چيو، "ان مان ڪو ٻيو غلط مطلب ڪڍڻ جي گنجائش نہ آهي. مان ٻڌائڻ آيو هوس تہ جميلہ جو دماغ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خراب ٿي چڪو آهي." هن زرينه ڏانهن ڏسندي، ڳالهه ڪٽائي.

زرينه ڪان چيخ نڪري وئي.

"مون کي ته ائين ٿو نظر اچي، سمجهه ۾ ئي نٿو اچي ته ڇا ڪجي! هوءَ موٽي آئي ته ڏاڍو پريشان هئي...... هڪ ڀيو صدمو سهي آئي هئي. هوءَ خيرات تان اٿي سڌو مظفر جي بالا عملدار جي گهر وئي هئي، ته ڪائنس ڪجهه مدد وٺي گل ڪان جان ڇڏائي، ڪامورو ڪو دوستن سان خرد و نوش جي دعوت ۾ وينو هو، جنهن نه رڳو سندس ڪانه ٻڌي، پر نوڪرن هٿان ڌڪا ڏيارائي ڪڍرائي ڇڏيائينس. چئي پئي ته پاڻ به پريءَ محفل ۾ خوار خراب ۽ ذليل ڪري آئي اٿس. هاڻ ته هر ڪنهن آئي وئي سان اهو قصو ٿي ڪني، ۽ رڙيون ڪري گار گند به ڪدي پئي. چئي ٿي ته ٻارن کي وٺي رستي تي ڳائيندي ۽ پنندي. ٻارن کي مداحون ۽ مولود پئي چورائي ۽ پاڻ خالي دهو پئي وڄائي!..... ڪنهن جي نه ٿي ٻڌي!....... ڪنهن جي جهل پل ۾ نه ٿي اچي! ڪنهن جي وس نٿي اچي!" مشتاق يڪساهي چيو.

مشتاق اڃا به ڪجهه چئي ها، پر ان وچ ۾ زرينه رؤ ڪٽي مٿي تي وڌو، ۽ تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي آئي. هو ٻئي به هن جي پويان هيٺ لٿا.

"هوءَ ته سچ پچ چري ٿي پئي آهي!" رستي تي مشتاق سراج کي ٻڌايو، "مان زرينه کي سچي حقيقت ڪري پريشان ڪرڻ نه پئي چاهيو. ويچاري! الائي ڇا ٿيندن؟" پر سراج جو هن طرف ڪوبه ڌيان نه هيو. هو پنهنجن ئي خيالن ۾ گم سم اڳتي وڌندو پئي ويو. پنهنجي گهر وٽ پهچي، هن ڪنڌ لوڏ سان، مشتاق کان موڪلايو ۽ مٿي چڙهي ويو.

ڪمري ۾ گهڙي، هو ڪا مهل چپ چاپ بيهي، ڪمري جي اداس ماحول ۾ اکيون ڦوٽاري ڏسندو رهيو. پوءِ هن جي خيال ۾ آيو ته هن زرينه کي رازدان بڻائي، چو ڪيس وڌيڪ پريشان ڪيو هو، "مان اڪيلو رهندس. منهنجي لاءِ جيل ئي ٺيڪ آهي. زرينه کي به جهليندس ته مون سان اتي ملڻ نه اچي." هن چپن ۾ پڙڪيو.

اهو ٻڌائڻ هن لاءِ ڏکيو هو ته هو ڪيترو وقت ائين اجاين خيالن ۾ بيٺو رهيو. هن کي اهو به پتو نه هو ته ڪنهن مهل هو ڪرسيءَ تي وينو. پوءِ اوچتو دروازو کليو ۽ رضيه اندر داخل ٿي. هوءَ وڏي اچي سندس پر سان ويهي رهي. هو موکو خالي ذهن سان هن ڏانهن نهارڻ لڳو.

"ادا، ڪاوڙ نه ڪجانءِ. مان رڳو تنهنجو ٿورو وقت وڃائڻ آئي آهيان." هن پيار ۽ پاٻوهه سان چيو، "ادا! مون کي سڀ خبر پئجي چڪي آهي. هو هروڀرو به، اجايو شڪ رکي، توکي پريشان ڪري رهيا آهن. رشيد مون کي سڀ ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌايو آهي. اجايو پيو پريشان ٿين. اهو سوداءُ دماغ تي نہ اثر وجهئيں. مڙئي خير آ. ڪا ڳالھ ڪانهي! دلجاءِ ڪر! امان کي ان جي ڀڙڪ بہ نہ پوڻ ڏيندس. ڪيس دلجاءِ ڏياريندي ايندس. تون، ڪڏهين ڪڏهين اچي ڪيس منهن ڏيکاري ويندو ڪر. آخر تہ ماءُ آهي. ونس اچڻ سان لهي نہ وينديون، جيڪو سو هن کي آٿت ملندي. سمجهيئي نہ؟ مون کي بہ ساڳي تنديڙي رضي سمجهجانءِ. ڏک سک ۾ نہ وسارجانءِ، چڱو، خدا حافظ!" هوءَ اٿي وڃڻ لڳي.

"رضيہ!" هوءَ بيٺي تہ سراج ڏانهنس وڌيو."رشيد ڏاڍو سٺو ماڻهو اٿي!"

"ڪيئن؟ ڇو؟" رضيہ بيٺي ئي بہ سوال ڪري ورتا.

"قابل، محنتي، ايماندار ۽ پيارو ماڻهو، ۽ سڀ ڪان وڌيڪ تہ قابل اعتماد .... چڱو، الله واهي!"

"اهو ڇا ٿو ڳالهائين، ادا!" رضيہ شرمائجي ويئي، "اصل ڪو موڪلائين ٿو ڇا؟ الله حياتي ڏيندئي. اهي وصيتون ڇو ٿو ڪرين؟" ۽ هوءَ هيٺ لهي ويئي.

هو ڪرسي ڪٽي وجي دريءَ وٽ ويٺو. دري ڪوليائين تہ ڪمرو تازيءَ هوا سان ڀرجي ويو. ويٺي ويٺي هن کي زرينہ جو خيال آيو. هو اٿيو، جاءِ بند ڪيائين، ۽ لهي رستي تي بي مقصد ۽ بي منزل نڪري پيو. ان وقت سج لهي رهيو هو. سنجها جو اداس ماحول هن جي من جي اداسيءَ ۽ آندمانڌ کي وڌائي رهيو هو. هو ان ڪيفيت سان هلندو پئي ويو، جو پنيان ڪنهن کي پنهنجو نالو وٺي سڏيندو ٻڌائين. هن بيهي ڪنڌ پٺتي ورايو. مشتاق تڪڙو تڪڙو ڏانهنس وڌي رهيو هو.

"اصل هاٿي تنهنجي جاءِ تان ٿيو پيو اچان." مشتاق چيو، "هوءَ ائين ڪري رهي آهي جيئن چيائين پئي. گهٽين ۽ رستن تي نڪري پئي آهي. پاڻ لکڻ سان ٽالھ وجائي رهي آهي ۽ ٻارن کي ڳارائي ۽ نچائي رهي آهي. ماڻهن جا هجوم ڪيا اٿن. رؤنشو ڪٽي وڌو اٿائين."

"۽ زرينہ؟" سراج تڪڙ ۾ آنڌ مانڌ وچان پڇيو.

"اها ويچاري بہ ڪيا اٿن. جهليس ۽ سمجهيائيس ٿي تہ ڳاريون ٿي ڪائي. صفا چري ٿي پئي آهي!"

هي ٻاسي واري رستي تي مڙيا تہ زرينہ جي جاءِ ڪان بہ ڪهر ڀري ماڻهن جي ميڙ جو گول دائرو ڏٺاؤن. هو ان طرف تڪڙي وک وڌي پهتا. وچ ۾ ڳريل سڙيل سڪل سينٽيل جميلہ ليڙو ليڙون ڪپڙن سان بيٺي ٽالھ وجائي رهي هئي ۽ ٻار بي ربط نمونو نچي ڳائي رهيا هئا. جي ڪو ٻار ٿڪجي بيهي پئي رهيو تہ ماءُ جي لکڻ پئي مٿي تي يا پٺيءَ تي اچي ٺڪاءُ ڪيس. هو ٽالھ بہ وجائي رهي هئي تہ مظفر جي بالا عملدار جي شان ۾ ڪلا غيبت جا قصيدا بہ ڳائي رهي هئي. رکي رکي گل خان کي بہ نہ پئي بخشيائين. زرينہ بيٺي روئي رهي هئي. رکي رکي ماءُ کي

سمجهائڻ جي پٺيءَ ڪيائين ته ست سُري پٺيءَ پڌائين.

سراج وڏي هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪيس پورهئي، محنت ۽ مان سان رهڻ جي نصيحت ڪئي. ته هن تي مچري: "سڀ بڪواس آ! خوابن جون ڳالهيون آهن." هن ڪنگهيو، "هيءَ حقيقت آ. ائين ٿي پيٽ پالڻو پوندو...... اڙي چورو توهان کي کهڙي ناڱ ڏکيو جو چپ تي ويؤ. ڳايو! نچو!" ۽ ٻارن تي لڪڻ وسائڻ لڳي. "چگو ته ٽڪجي پيا آهيو!..... آرام ڪيو، مان ٿي ڳايان." هن تاڙ تي لڪڻ هڻي ڳائڻ شروع ڪيو، "نيڪ مائي، نيڪ بابا ...." پر هو اڳتي ڪجهه نه چئي سگهي. ڪنگهه جو دورو غالب پئجي ويس. ويهي رهي. ٻئي هٿ پيٽ تي رکي اپا ساهه کڻڻ لڳي ۽ ڪنگهڻ لڳي، ۽ ٻيءَ گهڙيءَ پٽ تي اهلي پئي.

ماڻهو هن طرف ڊوڙيا. سراج ۽ مشتاق سڀ کان اول مٿان وڃي پهتس. هوءَ سامت ۾ نه هئي. سندس وات ۽ نڪ مان رت وُڙهي رهيو هو. ماڻهن جي انبوه کي هٽائيندو هڪ سپاهي اتي اچي پهتو.

"ڪو ٽانگو ڪري اچو! جلدي ڪيو ته اسپتال هلون!" سپاهي ڏنديءَ سان هجوم کي هٽائيندي چيو.

"منهنجي گهر کڻي هلوس! اِجهو سامهون آ. منهنجي ماءُ آ. مان ڊاڪٽر گهرائي ونديس،" زرينه پوتيءَ سان ماءُ جي منهن تي هوا ڪندي چيو ۽ مٿي کان ويهي رهيس.

پوليس وارو، سراج، مشتاق ۽ وڏيرو صديق جميله کي کڻائي زرينه جي گهر آيا. وڏيرو ڊاڪٽر ڏانهن ڊوڙيو ۽ زرينه قران شريف هٿن ۾ جهلي ماءُ جي مٿن کان ويهي رهي. جهٽ ڪانپوءِ جميله هوريان هوريان اکيون کوليون. سندس رت وهڻ کهنجي کهنجي بند ٿي چڪي هئي. هن زرينه ڏانهن نهاريو. هوءَ قران سندس سيرانديءَ کان رکي، سندس پاسي ۾ ويهي، زور ڏيڻ لڳس. هن ڪنڌ مٿي ڪري اٿڻ جي ڪئي. سراج ۽ مشتاق کيس ڪلهن کان مٿي ڪري، ڪنڌ پٺيان ٻه وهاڻا رکيا.

"ٻار ڪٿي آهن؟" هن جهيڻي آواز ۾ پڇيو، "اسين تنهنجي ذلت ۽ تباهيءَ جو باعث آهيون، زرينه!" هن چوطرف نهاريندي زرينه کي چيو، "اچو! هيڏي اچو! آءُ ڪريم، فهيم اچ، تون به آءُ پٽ اشرف! پڌ زرينه هنن جو ڏٽي سائين هاڻي تون آهين. انهن جي پارت اٿي، رَت ٿي. منهنجا ڏينهن اچي ڪٽا آهن. منهنجي مرڻ تي ختمن درودن جو هل بکيڙو ۽ اجايو خرچ نه ڪجانءِ! مان ڪا ايڏي گنگهار نه آهيان جو ڏوهه بخشرايو! پاڻهي ٿي خدا معاف ڪندو. هو غفور ۽ رحيم آهي. ملن جو پيٽ نه ڀريو ته ڪا ڳالهه ناهي." هوءَ هيٺ ڊُرڪڻ لڳي. هن چوطرف نهاريو. هر ڪنهن جي منهن ۾ چتائي نهاري، سڃاڻڻ جي پٺيءَ ڪيائين. سندس نڙيءَ مان خرخر جا آواز نڪرڻ لڳا. هوريان هوريان اکيون ڦوٽاريون ويس؛ هن هڪ اونهو ساهه ڪنيون، جهٽڪي سان ڪنڌ کهي پاسي لڙي پيس؛ ۽ آخر هڪ وڏي هڏڪيءَ سان ساهه بند ٿي ويس. ڪمري ۾ ٺهرام مچي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشتاق وڏي سندس هٿ پير سڌا ڪيا ۽ اکيون ٻوٽيون. زرينہ سندس مٿل مڙهہ مٿان پاڻ اڇلائي روئڻ لڳي. ڪريمہ هن جي پيرن ۾ منهن وجهي اوڇنگارون ڏيڻ لڳي. تنديڙا اشرف ۽ فهيمہ ڪجهہ نہ سمجهي بہ ڪنڌ ۾ اپ ڦاڙڻ لڳا. سراج منظر ڏسڻ جي سگهہ نہ ساري سگهيو، ۽ وڏي وڃي دريءَ وٽ بيٺو. مشتاق بہ پويان اچي بيٺس.

"ويچاري ...." مشتاق چيو.

"سراج! توسان بہ لفظ ڳالهائڻا آهن." صديق هن ڏانهن ايندي چيو.

مشتاق هٽي، صديق کي جاءِ ڏني. صديق سراج کي ٻانهن کان جهلي، ڪنڌ ۾ وٺي ويو. "هن جي دفن ڪفن جو بندوبست مان ڪندس. مون کي الله گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي. ٻارن کي ڪنهن سٺي بورڊنگ هائوس ۾ داخل ڪرائيندس. ۽ وصيعت ڪري ويندس تہ سندن جوان ٿيڻ تي هر هڪ کي، منهنجي ملڪيت مان، ڪجهہ روڪ رقم ملي. ائين زرينہ تان بار جهڪو ٿي پوندو. مان هُن کي بہ ان ڪنيءَ زندگيءَ مان ڪڍڻ ٿو چاهيان، هوءَ ان حياتيءَ جي قابل نہ آهي. ائين آهي نہ؟ تون رضيہ کي ٻڌائج تہ مان سندس ٺڪرايل دولت ڪيئن خرچ ڪري رهيو آهيان!"

"ايتريون مهربانيون ڇا لاءِ؟ آخر ڇا نيت ٿي؟" سراج پڇيس.

"ڪيترو نہ شڪي انسان آهن؟ " صديق چيو، "توکي خبر آ تہ پئسو مون وٽ افراط ۾ ۽ بي معنيٰ آهي. تون سمجهين ٿو نہ ٿو تہ مون ۾ بہ انساني دل ۽ جذبو آهي، ۽ انهن جي اثر هيٺ انساني همدردي ۽ خدمت جو جذبو رکي سگهان ٿو؟ هيءَ "ڪين جهڙي يا سَپون" تہ نہ هئي؟ "هن ڪنڌ ۾ رکيل جميلا جي لاش ڏانهن ڏسندي چيو، "ڇا هوءَ بہ ڪنهن ٻئي وياج خور جيان انسانيت تي بار هئي؟ ڇا تنهنجي اها مرضي آهي تہ پيل اسلم اڃا هٿ چراند جاري رکيو اچي؟ پڪ ڄاڻ تہ جي مون سندن واهر نہ ڪئي تہ ڪريمہ بہ زرينہ واري زندگي گهارڻ تي مجبور ٿي پوندي!" هن سخت لهجي ۾ چيو ۽ هڪ ٽڪ سراج ڏانهن نهارڻ لڳو. هن جي واتان پاڻ وارا جملا ٻڌي، سراج جي منهن تي هيڊ هارجي وئي. هو ڇرڪي بہ وکون پٺتي هٽي ويو ۽ خوف ۽ حراس وچان صديق ڏانهن تڪڻ لڳو.

"تو ..... توکي..... ڪيئن خبر پئي؟ " هو رڳو ايترو ڪڇي سگهيو.

"مان هتي ئي رهندو آهيان. هن در جي پٺيان." صديق وچ واري بند دروازي ڏي اشارو ڪندي چيو.

"تون! هتي رهندو آهين؟"

"بلڪل!" صديق وراڻيو ۽ مرڪيو، "سچ پڇ تہ تو ۾ ڪافي دلچسپي پيدا ٿي چڪي آهي. مان توکي چيو هيو تہ اسان سٺا دوست ٿي سگهون ٿا. اها منهنجي اڳ ڪٿي غلط نہ هئي. تون ڏسندين تہ مان دوستيءَ لاءِ ڇا ڇا نہ ڪري ٿو سگهان. منهنجي دوستيءَ مان هڙ حاصل ٿيندئي، گهاٽو نہ پوندئي."

پاڳو ڇھون

اهو وقت سراج لاءِ عجيب ۽ انوکو هو. هو پاڻ کي هڪ نرالي ۽ نويلي حالت ۽ ڪيفيت ۾ محسوس ڪري رهيو هو. هن کي ائين لڳي رهيو هو، ڄڻ هو هلندي هلندي ڪنهن گهاٽي ڪوهيڙي ۾ ڦاسي چڪو هو، جو نه ڪُٽيو پئي ۽ نه ئي ان مان نڪرڻ جي ڪا راه نظر پئي آيس. سندس ذهن نهل ۽ هيڻو ٿي چڪو هو. مونجهارو سندس مغز ۾ مانڌاڻ وجهي رهيو هو. هو ڪنهن به هڪ ڳالھ تي ڌيان ڏئي يا ٽڪائي نه پئي سگهيو. سڀ معاملا سندس دماغ ۾ رلي ملي گڊ مڊ ٿي ويا هئا، انهن کي الڳ ۽ ڌار ڌار ڪري انهن تي هو سوچي ئي نه پئي سگهيو. معاملن جا واقعا، وقت، حالتون ۽ ڪردار به هڪ ٻئي ۾ ملي ويا هئا، ۽ هو انهن کي به ڌار نه پئي ڪري سگهيو، انهن سڀني پريشانين کي وڌائيندڙ ۽ منجهائيندڙ وڌيرو صديق هو. هو لاڳيتو اُن متعلق ئي سوچيندو رهيو. جميل جي موت واري ڏينهن تي صديق سان ٿيل گفتگوءَ هن جي سوچ کي پنڙيءَ تان لاهي ڇڏيو هو.

جيتوڻيڪ ان نئين معاملي سراج کي ڪافي پريشان ڪيو هو، تڏهين به سراج چاهيو پئي ته، جيئن تيئن به، ڪيس صديق سان سڌيون ڳالهيون ڪري، ان معاملي کي نبيري ۽ طئي ڪري ڇڏڻ گهرجي. هو ان موقعي جي تاڙ ۾ هو ته ڪٿي اڪيلائيءَ ۾ صديق سان گڏجي کليون ڳالهيون ڪري. پر جميل جي فوتيءَ کانپوءِ هو صديق سان ڪو ٻه دفعا مليو سگهيو هو، پر هر ڀيري اهڙي هنڌ جتي هن سان نويڪلائي ۾ نه پئي ڳالهائي سگهيو. آخري دفعو هو سراج سان جميل جي ٽيجهي تي گڏيو هو، جتي هن ڪيس ٻڌايو هو ته هن ٻارن لاءِ بندوبست ڪري ڇڏيو هو، ۽ زرينه لاءِ ڪو ٻلو ڪري رهيو هو. اُت هُن به ساڻس اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ جي خواهش ڏيکاري هئي. اهي ڳالهيون به پٽر ڪٽڻ کان پوءِ اٿندي ۽ موڪلائيندي ٿيون هيون. هن ڪيس پڇاڙيءَ ۾ ائين به چيو هو: "سراج! اڄ ڪالھ ملول ڇو ٿو رهين؟ ڌيان ڪنهن ٻي پاسي ٿو رهئي! دل نه لاه! ڳُٺتي ڇو ٿو ڪرين؟ سڀ

ٺيڪ ٿي ويندو. توکي صاف ۽ تازيءَ هوا جي گھڻي ضرورت آهي!"

ان ڏينهن هن کي نراسايون ئي پلئه پيون هيون. هن کي زرينه جي روش به مايوس ۽ اداس ڪيو هو. گذريل ٺيڪ ٻن ڏينهن کان هُن ساڻس ڳالهايو ته خير، پر اُهي نظرون ڪٽي نهاريو به ڪين هو. موڪلائڻ مهل به زرينه ڪائنس عام رواجي طور رڳو ڪنڌ لوڏ سان موڪلايو هو. ان هن کي وڏيڪ صدمو رسايو هو. اتان ٿي هو به ٿي ڪلاڪ شهر ۾ بي مقصد چڪر ڪاٽيندو رهيو هو، ۽ آخر ٿڪجي ٽٽي اچي ڪڻ تي ڪريو هو. ان وقت رات جا ٢ وڄي چڪا هئا. ٻئي ڏينهن منجهند جو سندس اک کلي. جنت کيس ماني آڻي ڏني، جنهن کيس ڪجھ ٻل ۽ تازگي ڏني. هن اٿي دري کولي، تازيءَ هوا کيس وڏيڪ فرحت ۽ سڪون ڏنو، ۽ اچي ڪرسيءَ تي ويٺو. هن اڃا سڪون جا هڪ ٻه ساه مس کنيا ته دروازو کليو ۽ رشيد ٽڪڙو ٽڪڙو اندر اچي سندس سامهون کٽ تي ويهي رهيو. هو ڪجھ اداس ۽ اُبهرو پئي لڳو. ويهندي ئي هن مطلب جي ڳالھ ڪرڻ شروع ڪئي.

"ٻڌ، سراج!" هن چيو، "مان تنهنجي حالت ۽ روش مان تنگ ٿيو آهيان. مون کي ته ڪا ڳالھ سمجھ ۾ ڪانه ٿي اچي! مان اڄ توکان تنهنجا راز ۽ داستان ٻڌڻ ڪونه آيو آهيان. مون کي رڳو هڪ سوال جو جواب ڏي! چا تون سچ پچ چريو ٿي پيو آهين؟ دماغ ڦري ويو اٿي چا؟ مان ته ائين ٿو سمجهان! ماءُ ۽ ڀيڻ سان تنهنجو ورتاءُ ٻڌائي ٿو ته تون ذهني توازن وڃائي چڪو آهين! ڪو سخت دل ۽ پٿر جان ماڻهو به ماءُ ۽ ڀيڻ سان ائين وهنوار نه ڪندو! ائين رڳو هڪ پاڳل يا مفلوج ذهن وارو شخص ئي ڪري سگهي ٿو! توسان به پڪ اهڙي ڪا ويڌن ٿي آهي."

"تون هنن سان ڪڏهين مليو آهين؟" سراج پڇيس.

"اصلي هينئر! اُتان ئي ٿيو پيو اچان! تون ته وٽن ويو ئي ناهين. هئين ڪٿي؟ مان ته ٽي دفعا هتان چڪر ڏئي ويو آهيان. ماڻهي ڪالھ کان سخت بيمار ٿي پئي آهي. هن تو وٽ اچڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. مان ۽ رضيه هن کي گهڻو ئي سمجهايو ته تون بيمار آهين ۽ آرام جو لوڙائو آهين. پر هن ضد ڪيو ته ماءُ کان وڏيڪ آرام ٻيو ڪير پهچائي سگهندس. سو هوءَ ضد ڪري ڪالھ هت هلي آئي. پر تون ڪونه هئين. اسان ڪلاڪ ڏيڍ تنهنجو انتظار ڪيوسين. آخر هُن ويچاريءَ ائين چيو ته تون بيماريءَ جو مڪر ۽ بهانو ڪري هنن سان ملڻ کان نٽايو پئي. ان خيال ۽ سوداءُ ۾ ويچاري بيمار ٿي پيئي آهي. اسان سمجهيو هيو ته تون زرينه جي پويان ماءُ ڀيڻ کي وساري ويٺو هئين. سو ڪالھ ٺان اوڏانهن به ويس، پر ات به تنهنجو اتو پتو ڪونه پيو. سمجھ ۾ نٿو اچي ته چا پيو ڪرين ۽ ڪٿي پيو گذارين؟ پڪ دماغ ڏئي وٺي ٻيٺو اٿي. مان چو پاڻ کي

پريشان ڪندو ٿو وتان؟ مون تي ڪهڙي پيئي آهي؟ سو اچ توکان هٿ ٻڌي موڪلائڻ آيو آهيان. ڳالهه منهنجي وس ۾ وِت کان ٻاهر آهي. تو تہ مون کي ٻہ اڌ چريو ڪري ڇڏيو آهي! سو مان تہ وڃي ٿو ٽرانڪئلائيزر وٺي سمهان ۽ ننڊون ڪريان. تون ڄاڻ تنهنجا ڪم........ ڇگو، خدا واهي!"

"تنهنجو ٽرانڪئلائيزر تہ شراب آ! ائين نہ؟" سراج پڇيس.

"ڇا ٻہ هجي! تنهنجو ڇا؟" رشيد اٿي بيٺو.

"ٻيھ تہ!،" سراج تڪڙ ۾ چيس، "ٻڌ، ٽيون ڏينهن مان رضيہ سان تو بابت ڳالهايو هو."

"مون بابت؟ پر ڪٿي؟" رشيد ٻيلي ٿي پڇيو، "تون تہ هُن سان مليو ئي نہ آهين!"

"هوءَ پاڻ هتي آئي هئي ۽ مون سان ڳالهايو هيائين!"

"ڇا چيو هيوسي؟" رشيد اُتاولو ٿيءَ سان پڇيو.

"چيو مانس تہ تون سٺو، محنتي، ايماندار ۽ قابل اعتماد آهين. مان ڪيس اهو نہ ٻڌايو تہ ڪو تون ڪيس چاهين ٿو، ڇو جو اهو هوءَ پاڻ ئي ڄاڻي ٿي."

"هن کي خبر آ؟"

"بلڪل! سو ٻڌي ڇڏ تہ منهنجو ڇا ٻہ حشر ٿئي، مان ڪاڏي ٻہ وڃان، توکي هنن جي سار سنڀار لهڻي ئي پوندي. مان هنن کي تنهنجي آسري ۽ آڌار تي ڇڏي ٿو وڃان، ڇو جو مون کي سڌ آهي تہ تون هن کي چاهين ٿو، ۽ مون کي تنهنجي خلوص، نيڪ نيتيءَ ۽ سچائيءَ ۾ رتيءَ برابر ٻہ شڪ نہ آهي. سو هاڻي ٻڌاءِ تہ تون پنهنجي ٽرانڪئلائيزر ۽ جان ڇڏائڻ واري فيصلي تي اڃا برقرار آهين يا خيال مٽايئي؟ باقي جيتري قدر منهنجو سوال آهي، تہ تون ان بابت ڳڻتي ۽ ڳڻ ڳوت نہ ڪر! تو لاءِ ڇگو ٻہ ائين آهي تہ منهنجي ڳالهين ۽ حالتن ۾ نہ پؤ. مان ڄاڻان منهنجا پاڳ" سراج چيو ۽ رشيد ماٺ ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌندو رهيو.

"سو، ٽيون ڏينهن هوءَ تو وٽ آئي هئي،" رشيد چيو، "پر توسان خط واري ڳالهہ تہ نہ ڪئي هونداٰئين؟"

"ڇا جو خط؟"

"ڪالهہ هن کي هڪ خط مليو آهي، جو سندس پريشانيءَ جو باعث ٿيو آهي. ايترو پريشان آهي جو تو متعلق ڳالهائڻ ٻہ نہ ٿو وٽيس. مون ساڻس تو بابت ڳالهائڻ چاهيو تہ مون کي وچ ۾ روڪيندي چيائين تہ جڏهين سنت ئي وڇڙڻو آهي تہ پوءِ ڏيکہ ۾ پوڻ مان ڇا حاصل! منهنجا ٿورا مڃي، هوءَ ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ اندران در بندي ڇڏيائين." رشيد يڪساهي بيان پورو ڪري ساهي پٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چڱو، خدا حافظ!“ چئي رشيد روانو ٿيو. در ٽپي پهرين ڏاڪي تي پير رکيائين ته کو خيال آيس، اتي بيٺو ٿي در کولي، سراج سان مخاطب ٿيو، ”ٻڌ! هن خون واري معاملي جي خبر پيئي؟ پوليس جوابدار هٿ ڪيو آهي! خبر تي ڪير آ؟“

”نه!“ سراج وري وڃايل فراموشيءَ واري دنيا ۾ هليو ويو.

”اهو ئي رنگ ساز رفيق، جنهن جي مون حمايت پئي ڪئي. سڀ ڪجهه پوليس اڳيان ٻاسي وينو آهي. ماڻهو ڪيترا نه چالاڪ ۽ تريناڪ ٿي ويا آهن؟ ڪنهن کي وهم ۽ گمان به نه هوندو ته کو هن خون ڪيو هوندو!“

”توکي ڪنهن ٻڌايو؟“

”ڪير وري ڪير ٻڌائيندو! اهو ئي پنهنجو قادر بخش!“

”ٻيو ڪجهه به ٻڌايائين؟“ سراج اندر جي آنڌ مانڌ کي نه لڪائي سگهيو.

”گهڻو ڪجهه ئي ٻڌايائين. ٻئي ڪنهن وقت واندڪائي ۾ ٻڌائيندو مانءِ. هاڻي هلان ٿو. وري سڀاڻ ئي سماءَ تي ايندو مانءِ. چڱو، موڪلاڻي ڪانهي!“ هو هيٺ لهي ويو.

رشيد جي وڃڻ ڪانپوءِ سراج اتي ڪمري ۾ پسار پچائڻ لڳو. هڪ ٻن چڪرن ۾ ئي کيس ڪمري جي تنگيءَ ۽ سوڙهائپ جو احساس ٿيو. هو وري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو، ۽ رويوش ۽ گم ٿيڻ جي رٿا تي سوچڻ لڳو.

”هاڻي موقعو آهي. رفيق باس ڏني آهي. پوليس جو سارو ڌيان هاڻي هن طرف هوندو. قادربخش پاڻ رشيد سان اهڙو اظهار ڪيو آهي. مون ڏي ڪنهن جو شڪ نه ويندو. ڇو نه ڪاڏي هليو وڃان؟ پر هي ضمير؟ مان اها آنڌ مانڌ ۽ ذهني ڪوفت، اندر ۾ سانڍي، ڪيئن جالي سگهندس؟ زرينه سان به ته اعتراف ڪري چڪو آهيان؟ ۽ هيءَ صديق واري ڳجهارت؟...... ان سان ته پڇي پئبو. ڪهڙي خبر قادربخش کي اڳا مون ۾ شڪ هجي، ۽ هيءُ سڄو کيل مون کي ڦاسائڻ لاءِ ڪيو هجائين؟! سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو. هو ڏاڍو حرفتي ۽ ڪهاڳهه ڪامورو آهي. هن جي مون سان آخري گفتگو ٺي ٻڌئي تي ته منهنجي سليٽ وٽس صاف نه آهي! ضرور هن ڪا رٿي آهي! خير ڏسي وٺبو!“ هو ڪجهه وقت انهن ويچارن ۽ سودائن ۾ وينو رهيو. نيٺ اٿي، ڪپڙا بدليائين ۽ ٻاهر وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو. هن فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته ڪيئن به اڄ صديق سان ملي کليون ڳالهيون ڪري، معاملو نبيائڻو هو.

هو اڃا در بندي هيٺ لهڻ لڳو ته هيٺان قادربخش مٿي ايندو ڏٺائين. سراج جهٽ لاءِ سُن ۾ اچي ويو. پر ڪو لحظو. ستت ئي ٻؤ ۽ وهم تي حاوي پئجي ويو. هو هاڻي هن کان ايڏو ڊنل نه هو جيڏو منڊ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اوچتي ۽ اوپلي مهمان تي ڪاوڙ نہ ڪج، سراج!" قادربخش مرڪندي چيو، "ڪيتري وقت ڪان توسان ملڻ لاءِ پئي سوچيو، پر وقت ئي نہ پئي مليم. اڄ هتان لنگهڻ ٿيو تہ توسان ملڻ جو خيال دل ۾ آيو. ڪاڏي ٻاهر تہ وڃين ڇا؟ جهٽ ويهہ تہ هلون ٿا. ساهي پٽي سگريٽ پي هلون ٿا."

هو ٻئي اندر آيا ۽ ڪرسين تي ويهي رهيا. 'آخري گهڙي اچي وئي آهي. اڄ فيصلو ٿي وڃڻ گهرجي!' سراج سوچيو. هو قادربخش جي سامهون ويٺو هو، پر سندس چهري تي ڪابہ پريشاني يا خوف جي جهلڪ نہ هئي. هو هر پهلوءَ تي سوچي، خراب ۾ خراب نتيجي لاءِ بہ پاڻ کي تيار ڪري ويٺو هو. هن ۾ اعتماد، اتاولي ۽ بي صبرائي پيرجي وئي هئي. هن سوچيو پئي تہ قادربخش کي چئي ڏي، "ڳالهاءِ ڳالهاءِ! چپ ڇو آهين؟ ڪچين ڇو نہ ٿو." پر قادربخش آرام ۽ ڌيرج سان ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي، کيسي مان سگريٽن جو پاڪيٽ ڪڍي کولڻ لڳو.

(٢)

"ملڪ ۾ ملاوت بہ گهر ڪري وئي آهي،" قادربخش سگريٽ دکائيندي ڳالهہ شروع ڪئي. "سگريٽن ۾ بہ ملاوت ٿا ڪن الائي جي ڇا؟ نڙيءَ ۾ ڦٽڙن جا ڪنڊائي ڪٽي ڇڏيا اٿئون! هاڻي بہ ڊاڪٽر وٽان ٿيو پيو اچان!"

"وري چالاڪي ٿو ڪري ڪا؟" سراج سوچيو، ۽ هن جي ذهن ۾ ان ڏينهن واري ملاقات ۽ گفتگوءَ جا عڪس اڀري آيا.

"مان ٿيون ڏينهن بہ توسان ملڻ آيو هوس، پر تون ڪونہ هئين. اڄ مان توسان ڳالهہ نبيرڻ آيو آهيان. ڪجهہ وضاحت ڪرڻ آيو آهيان." قادربخش سگريٽ جو ڦلو ڇنڊيندي چيو. هن جي اکين مان حرفت ۽ چالاڪي بکي رهي هئي. "ان ڏينهن اسان جي ملاقات وقت هڪ عجيب واقعو رونما ٿيو. ياد اٿي تہ ڪيئن هڪ ٻئي کان موڪلايو هيوسين؟ تنهنجون چنگهون ڏکي رهيون هيون ۽ منهنجا چپ. پر اڄ مان توسان کلي ڳالهائڻ آيو آهيان. قادربخش سگريٽ جي سوٽي لاءِ ترسيو. ڪش هٽي هو وري شروع ٿيو. "اهڙا شڪ شبها ۽ حالتون گهڻو وقت نہ رهي سگهنديون آهن. ان ڏينهن رفيق اچي رخنو وڌو. ان وقت اهو بندرو مزدور بہ پير واري ڪمري ۾ ويٺو هو. توکي تہ خبر آ؟ ڇو جو پوءِ شايد هو تو وٽ آيو هو. تنهن جي خيال ۾ هُن کي مان موڪليو هوندو؟ پر ائين نہ آهي. تنهنجو سياءُ ۽ ذهني حالت اهڙي نہ آهي جو اسان اهڙا حيلا وسيلا استعمال ڪريون. تو جهڙي ماڻهوءَ کي وڏيڪ پريشان ۽ تنگ ڪرڻ سان اسان ڪابہ بنيادي حقيقت هٽ نہ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهندا آهيون."

"تنهنجو مطلب ڇا آهي؟" آخر سراج بہ زبان ڇوري.

"منهنجو مطلب؟ مان اڄ پنهنجي مطلب ۽ مقصد جي وضاحت ڪرڻ آيو آهيان. مان اڄ توکي ٻڌائڻ آيو آهيان تہ اصل حقيقت ڇا آهي. مون توکي ڪافي پريشان ڪيو آهي. اها بہ خبر اٿم تہ ايتري پريشاني تو جهڙي ڏتڙيل ۽ ڏکي انسان لاءِ گهٽي دک دائڪ هوندي. تنهنجي نظرين سان هم خيال نہ هئڻ جي باوجود مان توکي ڪردار ۽ اصول وارو شخص سمجهندو آهيان. ان ڪري ئي تو لاءِ دل ۾ چاهنا ۽ ڪشش پيدا ٿي اٿم. تون ان ڪي ٺلهي خوش آمد سمجهندين، پر اها حقيقت آهي. تون مون کي پسند نٿو ڪرين، ان جو توکي پورو پورو حق آهي، ائين جيئن مون کي توکي پسند ڪرڻ جو! اهو سڀ ڪجهه مان اهو واضح ڪرڻ لاءِ ٿو چوان تہ منهنجي خلوص ۽ نيت ۾ شڪ نہ رک." قادربخش جهٽ لاءِ رڪيو. سراج جي اندر ۾ نوان نوان خوف ۽ خدشا جاءِ وٺڻ لڳا. اهو خيال، تہ قادربخش اڃا هن کي ٻي ڏوهي سمجهي رهيو هو. هن کي وڌيڪ بي چين ڪرڻ لڳو.

"ضروري آ تہ هر ڳالهہ ڪجهه تفصيل سان ڪرڻ گهرجي." قادربخش وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، "مون کي ئي تو ۾ پهريون شڪ پيو هو، جنهن جو بنياد ڪي افواهہ ۽ اتفاق هيو، جن جي وضاحت ضروري نہ آهي، ڇو جو تون پاڻ اُهي ڄاڻين ٿو. تنهنجو سامان گروي رکڻ يا واقعي ڪان پوءِ جاءِ واردات تي وڃڻ، اهڙيون ڳالهيون نہ هيون، جن ڪري مان تو ۾ شڪ رکان ها. پر تنهنجي تنهن ڏينهن واري مضمون مون کي سوچڻ تي آماده ڪيو. جيتوڻيڪ منهنجي خيال ۾ مضمون بي مقصد ۽ غلط اصولن تي مبني هو، تڏهين بہ هڪڙي ڳالهہ صاف هئي تہ تو ان ۾ پنهنجي خيالن ۽ جوانيءَ جي جذبن جي عڪاسي ضرور ڪئي هئي. تون ئي ٻڌاءِ تہ ان حالت ۾ منهنجو شڪ بجا هيو يا نہ؟ ائين نہ سمجهہ تہ ڪو مان اڃا ان خيال تي بيٺو آهيان. هاڻي تہ رفيق منهنجي حوالي آهي، پوري ثبوت سان اها سچي پڻاڙ مان ان ڪري ڪئي آهي تہ جيئن تنهنجي غلط فهمي دور ٿئي، ۽ اُن ڏينهن واري ورتاءَ واري ڪاوڙ دل مان ڪيدي ڇڏين. اهو تہ ڪجهه ڪين هو. پر هاڻي ٻڌايانءِ ٿو تہ اسان تنهنجي جاءِ جي تلاشي بہ ورتي هئي. جڏهين تون بيمار هئين. پر ڪوبہ سڳ هٿ نہ آيو. حليمہ کي بہ مون ان لاءِ رشيد جي پويان لڳايو هو. رشيد بہ توسان ان موضوع تي اسان جي هدايتن هيٺ ئي ڳالهائيندو هو. وڌيڪ شڪ تنهنجي ان گفتگوءَ پيدا ڪيو، جا تو حليمہ سان هوٽل ۾ ڪئي هئي. مون کي ان ڏينهن کان ئي پڪ ۽ اميد ٿي هئي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور تون ايندين ۽ سڀ ڪجهه ٻاسي ويندين. سو هڪ ڏينهن تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئين!- تون ڇو آيو هئين؟ توکي پنهنجي ٺلهي ڪل ياد آ، جا اڄڻ وقت پئي ڪليئي؟ مون کي ان تي خاص طرح سوچڻو پيو. ڇو جو ڇاڪاڻ پئي تہ تون اسان جي شڪ کي دور ڪرڻ لاءِ ضرور مٿان جو اڏيرِ رکندين! اسان تنهنجي بيان جي صداقت معلوم ڪرڻ لاءِ سيني باغن ۽ اوجهڙ وارين جاين جي تفصيلي جهڙتي ورتي هئي، تہ متان ڪو سڳ يا شئي ملي وڃي، جا تو لڪائي هجي. پر ان ۾ ڪاميابي ڪانہ ٿي. تنهن ڪان پوءِ بندري شخص وارو معاملو! هن توکي خوني سڏيو ۽ تون ڏکي وئين، ۽ ڇپ ڇاپ هن جي پٺيان هلندو هلين. ان ڪانسواءِ تنهنجو ڏکڻ، خوفزده ٿيڻ، ۽ بخار ۾ وٺڻ، سڀ تہ تنهنجي خلاف شڪ کي پڪو ڪري رهيا هيا نہ!

”سراج! منهنجن انهن حرڪتن تي عجب تہ ڪائيندو هوندين؟ پر ان ڏينهن عين موقعي تي ڪيئن اچي وئين، جڏهين بندرو شخص بہ مون وٽ ويٺو هو؟ الله سنهن، جي رفيق وچ ۾ نہ اچي ها تہ معاملو الائي ڪٿي وڃي پهچي ها! پر رفيق جي ڳالهہ تي ويساه مون کي نہ ان وقت آيو هيو ۽ نہ هينئر ئي اچي پيو، حالانڪ هو هر سوال جو جواب ٺيڪ ۽ منطقي ڏئي رهيو آهي. خبر ناهي تہ هو ڇو سارو بار پاڻ تي ڪٽي رهيو آهي؟“

”پر رشيد تہ ڇيو پئي تہ توهان جو رفيق ۾ پورو شڪ آهي، ۽ ....“
هن جو آواز بند ٿي ويو.

”بهتر آ تہ رشيد کي وچ ۾ نہ آڻيون“ قادربخش وري شروع ٿيو، ”..........
هن جو واقعي سان ڪو سڌو سنئون واسطو نہ آهي .... سو مون رفيق جي ڳالهہ پئي ڪئي. تون ٻڌڻ چاهيندين تہ هو ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي. هو اڃا الهڙ ۽ نويل آهي. اصل مڱٺار آهي. راڳ ساز سان بہ دلچسپي اٿس. سنو ڳائي وڄائي ڄاڻي. ننڍي هوندي ڳوٺ جي مسجد ۽ مدرسي ۾ ڪجهہ تعليم پراپائين. شهر ۾ اچي رول ۽ پينانگ ٿي پيو. آواره طبيعت ڏاريائين. اهي خبرون اسان کي جاسوسيءَ رستي پيون آهن. شهر جي زندگي، خاص ڪري ڪورٽ ۽ شراب سندس ڪردار ۽ طبيعت تي گهڻو اثر وڌو آهي. پوليس جي پڇا ڳاڇا، دهشت، ۽ ڪورٽ جي پڙ هن کي ڊيڄاري سست ڪري وڌو. هن ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام ٿيو. خودڪشيءَ جو ارادو ڪيائين، جهلجهي پيو. جيل جي ڀو ۽ پوليس جي پيڙا ڪيس سست ڪري وڌو ۽ هو هاڻ لاهي ويٺو. هن تڪڙي جان ڇڏائڻ خاطر ڪٽي ڏوهہ باسيو، تہ جيئن پوليس جي مار موچڙي ۽ وٽ سٽ کان بچيو رهي. مون کي يقين آهي تہ هن ڪوڙ ڳالهايو آهي! تون سمجهين ٿو تہ هو ان باس تي قائم رهندو؟ نہ! هرگز نہ! رڳو هڪ دفعو پڙ مريس، ٻي ڏينهن ڦري ويندو. رفيق جهڙي طبيت وارو ماڻهو اهڙو ڏوهہ ڪري ئي نہ سگهندو. هن ۾ ايتري جرأت ئي ڪانهي

جو ڀڻو قتل ڪري، ۽ پوءِ خون ڪان پوءِ وري پنهنجو ڏوڪڙ به نه ڪٽي! اهو ڪم رفيق جو ٿي ئي نٿو سگهي! سراج، مون هن جي ڪردار جو ڳوڙهو نفسياتي تجزيو ڪيو آهي، ۽ ان فيصلي ۽ نتيجي تي پهتو آهيان ته هو بي ڏوهي آهي!"

سراج ڪان ڇرڪ نڪري ويو. ڇڻ ڪنهن ڪيس تيز ڇرو کپي ڇڏيو هجي. هن دل ۾ڏي سوال ڪيو، "ته .... پوءِ .... خوني ڪير آهي؟"

قادربخش ڪرسيءَ تي پوئنا اٿليو، چنگها ڏکيريائين. ڊگهو ٿڌو ساهه ڀري چيائين، "خوني ڪير آ؟!....... ڇو؟ تون!....... تون، سراج تون خوني آهين!"

سراج ٽپ ڏئي ڪرسيءَ تان اٿيو، ڇڻ ڪنهن نانگ ڏنگي وڌو هجيس. جهٽ بيٺو رهيو ۽ پوءِ وري ڪرسيءَ تي ڪري پيو. وات مان لفظ نه نڪتس. منهن جو پنو هيڊو ٿي ويس.

"تنهنجي ڇپن تي وري ساڳي ڪارڻ ۽ ڪنبٽي آئي آهي. تو مون کي غلط سمجهيو هو. مان اها غلطي ئي دور ڪرڻ آيو هوس، ۽ توسان کُلي ڳالهيون ڪرڻ."

قادر وري ڳالهايو ۽ سگريٽ دکايو.

"مان خون نه ڪيو آهي. مان بي ڏوهي آهيان." سراج ڏڪندي ان ٻار جيان رڙيون ڪرڻ لڳو، جو چوري ڪندي پڪڙجي پوي ۽ حراسجي وڃي.

"نه! تون خوني آهين! توئي اهو قتل ڪيو آ، نه ڪي ڪنهن ٻئي!" قادر زور سان چيو.

پوءِ ٻئي ماٺ ٿي ويا. اها خاموشي ٽي چار منٽ هلي. هو رڳو هڪ ٻئي جي اکين ۾ اکيون وجهي تڪيندا رهيا. پوءِ سراج ٽوٽيون ٽيبل تي رکي منهن هٿن ۾ لڪائي ڇڏيو. ڪجهه وقت ماٺ رهڻ کان پوءِ سراج ڪنڌ مٿي کنيو، ۽ وارن ۾ آڱريون ڪِهائڻ لڳو.

"تون پنهنجن پراڻين ۽ روايتي پوليس وارين اٽڪلن کان ڪم وٺي رهيو آهين. جي مون کي خوني ٿو سمجهين ته گرفتار ڇو نه ٿو ڪرين؟" سراج ڇتر مان چيو.

"تون وري به غلط ٿو سمجهين. مان سچ ٿو چوانءِ ته تو ۾ سورنهن آنا شڪ اٿم. مان توکي گرفتار نٿو ڪريان، ان لاءِ به ڪي سبب آهن. هڪ ته مان اڃا تو خلاف ڪو پڪو يا ٺوس ثبوت هٿ نه ڪري سگهيو آهيان، ۽ سمجهان ٿو ته تنهنجي گرفتاريءَ بعد ان ثبوت ملڻ جا امڪان جيڪي سي گهٽجي ويندا. ان ڪري هن مهل تنهنجي گرفتاري اسان لاءِ پائٽي نه ٿيندي. ٻيو ته ...."

"ها! ها! .... ٻيو ته،" سراج وچ ۾ ڪاوڙ ۾ چيو.

"ٻيو ته مان توکي اڳ ئي چٽي چڪو آهيان ته مون کي تو لاءِ عزت ۽ پيار آهي، ان ڪري نٿو چاهيان ته پوليس جي پيڙائن ۽ سور سختين ۾ ڦاسين. ٽيون

تہ مان تو وٽ هاڻي شخصي ۽ خانگي طرح نيڪ مشورو ڪٺي آيو آهيان، تہ تون ڏوهہ باس. ان ۾ تنهنجو بہ ڀلو آهي تہ منهنجو بہ. تون ذهني پيڙا ۽ ضمير جي وڍ کان بچي پوندين، ۽ مان ڪنهن مجبوريءَ هيٺ اچي تو خلاف سخت ڪاروائي ڪرڻ جي منزل تي نہ پهچندس. ڪيئن؟ ٺيڪ آ نہ."

"ماڻهو، ڪي پوڳ! ڪل جهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين." سراج چيو، "سمجھ ڪٺي تہ مان ڏوهہ ڪيو بہ آهي، جو مان مڃڻ لاءِ تيار نہ آهيان، تڏهين باس چو ڏيان؟ مون ڪي ڪهڙو فائدو پوندو؟"

"تون سمجهين نٿو سراج ! جيل جو هڪ ڏينهن آزاديءَ جي سئو ڏينهن کان بہ ڏکيو ٿيندو آهي. جي تون رضا ڪاراڻي باس ڏيندين تہ انهن حالتن هيٺ سزا ڏيڻ مهل ڪورٽ نرم رويو اختيار ڪندي ۽ توکي گهٽ سزا لڳندي. اسان بہ همدرديءَ وچان تنهنجو ڪيس سٺي نموني، تو لاءِ فائديمند ٺاهي رجوع يا پيش ڪنداسين."

سراج وري خاموش ٿي ويو، ۽ ڪنڌ نوائي چڏيائين. ٿوري دير هو سوچيندو رهيو. پوءِ مرڪي منهن مٿي ڪيائين. سندس مرڪ ۾ مايوسي ۽ دک جي جهلڪ هئي. "نہ! نہ! مون ڪي ٽيپ يا ڦاسيءَ جي پرواهہ نہ آهي."

"مون ڪي بہ اهوئي خدشو هيو تہ تون انڪار ڪندين. تو اجا ڏٺو چاهي؟ تنهنجي صحيح ۽ سچي زندگي تہ اجا تائين پنتي پئي آهي. اجايو جوش کان ڪم نہ وٺ، هوش ڏار!" قادر چيو.

"چڏينس! ڪڏ ۾ پئي وڃي جزا ۽ سزا." سراج پٽڪيو، ۽ ٻاهر وڃڻ جي خيال سان اٿيو، پر وري ڪجھ ياد ڪري ويهي رهيو.

"تنهنجي اها مرضي آ تہ ڀلي چڏينس. شايد مون ۾ اعتبار ۽ اعتماد ڪونہ اٿي! ڀل نہ هجئي. ڀل پيو ذهني پيڙا ۽ پريشانيءَ جو شڪار ٿيءُ. پر وڌيڪ هوشيار ۽ چالاڪ ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪج. زندگيءَ کي صحيح ۽ حقيقي روپ ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪر. اهي خوش فهميون، غلط فهميون ۽ خام خياليون ڪنهن اونهي اوڙاهہ ۾ وڃي اڇلائيندءِ! هاڻي شايد تون منهنجي ڳالهين کي اٽڪلون ۽ پوليس پاليسيون سمجهندو هجين، پر ياد رک، تہ وقت ايندو جو توکي انهن جي سچائيءَ جي سُڌ پئجي ويندي . رڳو دل ٻڌ، قانون ۽ انصاف جي راهہ ۾ رڪاوٽ نہ ٿيءُ. مان سمجهان ٿو تہ رڍ اڳيان رباب پيو وڄايان، پر نيٺ توکي ائين ڪرڻو ئي پوندو جيئن چوانءِ پيو."

"تون وري ڪهڙو ڀيو پيغمبر آهين؟ تون ڪير ٿيندو آهين مون کي هدايتن ڪرڻ ۽ پيشنگويون ڪرڻ وارو؟"

"مان ڪير آن؟ مان نااميديءَ ۾ اميد رکڻ وارو آهيان. هٿي لاءِ احساس ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همدردي رکندڙ پوليس جو ڪامورو آهيان. منهنجي حياتي پوري ٿيڻ تي آهي. پر تنهنجي اڃا هينئر شروع ٿي آهي. اڃا بہ وقت نہ ويو اٿي. ٿورو عرصو هيءَ دنيا ڇڏيئي تہ ڪا اربع خطا نہ ٿي پوندي! باقي زندگي آرام ۽ سڪون سان گذاري سگهندين. متان سمجهين تہ خوش آمد ڪري پڳ ٿو لاهيائين. اهو هڪ نيڪ مشورو اٿي، جنهن تي عمل نہ ڪري پوءِ پڇتائيندين!" قادر وراڻيس.

"بهرحال، ہڏاءِ تہ پڪڙيندين ڪڏهين؟" سراج گوڏن تي هٿ هڻندي پڇيس.

"اڃا هڪ ڀيرو ڏينهن ڏسندو مانءِ. تون وري بہ سوچ، فائدو ان صلاح ۾ اٿي." قادربخش چيو.

"جي پڇي وڃان تہ پوءِ؟" سراج مرڪندي پڇيو.

"سوال ئي نٿو اٿي! توکان اهو ڪيو نہ پڄندو! هڪ جاهل ۽ چٽ تہ روپوش ٿي سگهي ٿو، پر توکان ائين نہ ٿي سگهندو. پاپ جي پيڙا جا پهاڙ ڪٿي آرام ئي نہ ڏيندئي. تو لاءِ دوستن جو هڪ مخصوص حلقو، مخصوص حالتون ۽ ماحول ضروري گهربل آهي. پڇي اهي ڪٿان ماڻي سگهندين؟ سو جي پڇي بہ وئين تہ ٻن ٽن ڏينهن ۾ وري موٽي ماڳ ايندين. اهو بہ يقين رک تہ تون پاڻ هرتو ڏوهہ ٻاسيندين،- ۽ تنهنجو اهو فيصلو اوچتو ۽ اچرج جهڙو هوندو. باس کان ڪلاڪ اڳ بہ توکي اهڙي اقرار جو وهم گمان نہ هوندو."

سراج اٿي بيٺو. قادربخش بہ اٿيو، ۽ ٻئي ٻاهر وڃڻ لڳا.

"قادربخش، ائين نہ سمجهجانءِ تہ ڪو مون اڄ تو آڏو گناهہ جو اعتراف ڪيو آهي. مون رڳو توکي غور ۽ تجسس وچان وِيڻي ہڏو. ان جو ٻيو مطلب نہ وٺجانءِ." سراج دڳ ۾ چيو.

"مان سمجهان ٿو! منهن جي پڪائي چو ٿو ڪرين؟ ڏکين چو ٿو؟ ڪهڙي بہ نہ ٿو سگهين. چڱو! پر هڪ ڳالهہ ٻڌي ڇڏ. جي گرفتاريءَ کان اڳ تون معاملي کي ڪنهن ٻئي نموني ختم ڪرڻ جو ارادو ڪرين، منهنجو مطلب آهي خودڪشي وغيره، جا خدا ڪندو تہ نہ ڪندين، تہ ان حالت ۾ مون تي هڪ ٿورو ڪجانءِ، پنهنجي باس، رڳو ٻن جملن ۾، ۽ اها جاءِ جتي مڪليت لڪائي اٿئي، هڪ پني چٽڪيءَ تي لکي ڇڏي وڃجانءِ. تنهنجي ائين ڪرڻ سان هڪ ٻي ڏوهي بچي ويندو. چڱو، خدا حافظ!"

قادربخش هن کان موڪلائي هڪ طرف تکو تکو هليو ويو. هو جهٽ چپ چاپ ڏاڪڻ هيٺان بيٺو رهيو. جڏهين قادربخش سندس نظرن کان اوجهل ٿي ويو، تہ هو بہ تکڙو تکڙو هڪ طرف روانو ٿيو.

(۳)

اتان هو سڌو وڏيري صديق طرف روانو ٿيو. هن کي وڏيري ۾ ڪهڙيون اُميدون آسون هيون، تنهن بابت پاڻ به واضح نه هيو. ايترو سو محسوس پئي ڪيائين ته متس صديق کي ڪا مخفي يا ڳجهي دسترس ضرور هئي.رستي ۾ هن جي ذهن ۾ اهو سوال بار بار پئي اٿيو، "ڇا، صديق قادربخش سان مليو آهي؟" سندس عقل ۽ سمجھ پڻاندر ان سوال جو جواب ناڪاري هيو.

"پر جي هو هُن وٽ اچا نه ويو آهي! ته ڇا هاڻي ويندو؟" هن جو اندازو هيو ته پوءِ به صديق قادر وٽ نه ويندو! سڄي واٽ هن کي اهي ئي خيال ستائيندا رهيا. "ڇا هن کي اهڙي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جيئن صديق قادر سان نه ملي سگهي؟" "ڇا صديق جهڙي ماڻهوءَ تي ايترو ويچارڻ ۽ سوچڻ ضروي هيو؟" ان هوندي به هو ٽڪڙو ٽڪڙو صديق جي ڳولا ۾ وڃي رهيو هيو. شايد ان سان ڪنهن نئين سُڌ، يا پَچڻ جي واهه ۽ بچڻ جي اٽڪل جي اميد هيس! وچ ۾ خيال آيس ته زرينه ڏي وڃي. پر هن ڏي ڇا لاءِ وڃي؟ روئارڻ؟...... سو في الحال صديق سان ملڻ جي خيال تي ئي مستحڪم رهيو. هن جي شخصيت اڄ ڪالهه ڪيس دلچسپ ۽ ڪشش واري پئي لڳي. هو جميله جي هارن جو ذمعو ڏڙو ڇو ٿو ڪٽي؟ اتي ڪهڙي نيت يا لالچ اٿس؟ هن انهن سوچن ۽ سودائن مان واندو ٿيڻ چاهيو پئي، پر ائين ڪري نه سگهيو. صديق کي هن جي راز جي خبر پئجي چڪي هئي، ۽ هن جي نيت پيٽس رضيه جي ڏس ۾ به ٺيڪ نه هئي. ڪهڙي خبر هو هن مان ناجائز فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. صبح واري رشيد جي ذڪر ڪيل خط ۾ صديق جي لچائي نظر ٿي اچي! هو وڌيڪ پريشان، وياڪل ۽ ويڳاڻو ٿيندو پئي ويو.

انهن خيالن ۾ هلندي هلندي هو مارڪيٽ چوڪ وٽ اچي پهتو. رستي تي مُڙڻ وارو هيو، جو سامهون ڳُٽي ۾ وينل وڏيري صديق تي نظر پئجي ويس. صديق به هن کي ڏسي ورتو هيو، پر ائين ڪنڌ ڦيرائي وينو رهيو ڄڻ ڪيس ڪونه ڏٺو هيائين. هن کي شڪ هو ته سراج جي شايد متس نظر نه پئي هئي. جهٽ ڪانپوءِ هن ڏهيءَ اک سان ٻاهر ڏٺو ته سراج کي اچا اتي بينل ڏٺائين. لاچار هن اشاري سان سراج کي اندر گهرايو. صديق ان مهل تائين جيوٽيءَ جو هڪ پڙو ختم ڪري چڪو هو ۽ ٻيو کوليو هٿائين. ايتري پيٽڻ به هن جي دماغ تي خير ڪو اثر ڪيو هو. هن سراج کي ساڻ جي صلاح ڪئي، پر هن جي انڪار تي، پاڻ اڪيلو ئي لڳو رهيو.

"مان ته توکي آسمان تي پئي ڳوليو،" سراج چيو، "پر تون زمين تي ئي ملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئين. مان هتان ورلي لنگهندو آهيان. عجب اتفاق آ جو اڄ اوچتو هن طرف کان لنگهيم ۽ توسان ملاقات ٿي وئي!"

"ائين چو نه ٿو چئين ته معجزو آ!"

"چاڪاڻ جو اهو رڳو هڪ اتفاق آهي!"

"توهان نوجوان، دين کا بگڙيل، ڪڏهين به ان ۾ اعتبار نه ڪندا،" صديق جيوٽيءَ جي سرڪ پريندي گلاس ميز تي رکندي چيو، "اندر ۾ مڃيندي به ٻاهرين طرح معجزن ۽ ڪرامتن کان انڪار ڪندا آهيو."

"هر ڪنهن جي سوچ ۽ نظريو مذهب بابت پنهنجو پنهنجو هوندو آهي." سراج وراڻيو.

"ٺيڪ آ ، پر اهو اتفاق به نه آهي. مون ٿي توکي هتي ملڻ لاءِ چيو هو. پر بيماري، هيٺائيءَ ۽ پريشانيءَ سبب شايد وساري ويٺو هئين. تنهنجي تحت الشعور ۾ اها ڳالهه موجود هئي، سو تون لاشعوري طور هن طرف هليو آئين."

"مون کي سچ پچ ياد ڪونهي!" سراج نرڙ تي هٿ رکندي چيو.

"تنهنجي بيماريءَ توکي ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. ڪجھ سودائي به ٿي پيو آهين. رستي ويندي به هٿن سان اشارا ۽ چپن ۾ پڻ پڻ ڪندو ويندو آهين." صديق ڊڪ پرڻ لاءِ ترسيو.

"خير! ڇڏ ان ڏيگھ کي!" سراج وچ ۾ چيو، "جي پاڻ ٿي ملڻ لاءِ چيو هيئي ته پوءِ ڏسي لنوائڻ جي چو پئي ڪيئي؟"

"تون مون کي پنهنجي ڪمري ۾ ڏسي، جاڳ هوندي به، مڪر جون اکيون ٻوٽيون هيون؟"

"ان لاءِ ڪي سبب هئا، جي تون ڄاڻين ٿو." سراج وراڻيو.

"هِن لاءِ به ڪي سبب آهن، جي تون نٿو ڄاڻين." صديق بي نيازيءَ سان وراڻيو.

سراج ڪا گهڙي ٻت بڻيو هن ڏي نهاريندو رهيو. آخر خاموشيءَ کي ختم ڪندي، سڌي طرح مطلب ۽ مقصد تي ايندي، هن سان مخاطب ٿيو: "اڃا مون کي ڪيٽو پريشان ڪندين ڇا؟ اڄ مان توسان کُلي ڳالهائڻ آيو آهيان. ٻڌي ڇڏ، ته جيڪڏهين تو منهنجي تازي هٿ آيل راز جو ناجائز فائدو ورتندي، منهنجي پيٽ کي مجبور ۽ لاچار ڪرڻ چاهيو ته، ان کان اڳ جو مان هٿ ڪڙيون پايان، تنهن جي حياتي پوري ٿي چڪي هوندي. اهو سوچي ڇڏ ۽ پڪ ڪري ڄاڻ! باقي جي تنهنجي اها نيت نه آهي، ۽ ٻئي ڪنهن مقصد سان مون سان ملڻ پئي چاهيئي، ته اهو به جلد ٻڌائي ڇڏ!"

"ڪنهن جي نيت تي اڃايا شڪ رکڻ به ٺيڪ نه آهي. مان ڄاڻان ٿو ته ائين

سوچڻ لاءِ تو وٽ سبب ۽ جواز آهن، پر اِهي سڀ اجايا ۽ غلط آهن. مان تہ ان پاسي يا طرح ڪڏهين سوچيو بہ ناهي.“

”باقي، ڇا لاءِ پئي ملڻ چاهيئي؟“ سراج اتاولو ٿيندي پڇيو.

”رڳو ڇاڻ سڃاڻ ۽ سڪ محبت وڌائڻ لاءِ! تون ڪافي وڻندڙ ۽ دلچسپ ماڻهو آهين. سو توکي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ ۽ پرکڻ ٿو چاهيان. تو مان ڪجھ پرائڻ ۽ پُرجهڻ ٿو چاهيان!“ صديق ساڳيءَ بي نيازيءَ سان چيو.

”ڇا ٿو پرائڻ چاهين؟“

”نوان خيال، نوان نظريا، ۽ نيون ڳالهيون!“

”پر..... تون ڇا آهين؟ هت ڇو آيو آهين؟“ سراج سوال ڪيس.

”مان ڇا آهيان؟ ڪمال آ نٿو سڃاڻين! وڏيري ڪريم ڏني جو پٽ وڏيرو محمدصديق. تنهنجو ڳوٺائي!- بس! ياءِ اجا واقفيت کپئي؟“ صديق ڊڪ پريندي چيو.

”خبر اٿم. پر هت ڇو آيو آهين؟ ڏاڍو سياڻو ٿو لڳين. سولو جواب ڏئي سولي جند ٿو ڇڏائين!“

”هت هڪ عورت جي سلسلي ۾ آيو آهيان.“ صديق وراڻيو.

”اجا تہ جانا جو ڪفن بہ نہ سڪو هوندو!“ سراج ٽوڪ ڪيس.

”هوندو،“ صديق حرفت واري مرڪ مرڪي چيو، ”پوءِ ڇا ٿيو؟ اڄ نہ سيان، نيٺ سڪي ويندو! توکي شايد ان موضوع تي ڳالهائڻ نٿو وڻي؟“

”ائين پڇ تہ تنهنجا ڪرتوت مون کي ڇو نٿا وڻن؟“

”ڪرتوت!...... سو تون بہ ائين ٿو سمجهين؟ عورت حقيقت آهي. مڙد ۾ عورت لاءِ چاهہ ۽ ڪشش هڪ فطري جذبو ۽ عمل آهي. ڪنهن کي عورت کان ڌڪار ٿي سگهي ٿي؟ ڪنهن پيار نہ ڪيو آهي؟ باقي جي مان ڪيو تہ ڪرتوت ٿي پيو!؟“

”سو تون شهر رڳو اِن نيڪ ڪم لاءِ آيو آهين؟“ سراج پڇيس ۽ ٽوڪ واري ڪل ڪليو.

”تون پلي ان کي بڇڙو ڪم سمجھ، پر محبت ۾ مستقل مزاجي ٿيندي ئي ٿيندي آهي. اهو جذبو اٽل ۽ ديريا ٿيندو آهي. آهي نہ؟“ صديق پڇيس .

”اها ڳالھ ڪا فخر جهڙي نہ آهي. جو تون پاڻ کي مجنون ۽ فرهاد جو وارث سمجهي خوشيءَ ۾ پريو گهمندو ٿو وتين. نينهن تہ نهوڙيندڙ مرض آهي. پاڻ وڃائڻ ۽ ختم ڪرڻ جو لوڙائو.“

”تون بہ ائين سمجهين ٿو نہ؟ سو مان بہ مريض آهيان. ڇا ٿو ڪري سگهان. اهو مرض يا تہ درمل ڏيندو يا موت!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نهيو! تہ موت لاءِ بہ تيار آهين. يعني خودڪشيءَ لاءِ؟“ سراج پڇيس.

”ڇڏ ان ڳالھ کي،“ صديق موضوع تان هٽڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”مان ميان تو تہ ناقابل معافي خطا ڪري ويٺو آهيان. پر پاڻ تو پلي سگهان! مان موت کان ڊڄندو آهيان، سو ان بابت ڳالهائڻ بہ پسند نہ ڪندو آهيان. اڳ ئي سودائن، وهمن ۽ وسوسن ۾ وڪوڙجي چڪو آهيان.“

”ڇئبو تہ جانا جي روح مان اجا جان نہ ڇڏائي سگهيو آهين؟“

”ان جي ڳالھ تہ نہ ڪر،“ صديق جو منهن اڻ چاتل خوف کان پيلو ٿي ويو، ”بي ڪا ڳالھ ڪر!......... مان تڪڙو آهيان. جلدي ڳالھ کي ڪٽايون تہ چڱو.“ هن گلاس رکي واچ ڏانهن نهاريو.

”ڪنهن عورت سان ملڻو اٿئي ڇا؟“

”هاؤ!....... پر بي ڪا ڳالھ چو نہ ٿو ڪرين؟“ صديق ڏڪندڙ هٿ سان گلاس ڪٽي چپن تي آندو.

”ان حياتيءَ کان ڪراحت ۽ بچان نٿي اچئي؟ پاڻ تي ذرو بہ ضابطو نٿو رکي سگهين؟“

”توکي پاڻ تي ضابطو آهي؟ ڪمال آ! اول پنهنجي سُڌ لھ، پوءِ مون کي ليڪچر ڏي!“

”ڳالهائي واقعي چاٽين ٿو!“ سراج چيو.

”تون غلط ٿو سمجهين!..... پر مان توسان اختلاف بہ نٿو ڪريان. برابر مان ڳالهائڻو آهيان. پر ان مان ڪنهن کي تڪليف يا ايذاءُ تہ نٿو رسي نہ! ست سال شهر کان پري ڳوٺائي ماحول ۾ بند گذاريا اٿم. هاڻي تو جهڙي ڏاهي ۽ هوشيار ماڻهوءَ جي صحبت ميسر ٿي اٿم تہ ڳالهائڻ ۾ لطف ۽ مزو ٿو مليم...... بيو تہ ڇڪي بہ چاڙهي ويٺو آهيان، سو ڳالهائيندم ڪيئن نہ!....... ڇئين تہ نہ ڳالهايان؟......... ويھ تہ! وچين ڪاڏي ٿو؟“

سراج اٿي وڃڻ جي ڪري رهيو هو. هن جي بي چيني ۽ ملولائي وڌي وئي هئي. هن کي اها بہ پڪ ٿي هئي تہ صديق اول درجي جو مڪار، دوکيباز ۽ چلتو پرزو شخص هو.

”ويھ تہ! ٿورو ترس!“ صديق ڪيس ٻانهن کان ورتي، ڇڪي ڪرسيءَ تي ويهاريندي چيو، ”هاڻي وڌيڪ اجائي بڪ شڪ نہ ڪندس. ڪجھ ڪم ۽ فائدي جي ڳالھ ڪندو مانءِ. ٻڌائيندو مانءِ تہ ڪيئن نہ هڪ عورت مون کي بچايو؟ اهو تنهنجي سوال جو مڪمل جواب هوندو. اها عورت تنهنجي پيڻ ٿي آهي. ٻڌندين؟“

”ٻڌاءِ! ٻڌاءِ!...... پر وڌيڪ بڪ .....“

”نه نه! اصل نه! پت ڪرني!“

(۴)

”مان توکي شايد اهو ڪونه ٻڌايو هيو،“ صديق شروع ٿيو، ”ته مان سکر جي هڪ هندوءَ جو ڪانيءَ کان گهڻو مقروض ٿي چڪو هوس. هن دعويٰ ڪئي، جا ڊِگري ٿي. تعميل ۾ پئسن نه ڏئي سگهڻ جي حالت ۾ مون کي سول جيل اماڻيو ويو. ان ڏچن ۽ ڏوجهرن مان جانا مون کي ڪيئن ڇڏايو، تنهن تفصيل ۾ وڃڻ ضروري نٿو سمجهان. توکي خبر آ ته عورت جڏهين پيار ڪرڻ تي پوندي آهي، ته ڪيترو نه ٻي انت، آجهل ۽ جنون جي حد تائين ڪندي آهي!

”جيتوڻيڪ هوءَ اڻ پڙهيل، ڳوٺاڻي ۽ زماني سازيءَ کان بي خبر عورت هئي، پر نهايت ئي سچي، وفادار ۽ سياڻي عورت هئي. اهوئي سبب آ جو سندس حياتيءَ ۾ مون ڪنهن ٻي عورت سان پيار نه ڪيو. منهنجو مطلب آ ڳُليءَ طرح. سياڻي عورت ۽ ساڙيلو عورت هن جنس جون ٻه مختلف شاخون آهن. جانا ۾ ساڙ ۽ حسد اڻ لڀ هيو. اهوئي سبب آهي جو مان تنهنجي پيڻ ڏانهن اک کڻي نهاري سگهيس. سمجهان ٿو ته ڪاوڙ لڳندئي، پر مان مجبور آهيان، قصي ڪرڻ ۾ ڪهاڻيءَ جي ڪردار جو ذڪر اوس ايندو. مون کي رضيه ڏانهن ۽ رضيه کي مون ڏانهن راغب ڪرڻ ۾ جانا جو گهڻو هٿ هيو. جانا دل جي صاف ۽ ڪا ڳالهه رکي نه ڄاڻندي هئي. رضيه منهنجي گهر آئي ته منهنجو من هرڪيو. پر مون کان اڳ جانا دل ڦرائي ويئي. سلڇڻي، سهڻي، ۽ سٺي سڀاءَ واري هئڻ ڪري هوءَ وڏيريءَ جي دل ۾ گهر ڪري ويئي. جانا عادت انوسار رضيه جي هر ڳالهه مون سان ۽ منهنجي هر ڳالهه، ويندي خانداني رازن تائين، هُن سان ڪندي هئي. سو رضيه کي منهنجن سڀني عادتن، خصلتن ۽ خوبين خرابين جي خبر پئجي ويئي....... سمجهان ٿو توکي به پتو پئجي ويو هوندو؟“

”هائو،“ سراج چيو، ”اسلم چيو پئي ته ايترو پاپي آهين، جو جانا جهڙي زال کي مارڻ مان به نه مڙين!“

”ان اسلم کي ڇو ٿو وچ ۾ آڻين؟“ صديق بچاءَ سان چيو، ”ان جي بيهودين ڳالهين ۾ پئو ئي نه! اهو سڀ بهتان آهي. ڪنهن ٻئي وقت ان جو پس منظر به ٻڌائيندو مانءِ....... پر هاڻي ....“

”مون اهو به ٻڌو آهي ته تو هڪ نوڪر جو به خون ڪرايو هيو!“

”اها به بڪواس آهي.“ صديق چڙ مان چيو، ”سو مون توکي چيو پئي ته جانا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجون سڀ اوٽايون ۽ ڪمزوريون رضيہ ڪي ٻڌايون هيون. انهن ڳالهين، رضيہ تي ٻيو ڪو اثر ڇڏيو هجي يا نہ، پر ايترو سو ضرور ڪيو تہ هن جي دل ۾ مون لاءِ هڪ نياڳي ۽ پيٽڪيل روح لاءِ، همدردي ۽ ڪهڪاؤ ضرور پيدا ٿيا. ان همدرديءَ ڪان وڌيڪ خطرناڪ شئي ٻي ڪا نہ ٿي ٿئي! همدرديءَ جي جذبي وچان هوءَ هر ڪوشش ڪري، وسيلو وڙو ڪري، پيٽڪيل ڪي سڌيءَ راه تي آڻڻ جي ڪندي! سو مون محسوس ڪيو تہ پکي پاڻ ئي پڃري ۾ اچي رهيو آهي. مان رضيہ ڪي ڏسندي ئي سوچيو هيو تہ هن جي زندگي، سندس سونهن ۽ سيرت پٽاندڙ ايتري سکي ۽ شاناٿتي ڪانہ هئي. هوءَ تہ ڪنهن اوپر يا وچ اوپر جي ملڪ جي راڻي هئڻ گهربي هئي. مان بہ هٿيار هلائڻ ۽ حيلا وسيلا شروع ڪيا. هڪ اهڙو طريقو اختيار ڪيم جو ناڪام ٿي ئي نہ پئي سگهيو يعنيٰ عورت جي خوشامد! دنيا ۾ سچ چوڻ جهڙو ڪو ڏکيو ۽ سخت جان ڪم ڪونہ آهي. ۽ خوشامد جهڙو ڪو آسان ۽ سؤلو شغل ڪونهي. سچ ۾ هڪ سيڪڙو ڪوڙ جي ملاوت سڄي ڪي ڪوڙ ڪري ڇڏيندي. پر خوشامد ۾ سؤ سيڪڙو ڪوڙ ئي ان جي ڪاميابيءَ جو ضامن آهي. اهو منهنجو آزمايل نسخو آهي. شاديءَ کان اڳ مان اهو هڪ پرٽيل ۽ ٻارن ٻچن جي ماءُ تي استعمال ڪيو هيو. هن شادي بہ عشق مان ڪئي هئي. پر نسخو ڪامياب ويو، ۽ هوءَ گهر ٻار ڇڏي منهنجي سريت ٿي رهڻ لڳي. الائي جي ڪيئن منجهانئس جان ڇڏايم.- ڏاپجڻ ڪانپوءِ. اهو نسخو مون رضيہ تي بہ واپرايو، ڇو جو هن جي اکين ۾ مان هڪ ٻہ دفعو التجا ۽ آس جي جهلڪ ڏٺي هئي. پر مان ڪامياب نہ ٿيس. منهنجي سمجهہ جي غلطي هئي. سندس همدرديءَ ۽ مون تي ترس کي مان پيار سمجهيو هيو. مون ٻي اٽڪل هلائي. سمجهيم تہ هوءَ غريب آهي، ۽ مٿس ماءُ ۽ ٽوڪي پالڻ جو بار آهي، سو دولت جي لالچ ڏيڻ شروع ڪيم. لالچ چوڻ ٺيڪ نہ ٿيندو. ڇو جو ان مهل مان تن ۽ من سان سڀ ڪجهہ مٿانئس لٽائڻ لاءِ تيار هوم. جي هوءَ چاهي ها تہ هن لاءِ مان جانا ڪي مارڻ لاءِ بہ تيار ٿيان ها. پر منهنجي ڌن بہ ڪم نہ ڪيو. مون ڪي ان جو ڏک ۽ ڳڻتي نہ آهي. افسوس رڳو اهو آهي تہ جانا چريائپ ڪري، اسلم سان هن جو واسطو قائم ڪرائي ويئي. منهنجي خيال ۾ تون بہ ان رشتي جي خلاف هوندين؟ آهين نہ؟ اهو هرگز نہ ٿيڻ گهرجي." صديق زور سان ميز تي مڪ هنئين. هو ڳاڙهو ٿي ويو هيو. جوش ۽ ڪاوڙ ۾ اڌ گلاس هڪ ئي ڍڪ سان پي ويو. سراج هن کي غور سان ٻڌي رهيو هيو آخري جملي هن جي دل ۾ ڪيئي شڪ شهبا پيدا ڪيا.

"تنهن جي معنيٰ تہ تنهنجي نيت ۾ رضيہ بابت اڄا ڪجهہ فطور آهي؟" سراج چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اهو سڀ بڪواس آهي،“ صديق ڪاوڙ ۽ چڙ مان چيو، ”توکي خبر آ تہ مان ستت شادي ڪرڻ وارو آهيان! تڏهين بہ شڪ پيو ڪرين!“

”تو اڳ ٻڌايو تہ هيو!“ سراج وراڻيو.

”هوندو! مون کي ياد نہ آهي. جي چيو بہ هوندم تہ خاطريءَ سان نہ! چو جو تڏهين اڃا مان هن کي ڏٺو بہ ڪين هيو. هاڻي تہ مڱڻو بہ ٿي ويو آهي. ٽڪڙو نہ هُجان ها تہ اڄ ڏيکاريانءِ ها، چو جو تنهنجي راءِ کي مان وڏيڪ وزن ڏيان ها. پر ڪنهن ڏينهن ھلي ڏيکاريندو مانءِ. فتح محمد کي سڃاڻين نہ؟ جنهن وٽ مان اڄڪلہ رهيل آهيان. ان ويچاري ئي سارو بندوبست ڪيو آهي. هن جو خيال ۽ چوڻ آهي تہ شاديءَ رستي ئي مان هنن پريشانين ۽ ڪُٺين مان ڇوٽڪارو پائي سگهان ٿو! هوءَ ڏاڍي سهڻي آهي، پر رضيہ کان گهٽ ! مڱڻي کان هڪ ڏينهن اڳ ڪيس ڏٺو هوم. هوءَ فتح محمد جي هڪ دوست، رٽائرڊ پوليس جمعدار جي ڌيءَ آهي. سال کن ٿيو جو پٽس گذاري ويو آهي. هو ان رشتي رستي فتح محمد ٻنهي دوستن جي گهرن جو پلو ڪرڻ چاهي ٿو. ڪالهہ مڱڻي تي ڪيس ويجهي کان ڏٺم. سهڻي ۽ سيبتي آهي. شهر مطابق پڙهيل ڳڙهيل بہ آهي. روشن خيال ۽ لڄاري آهي. سو سهڻي آ، تعليم يافتہ، سگهڙ ۽ سبيتي آ، ۽ سڀ کان وڏيڪ تہ نوجوان آ- سورهن سالن جي وڏيڪ ڇا کپيم؟“

”ايڏو عمر جو فرق.“ سراج اچرج ۾ چيو، ”ڪاڏي سورهن سال ڪاڏي پنجاه ورهيہ. تون سمجهين ٿو تہ اها شادي ڪامياب ٿيندي؟“

”هرڪو ماڻهو پاڻ کي سير پائيندو آهي. خودفريبيءَ ۾ ئي زندگي گذاري ٿي وڃي. مان ڪو ان سماج کان ٻاهر نہ آهيان. جتي ٻيا گناهہ ۽ خطاؤن، اتي هڪ اها بہ!“

”باقي جميلہ جي ٻارن جو بلو ڇا لاءِ ٿو ڪرين؟“ سراج ٻي شڪ هٽائڻ لاءِ سوال ڪيو.

”مون کي اصلؤن ٻارن سان پيار ۽ انس آهي. ٻار منهنجي ڪمزوري آهن. ٻار ڏسي دل اُن کي ياڪر پائڻ ۽ پيار ڪرڻ لاءِ اڇلون ڏيندي آهي. ٻار کي ڏکويل ۽ ڏتڙيل ڏسي سهي نہ سگهندو آهيان. اهوئي ردعمل جميلہ جي ٻارن بابت بہ اٿم!“

”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين! تون مڪار ۽ فريبي آهين. ضرور ڪا بد نيتي اٿئي!“

”معاف ڪج!“ صديق چيو، ”جي تون ائين ٿو سمجهين تہ وڌيڪ ڳالهائڻ فضول آهي. باقي پيا هڪ ٻئي سان نبرنداسين.“

صديق اٿي ڪُٺي مان ٻاهر نڪتو. سراج بہ سندس ڪڍ ٻاهر نڪتو آيو. صديق بدمست نہ هيو. هو رڳو خماريل پئي لڳو. هو ڪنهن اڻ تڻ ۽ هورا ڪورا ۾ هيو. اهو

سراج بہ محسوس پئي ڪيو. ان احساس سراج کي بہ پريشان پئي ڪيو. هن کي صديق جي نيت ۽ ارادي ۾ شڪ شبها وڌندا ويا، ۽ هن سندس پيڇي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

هو ٻئي رستي تي نڪري آيا.

"چڱو خداحافظ! وري جلد ملنداسين." چئي صديق مارڪيٽ طرف مڙي ويو.

(۵)

سراج بہ هن جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳو.

"وري ڇو؟" صديق هڪ هنڌ ڪنڌي موڙي ڏانهنس ڏسندي چيو، "توکي ڇيہ جو تہ ...."

"مان پڇر تہ ڇڏيندو مانءِ."

"ڇو؟"

ٻئي چپ چاپ هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهيا، جڻ هڪ ٻئي جي اندر ۽ سگهہ پرورڻ جي سوچ ڪندا هجن.

"تنهنجي ڳالهين مان،" سراج ڳُهرائي سان شروعات ڪري سانت ٽوڙي، "اهو اندازو لڳايو اٿم تہ تنهنجي دل مان اڃا تائين منهنجي پيڻ جو خيال نہ نڪتو آهي. تون اڃا هنن جي ڪڍ پيو ڦرين. هنن کي هڪ خط بہ مليو آهي. سمجهان ٿو تہ اهو بہ تنهنجي شرارت آهي. اڇوڪي تنهنجي تڪڙ هورا ڪورا ۽ اندر جي آنڌ مانڌ ٻڌائين ٿا تہ تنهنجي نيت ۾ ڪو وڏو فطور آهي. دڳ ويندي جي زال ملي ويئي يا ملي هوندئي تہ ڇا ٿيو؟"

"هاڻي پنهنجي دڳ هلُ!" صديق ڪاوڙ مان چيو، "جي پٺيان آئين تہ پوليس کي سڏ ڪندو مانءِ."

"ڀلي ڪر!"

هو ٻئي وري ڪا جهڙ ماٺ ٿي ويا. صديق جو دڙڪو سراج کي خوفزده نہ ڪري سگهيو. سو هن لهجو مٽائي مانو ڪندي چيو، "عجيب ماڻهو آهين. اجايا وهم گمان پيو رکين. هل ڀلي پويان! مان تہ گهر ٿو وڃان."

"مان بہ اوڏانهن هلندس. تنهنجي ڪري نہ پر زرينہ سان ڪجهہ ڳالهائڻو اٿم." سراج سندس پرسان آيو.

"ڀلي!" صديق چيو، "پر زرينہ گهر ڪانہ هوندئي. هن کي هارن کي وٺي يتيم خاني ويٺو هيو، جتي مان هنن جي داخلا جو بندوبست ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٺيڪ آ. مان هن لاءِ انتظار ويهي ڪندس.“ سراج وراڻيو. ۽ ٻئي ڳالهائيندا ڳالهائيندا جاءِ تي اچي پهتا.

”منهنجي شرافت جي موٽ تون شڪ سان ڏئي رهيو آهين! اها ڪٿان جي شرافت آهي؟“

”در وٽ ويهي، چوريءَ، ٻين جون ڳالهيون ٻڌڻ ڪٿان جي شرافت آهي؟“ سراج وراڻيو.

”مان سمجهيو هيو تہ اها ڳالهہ وسري وئي هوندئي! مون کي تہ سچ پچ ياد ڪانہ هئي. چڱو ادا، جي در وٽ ويهي چوريءَ ٻين جون ڳالهيون ٻڌڻ شرافت نہ آهي تہ ڪنهن ڪراڙي کي قتل ڪرڻ بہ شرافت نہ آهي .... مان هڪ صلاح ڏيانءِ؟ چڱائي ان ۾ اٿي تہ ڪاڏي گم ٿي وڃ، نہ تہ اِجهو ڪي اِجهو ڪنهن آهي ۾ آئين. پئسا ڪونہ ٿي تہ مان ڏيانءِ. پويان جي ڳڻتي نہ ڪر.“

”مان سُٺري پچر نہ ڇڏيندومانءِ.“

”نہ ڇڏ تہ نہ ڇڏ!“ صديق ڪاوڙ ۾ چيو، ”جيڪا ڪاهڻي ٿي سا ڪاهہ. پل اِتي بيٺو سُڪ. زرينہ اٿي ڪانہ. نہ ئي وري ڪو ترت موٽڻ جو امڪان اٿس. مان مٿي ٺڪر طرف ڪنهن آفيس ٿو وڃان (ويندڙ ٽانگي کي روڪي ٿو) هلين تہ ڪنيون هلانءِ!“ هو ٽپ ڏئي ٽانگي تي چڙهيو.

هن جي هلئي وڃڻ پڇاڻا، سراج براج پل طرف مڙيو. هن کي پڪ ٿي وئي تہ صديق سندس پيڻ جي پويان هو. هو لب مهراڻ تي پهچي ڪير تر واه واري لان ۾ گهريو، ۽ واه طرف لڳل لوهي ريلنگس تي ٽيڪ ڏئي هيٺ وهندڙ واه ڏي نهارڻ لڳو، ۽ خيالن ۾ گم ٿي ويو. هو سوچ جي ساگر ۾ ايترو تہ گهرو هليو ويو، جو ٿورو پريان درياه جي ڪپ تي رضيہ اچي بيٺي تہ اها سمڪ بہ ڪانہ پيس. رضيہ جي هن تي نظر پئجي وئي، سو اچي ٻڌتر ۾ پئي تہ ڏاهنس وڃي يانہ؟ اوچتو سرڪٽ هاؤس واري پاسي کان صديق بہ مٽي پنج ڳلي طرف ايندو نظر آيس. صديق بہ ڀرينديءَ ئي سراج کي سامهون ڏسي ورتو هو. ان ڪري اتان ئي ٻيهي هن رضيہ کي اشاري سان سڏ ڪيو، ۽ سراج کي خبر ڪرڻ کان جهليو. رضيہ بہ اُن اشاري تي ئي عمل ڪيو.

”جلدي ڪر!“ صديق اتاوليءَ وچان چيو، ”سراج کي هن ملاقات جو پتو نہ پوڻ گهرجي. مسين مسين ڪائنس جان ڇڏائي آيو آهيان. شايد ڪيس خط واري خبر پئجي ويئي آهي!“ هو بندر روڊ وٽي لب مهراڻ سان، شهر طرف وڌيا.

”هاڻي تہ ڪافي پري اچي چڪا آهيون.“ پراڻن مساڻن جي سامهون پهچي رضيہ ٻيهندي چيو، ”ادي جي بہ نظر کان گهڻو پري آهيون. جلدي ڪر! جيڪي چوڻو اٿي سو چئو!“

”هڪ تہ هتي رستي بيهي ڳالهائڻ ٺيڪ نہ آهي. ٻيو تہ مان چاهيان ٿو تہ سڀ ڳالهيون زرينہ جي روبرو ٿين. ان ڪانسواءِ توکي ڪجھ ڪاغذ پڻ بہ ڏيکارڻا ۽ ڏيڻا آهن، جي جاءِ تي رکيا آهن. سو مناسب ٿيندو تہ اتي هلي ڳالهايون...... هاڻي فيصلو ڪر!........ پر اهو ياد رکج تہ پاڻي جي زندگيءَ جون واڳون منهنجي وس آهن. ڊڄين ڇو ٿي؟ شهر ۾ آهين ڪو جهنگ نہ آهين!“ هن اندر جي پليتيءَ ۽ منافقيءَ کي لڪائڻ لاءِ مرڪي ڳالھ ختم ڪئي.

”تنهنجي ڪردار ۽ نيت جي خبر هوندي بہ خائف نہ آهيان. پاڻ تي اعتماد اٿم. پلي هل!“ رضيہ دل پڪي ڪندي اڏيئر سان جواب ڏنو.

”بيھ تہ مان زرينہ کي ڏسان،“ ڏاڪڻ چڙهي صديق رضيہ کي چيو ۽ زرينہ جي در طرف مڙيو، ”نہ، ڪانهي ڪا. در بنديل اٿس. اجهو آئي ڪي آئي. يتيم خاني ويئي هئي. تسين منهنجي جاءِ تي ئي هلي ويھ.“ هن دروازو کوليو ۽ ٻئي اندر داخل ٿيا.

”هتي ويھ!“ هن ڪرسي ريڙهيندي چيو، ”هن ڪمري ۾ مان رهندو آهيان. هيءُ پر وارو ۽ اندريون ڪمرو خالي هوندو آهي. ان جي پاسي ۾ ئي زرينہ جو ڪمرو آهي. انهن ٻنهي ڪمرن جي وچ ۾ در آهي جو ڪوڪن سان بند ٿيل آهي. اتان بيهي ئي مون سراج ۽ زرينہ جون ڳالهيون ٻڌيون هيون، جن مان مون کي ان راز جي پروڙ پئي هئي.“

”تو پاڻ ٻڌو؟“

”بلڪل! هنن ڪنن سان.“ هن ڪنن تي هٿ رکندي چيو ۽ پرسان ٻيءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. هن جي اکين ۾ ساڳي چمڪ اچي ويئي هئي، جنهن اڳ رضيہ کي ڊيڄاري ڇڏيو هو. هوءَ پنهنجي بي آراميءَ کي لڪائي نہ سگهي. اڪيلائي کيس وڌيڪ ڊيڄاريو پئي. هُن جلدي ڳالهائي، معاملو مڪائي، موٽڻ پئي چاهيو، ”اِجهو تنهنجو خط!“ هن پرس مان ڪاغذ ڪڍي ڳالھ شروع ڪئي.“ تو لکيو آهي تہ سراج هڪ ڏوھ ڪيو آهي. ان ڳالھ جي مون کي بہ خبر آهي. پر اهو اجايو شڪ ۽ الزام آهي، جنهن تي مون کي اعتبار ڪونہ آهي، تون لهاڙ هنئين آهي تہ ان کي ثابت ڪري سگهين ٿو. پر توتي پت ڪيئن ڪجي؟“

”پت نٿي ڪرين تہ پوءِ ملڻ لاءِ ڇو آئينءَ؟“

”هروڀرو جي ڊيگھ ڇڏ. ٿوريءَ ۾ ڳالھ ڪناءِ!“

”هو بہ دفعا زرينہ وٽ آيو هو. مان هنن جون ڳالهيون پاڻ در سان لڳي ٻڌيون آهن. هن زرينہ آڏو ٻاسيو تہ هن وياج خور واڻئي ۽ سندس پاءُ جو خون ڪيو هو........ تون ڊڄين ڇو ٿي؟ زرينہ اهڙي ويل ڪانهي جو ڪنهن سان اها ڳالھ سلي. هوءَ سراج کي چاهي ٿي، ان ڪري هن سان دوکو ۽ دغا نہ ڪندي.“

"ائين نٿو ٿي سگهي! هو خوني نٿو ٿي سگهي! هو خون ڇو ڪندو؟"
"ڦر ڪرڻ لاءِ. هن پئسا ۽ ٻيو سامان ٻه اتان ڪنيو هيو، جو وچي ڪنهن جاءِ تي لڪائي آيو."
"پر هو ڦر ڪيئن ڪندو؟ اهو ته هو سوچي به نٿو سگهي!" رضيه آنڊ مانڊ ۾ اٿي بيٺي، "تون ئي چئو، هو ائين ڪري سگهي ٿو؟"
"رضيه ان لاءِ ڪي ئي سبب ۽ امڪان ٿي سگهن ٿا. ان عمل جو مکيو محرڪ اهو آهي ته پاٽي غير معمولي ڪردار وارو ماڻهو بڻجي ٿيڻ چاهيو. هن پاڻ کي آزاد انسان بڻجي بڻائڻ چاهيو. اهڙو آزاد جو قانون، سماج ۽ اخلاق جي قدرن ۽ پابندين کان به آجو ٿيڻ جو خواهشمند هجي. انهن قانونن ۽ پابندين کي ٽوڙڻ ۾ هن فخر بڻجي محسوس ڪيو. غزنوي ۽ تيمور، هلاڪو ۽ هٽلر، احمد شاهه ۽ ارغون ٿي، انساني حياتي تڇ سمجهي هن نالو ۽ مستقبل ناهڻ بڻجي چاهيو...... پر تون ٻڌي ڇو ٿي ٿين؟"
"مون کي هن جي ان سوچ ۽ خيال جي خبر آهي. مان سندس اهڙو مضمون به پڙهيو آهي." رضيه ورائيو.
"اچا! پر مون کي ان مضمون جي ڪا خبر ڪانهي........ پر تون وچين ڪاڏي ٿي؟"
"زرينه کي ڏسان، متان موٽي هجي."
"هوءَ رات تائين نه موٽندي. جي موٽي به ته اڌ رات کان پوءِ ئي ايندي."
"تنهن جي معنيٰ ته تو ڪوڙ بڻجي ڳالهايو .... ڪوڙا! مڪارا!" رضيه ڪاوڙ مان رڙ ڪئي.
"ڪجهه ٿڌي ٿيءُ! ڌيرج ڌر!" صديق اٿي ڪڳڪيءَ مان پاٽيءَ جو گلاس ڀري آيو، "هان پيءُ! مون تي پت ڪر. اچا به ويل نه ويئي آهي. سڀ ملي همت ڪري هن کي بچائي سگهون ٿا. ڇو نه سراج کي ڪاڏي ٻاهر ڪڍي ڇڏيون؟ پئسن جو فڪر نه ڪر. پاسپورٽ به مان هفتي ٻن ۾ ٺهرائي ونندس."
"تون فريبي آهين! مڪار آهين! مان وچان ٿي .... پر هي در ڪنهن بند ڪيو؟ تو بند ڪيو هوندو! مون کي اڳ ئي تنهنجي نيت ۾ شڪ هيو جلدي ڪر، دروازو کول!" رضيه رڙيون ڪرڻ لڳي.
"آسمان ڇو مٿي تي کنيون ٿي؟ مان جهلي نه ويهاريندومانءِ. ٿورو ترس ۽ ٿڌي سيني سان سوچ. پاءُ جو خيال ڪونه ٿي؟ پوليس سندس پويان آهي. هن کي اچا به بچائي سگهجي ٿو. مان ان لاءِ ئي توکي گهرايو هو."
"تون هن کي ڪيئن بچائي سگهندين؟ ڪهڙي واهه آهي؟" رضيه ڪرسي تي ويهندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سڀ ڪجهه توتي منحصر آهي. تون چاهين تہ هو بچي سگهي ٿو." صديق لالچي نگاهن سان هن ڏانهن نهاريو. رضيہ چرڪي ڪرسيءَ تي پوئنا سُرڪي وئي." تنهنجو هڪڙو لفظ هن کي بچائي سگهي ٿو. مون وٽ پئسو آهي، اثر رسوخ آهي. مان هن کي روپوش ڪري ٻاهرين ڪنهن ملڪ روانو ڪري سگهان ٿو. پوءِ توکي ۽ ماڻهين کي بہ اوڏانهن وٺي هلندس. اتي زندگيءَ جي نئين سر شروعات ڪنداسين. تون رڳو ها چئو. مان ناممڪن بہ ممڪن ڪري ڇڏيندس. چئو، ڇا تي چئين؟"

"رضيہ چرڪ ڀري اٿي بيٺي ۽ در طرف ڀڄي." در کول! چوانءِ ٿي در کول! ڇاهي ڪٿي آ؟ ڪو آهي؟ ڪو آهي؟ بچايو! بچايو!" ۽ هوءَ زور سان در کي ڌڪا ڏيڻ لڳي.

"ڇاهي وڃائجي وئي! ڪوبہ نہ ٻڌندئي. هيٺ تنهن جو آواز وڃي نہ سگهندو. زرينہ جي ڄاءِ بند آهي اجايو ٿي گلو ڦاڙين!" صديق وڏي در وٽ اچي بيٺو. رضيہ خوف وچان پڇي وڃي ڪمري جي ٻيءَ ڪنڊ ۾ ٽيبل تي پويان ٿي بيٺي. هوءَ حراسيل ۽ خوف زده هئي.

"اجايون رڙيون نہ ڪر! جي ڪنهن ٻڌو بہ تہ ڏوهہ توتي ايندو. مون کي ڇا ٿيندو؟ مان مڙد ماڻهو آهيان، مفت ۾ پنهنجي بدناميءَ ڪرائيندينءَ. هرڪو سمجهندو تہ تون پاڻ خوشيءَ سان هت آئي آهين! باقي ضد مان ڇا ورندوءِ؟ ڪيئن ثابت ڪندينءَ تہ مان توکي زوريءَ هت آندو آهي؟ اجايو ٿي پاءُ جي حياتيءَ سان کيڏين!"

"دغا باز! ڪميڻا!" رضيہ جوش ۾ ڪاوڙ ۾ رڙ ڪئي.

"درست آ! مان ڏاڍائي ۽ ڪمينائي ڪئي آهي. پر ان ۾ تنهنجو ڀلو آهي، تون پنهنجي پاءُ جي حياتي بچائي ٿي سگهين ۽ ڪٽنب جو آئندو ٺاهي ٿي سگهين...... مان ساري حياتي توهان جو غلام ٿي رهندس. چئو؟ ڇا ٿي چئين؟"

صديق اوريان ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. رضيہ کي صديق جي بدنيتيءَ ۾ سورنهن آنا شڪ پئجي چڪو هو. اوچتو هن جي نظر ٽيبل تي پيل صديق جي روالور تي پئجي ويئي. هن جهٽ ڏئي اهو کڻي ورتو. صديق چرڪجي ٽپ ڏئي اٿي بيٺو.

"جي وڪ بہ وڌيو آهين، تہ خير نہ هوندئي!"

"پر پاڻين جو ڇا ٿيندو؟"

"جيڪي وڻيئي سو ڪر! پر جي مون ڏي وڌيو آهين تہ ٻي وک نہ کڻي سگهندين. تون پاڻ خوني آهين. تو زال کي زهر ڏئي ماريو هو!" هن روالور سڌو ڪري جهليو.

"اهو ڏوهہ بہ مون توکي حاصل ڪرڻ خاطر ڪيو هو ...."

"بڪواس ٿو ڪرين .... مون توکي ڪڏهين بہ نہ چاهيو آهي."

"جي ڪوڙو آهيان تہ مون هارايو." هن مرڪي چيو، "تو ڪٿيو. پلي ڳولي هڻ. هلاءِ روالور! هاڻي جيئڻ ڪهڙو!"

رضيہ جي منهن جو رنگ اڇو ٿي ويو هو. هن جا چپ ڪاراٽجي ويا هئا ۽ ڏڪي رهيا هئا. ان جوش، ڪاوڙ ۽ ڊپ جي گڏيل ڪيفيت ۾ هو صديق کي انتهائي حسين نظر اچي رهي هئي. هن وک وڌائي، رضيہ روالور هلايو. هن جا هٿ ڏڪيا پئي. گولي صديق جي نرڙ کان چاماٺو ٿي وڃي پيٽ ۾ لڳي. صديق هوريان ڪليو ۽ ٻيهي رهيو. مٽي کي هٿ لاٿائين تہ رت جي الاڻ محسوس ٿيس.

"وري هلاءِ!" صديق مرڪي وک اڳتي وڌيو.

"مان سچ پچ هٽندي مانءِ." رضيہ روالور سڌو ڪيو. صديق وک ٻي وڌيو. ٺڪاءُ ٿيو. پر وري بہ وار گسي ويو.

صديق هن کان ٽي قدم ڪن پري جوش ۽ اتساهہ ۽ حرص سان هن ڏي نهاري رهيو هو. رضيہ محسوس ڪيو تہ هو مرڻ پسند ڪندو پر هن کي وڃڻ نہ ڏيندو. اوچتو نراسائيءَ ۽ ٿڪ جي اظهار سان هن روالور ٽيبل تي اڇلايو. صديق جي هانءَ تان ڳرو بار لهي پيو. هو وڌي رضيہ جي پير ۾ ويو. هن جي ٻانهہ ۾ هٿ وڌائين. هن ڪو احتجاج يا پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. هو سڪل ٿاريءَ جيان ڏڪي رهي هئي، ۽ هن ڏانهن رحم ڀري نظرن سان نهاري رهي هئي.

"ڇڏ مون کي! خدا جي واسطي ڇڏيم!" هن التجا سان چيو.

"تون مون سان پيار نٿي ڪرين؟" هن هوريان پڇيو. رضيہ ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو، پر حرف نہ اُڪريو.

"۽ .... نہ ڪندئين؟ ڪڏهين بہ نہ؟" هن نراسان وچان پڇيو.

"ڪڏهين بہ نہ!" هن خشڪ چپن تي زبان ڦيري ڪهڪهي آواز سان چيو.

"صديق ماٺ ٿي ويو. هن جي خاموش من ۾ آنڌ مانڌ شروع ٿي وئي. اهو وڌي دريءَ وٽ وڃي بيٺو ۽ تاڪ کولي ٻاهر خلا ۾ گهورڻ لڳو، ائين بيٺي بيٺي بہ ڳوڙها سندس اکين تري اٽڪي بيهي رهيا. هن کيسي مان چاٻيون ڪڍي ٽيبل تي رکيون. ۽ وري نظر دريءَ مان ٻاهر اڇلايائين. ائين ئي بيٺي چيائين:

"ڪڻ! وڏي هيٺ چاٻي اٿئي. هلي وڃ!"

"رضيہ ڊڪي وڃي چاٻيون کنيون. ڪرسيءَ تان پرس کنيون، ۽ دروازو کولي، پوئتا نهارڻ ڌاران تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي، پل طرف وڃڻ لڳي.

صديق ٽي چار منٽ ائين خلا ۾ گهوريندو ڪجهہ سوچيندو رهيو، پوءِ ڪنڌ ڦيري ڪمري تي نظر وڌائين. هو اداسائي ۽ مايوسيءَ جو مُجسمو نظر اچي رهيو هو. هن نرڙ تي هٿ لاتو، اجا ڪجهہ رت جي آلاڻ هئي. هو ٽوال آلو ڪري پيشاني

صاف ڪئي ۽ آئيني ۾ ڏٺو. اوچتو هن جي نظر ٽيبل تي پيل روالور تي پئي. هن روالور کڻي چڪري کولي ڏٺي. اجا چار گوليون پيون هيون. "اجا ڪم اچي سگهندو." هن سوچيو، ۽ روالور صدريءَ جي کيسي ۾ وڌو. هن ڪليءَ تان ٽوپي لاهي مٿي تي رکي، ۽ در بند ڪري هيٺ لهي آيو.

(٦)

اها رات صديق، اٽڪل ڏهين بجي تائين، هِت هُت ويهي گذاري. گهران نڪري هو سڌو بار ۾ ويو هو، جتي ڇهين بجي کن تائين ويٺو رهيو. بار ۾ ڪيس ڪو خاص واقعو پيش نہ آيو، سواءِ ان جي جو ٻن ڪُتلن ۽ عادتي شرابين جو بل پنهنجي کيسي مان ڀريائين. هُن کي هنن جي حالت تي رحم اچي ويو هو. هو بل جي ادائگيءَ وقت هڪ ٻئي تي آرڊر ڏيڻ جو الزام هڻي، ادائگيءَ کان نٽائي رهيا هئا. بار مان ٻاهر نڪتو تہ چو طرف ڪارو ڪارونيار نظر آيس. جيتوڻيڪ سج لهڻ ۾ اجا ڪجهہ وقت باقي هو، تڏهين بہ اونداهي ڇانئجي پئي ويئي. ٿورو ئي هليو هوندو جو کنوڻ ۽ گاج سان وسڪارو شروع ٿي ويو. هو ڊوڙندو ڊوڙندو گهر ويو. هن ميز جو خانو کولي پئسا ۽ ڪاغذ ڪڍيا، پئسا هن صدريءَ جي اندرين کيسي ۾ وڌا، ڪاغذ ڦاڙي ڦٽي ڪري، خانو بند ڪيو. ڪپڙن بدلائڻ جو خيال آيس، پر اجا مينهن پوندو ڏسي، ارادو لاهي ڇڏيائين. ٽوپي پائي، در بندڻ ڪانسواءِ ئي هو زرينہ جي گهر هليو ويو.

زرينہ اڪيلي ڪانہ هئي. وٽس پاڙي ۽ پينرون بہ ويٺيون هيون. هڪ ڪرسيءَ تي ويهندي، صديق زرينہ کي پرواري ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو.

"مان پٺي پار وڃي رهيو آهيان،" هن ڳالهہ ڇوري، "اڄ مان توسان آخري ڀيرو ملڻ آيو آهيان. تنهنجي پاڙن ۽ پينرن جو مان بندوبست ڪري آيو آهيان. تون پاڻ بہ اڄ دلجاءِ ڪري آئي هوندينءَ. باقي .... هان، هي وٺ ڏهہ هزار رپيا. تون پاڻ وٽ رک. هيءَ زندگيءَ تو لاءِ سٺي نہ آهي. هي پئسا سيڙائي، تون ڪو هنر ۽ دستڪاري جو ڌنڌو ڪري، سٺي نموني سکي زندگي گهاري سگهندينءَ....."

"توهان جا اڳ ئي گهڻا احسان آهن ...... هيءَ تڪليف ......" زرينہ وچ ۾ چيو.

"...... ڇري نہ ٿيءُ. اجايو منهنجو وقت نہ وڃاءِ. هي پئسا توکي وڌو ڪم ڏيندا. سراج لاءِ سوچ! هن لاءِ هينئر رڳو ٻہ رستا وڃي بچيا آهن،- آ پگهات يا جيل! تو هن کي چڱي صلاح ڏني هئي تہ وڃي ڏوهہ باسي. جي هو جيل ويو تہ توهان کي پئسن جي سخت ضرورت ٿيندي. ان ڪانسواءِ گل خان جو قرض بہ تہ

لاهڻو اٿي ني! سو پئسا پاڻ وٽ رک. جي ايڏي ساري رقم پاڻ وٽ نہ رکي سگهين، چوري چڪاريءَ جي پؤ ڪان، تہ رشيد وٽ امانتو رکج، سڃاڻينس نہ؟ ايماندار ۽ وفادار شخص آهي. چڱو پلا، هاڻي الاهي توهار! سراج کي سلام چئج. مان هاڻي هلان ٿو."

"پر ههڙي مينهن ۾ ٻاهر ڪاڏي ۽ ڪيئن ويندؤ؟" زرينہ ٽپ ڏئي اٿي بيٺي.

"پلي پار ۽ منزل مقصود ڏانهن وڃڻ لاءِ مينهن ڪا رُڪاوٽ نہ آهي. چڱو، في امان الله!" هو زرينہ کي اچرج ۽ ويچارن ۾ وجهي، اتان رمندو رهيو، ۽ رستن تي مينهن ۾ پسڪندو رهيو.

انڪل يارهين بجي ڌاري هو فتح محمد خان جي دوست جي بيوه جي گهر ويو. ان وقت هو پاڻيءَ ۾ شَل ٿي چڪو هو. هنن کي هن هدايو تہ ڪنهن ضروري ۽ تڪڙي ڪم سبب هو سکر کان ٻاهر وڃي رهيو هو ۽ ٻہ ٽي مهينا نہ موٽڻو هو. هن کين پنج هزار ٻہ ڏنا ۽ چيو تہ شاديءَ لاءِ ضروري تياريون ڪري وٺن. هُنن ٻنا ڪنهن شڪ شبهي جي مٽس اعتبار ڪيو. حالانڪ سندس حالت (نشي واري ۽ پاڻيءَ ۾ شل) کين حيرت ۾ ضرور وڌو هو.

"اتان ٿي هو بندر تي آيو ۽ مائي راجائڻ جي پتڻ وٽ، بچاءَ پٽ تي پير هيٺ لڙڪائي، ويهي رهيو. اڌ رات گذري تائين هو ائين اُتي ويٺو وهندڙ درياه ڏانهن نهاريندو رهيو. پوئين پهر ٿڌي هوا گهُلي تہ هن جا خُمار لٿا ۽ هوش ۾ اچڻ لڳو. هو اُٿي شهر طرف آيو. گهنٽا گهر وٽ سانت جو راڄ هو. هو هڪ سستي رهائشي هوٽل جي ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويو. هڪ ڪمرو ورتي، چاٻي ڪٽي هو ٻي ماڙ تي چڙهي ويو. در کولي هو اندر گهريو. صدري لاهي ڪرسيءَ تي رکيائين ۽ ٽوپي کليءَ ۾ ٽنگي هن پکو کوليو ، پر کيس گرمي محسوس ٿي رهي هئي سو هن وڏي دري کولي ۽ پلنگ تي اهلي پيو. اچي چادر هيٺان مِيري گدلي گدي ۽ وهاڻي جي ٻوءِ کيس پنواڻي ڏيئي چڏي. هو ڇت ۾ گهوريندو ۽ ڪجهہ سوچيندو رهيو. هوريان هوريان سندس ڪپڙا سڪڻ لڳا هئا. پر ننڊ ڪانئس ڪوهين دور هئي. هن جي خيالن ۽ اکين ۾ رضيہ جي تصوير ڦري رهي هئي. هُن پاسا ورائي، ڏند ڪرٽي، چپ پيڪوڙي، رضيہ کي خيالن مان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪاميابي نہ پئي ٿيس. هن اکيون بند ڪيون پر رضيہ وري ٻہ اڳيان هيس.

پوءِ هن کي ڪنهن وقت گهيرٽ اچي ويو. اوچتو هن ڪا شئي پيرن تي چرندي محسوس ڪئي، "پڪ ڪو ڪوئو هندو!" هو چرڪ پري اٿيو ۽ پلنگ تان لهي بيٺو. بٽڻ هيٺ ڪري بتي ٻاريائين پر ڪجهہ نظر نہ آيس. هن چادر ڪٽي ان کي چنبڪو ڏنو تہ ڪوئو گدي تي ڪري پيو. هن وهاڻو ڪٽي ڪُئي کي هڻڻ جي ڪئي تہ ڪوئو ٽپ ڏيئي وهاڻي تي چڙهي ويو، ۽ اتان ڊڪندو ڊڪندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ٻانهن تي چڙهي آيو. سندس ڪلهي تي پهچي ڪوئي اڳيان چنبا ڪٽي سندس منهن تي حملو ڪيو. هن کان منجهيل چيخ نڪري وئي، ۽ هو ننڊ مان جاڳي اٿي ويٺو.

ڪمرو تاريڪ هو. هو چنگهون هيٺ لڙڪائي پلنگ تي ويهي رهيو، "ڪهڙو نہ عجيب ۽ پوائتو خواب هو!" هن چپن ۾ چيو، "بهتر آ تہ رات جاڳي ڪاٽجي." هن فيصلو ڪيو. هو چادر ويڙهي پلنگ تي وهاڻي سان ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو. پوئين پهر جي ٿڌڙيءَ هوا وري مٿس غنودگي طاري ڪري ڇڏي. هن چنگهيون ڏگهيرڻ شروع ڪيون ۽ هوريان هوريان وري گهيرٽ اچي ويس......

وڏي آسُ صبح جي هير جي ٿڌڙائپ تي ڪيس جاڳ ٿي. سانت جو سمو هو. رڳو ٻٺريچ جي ڊرن مان زور سان ڪرنڊڙ پاڻيءَ جو آواز ٿي ٻڌجي رهيو هو، يا ڪڏهين ڪڏهين ڪو ٽانگو لنگهي پئي ويو.

"ڪلاڪ ڪن ۾ سوجهرو ٿي ويندو! وڏيڪ ترسڻ نہ گهرجي. ڪنهن باغ ۾ وڃڻ گهرجي ۽ حسين ۽ خوشبودار گلن جو ڪو ٻارو ان ڪم لاءِ منتخب ڪرڻ گهرجي. جتي پنن ۽ پنکڙين تي راتوڪي برسات ۽ صبح جي ماڪ جا ڦڙا هجن!"

هن اٿي صدري ۽ ٽوپي پاتي. در ٻيڪڙي ٻاهر نڪتو. سوڙهي ورانڍي ۾ هوٽل جي عملي جي ڪنهن فرد لاءِ واجهائڻ لڳو. تہ جيئن بل ادا ڪري وڃي. ڪجهہ اڳتي هلي هن هڪ ڪٻٽ جي اوٽ ۾ ڪنهن کي ويٺل ڏٺو. هن ويجهو ٿي ڏٺو تہ هڪ ننڍيءَ نينگر کي اتي ٻيٺل ڏٺائين. اِهو ڪو پنجن ڇهن سالن جي هئي. سپ ڪپڙا مينهن سبب آلا هئس. صديق وڏي پيار سان هن کان پڇا ڳاڇا شروع ڪئي. ڇوڪريءَ روئندي ۽ سڏڪا ڀريندي ٻڌايس تہ رات جو گهر ۾ هن کان شيشي جو گلاس ڀڄي پيو هو، جنهن تي ماٽس مارڻ لاءِ ڪڍ پيئي هيس، ۽ هوءَ ڀڄي اچي هتي لڪي هئي. صديق کي هن جي حالت تي رحم آيو. هو کيس ٻانهن ۾ کٽي پاڻ واري ڪمري ۾ آيو. هن کيس چادر ويڙهي، ۽ سندس ڪپڙا لاهي پکي هيٺان سڪڻا وڌا، ڇوڪر کي پلنگ تي ليٽڻ سان ئي ننڊ اچي وئي.

"مان ڇو هرويرو وقت وڃائي رهيو آهيان؟ مون کي هلڻ گهرجي!" هو اٿيو ۽ بتي وسائي ٻاهر نڪتو، در وٽ پهچي هو وري پٺتي موٽيو. هن ڇوڪريءَ لاءِ ڪجهہ پئسا اتي ڇڏڻ پئي چاهيا. هن بتي ٻاري ڇوڪريءَ جي منهن تان چادر هٽائي، اهو ڏسڻ لاءِ تہ جاڳيل هئي يا ستل. هوءَ گهري ننڊ ۾ هئي. گرمائش سندس رت جو دورو وڌائي ڇڏيو هو، ۽ سندس زرد ڳل سرخ ٿي ويا هئا. پر ان سرخيءَ ۾ ٻاراڻي مخصوص گلابي رنگت ۽ معصوميت نہ هئي. "شايد بخار جي ڳاڙهاڻ اٿس!" صديق سوچيو. پر هي ڇا! هوءَ هوريان پنهنجون اکيون کولي رهي هئي. پوريءَ ريت اکيون کولي هن صديق کي اک هنئين، جنهن ۾ ڪا بہ

ٻالپڻي واري شرارت يا حرڪت ۽ معصوميت ڪانہ هئي! هن جي گرم چپن تي ڪرمچي مرڪ اچي وئي ۽ هو اُٿي پلنگ تي ويهي رهي، ۽ هن ڏانهن اٿين نهارڻ لڳي، ڄڻ ڪيس سڏي پر ۾ ويهڻ جي دعوت ڏيندي هجي. هن جو چهرو هڪ جوان ۽ آواره ڇوڪريءَ جو ڏيک ڏئي رهيو هو. "هيتري عمر ۾ ايتري آوارگي ۽ بي حيائي؟" صديق ڪان رڙ نڪري وئي. ڇوڪري پلنگ تان اٿي، نخري سان لاڏندي لندي، ٻانهون کولي، صديق ڏانهن وڌي.

"حرامزادي! بي حيا!" صديق رڙ ڪئي ۽ هٿ کڻي ڇوڪريءَ تي اُلر ڪئي.

ان وقت هن جي اک کلي پئي. هو ساڳي ئي پلنگ تي ستو پيو هو. ۽ دريءَ مان ايندڙ صبح جو سُجهندو ڪمري کي روشن ڪري رهيو هو.

"سڄي رات اوجاڳي ۽ خوابن ۾ گذري وئي." هو تڪڙو پلنگ تان اٿيو. ان وقت ڇهه وڄي رهيا هئا. ٽوپي کِلي تان لاهي هن مٿي تي رکي ۽ صدري پائڻ لڳو. صدري پائيندي سندس هٿ روالور کي لڳي ويو. هن روالور ڪڍي، ڏسي، وري کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. بٽري کي سڏي هن ڪاغذ ٽڪر گهاريو. ان تي ڪجهه لکي هن اُها پرچي بہ کيسي ۾ وڌي. ڪمري مان نڪري هو هيٺ مئنيجر وٽ آيو. حساب چڪتو ڪري هو هيٺ رستي تي لهي آيو. رستي تي گپ، ترڪڻ ۽ پاٽيءَ جا دٻا هئا: هو هوريان هوريان سڙڪ وٺي هلڻ لڳو. سندس منزل مقصود بوٽ ڪلب وارو پارڪ هيو. رستي تي اچا آمدرفت جي ڇهل پهل ڪانہ شروع ٿي هئي. ڪڇ سرا ۽ پڪ سرا گهر بہ ڄڻ اڃا ستا پيا هئا. اڪيلائي ۽ اندر جي ارادي جي احساس سندس هڪ دفعو لونءَ ڪانداري ڇڏي. اٿين هلندي هلندي هو بندر ريلوي گڊس اسٽيشن جي حاطي جي پٽ وٽ اچي پهتو. گيٽ وٽ چپر هينان ريلوائي پوليس جو سنتري رائيفل ڪنيون بيٺو هو.

"واهه، واهه" هن سوچيو، "هيءَ جاءِ سڀني ۽ آئيڊيل آهي! باغ ۾ ڇو؟ هتي چڱو ٿيندو. هڪ سرڪاري شاهد جي روبرو!"

ان خيال تي هن کي مرڪ اچي ويئي. هو سڌو ان ڦاٽڪ طرف وڌيو. صديق ۽ سنتري هڪ ٻئي کي نهارڻ لڳا. آخر سپاهيءَ ئي شروعات ڪئي.

"ڪير آن؟ ڇا کپئي؟"

"ڪجهه بہ نہ!"

"هيڏي ڪا ڏي ٿو وڏندو اچين؟ اتي ئي بيهي رهہ! خبردار" سنتري رائيفل سڌي ڪئي.

"مان وڏي سفر تي ٿو وڃان!"

"هي گڊس اسٽيشن آهي، مين اسٽيشن نہ! ڪاڏي ويندين؟"

"پلي پار. جتي سڪون آهي، آرام آهي!" ايترو چئي صديق روالور ڪڍيو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن کي چميو.
"خبردار!" سنتري رائفل سان هن جو نشانو وٺندي چيو.
"دِچ نہ! رائفل هيٺ ڪر! شاهد هجج! جي ڪو پڇئي تہ چئجانس، هي پلي پار پئي ويو." هن روالور پنهنجي سجي لونڊڙيءَ تي رکيو.
"اهو ڇا هي؟ ڇا پيو ڪرين؟" سنتري هن ڏانهن ڊوڙيو.
صديق روالور جي گهوڙي کي ڇڪيو. سنتريءَ جي پڄڻ کان اڳ ئي هو پٽ تي ڪري پيو.

(٤)

ساڳي ئي ڏينهن، شام جو ستين بجي ڌاري سراج ماءُ ۽ پيڻ سان ملڻ لاءِ، تکو تکو، انهن جي جاءِ طرف وڃي رهيو هو. اڄ هن معاملي مُڪائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو. در ڪڙڪائڻ تي ماڻس اچي دروازو کوليو. خوشيءَ وچان هن جو وات ڦاٽي ويو. هن کي ڀاڪر وجهي اندر وٺي آئي. رضيہ ڏسڻ ۾ نہ پئي آئي.
"اچي وئين پٽ!" هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڳڙي پيا. "ڪاوڙجانءِ نہ! مان رئان ڪونہ ٿي. هي خوشيءَ جا ڳوڙها آهن. هيڙا برا حال ڇو ڪيا اٿئي؟ ڪپڙا تہ ڏس! شڪل تہ ڏس!"
"ڪالهہ مينهن ۾ ڪهميو ۽ رليو آهيان!" سراج وراڻيو:
"ٺيڪ آ! پٽ، ٺيڪ آ! مان وڏيڪ ڪجهہ نہ پڇندي ڪيندي مانءِ. مان تو کي غلط سمجهيو هو. هاڻي اسان کي خبر پئي آهي تہ تون منجهيل ۽ موڳو ڇو ٿو رهين. اسان کي رشيد تنهنجي دماغي حالت کان واقف ڪيو آهي. مان پاڻ بہ تنهنجا مضمون پڙهيا آهن. ڏاڍا اوچا خيال اٿئي. عام ماڻهو تو کي نہ سمجهي سگهندو. تون ضرور ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن نالو ڪيندين. اسان اجايو تو لاءِ پريشان پئي ٿياسين!"
"امان! رضيہ ڪاٿي ڇا؟"
"نہ پٽ، شهر ويئي آ! ڪجهہ وٺڻو هوس. آئي تہ تنهنجي ڳالهہ ڪندي مانس. ڏاڍو الڪو اٿس تنهنجو."
"امان، تون منهنجي لاءِ ڇا بہ ڀڏين، مون کي ڇا بہ ٿئي، پر ائين پيار ڪندي رهندئين ني؟" سراج جي ان اوچتي سوال ماڻس کي ڇرڪائي ڇڏيو.
"پٽ! خير ڳهہ چئين ڇا ٿو؟ ڪنهن کي مَجال آ، جو تو لاءِ ڪجهہ چئي! زبان نہ تارونءَ کان ڇڪي ڪڍانس!"
"مان اڄ تو کي خاطري ڏيارڻ آيو آهيان تہ تون هميشہ منهنجي پيار جو

مرڪز رهي آهين ۽ رهندين۽. مان تو کي سدائين ائين ئي چاهيندو رهندس. جي توهان جي سمجھ ۾ مون ڪان، توهان جي سار سنڀال لهڻ ۾ ڪا غفلت ٿي آهي، تہ ڪن ذهني مونجهارن ۽ معاملن جي ڪري ٿي اهي. ان کي پيار ۾ ڪَتر نہ سمجهجو."

فاطمہ هن کي ڳرانٽڙيون پائي هوريان هوريان سڏڪڻ لڳي.

"پٽ تو کي ٿيو ڇاهي؟" نيٺ فاطمہ ڪنڌ مٿي ڪري ڳالهايو. "پهريائين اسان سمجهندا هئاسين تہ بيماريءَ ۽ ڪمزوريءَ ڪري تون موڳو ۽ ملول ٿو رهين. پر هاڻي پڪ ٿي وئي آهي تہ ڪا ويڌن تو سان ٿي آهي. پيٺهين جي بہ اها راءِ آهي. سڄي رات ننڊ ۾ هوءَ تنهنجي باري ۾ دبرندي آهي. سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان، پر پلئہ ڪجھ بہ نہ پوندو اٿمہ. تو سان آهي ڪهڙي ويڌن؟ ٻڌائين ڇو نہ ٿو، بابلا؟"

"هان!"

"ٻڌو ٿئون ڪاڏي وڃڻ وارو آهين!"

"هون!"

"اسان کي نہ وٺي هلندين؟ هتي ڪنهن جي آسري ڇڏي ويندين؟ رضيہ بہ تو کان سواءِ نہ رهي سگهندي. سڀ ڪنا ڇو نہ هلون... پر وڃين ڪاڏي ٿو؟"

"چڱو امان! ڀلا هلان ٿو." سراج اٿي بيٺو.

"هاڻي ئي ويندين ڇا؟ ۽ اسان....؟"

"نہ! توهان رڳو مون لاءِ دعا ڪيو. شايد توهان جي دعا اگهامي وڃي!" هو وڌي هيٺ نوڙيو ۽ ماءُ جي پيرن تي هٿ رکيائين. ماٽس پنهي ٻنهي مٿي ڪيس، ۽ پيشانيءَ تان چمي ورتائينس.

"پٽ، اڄ تہ ڪاڏي نٿو وڃين نہ؟"

"نہ، امان! مان وري ايندس."

"ٻڌاءِ تہ ويندين ڪاڏي؟ ڪو پري پرديس ٿو وڃين ڇا؟"

"هاؤ ! تمام پري."

"ڇو؟ ڪا نوڪري ملي ٿي ڇا؟"

"نہ! توهان رڳو دعا ڪريو." هو تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري ويو.

شام صاف ۽ ڪليل هئي. صبح سان ئي آسمان ڪڪرن کان صاف صاف ٿي ويو هو. هو تڪو تڪو هلي رهيو هو. هن سانجهيءَ کان اڳ ئي سڀ ڪجھ ختم ڪرڻ پئي چاهيو. گهر جي ڏاڪڻ چڙهيو تہ دروازو ڪليل ڏٺائين. "ڪير ملڻ آيو هوندو؟" هن سوچيو. هن جي خيال ۾ قادر بخش جي تصوير ڦري آئي. هوٻاندر گهريو. اُت رضيہ سنڌس اوسيئڙي ۾ ويٺي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”منجهند لاڪر زرينہ وٽ تنهنجو انتظار پئي ڪيم. سمجهيوسين پئي تہ اتي ايندين.“ رضيہ چيو.

سراج پاڻ کي کٽ تي اڇلايو، ۽ ڇنگهان ڏگهيري اهلي پيو. ”ادي! ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان!“

”رات بہ تہ هت ڪونہ هئين!“ جنت پڇايو. ”هئين ڪٿي؟“

”الائي ڪٿي ڪٿي پنڪيو آهيان. رات کيل ختم ڪرڻ پئي چاهيم. ڪافي وقت درياهہ تي هوس...... پر دل نہ پڇي سگهيم. ان لاءِ همت درڪار هئي، جا مون وٽ ڪانہ هئي.“

”خدا جو شڪر آ! اسان کي پاڻ اهي پروڻ پئي پيا. تنهن جي معنيٰ تہ اڃا زندگيءَ ۾ ايمان اٿئي؟“

”زندگيءَ ۾ ايمان ۽ اعتماد لوڏي ۾ آهن. هاڻي هاڻي امان وٽان روئي اٿي آيو آهيان. ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچيم. رضيہ. ڪجهہ بہ نہ!“

”امان ڏي ويو هئين!؟ ان کي بہ سڀ پڇايئي ڇا؟“ رضيہ حيرت مان پڇيس.

”نہ! مون تہ کيس ڪجهہ نہ پڇايو آهي. پر تنهنجي تنبڊ ۾ ڳالهائڻ کيس ڪجهہ سمڪ ڏني آهي. ڏاڍو خوش ٿي. مون کي وٽس اڳ ۾ ئي وڃڻ گهربو هيو! ڪيڏو نہ ڪنور آهيان مان، رضيہ! ۽ قابل نفرت!“

”ها، سڀ ڪجهہ، پر ان هوندي بہ اڏول، ضدي ۽ هر پيڙا سهڻ لاءِ تيار! ايئن نہ؟“

”هاؤ! ان پيڙا کان بچڻ لاءِ مان اڄ درياهہ ۾ ٽپو ڏئي، پنهنجو انت آڻڻ پئي چاهيو. پر جڏهين وهندڙ پاڻيءَ تي نظر پيم تہ پنهنجي بي همتي ۽ بزدلي تي ڪاوڙ آيم. همت ۽ جرأت موٽي آيم. ڇيم منهن ڏيڻ ۾ ئي مڙسي ۽ مردانگي آهي، ۽ مان موٽي آيم. رضيہ، موٽي آيم!“ ڪوڙاڻ ڳاڏڙ مرڪ سان هن چيو.

جهٽ لاءِ هو ٻئي خاموش ويٺا رهيا. سراج جي اکين ۾ اڌنبر ۽ انا واري چمڪ هئي. پيڻ کي سوچ ۾ ڏسي وري بہ هن ئي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”تون سمجهندي هوندين تہ مان موت کان يا ٻڏڻ کان ڊڄي موٽي آيو هوندس.“ هو اٿي ڇنگهان لٽڪائي ويٺو.

”نہ! ادا نہ!“ رضيہ بي صبريءَ وچان رڙ ڪئي. وري بہ ٽي منٽ ماٺ تي ويٺي.

”ڪافي دير ٿي وئي آ! اوندهہ ٿيڻ لڳي آ. رضي اٿي! ٻتي تہ ٻار! اڄ مان پاڻ وٽي پيش ٿو پوان. اهو ناٽڪ ختم ٿيڻ گهرجي... پر سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ايئن ڇو ٿو ڪريان!“ سراج کٽ تان اٿندي چيو.

رضيہ جي اندر مان ٿڌو ساهہ نڪتو، ۽ ٻہ ڳوڙها ڳڙي اچي پنبڙين تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٽڪي پيس.
”روئين ٿي، ادي؟ ڪلي نہ موڪلائيندينءَ؟“
هن پنهنجون ٻانهون سراج جي ڪنڌ ۾ وجهي ڇڏيون.
”پنهنجي ڏوھ جو قصاص تہ ذهني پيڙا ۽ ضمير جي ملامت ۾ ئي ادا ڪري ڇڏيئي!“ رضيہ رئڻ روڪيندي چيو.
”ڏوھ! ڇا جو ڏوھ؟“ سراج جوش ۾ رڙ ڪئي، ”هڪ هچا ۽ پسونءَ ڪي مارڻ ڏوھ آهي؟ وياج خور، نڪمي ۽ سماج تي بار نما ماڻهوءَ کي مارڻ ڏوھ آهي؟ انسان ۽ سماج جي دشمن کي مارڻ تہ سؤ گناهن جي ڪفاري ادا ڪرڻ برابر آهي. هو چور هو. انساني خون تي سندس گذر هو! مان ان کي ڏوھ نٿو سمجهان. نہ ئي ان جو قصاص يا ڪفارو ادا ڪرڻ ٿو چاهيان. هي سڀ ڪجھ، مان پنهنجي خلاف پيدا ٿيل نفرت ۽ ڌڪار، بدناموسيءَ ۽ بدخواهيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪري رهيو آهيان....... پيو تہ ان ۾ منهنجو فائدو بہ آهي ...... قادربخش جي مشوري پٽاندر!“
”ادا! ڇا ٿو چئين؟ انسان جي رت وهائي چئين ٿو تہ ڪجھ نہ ڪيم اٿم!“
”جيڪا هر ڪو وهائي ٿو، پيئي ٿو، ۽ ان تي پاڻ کي پالي ٿو!“ سراج وراڻيو، ”جيڪا وهي رهي آ، وهائي وئي آ، ۽ وهائي ويندي. ماڻهو اُها رت شراب وانگر پي رهيا آهن، وڪڻي اُن جو سودو ڪري شاهوڪار ۽ سرمايدار ٿي رهيا آهن. پر ان جي باوجود مخير، انسان دوست، غريب پرور ۽ انسان ذات جا هڏ ڏوکي سڏجي رهيا آهن. تون رڳو ٿورو پاڻ کان ٻاهر نڪري سوچ! جذباتي ۽ تصوراتي دنيا مان نڪري، حقيقت جي دنيا ۾ اچي، ان تي خيال ڪر! مان تہ پاڻ انسان ذات جو ڀلو پئي ڪرڻ چاهيو........... ۽ هن مهل تائين ڪيترائي انساني ڀلائيءَ ۽ ٻهبود جا ڪم ڪري بہ ڇڏيان ها، پر ڏک اِهو اٿم تہ پهرينءَ وک تي ئي ٿيڙ ڪائي ويٺم. جي نہ ٿڙان ها تہ شان شوڪت ۽ نانءُ ناموس قدم چمن ها. پر هاڻي ...... خير!“
”پر ائين ناهي! ادا ائين ناهي! تون غلط ٿو سوچين!“
”چڱو ادي! جي ڀليل آهيان، تہ ڀڪيل پاءُ کي بخش ڪٽي! هينئر بحث ڪرڻ مان نہ ڪجھ ورڻو آهي، ۽ نہ ئي ڪا ان لاءِ مهل ۽ موقعو ئي آهي. هينئر وقت پرجي چڪو آهي. مان هلان ٿو. منهن جي پنيان نہ لڳج. مون کي اجا هڪ ٻن هنڌن تي وڃڻو آهي. تون سڌو امان وٽ وڃ! هوءَ اڪيلي اوسيئڙي ۾ هوندي. سندس پاسو نہ ڇڏج. اها منهنجي آخري خواهش اٿي. ڪو صدمو نہ رسڻ ڏجانس. منهنجي لاءِ روڄ راوڙ نہ ڪجو. مان ڪنهن انساني ۽ اتم آدرش لاءِ سڀ ڪجھ ڪيو ۽ سهي رهيو آهيان. ان جو ڦل اوس ملندم. چڱو في الحال موڪلاڻي!“
پوين الوداعي جملن تي رضيہ جي اکين ۾ عجيب بيپتا ڏسي هن وري چيو، ”اڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چري! روئين ڇو ٿي؟ ڪو هميشه لاءِ ٿورو ئي ٿو موڪلايانءِ! ها، ترس! هڪ ڳالهه وسري ويئي!"

هو وڏي ٽيبل طرف وڌيو. اتان هڪ ٿلهو ڪتاب ڪڍي کولي ان مان هڪ فوٽو ڪڍيائين. ڪا مهل اُن کي چتائي ڏسڻ بعد رضيه کي ڏيندي چيائين، "سيٺ هاشم، جاءِ جي مالڪ، جي ڌيءَ جو فوٽو آهي. ويچاري بيماريءَ ۾ مري ويئي، نه ته تنهنجي ڀاڄائي هجي ها. مرحيات سان خيالن جي سنئي ڏي وٺ ٿيندي هئي. تو جيان اختلاف به ڪندي هئي، پر ڪڏهين ڪڏهين، منهنجو ڪو راز هن لاءِ راز نه هو .... ڇگو جو اڄ جيئري نه آهي! نه ته جيترو چاهيندي هئي، ته جيڪر چري ٿي پوي ها!"

آخر هو ٻئي هيٺ لٿا. رضيه عجيب الجهن ۾ هئي. پر آخر ڀاءُ جو امر حاوي پئجي ويس ۽ پنهنجي گهر طرف هلڻ لڳي. پنجاهه سٺ وکون ڪٽي، بيني ۽ پنتي نهاريائين. رستي جي آخري ڇيڙي تي بيٺو سراج ڏانهنس نهاري رهيو هو. نظرن ملڻ ڪان پوءِ هٿ سان الوداع چئي، سراج رستي تان مڙي هن جي اکين کان اوجهل ٿي ويو.

"ڪيترو نه ڪٺور ۽ مطلبي آهيان؟" سراج هلندي سوچيو، "هنن جو به خيال نه ڪيم. هنن جو مون ڪان پوءِ ڪير آهي؟ پر هو مون کي ايڏو ڇو ٿيون چاهين؟ سڀ ڪجهه چاڙهندي به مون ۾ ساهه ڇو اٿن؟ ڇا مان سندن پيار جي لائق آهيان؟ ڪاش مان دنيا ۾ اڪيلو هجان ها! ڪي به، يا ڪن جون به، ذميداريون ۽ جوابداريون نه هجن ها! پويان ڪو روئڻ پٽڻ وارو نه هجي ها! پر هاڻي سوچڻ سان ڇا ٿيندو؟ ڪهڙ ۾ ڪهڙ جنم ٽيپ! ويهه سال! ويهن سالن ڪان پوءِ مان سندن ڇا خدمت ڪري سگهندس؟ ان عرصي ۾ الائي ڇاڇا ٿي وڃي! سماج ۾ پوءِ ڪهڙي حيثيت رهندم؟ ...... هي مون کي جيل ڇو ٿا موڪلڻ چاهين؟ ڇا پاڻ ڏوهي ناهن؟ فرشتا آهن؟ ڪير انساني رت جو پياسي نه آهي! پوءِ رڳو مان ڇو لوڙيان؟ ويهن سالن جو عرصو ته ختم ڪري ڇڏيندو! جوش، جذبو، جواني، همت ۽ جرأت سڀ ختم ٿي ويندا. پوءِ جيئڻ ڪهڙي ڪم جو؟ پوءِ، باقي، اوڏانهن ڇو ٿو وڃان؟ پوين سوال هن جي ذهن ۾ صبح لاڪر ڪو سؤ ڏيڍ سؤ ڀيرا آيو هو. پر ان هوندي به هو، بي خود ٿيو، اوڏانهن وڌي رهيو هو.

(٨)

جڏهين هو زرينه جي ڪمري ۾ داخل ٿيو، ته ان وقت رات لهي چڪي هئي. زرينه ڪافي وقت ڪان سندس انتظار پئي ڪيو. رضيه به ونس ويهي ويهي ٿڪجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿي ويٺي هئي. رضيہ کي صديق جا اُهي لفظ ياد هيا تہ زرينہ بہ سراج جي راز کان واقف هئي. هُنن پاڻ ۾ ڇا ڳالهايو، ڪهڙا حال احوال اوريا، ۽ آخر ڪيئن ڪُوڙها ڳاڙي سڏڪن ۾ هڪ ٻئي کان موڪلايائون، ان جو تفصيل ڏيڻ ڪو ضروري نہ آهي. پر ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ موڪلاڻي وقت رضيہ جي دل ۾، زرينہ لاءِ، بي انتها پيار ۽ عقيدت جا جذبا پيريل هئا.

رضيہ جي هلئي وڃڻ پڇاڙان زرينہ کي اهو خيال بار بار ستائي رهيو هو، تہ متان سراج خودڪشي نہ ڪري. هن جي ڪنن ۾ صديق جا اهي لفظ اڃا ٻُري رهيا هئا تہ "سراج لاءِ رڳو ٻہ رستا وڃي بچيا آهن. آپگهات يا جيل!" هوءَ سراج جي طبيعت ۽ ذهني لاڙن مان بہ واقف هئي. انهن پروئن ۾ پريشان هوءَ اٿي دريءَ وٽ ويٺي ۽ ٻاهر نهارڻ لڳي. سج لهي رهيو هو. هوءَ ڪافي وقت خيالن ۽ ويچارن ۾ گم سم اتي ويٺي رهي. اهوئي سوچي رهي هئي تہ ڇا سراج خودڪشي ڪري سگهي ٿو؛ ۽ ان وقت سراج سندس ڪمري ۾ داخل ٿيو هو. خوشيءَ وچان هن جي رڙ نڪري وئي هئي.

"مان تو وٽ ان لاءِ آيو آهيان تہ موڪلايانءِ بہ ۽ دُعا بہ گهرايانءِ!" سراج مرڪي چيو، "تون چوندي آهين نہ تہ دعا سان دک درد دور ٿيندا آهن!"

زرينہ اچرج وچان هن ڏانهن نهارڻ لڳي. هن جا لفظ ۽ لهجو ڪيس اوپرا لڳي رهيا هئا. هن زرينہ جي نظرن کان پاڻ بچائيندي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، "ڏس زرينہ! مون فيصلو ڪيو آهي تہ کيل ختم ٿيڻ گهرجي. ان ۾ ئي بهتري آهي. هڪ ڳالهہ البت ڏکي لڳيم ٿي تہ پڇندي ئي سوالن جي بارش شروع ٿي ويندي! پر مان قادربخش وٽ نہ ويندس. هن کان تہ پڻ تو ٿيئم. سڏو ٿاٽي تي وڃي پيش ٿو پوان ۽ ڏوهہ باسيان. مون لاءِ دعا گهرندينءَ ني؟"

زرينہ چپ چاپ وڏي پٽ ۾ لڳل الماڙيءَ تائين ويئي. تاڪ کولي هن ڪجهہ ڪڍيو ۽ سراج ڏي آئي. سندس هٿ ۾ هڪ تعويذ هو. هن تعويذ سراج جي ڏوري ۾ ٻڌو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهي، ڄڻ بارگاه ايزديءَ آڏو سرنمايون بيٺي هجي.

"ٺيڪ! ٺيڪ!" سراج تعويذ کي هٿ سان ڇهندي چيو، "ٺهيو، اهو ڪم بہ ٿي ويو. ٻڌ! مان توکي چوڻ آيو هوس تہ .... تہ ...... الائي جي ڇا! ياد ئي نٿو اچيم. پر تون روئين ڇو ٿي؟ تنهنجي صلاح سان ئي تہ اهو ڪجهہ ڪري رهيو آهيان! اهو هرويرو جي بي سود روئڻ رڙڻ مون کي نہ وڻندو آهي!" سراج چيو تہ سهي، پر سندس دل بہ پرجي آئي. 'هوءَ ايترو اداس ۽ اُباڻ ڪي ڇو آهي؟' هن سوچيو، 'مان هن جو ڇا ٿيان؟ هوءَ مون لاءِ ائين ڇو ٿي سوچي ۽ محسوس ڪري؟'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪھڻ ۾ ڪھڻ، اڄ تہ، حياتيءَ ۾ هڪ دفعوئي، خدا آڏو سچيءَ دل سان ٻاڏاءِ!" زرينہ ڊچندي ڊچندي، جُھڪي ۽ پتل آواز ۾ چيو.

هو ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو. زرينہ آس ۽ نراس جي مليل جليل ڪيفيت سان هن ڏانهن نهاريندي رهي.

"چري! ڪنهن انهن خفن ۾ وڌو ٿي؟" سراج ورائيس، "اسان جي تہ دل ۾ دوست جا ديرا هوندا آهن. باقي ٻاڏايون ڪنهن کي! تون چو صفا مليائي ٿي پئي آهين!"

زرينہ جي اداسي ۽ غمگيني هُن ڪان سٺي نہ ٿي ۽ هو ٻاهر دريءَ ڪان، خلا ۾ نهارڻ لڳو. اوچتو ڪڙ ڪي تي سندس سوچ ۽ خيال جو سلسلو ٽٽو. هن اندر ڪمري تي نظر ڪئي. زرينہ چمپل لاهي سينڊل پائي رهي هئي. هوءَ ٻاهر هلڻ لاءِ بلڪل تيار پئي نظر آئي.

"ڇا هي مَن؟ ڪاڏي سنيري آهين؟ تون اتي ئي ترس! مان اڪيلو ويندس. تي سگھي ٿو تنهنجي موجودگي يا سنگت منهنجي خيال کي متائي ڇڏي. هونءَ بہ تنهنجو هلڻ فضول ئي تہ ٿيندو!" ۽ هو هُن کي ڪمري جي وچ ۾ خيالن ۾ غرق ڇڏي، تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي ويو.

'ڇا مان نيڪ ڪري رهيو آهيان؟ مون کي ائين ڪرڻ گهرجي؟ يا...... يا' هيٺ لهڻ سان ئي سندس دماغ ۾ سوال ايرڻ لڳا. پر هو هلندو رهيو. ڪنڌ جي لوڏ سان هن انهن خيالن کي اجايو ۽ بيسود سمجهي ذهن مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهين هو گھٽيءَ مان نڪتو تہ هن کي ياد آيو تہ زرينہ ڪان موڪلايوئي ڪونہ هيائين، ۽ هو جهٽ لاءِ بيهي رهيو. ٿورو ترسي وري وڌيو. 'مان هن ڏي ڇا لاءِ ويو هوس؟ هن کي ان ارادي بدائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ ڇا مون کي سچ پچ هن ڪان تعويذ وٺڻو هو؟ انهن ۾ منهنجو ويساه آهي؟ يا مون رکو هن کي رئارڻ پئي چاهيو؟ يا ڪنهن دل ڪهرئي دلبر ۽ پرين پيار واري جو آخري بار منهن ڏسڻ ۽ آٿت وٺڻ پئي چاهيم؟' اهي سوال ۽ خيال ئي دڳ ۾ هن جي دماغ ۾ ايندا رهيا.

•هو بي خيالو، پنهنجي ڌن ۾ رستي تان هلندو مارڪيٽ طرف وڌڻ لڳو. اوچتو هن پنهنجي ڪلهي تي ڪنهنجو هٿ محسوس ڪيو. ڪنڌ ڦيري ڏٺائين تہ هڪ فقيراڻي، ٻن ننڍڙن ٻارن سان، خيرات لاءِ سندس آڏو هٿ ڊگهيريو بيٺي هئي. هن کيسي ۾ هٿ وڌو ۽ جو ڪجھ هوس، هڪ پائلي، ٻہ ڏھ پيسيون ۽ هڪ ٻہ پيسي، ڪڍي فقيرياڻيءَ جي تري تي رکيائين.

هو مارڪيٽ ۾ گهريو. سبزي ۽ فروٽ وارا دڪان بندي رهيا هئا. دلال ۽ پلاوٽا هڪ ٿلهي تي ويٺا سرڪاري بتيءَ هيٺان چرنڙ ڪري رهيا هئا. جهٽ هو

اُنهن جي راند ڏسندو رهيو؛ هو وري ٻاهر نڪرڻ لاءِ ٿلهي تان هيٺ لٿو. ان وقت هن کي زرينہ جا جملا ياد اچي ويا: ”وچ رستي تي بيهي انسان آڏو جهڪ. ڌرتي ماتا کي چم، جو جو تو انهن جو ڏوهہ ڪيو آهي، ۽ وڏي واڪ بيهي چئو تہ مان خوني آهيان! مان خوني آهيان!“ اهو ياد ڪري هو ڏڪي ويو. هن جي دل تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويئي. اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيس.

هن جهڪي آڱريون مٽيءَ مان پري هٽ چميو ۽ مِٽي مٿي کي لاتي. وري ٻيهر اهو عمل ورجاياتين.

”پيتل ٿو لڳي!“ پر ۾ بيٺل ڪنهن شخص چيو، ۽ ٽهڪڙو پئجي ويو.

”چڱو پلو ڏسٽو وائسٽو پيو لڳي!“ ٻئي چيو.

”دنيا جي صدمن شايد دماغ خراب ڪري ڇڏيو اٿس.“ ٽئين چيو.

”ڪم تہ چرين وارا اٿس!“

انهن راين ۽ ٽوڪن سراج کي منجهائي سندس سوچ جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو، ۽ اهي لفظ تہ ”مان خوني آهيان!“ سندس چپن تي پهچي گم ٿي ويا. هو تڪڙو تڪڙو مارڪيٽ جي اولاهين دروازي کان ٻاهر نڪتو ۽ فوجداريءَ طرف وڌڻ لڳو. دروازي کان ٻاهر نڪري هن ڪنڌ ورائي پٺتي ڏٺو ۽ عجب ۾ پئجي ويو.

ويهن ٽيهن وکن تي زرينہ سندس پويان هلندي پئي آئي. سراج کي ائين پوٽنا ايندو ڏسي، زرينہ هڪ ڪئبن پويان پاڻ لڪائڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي. هوءَ تہ سندس ان راهہ تي بہ ساڻ ڏئي رهي هئي! هُن کي پڪ ۽ دلجاءِ ٿي تہ زرينہ ساڻس آخري دم تائين، ۽ سفر جي آخري ڇيڙي تائين سندس ساڻ ڏيندي .... پر هو تہ آخري ڇيڙي تي پهچي چڪو هو!

هو فوجداري ۾ اندر گهريو. ٿاڻيدار جي آفيس ٻاهران پهچي هو هبڪي بيهي رهيو. آخر دل پڪي ڪري هو اندر داخل ٿيو. اردلي ميز صاف ڪري رهيو هيو. باقي ٻي ڪا پهر ڪانہ هئي.

”ڪوئي ڪونهي ڇا؟“ هن اردليءَ کان پڇيو.

”توهان جو ڪنهن ۾ ڪم آ ؟“ اردليءَ موٽ ۾ پڇيس.

”اسان حاضر آهيون سائين! چئو خير تہ آهي نہ؟“ سراج ڇاتل سڄاتل آواز ٻڌي ڇرڪي ويو. سندس سامهون قادر بيٺو هو جو پر واري ڪمري مان آفيس ۾ گهريو هو. ”تقدير بہ اهو ٿي چاهي!“ سراج سوچيو، ”نہ تہ هي هن مهل هتي ڪيئن اچي پر گهڙ ٿيو؟“

”چئو، ادا! ڪيئن اچڻ ٿيو؟“ قادر سوال دهرايو.

”ايئن ئي .... حليم کي پئي ڳوليم. سوچيم متان هت ملي وڃي.“ سراج هبڪندي چيو.

”هتي تہ ڪونهي. ڪٿي لڪو ويٺو امتحان جون تياريون ڪندو هوندو. بي-اي ڪا سولي سمجهي اٿائين جو هفتو موڪل وٺي، پڙهي، پاس ٿي ويندو! رشيد سان ٿو ريس ڪري. پر دماغ بہ تہ رشيد جهڙو هجيس ني! مان نٿو سمجهان تہ پاس ٿيندو! پر جي ٿيو بہ تہ ڇا؟ تعليم نہ، پر زندگيءَ جا آدرش ۽ اصول ئي ماڻهوءَ کي ماڻهو بڻائيندا آهن! نہ؟ نہ تہ ماڻهو جهڙو حيوان! نہ جيئڻ سَڦل نہ مرڻ! پوءِ زندگيءَ مان تنگ ٿي وڃيو خودڪشي ڪن. اڄ بہ هڪ اهڙو ڪيس ٿيو آهي. ڪنهن ڏسٽي واڻسٽي شخص آپگهات ڪيو آهي. نالو بہ چڱو هوس. وسريو پيو وڃيم. ڇا نالو هوس ڪريمداد؟“ هن اردليءَ کان پڇيو.

”صديق! وڏيرو صديق!“

”صديق! صديق خودڪشي ڪئي؟“ سراج رڙ ڪئي.

”سڃاڻينس ڇا؟“

”ها! هو تازو سکر آيو هو.“

”ها بلڪل اهو! زال بہ تازي تازي مُئي هيس. پاڻ کي پنهنجي روالور سان گولي هڻي ماري ڇڏيائين. سندس ڪيسي مان هڪ چٺي نڪتي آهي، جنهن ۾ هن پاڻ کي مارڻ جو بار پاڻ تي کنيون آهي ...... تون ڪيئن سڃاڻينس؟“

”منهنجو ڳوٺائي آ.“ سراج چيو.

”تون تہ اسان کي هن ڪيس ۾ چڱي مدد ڏئي سگهندين. مان پاڻ هت ان سلسلي ۾ سٽي انسپيڪٽر سان ملڻ آيو هوس.“ سراج ائين محسوس ڪيو ڄڻ ڪا ڇپ مٿان ڪري هجيس ۽ ان جي بار کان زمين ۾ اندر دبجندو ويندو هجي.

”ڇا ٿو ٿئيئي؟ وري مونجھ ٿي تئي ڇا؟“ قادر ڪرسيءَ تي ويهندي پڇيس.

”ها! طبيعت اجا نيڪ نہ ٿي اٿم. مان پلا هلان ٿو. تڪليف معاف ڪجو!“

”نہ نہ! ان ۾ تڪليف جو ڪهڙو سوال آهي. ڪهڻن ڏينهن کان پوءِ مليو آهين. ڪهڙي تہ ترس! تڪڙ ڪهڙي ٿي؟“ قادر چيس.

”نہ! ننڊ پئي اچيم“ سراج وراڻيو ۽ ڪوڙي اوٻاسي ڏني.

هو ٻاهر نڪري آيو. سندس مٿو ڦري رهيو هو ۽ ذهن الجهن ۾ هو. سمجهي نہ پئي سگهيو تہ ڇا ڪري. فوجداريءَ مان نڪري هو ٻاهر در وٽ لڳل بجليءَ جي ٿنڀي کي ٽيڪ ڏئي، هٽ نراڙ تي رکي بيهي رهيو. جهٽ کان پوءِ هن منهن مٿي ڪري سامهون نهاريو. زرينہ رستي جي هن پر مسجد جي ڏاڪڻ وٽ بيٺي هن ڏانهن نهاري رهي هئي. هو ڪا جهٽ زرينہ ڏانهن نهاريندو رهيو. سندس اداس ۽ التجا ڀريل اکين جو تاب نہ جهلي، هو مڙي تڪڙو تڪڙو وري فوجداريءَ ۾ گهريو ۽ صوبيدار جي آفيس ۾ هليو ويو. اتي قادربخش اڪيلو ويٺو ڪي ڪاغذ ڏسي رهيو هو.

”هلو! وري چو موٽي آئين؟ ڪجهه وسري ويئي ڇا؟“
سراج جا چپ خشڪ ٿي ويا هئا. هو چپ چاپ وڏي ميز جي پرسان آيو. ان تي هٿ جون تريون رکي اڳيان جُهڪي بيٺو. ڳالهائڻ جي ڪيائين، پر چپ نه چريس. ”تنهنجي طبيعت شايد اجا ٺيڪ نه آهي. ڪرسيءَ تي ڇو نٿو ويهين؟ اڙي اردلي! صاحب لاءِ ڪا بوتل ته وٺي آءُ!“
سراج پاڻ کي ڪرسيءَ تي ڦٽو ڪيو. هن جون اکيون قادر جي اکين سان مليون، جن ۾ عجيب شرارت واري چمڪ هئي. ٻئي منٽ ڏيڍ هڪ ٻئي ڏي ڏسندا رهيا. ٻاهران اردلي بوتل کڻي آيو.
”مان ...... مان ......“ سراج زبان چپن تي ڦيري.
”ڏڌو پيءُ ته مونجهه ختم ٿي ويندئي.“ قادر چيو ۽ اردليءَ بوتل ڏانهنس ڏائي.
سراج هٿ جي اشاري سان اردليءَ کي بوتل موٽائڻ لاءِ چيو، ۽ آهستي پگهل لفظن ۾ جهيڻي آواز سان چيو:
”مان ٻڌي وياج خور ۽ سندس پاءُ جو خون ڪيو آهي.“ هن ڪرسي تي ٽيڪ ڏئي اکيون ٻوٽي ڇڏيون، ۽ ڊگهو ٿڌو ساهه پريائين. ڄڻ وڏا گردغبار دل تان لهي ويا هيس.
قادربخش هلڪو ٽهڪ ڏنو. سراج اردليءَ کي وڏي منشيءَ کي سڏي اچڻ لاءِ چيو. رائيٽر هيڊ ڪانسٽيبل پنو پينسل کڻي اچي ميز تي ويٺو ته سراج پنهنجي باس تفصيل سان لکرائڻ شروع ڪئي.

پڇاڙي

سکر بئريج جي کهي ڪپ تي ابل واه ۽ مير واه جي وچ ۾ هيءَ وڏي، اوچيءَ پٽ واري عمارت سکر جو مشهور سينٽرل جيل آهي. جيل جي سامهون ئي ابل واه جي سڄي ۽ کهي ڪپ سان جيل جي عملي لاءِ هڪ رهائشي ڪالوني آهي. سڄي ڪپ تي آفيسرن جا بنگلا ۽ ڪوارٽر آهن ۽ کهي ڪپ تي سپاهه جا ڪوارٽر. ان جيل ۾ ئي سراج پنهنجي سزا ڪاٽي رهيو هو. هن کي جيل ۾ آئي ڏهه مهينا ڪن ٿيا هئا.

هن جي ڪيس جي اُڪلاءَ ڏنل يا نبيري ۾ ڪابہ ڏکيائي يا رولو نہ ٿيو. هن ڪورٽ ۾ ڪوبہ بچاءُ نہ ورتو. سائڪيوٽي مئجسٽريٽ وٽ ڏنل باس وارو بيان ذرو پرزو سارو سيشن ڪورٽ ۾ بہ ڏنو. هن جي ذهن ۾ ڪيئن اهو خيال آيو. ڪهڙي ذهني ڪيفيت ۽ حالت ۾ هن اهو ڪم ڪيو، هن اهو عمل ڪيئن ڪيو؟ گهران نڪرڻ کان وٺي دادو ڪئنال وٽ ملڪيت لڪائڻ تائين، هن سموري حقيقت اظهار ۾ بڌائي. ان سڄيءَ باس ۽ ٻيءَ شاهديءَ ۽ ثابتيءَ جي آڌار تي، مشيرن (Assessors) جي راءِ بہ اها هئي تہ سراج اهو ڏوهہ عارضي ذهني بدحاليءَ گمراهيءَ جي اثر هيٺ ڪيو هو. هن جي وڪيل بہ بچاءَ جي اهائي لائين اختيار ڪئي هئي تہ ڏوهہ وقت هو عارضي طرح ماليخوليا جو مريض هو. ان سان گڏ شاهدن ڊاڪٽر انور رشيد، سيٺ هاشم يا سندس نوڪرياڻيءَ جنت جا بيان بہ ان ڳالهہ ۽ راءِ جي تائيد ڪري رهيا هئا تہ انهن ڏينهن ۾ هن جو ذهنُ سچ پچ مفلوج هو. ان ڪانسواءِ هن جي رضاڪاراڻي باس، جا ان وقت ڏني وئي جڏهين هڪ ٻي ڏوهي مجبور ٿي پاڻ تي ڏوهہ آڻي رهيو هو، ڪورٽ کي سزا ڏيڻ ۾ نرم رويي اختيار ڪرڻ تي آماده ڪيو. انهن ثابتين ۽ شاهدين جي آڌار تي ڪورٽ هن کي ڏهہ سال سخت پورهئي سان سزا ڏني هئي.

ڪيس جي شروعاتي ڏينهن ۾ ئي سراج جي ماءُ بيمار ٿي پيئي هئي. ان پڄُ کان تہ متان ڪيس ڪٿان پتو پئجي وڃي تہ پنهنس سان ڇا پئي وهيو واپريو، رضيہ فاطمہ کي سکر کان چار پنج ميل پري رشيد جي ڳوٺ ڪٺائي وئي. فتويٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري ڏينهن جڏهين رضيہ ۽ رشيد ڳوٺ موٽيا تہ فاطمہ جي طبيعت خراب ٿي چڪي هئي. هڪ من گهڙت ڳالھ ڪري رشيد ۽ رضيہ فاطمہ کي دلجاءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن ڪيس ٻڌايو هو تہ سراج ڪنهن شغل ۽ ڪاروبار جي سلسلي ۾ ڪراچيءَ ويل هو، جتي هن کي زندگي ناهڻ جا گهڻا موقعا ملي پئي سگهيا. پر هنن کي عجب لڳو تہ نہ ان ڏينهن، ۽ نہ ئي وري ان ڪانپوءِ ڪڏهين، فاطمہ ڪانئس سراج بابت پڇا ڳاڇا ڪئي هئي. هوءَ ڪين جيڪو سو ٻڌائيندي هئي تہ ڪن دشمنن جي پٺ ڪان سراج روپوش ٿي ويو هو، ۽ ڪڏهين نہ ڪڏهين ماءُ سان ملڻ اوس اچڻو هو، ڇو جو موڪلائڻ ويل هو ماءُ سان اهڙو وعدو ڪري ويو هو. هوءَ ڪين پٽ جي ذهانت ۽ شاندار مستقبل ڪان آگاه ڪندي هئي. هوءَ اڪثر رسالن مان چونڊي چونڊي سراج جا مضمون وريو وريو پئي پڙهندي هئي. رضيہ سمجهي چڪي هئي تہ ماڻس کي ڪٿان ڪا حقيقت جي ڪڙڪ پئجي ويئي هئي، ۽ هوءَ صدمو نہ سهي، ڪجھ دماغي توازن وڃائي ويئي هئي.

باس ڪان پوءِ پنج مهينا ڪيس جي ڪارروائي هلندي رهي. ان عرصي دوران سراج حوالاتي طور يا ڪچي قيديءَ جي حيثيت ۾ ڊسٽرڪٽ جيل جي حوالات ۾ هو. آخري پيرو جڏهين رضيہ ۽ رشيد هن سان اُت ملاقات ڪرڻ ويا تہ هنن ڪيس پنهنجي سڪ ۽ ساڻ جو يقين ڏياريو ۽ ٻڌايو تہ هو سندس پيڪ ۾ ئي ڪٽي رهندا تہ جيئن هو دوري محسوس نہ ڪري. رضيہ ارادو ڪيو هو تہ هوءَ جيل ڪالونيءَ جي اسڪول ۾ ماستري ڪري، ڀاءُ جي ويجهو رهڻ جي ڪوشش ڪندي.

زرينہ هن جو جيل تائين بہ ساڻ ڏنو. ڀاءُ ۽ ڀينرن کي يتيم خاني ۽ دارالامان ۾ داخل ڪرائي، هن اچي جيل جي سپرنٽينڊنٽ جي بنگلي تي خانگي نوڪري هٿ ڪئي، ۽ مستقبل جي سونهري سپنن جي آسري تي زندگي گهارڻ لڳي.

فتويٰ ڪان پوءِ، ٻي مهيني ۾ ئي رشيد ۽ رضيہ جي شادي ٿي ويئي. رضيہ جو هن ۾ ايمان ۽ اعتماد پختو ٿي چڪو هو. رضيہ جانا جا مليل پئسا رشيد کي ڪاروبار ۾ ڪم آڻڻ لاءِ ڏنا. هنن جو ڪاروبار هلي پيو. هو شام جو مقامي ڪاليج ۾ تعليم بہ جاري رکندا آيا. ٻنهي جو فيصلو هو تہ جلد ڪان جلد هو بہ درياه ٽپي جيل ڪالونيءَ تائين پهچن. تيستائين هنن سڀ بار زرينہ تي رکيا.

شاديءَ ڪان پوءِ فاطمہ جي طبيعت وڌيڪ خراب ٿي ويئي. پڇاڙيءَ ۾ هن جو دماغ بالڪل جواب ڏئي بيٺو. هوءَ پنهنجي ليکي، آئي وئي ماڻهوءَ مال سان، پٿين ۽ ٻي جان شين سان پئي ڳالهيون ڪندي هئي- سراج بابت! مهينو سوا ان حالت ۾ رهي، آخر هوءَ بہ دنيا مان ڪوچ ڪري ويئي.

ڪيترو وقت سراج پنهنجي ماءُ جي موت جي خبر ڪان بي خبر رهيو. پيڻ

سان هن جي خط وڪتابت زرينہ معرفت هلندي رهندي هئي. پر ان خط و ڪتابت رشيد ۽ رضيہ ڪي دلجاءِ ۽ آٿت ڪانہ ٿي ڏني. مُنڊ ۾ زرينہ کين ٻڌايو هو تہ سراج اڪثر اداس ۽ ڳنڀير پئي رهيو. ايتري قدر جو ماءُ جي وفات جي خبر بہ سندس چهري جي پاؤنائن تي ڪو نمايان اثر نہ وڌو هو. هو مڙني قيدين کان الڳ سلڳ ۽ پري رهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پر سندس طبيعت ٺيڪ پئي رهي. زرينہ کين اهو بہ ٻڌايو تہ هُو سندس ملاقات تي بہ خفي ٿيندو هو. هوءَ اڪثر ساڻس، قيدين جي پارٽيءَ سان جيل کان ٻاهر باغ ۾ ڪم ڪرڻ وقت، ملندي هئي. آخر هڪ ڏينهن زرينہ کين خبر ڪئي تہ ان اڪيلائي، اداسيءَ ۽ اڻ تڻ سراج جي صحت تي اثر وجهڻ شروع ڪيو هو. هو لهڪائجي رهيو هو ۽ رت سڪندي پئي ويس. هڪ ڏينهن زرينہ رضيہ کي ٻڌيو تہ سراج بيمار ٿي جيل جي اسپتال ۾ داخل ٿي چڪو هو.

❖ ❖ ❖ ❖ ❖

هو ڪافي وقت بيمار رهيو. سندس بيماري يا اُن جي ڏيگهہ جو سبب، جيل جو پيؤ سخت پورهيو، اٿپوري خوراڪ وغيره نہ هو. انهن جي هن کي خير ڪا پرواهہ هئي. سخت پورهئي ۽ ڏينهن جي محنت مان تہ هو ڏاڍو خوش هو. ڇو جو ان سبب ٿڪجڻ ڪري، ڪيس رات جو ستت ۽ سٺي ننڊ اچي ويندي هئي. خوراڪ! گهر وري ڪهڙا ٻوڙ پلاءَ ڪائيندو هو. ٻاهر تہ لنگهڻ بہ ڪڏهن پوندا هيس. جيل ۾ بہ وقت ماني تہ ملي ويندي هيس. باقي سندس بيمار پوڻ جو سبب ڇا هو؟ هن جي اَنا، خوديءَ ۽ خيال کي جا چوٽ لڳي هئي، تنهن ئي هن کي بيمار ۽ پريشان ڪيو هو. جي هو ٿورو ڌيرج ڌري ها، ٺڏائپ ۽ تدبر کان ڪم وٺي ها، تہ هوند اڄ ڪهڙي نہ سڪي ۽ سيبتي زندگي گهاري ها! شرم ۽ بدناموسي هئا ڇا؟ هن دل ۾ سوچيو ۽ محسوس ڪيو تہ هڪ خطا اُن کان اهڙي سرزد ٿي هئي، جنهن جي ڪري هو هيءَ سيڪت ۽ جُٺ پوکي رهيو هو. اِها خطا اِها هئي تہ هن ڪيئن نہ تڪڙ ۽ هوترائپ ڪري باس جهڙي حماقت ڪئي هئي.

ان حماقت جي عيوض ڪيس اوسيئڙو، اڻ تڻ، آئيندي جي نراسائي ۽ اداسائي پلئہ پيون هيون. اڃا اٺ سال بنديخاني ۾ گهارڻا هئس. ان ڪانپوءِ ٻاهر نڪري هو پنجٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪيئن ڪري سگهندو؟ ڪنهن لاءِ جيئندو؟ ڇا لاءِ پاڻ پتوڙيندو؟ صرف هڪ جانور جيان جيئري رهڻ خاطر! رڳو جيئري رهڻ هن لاءِ ڪا بہ اهميت نہ پئي رکي. هن تہ ڪنهن مقصد ۽ مراد لاءِ جيئرو رهڻ پئي چاهيو. اِن زندگيءَ کان تہ جيڪر هو سڄيءَ عمر جي پڇتاءَ کي ترجيح ڏئي ها! پر هو پڇتائي ڇو ها؟ ڏوهہ تي؟ پر هن تہ ان کي ڏوهہ سمجهيو ئي نہ پئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"کهڙي لحاظ کان"، هن سوچيو. "منهنجي رتا انهن جي رتا کان گهٽ هئي، جي ازل کان دنيا کي ڦريندا لٽيندا پئي آيا؟ پوءِ منهنجو ڪم هنن کي اهڙو خراب ڇو ٿو نظر اچي؟ ڇاڪاڻ جو هنن جي نظر ۽ خيال ۾ اهو ڏوهه هيو؟ ڏوهه مان هنن جي مراد الائي جي ڇا آهي؟ منهنجي خيال ۾ ته اهو ڏوهه نه هيو! ائين بروبر آهي ته قانون جي نظر ۾ ڪٿي اهو ڏوهه هيو! پر اهو قانون به ته انهن ئي ٺاهيو آهي! مون هنن جو قانون برابر ٽوڙيو آهي. پوءِ مون کي سزا به ته قانون شڪنيءَ جي ملڻ گهربي هئي، نه ڪي خون جي! ۽ مون کان اڳ انهن کي سزا ملڻ گهربي هئي جي اهڙا قانون ٺاهي به انسانيت جو رت پي پلي رهيا آهن ۽ ان جي باوجود پاڻ کي انسانيت جو خير خواهه ۽ همدرد سڏائي رهيا آهن. پر اهي پنهنجي رتائن ۾، پنهنجي ڌن، اثر رسوخ، هلندي سرندي ۽ اقتدار ۽ طاقت سبب، ڪامياب وڃن ٿا، ان ڪري اُهي حق تي آهن ۽ مان ناڪام ويس ان ڪري ناحق تي ٿيس!"

هن جي نظر ۾ سندس هڪڙو ئي ڏوهه هو. اهو هي ته هن رتا اهڙي ٺاهي جو پهريندي ئي ناڪام ويو. ڪڏهين ڪڏهين هو پاڻ کان سوال ڪندو هو ته هن خود ڪشي ڇو نه ڪئي؟ ڇا هن کي ههڙي نموني ۽ وڏيڪ جيئري رهڻ جي خواهش هئي؟ يا هو موت کان ڊنو پئي؟ موت کان ته صديق به ڊڄندو هو، پوءِ هن ڪيئن همت ڪري ورتي؟ انهن سوالن تي سندس ذهن منجهي پوندو هو.

هو اڪثر پنهنجي ساٿي قيدين تي عجب کائيندو هو. هو ڪيئن نه زندگي سان پيار ڪري رهيا هئا. هو جيل ۾ به زنده دل ۽ پر اُميد رهندا هئا. هو ڪڏهن به ملول ۽ اهاڻڪا نه نگاهبا هئا. هن کي نبو ڏاڙيل تي ته رشڪ ايندو هو جو جنب ٽيپ هوندي به هشاش بشاش رهندو هو، ۽ ساٿس اڪثر پنهنجي يارڙيءَ سان ملاقاتين ۽ ان جي خوابن جا قصا ڪندو هو.

گهڻو ڪري قيدي هن کان پري پري رهندا هئا. هڪ ته هي پاڻ به اڪيلو رهڻ پسند ڪندو هو ۽ هنن سان لھ وچڙ ۾ اچڻ جي ڪوشش نه ڪندو هو، ٻيو ته قيدي به هن کان پاسو ڪندا هئا. ڪين سندس خيال، فلسفو ۽ گفتگو سمجھ ۾ ئي نه ايندا هئا. هو اڪثر هن کي ڊڄڻو خوني سڏيندا هئا، ۽ چوندا هيس ته ڪيس مارڻ بجاءِ، مري وڃڻ گهربو هو. هڪ لڳا عيد نماز کان پوءِ ڪجھ قيدي سندس ڪوليءَ ۾ اچي متاثرس اُلريا ۽ بدليا هيا ته هو لامذهب ۽ بي دين هو. حالانڪ هن ڪڏهن به ساٿن ڳلي ڪري مذهب ۽ خدا تي بحث نه ڪيو هو. پر سندس ڳالهن مان هنن اهي انومان ڪڍيا هئا. ان وقت هڪ جيلر اچي سندس جان ڇڏائي هئي.

هڪ ٻئي سوال جي جواب کان به سندس عقل ۽ علم جواب ڏئي ويٺو هو. "هُو سڀ زرينہ کي ايترو ڇو چاهيندا هئا؟" زرينہ ته ڪڏهين به هنن کي اِن لاءِ

نہ هئي ميٺيو هو يا ڪا اهڙي موٽ ڏني هئي. هوءَ ڪڏهين ڪڏهين ۽ ورلي، سو بہ تڏهين، هنن سان ملندي هئي، جڏهين سراج سان ملڻ ايندي هئي. ان هوندي نہ هنن کي سڌ پئجي چڪي هئي تہ هوءَ سراج جي ڪڏ لڳي ئي هت پهتي هئي. هوءَ هنن جون چنيون چپاٽيون ۽ نياپا سنيها بہ ڏيندي وٺندي هئي. سيني جا نہ پر انهن جا جي سراج سان گڏ پارٽيءَ ۾ صاحب جي بنگلي يا باغ وغيره تي ڪم ڪرڻ ايندا هئا. هوءَ جڏهين هنن آڏو ايندي يا لنگهندي هئي تہ سڀ ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيندا هئا ۽ چوندا هئا، "ادي! اسان جي پارت هجيئي! ادي شال خوش هوندينءَ! اسان تي ٿورا ٿي ڪرين، خدا اجر ڏيندئي ۽ ڏينهن ڏيندئي!" هو سوچيندو هو تہ انساني ناتا ۽ رشتا ڪيترا نہ انيڪ، انوکا ۽ اچرج جهڙا آهن!

❖ ❖ ❖ ❖ ❖

هو ٽي چار مهينا اسپتال ۾ رهيو. ان عرصي ۾ ڪجھ عرصو تہ هو اهڙو ناچاڪ رهيو جو اڪثر غشيءَ ۾ رهندو هو. جڏهين ڪجھ چاڪ ٿيو تہ ڪيس اهي خواب ياد پيا جي هو غشيءَ جي حالت ۾ ڏسندو هو. هن هڪ خواب ۾ ڏٺو هو تہ مهراڻ ۾ پاڻي چڙهي رهيو هيو. چڙهندو چڙهندو آخر ڪنارن ڪان اٿلي پيو ۽ جهنگ جهر ۾ ڪاهي پيو. ماڻهن پاڻيءَ کي روڪڻ يا ان کان بچاءَ جا ڪي بہ اُپاءَ نہ پئي ورتا. هو هڪ ٻئي تي گنهگار هئڻ جا الزام هڻي، ان آفت کي، انهن گناهن جي عيوض الاهي عذاب سڏي رهيا هئا. هنن جا گهر گهاٽ، مال اسباب، ٻار ٻچا لڙهي ٻڏي ويا، پر هُو هڪ ٻئي تي گناهن جون تهمتون هڻندا، وڙهندا، ٻڏندا ويا. آخر سندس سارو ڏيھ ٻڏي ويو. ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا سلامت وڃي بچيا. جي نئين نسل ۽ نئين زندگيءَ کي جنم ڏيڻ وارا هئا ۽ ڌرتيءَ جي پوترتا کي اجارڻ وارا هئا. پر انهن ماڻهن کي ڪنهن بہ ڪونہ ڏٺو هو. ڪنهن بہ هنن جا آواز نہ ٻڌا هئا.

سندس بيماريءَ واري عرصي ۾ زرينہ هن سان ٽي ڀيرا جيل ۾ ملاقات ڪرڻ آئي هئي. جڏهن هو چاڪ ٿي اسپتال مان نڪري پنهنجي وارڊ ۾ آيو تہ سندس ساٿين کيس ٻڌايو تہ زرينہ بيمار هئي. ٻن ٽن ڏينهن جي ساهيءَ ۽ آرام ڪانپوءِ جڏهين هو پارٽيءَ سان صاحب جي بنگلي تي ڪم ڪرڻ ويو تہ بورچيءَ ڪان زرينہ جي طبيعت جو پڇيائين. اتي خبر پيس تہ زرينہ هينئر بهتر ٿي رهي هئي ۽ ٻن ٽن ڏينهن ۾ هنڌ ڇڏڻ واري هئي.

پوهہ سرءَ جي مند پوري ٿي. هڪ ڏينهن هو پارٽيءَ سان صاحب جي بنگلي تي ويو. هو ڪُل ٽي ڄڻا هئا. مقدم ۽ ٻہ قيدي ساڻ ڪري، بنگلي جي پويان، دريا مان گسُ ڪٽڻ ويو، ۽ هو اڪيلو باغ ۾ گڏ ڪرڻ لڳو. هو رنبي سان گلن جي ٻاري جي گڏ ڪري رهيو هو جو ڪنهن کي پنهنجي پير ۾ اچي بيهندو محسوس

ڪيائين. هن ڪنڌ ڦيري ڏٺو. آڏو زرينه بيٺي هئي. هوءَ ڪافي نهل ۽ نستي پئي لڳي. منهن بہ رت ڇڏي ويو هوس. زرينه مرڪ سان هن کي ڪيڪاريو ۽ چپ ڪري بيهي رهي. هوءَ سدائين سراج سان ملڻ وقت حجاب ۽ لڄ کان ماٺ ٿي ويندي هئي. ڪڏهين ڪڏهين تہ اعصابي ڪمزوريءَ سبب ڏڪڻ ۽ ڪنبڻ بہ لڳندي هئي.

هو ٻيئي ات اڪيلا هئا. ٽيون ڏسڻ ٻڌڻ وارو ڪير بہ ڪين هو. پوءِ اوچتو سراج زرينه جي پيرن تي ڪري پيو ۽ ڊنيڪر ڪري روئڻ لڳو. زرينه دهلجي ويئي. سندس منهن جو رنگ لهي ويو. هو ٽپو ڏيئي پري ٿي بيٺي ۽ خوف وچان هن ڏانهن نهارڻ لڳي. پر ساڳي ئي وقت هو سڀ ڪجھ سمجهي بہ ويئي. هن جي اکين ۾ مُسرت آميز چمڪ اچي ويئي. سندس پيار جي موٽ ڪيس ملي رهي هئي. اڄ ٻهريون دفعو سراج پنهنجي بي انتها پيار جو اظهار اهڙي عجيب نموني ڪري رهيو هو.

هنن ڳالهائڻ چاهيو پر ڳالهائي نہ سگهيا. سندن اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. آس ۽ نئين زندگيءَ جي متوقع باک جي تصور سندن بيمار چهرن تي رونق آڻي ڇڏي. سندن چهرن تان ٻن سالن کان پيل نراشا جا پڙدا هٽي ويا ۽ هو ٻهڪڻ لڳا. هنن صبر سان انتظار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڪين اچا اٺ سال اڃا ئين گذارڻا هئا. ڏکن ڏولاون، اوسيئڙن ۽ اڻ تڻ وارا اٺ سال!

ان ڏينهن شام جو ٽونل کان پوءِ جڏهن قيدين کي بئريڪن ۾ بند ڪيو ويو تہ سراج پنهنجي پراڻي ڪنبل تي ليٽي، ڪجھ وقت زرينه متعلق ئي سوچيندو رهيو. ان ڏينهن هن کي نہ رڳو پاڻ ۾ پر بئريڪ ۾ تبديلي محسوس ٿي هئي. هن جي دنيا ئي بدلجي چڪي هئي. ان ڏينهن رات جو هو ڳپل وقت قيدين سان ڪچهريون ڪندو رهيو هو. پوءِ جڏهن سڀ سمهي رهيا تہ هن وري زرينه بابت سوچڻ شروع ڪيو. هن کي ياد آيو تہ هن ڪيئن نہ ڪيترائي پيرا پنهنجي ضد ۽ ارڏائي، هوڏ ۽ هوڙهائپ سبب هُن کي رئاريو هيو. هاڻي هو هن جي هر پيڙا ۽ پروڙ کي پنهنجو سمجهي رهيو هو. زرينه ڪانسواءِ هر ڳالھ هن لاءِ معمولي ۽ غير اهم ٿي چڪي هئي- سندس ڏوھ ۽ سزا بہ ڪا اهميت نہ پئي رکي. ان ڏينهن هو ان کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ سوچي سگهيو، ڪو فيصلو نہ ڪري سگهيو. نظرياتي جيون جي جاءِ مستقبل جي عملي زندگي هن آڏو اچي بيهي رهي هئي. هن جو ذهن نون طريقن، نون رستن ۽ نون ارادن تي سوچڻ لڳو هو.

هن جي مٿن کان ڪليءَ ۾ قرآن شريف لٽڪيل هئو. هو لاشعوري طور اٿيو ۽ اهو اتان لاهي پرسان رکي وري ليٽي پيو. هيءُ زرينه جو هو، جو هن ڪيس سندس بيمار پوڻ بعد اسپتال ۾ پهرين ملاقات تي ڏيئي ويئي هئي. هن مهل

تائين هن اهو ڪولي بہ نہ ڏٺو هو. هن هاڻي بہ اهو نہ ڪوليو. پر هن جي ذهن ۾ هڪ سوال ضرور اٿيو، ”ڇا هن جا اعتقاد منهنجا اعتقاد نٿا ٿي سگهن؟ نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ سندس احساس ۽ جذبا....“

زرينہ بہ ان ڏينهن عجيب ذهني ڪيفيت ۾ رهي. سارو ڏينهن پريشان ۽ هيجان ۾ رهي. رات جو تہ ٿورو بخار بہ آيس. پر ايترو تہ خوش هئي ۽ ڇوٽڪارو پئي محسوس ڪيائين جو پؤ هيس تہ ان خوشيءَ ۾ هانءُ نہ ڦاٽي پئيس. اٺ سال؟.... رڳو اٺ سال! پنهنجي ان خوشيءَ واري شروعاتي دور ۾ تہ هو انهن اٺن سالن کي اٺن ڏينهن جيترو سمجهي رهيا هئا. هنن نہ پئي ڇاتو تہ سندن اها نئين زندگي ڪين اوئين ئي ڪانہ ملي هئي. يا ملڻي هئي، تہ هُنن اُن لاءِ ڏاڍو مهانگو مله ادا ڪيو هو، ۽ اڃا ڪين گهڻو ڪجھ ادا ڪرڻو هيو، تہ هنن کي اُن سونهري مستقبل لاءِ اڃا وڏا ڪشٽ ڪاٽڻا هيا......

پر اها تہ هڪ ٻئي داستان يا قصي جي شروعات آهي. انسان جي تجديد جو داستان، ان جي نئين نسل جو داستان، اُن جو هڪ دنيا مان ٻي دنيا ۾ اچڻ جو داستان، خيالي دنيا مان عملي دنيا ۾ پير پائڻ جو داستان، ۽ اُن جي نئين جيون ۽ جيون مارڳ جو داستان! اهو سڀ ڪجھ اسان جي نئين داستان يا ناول جو موضوع ٿي سگهي ٿو، پر اسان جي موجوده هن داستان جي اها پڇاڙي آهي.

....

(سکر، ١٧ مارچ ١٩٦٤ع.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

٠١	بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	(ختم ٿيل)
٠٢	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ١)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٣	اڌ ملاقات (خط)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٤	جيل ڪهاڙين جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٥	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ٢)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٦	زندگيءَ جو ها مسافر (ڪهاڻيون)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٧	٤- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	—	٢٠/-
٠٨	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
٠٩	اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	٤٥/-
١٠	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
١١	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ١)	—	(ختم ٿيل)
١٢	ٽڌا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	(ختم ٿيل)
١٣	واڀون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
١٤	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٢)	—	(ختم ٿيل)
١٥	بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
١٦	ٺڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوڻيجو	(ختم ٿيل)
١٧	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
١٨	لين دنيا جون ڪهاڻيون	ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
١٩	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
٢٠	دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
٢١	دل جو بندر (ناول)	ائورل آئيويس/نصير اعجاز	(ختم ٿيل)
٢٢	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	(ختم ٿيل)
٢٣	درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	(ختم ٿيل)
٢٤	ڪنهن سان سور سليان	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
٢٥	فڪر جي آزادي	اسٽيفن زويگ/ابراهيم جويو	(ختم ٿيل)
٢٦	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	٣٠/-
٢٧	غلامن جو پيڙو (ناول)	ايرڪ ڪارڊر/دوست محمد پٽي	(ختم ٿيل)
٢٨	سي ٽي جوين ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	٥/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٩. ماشي (ناول) هينري رائڊر هئگرڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٣٠. سي پيڙيون رکين پاڃهه سين (سفرنامو) الطاف شيخ -/٢٠
٣١. سڌارٿ (ناول) هرمن هيس/فضل احمد بچاڻي -/٢٠
٣٢. ڇپان رس (ڪهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٣٣. روح جي ڳولا (ناول) مترجم: فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٣٤. درد جا ڏينهن، درد جون راتيون طارق اشرف (ختم ٿيل)
٣٥. سانباهو سمونڊ جو (سفرنامو) الطاف شيخ -/٥٠
٣٦. سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون) نجم عباسي (ختم ٿيل)
٣٧. آسيه (ناول) هينري رائڊر هئگرڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٣٨. قلندر (ڪهاڻيون) قرت العين حيدر/مدد علي سنڌي (ختم ٿيل)
٣٩. الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٤٠. سزا جا سک آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٤١. بهترين سفرناما الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٤٢. للڪار (ڪهاڻيون) نجم عباسي (ختم ٿيل)
٤٣. ڏکل سربت (ڪهاڻيون) البرتو موراويا/وليم ولپ (ختم ٿيل)
٤٤. لنڊن تائين لفٽ (ڪهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٤٥. تصوير جو خون آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٤٦. حليم شو حليم بروهي (ختم ٿيل)
٤٧. پارن جون آکاڻيون الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٤٨. سپون خليل جبران/فضل احمد بچاڻي -/٢٥
٤٩. سفر يورپ جي ڊائري (سفرنامو) قاضي عبدالمجيد عابد (ختم ٿيل)
٥٠. آزادي خاطر (ڪهاڻيون) مرتب: فيروز احمد ٠/٣٥
٥١. چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون) ماهتاب محبوب (ختم ٿيل)
٥٢. مس سدا بهار چنبيلي (ناول) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٥٣ پيار ڪهاڻي (ناول) نجم عباسي (ختم ٿيل)
٥٤. نيگرو عشق ۽ بغاوت ڪرسٽو فرنڪول/نصير اعجاز (ختم ٿيل)
٥٥. شرم پوليءَ (ناول) گوبند مالهي (ختم ٿيل)
٥٦. اکيون ايئن هياس (جلد ١) فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٥٧. پره ڪان پهرين (ڪهاڻيون) ماهتاب محبوب (ختم ٿيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥٨.	بلنديون (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٥٩.	رڃ ۾ پاڇا (ناول)	موهن ڪلپنا	(ختم ٿيل)
٦٠.	مون تو کي پيار ڪيو (ڪهاڻيون)	پوپٽي هيرانندائي	(ختم ٿيل)
٦١.	آيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون)	علي بابا	(ختم ٿيل)
٦٢.	شاهه لطيف جي شاعري (جلد II)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
٦٣.	آپٽي ڪهوٽ ۽ نشا تيوئي (سفرنامو)	لوڪرام ڏوڏيجا	(ختم ٿيل)
٦٤.	موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(ختم ٿيل)
٦٥.	ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون)	امر لعل هنگوراڻي	-/١٢
٦٦.	ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	-/٤٠
٦٧.	دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٦٨.	پيغامبر	خليل جبران/ستار	-/٢٠
٦٩.	هم اوست (ناول)	آغا سليم	-/٣٥
٧٠.	اداس واديون (ڪهاڻيون)	حميد سنڌي	(ختم ٿيل)
٧١.	آئيني جي اڳيان	١٧ ساهتڪار	-/١٢
٧٢.	چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٧٣.	لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
٧٤.	اڻون ماڻهو (ڪهاڻيون)	سراج	-/٢٥
٧٥.	ٻه نتيا ناول (ٻه ناول)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
٧٦.	اکين اڳيان هياس (جلد ٢)	فضل احمد بچاڻي	-/٢٥
٧٧.	رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٧٨.	وات ويندي	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
٧٩.	مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٨٠.	ڪهاڻي جو قافلو	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٨١.	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٨٢.	سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٨٣.	چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
٨٤.	ڀڳت سنگهه کي ڦاسي	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٨٥.	ست يوگوسلاويائي آکاڻيون	جڳت آڏواڻي	-/١٠
٨٦.	ست ڪشميري آکاڻيون	اختر محمد لين/ ايشور چندر	-/١٢

٨٧.	ٻن چڱ ۽ چنڊ (شاعري)	آغا سليم	-/١٠
٨٨.	ڪوالالمپورڪجهه ڪوه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٨٩.	ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٩٠.	سڏن متي سڏڙا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
٩١.	گانڌي	لوئي فشر/نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٩٢.	پڳل ڪنيزاتيون	خليل جبران/عبدالله الفائز	-/٢٥
٩٣.	ماستر هريامجو ٻنڪاڪ وچن....	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٩٤.	ڪي جو پيجل پوليو (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٩٥.	سرهي سرهي سار (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	-/٥٠
٩٦.	خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو I)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٩٧.	دنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٩٨.	ڏيئا تيل ٿليل جا	علي احمد بروهي	-/٤٥
٩٩.	راج-گهاٽ تي چنڊ (شاعري)	شيخ اياز	-/٨٠
١٠٠.	موتي جي مهراڻ جا	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
١٠١.	تلاش (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
١٠٢.	لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
١٠٣.	ڏاهي جهرڪي ۽ پيون آکاڻيون	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
١٠٤.	مرڻ مون سمن آهه (ناول)	سراج	-/٦٠
١٠٥.	پڙاڏو سوئي سڏ (ناول)	سراج	-/٥٠
١٠٦.	رات وچ ۾ (ناول)	بريٽ هيليڊي/فضل احمد بچاڻي	-/٢٠
١٠٧.	ٻڙ جي ڇانو ۾ اکي ڪان ڳهاٽي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
١٠٨.	اک سور (ناول)	رابندر ناٿ ٽئگور	-/٥٠
١٠٩.	جت جر وهي ٿو جال (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
١١٠.	رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون)	امر جليل	-/٤٠
١١١.	ماستربهاڻي (ناول)	مترجم: نجم عباسي	(ختم ٿيل)
١١٢.	آڪن نيرا ٿليا (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
١١٣.	منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل (ناول)	سراج	-/٢٥
١١٤.	رڻ ۽ رج جو اتهاس (ڪهاڻيون)	نورالهديٰ شاهه	(ختم ٿيل)
١١٥.	انقلابي ماءُ (سوانح حيات)	مترجم: آزاد قاضي	(ختم ٿيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٤٥	ڪوٽ لکپت جو قيدي	رسول بخش پليجو	-/١٠٠
١٤٦	لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو)	طارق عالم ابڙو	-/٨٠
١٤٧	سنڌو منهنجي ساهه ۾	امر جليل	-/٦٠
١٤٨	ٽڪرا ٽٽل صليب جا ۽ واڍون ڦلن ڇانئيون	شيخ اياز	-/٦٠
١٤٩	ڪربلا (ڪهاڻيون)	نورالهديٰ شاهه	-/٣٥
١٥٠	تاريخ جو ڪفن (ڪهاڻيون)	امر جليل	-/٤٠
١٥١	رهجي ويل منظر (ناول)	طارق عالم ابڙو	-/٥٠
١٥٢	پسي ڳاڙها گل (ڪهاڻيون)	رسول بخش پليجو	-/٤٥
١٥٣	دل جي دنيا (ڪهاڻيون)	امر جليل	-/٤٥
١٥٤	الوداعي گيت (شاعري)	شيخ اياز	-/٤٠
١٥٥	خبرون ڪيڙائن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/٥٠

گهرائڻ لاءِ لکندا: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
فون نمبر: 610108 ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۱۶.	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز	-/۵۵
۱۱۷.	جلاوطن (ڪهاڻيون)	نورالهديٰ شاه	-/۵۰
۱۱۸.	جڏهن مان نہ هوندس (ڪهاڻيون)	امر جليل	-/۵۰
۱۱۹.	پونر پري آڪاس (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۱۲۰.	راهون چنڊ ستارا (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	-/۶۰
۱۲۱.	ٻاڏڻ جي انڊلٺ	الطاف شيخ	-/۵۰
۱۲۲.	جهڙ نيڻان نہ لهي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۱۲۳.	وقت وٿيون وڇوٽيون (ناول)	ڪلا پرڪاش	-/۲۰
۱۲۴.	شاه لطيف جي شاعري جلد I، II ۽ III	تنوير عباسي	-/۸۰
۱۲۵.	تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
۱۲۶.	وڄون وسڻ آئيون (شاعري)	شيخ اياز	-/۶۵
۱۲۷.	ونڊسر محل جو مسافر (سفرنامو)	عبدالجبار جوڻيجو	-/۲۰
۱۲۸.	ڳالهيون آهن ڳچ (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۵۵
۱۲۹.	روس جو سير (سفرنامو)	جواهر لال نهرو	-/۳۰
۱۳۰.	پنهل ڪان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو	شيخ اياز	-/۶۰
۱۳۱.	منهن تنين مشعل (خاڪا)	تنوير عباسي	-/۳۰
۱۳۲.	فرينچ انقلاب	مترجم: محمد ابراهيم جويو	-/۸۰
۱۳۳.	علم تحقيق	ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو	-/۷۰
۱۳۴.	اڻين ڪتا (ڪهاڻيون)	موهن ڪلپنا	-/۳۰
۱۳۵.	آئِر چنڊ پس پرين (شاعري)	شيخ اياز	-/۶۰
۱۳۶.	منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا (ناول)	سراج	-/۸۰
۱۳۷.	اي جرني ٽو ٿائلنڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۷۰
۱۳۸.	ڀڄ ٿو ٻور ڪري (شاعري)	شيخ اياز	-/۵۰
۱۳۹.	مٺي مراد (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	-/۳۳
۱۴۰.	منهنجو ڏس آسمان کان پڇو (ڪهاڻيون)	امر جليل	-/۴۰
۱۴۱.	دنيا ۾ منهنجي ديس ڀرايا (سفرنامو)	اياز لطيف پليجو	-/۳۰
۱۴۲.	سوزيءَ سان پيار	الطاف شيخ	-/۴۰
۱۴۳.	هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن (شاعري)	شيخ اياز	-/۶۰
۱۴۴.	خط، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو II)	شيخ اياز	-/۶۰

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس جا جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

ڪتين ڪر موڙيا جڏهن

مصنف: شيخ اياز

مٺ مٺ موتين جي

پيش ڪش: محمد ابراهيم جويو

ورهاڱي جو ورجاءُ

ليکڪا: ماهتاب محبوب

اوهريا جي عميق ڏي (سفرنامو)

مصنف: الطاف شيخ

رد ڪيل ڪهاڻيون

مصنف: امر جليل

ارائونڊ دي ورلڊ (سفرنامو)

مصنف: الطاف شيخ

ڳرو وٽي (ناول)

ليکڪا: نورالهديٰ شاهه

منهنجو وطن، منهنجا ماڻهو

مصنف: لوڪرام ڏوڏيجا

ديسي اُڏاڻو پرديس (سفرنامو)

مصنف: آدم خان لغاري

فرينچ انقلاب (ڀاڱو پهريون)

مترجم: محمد ابراهيم جويو

سورن سانديا ءِس (ناول)

مصنف: وڪٽر هوگيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورھ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu